بقول زرتشت

(پاڳو پھريون ۽ پيو)

فريڊرڪ نٽشي

مترجم

عبدالعزيز قنڌاري (عليگ)

نظرثاني

محمد ابراهيم جويو

روشني

بقول زرتشت

(پاگو پھريون ۽ ٻيو)

فريدرک نٽشي

مترجم

عبدالعزيز قنڌاري (عليگ)

نظرثاني

محمد ابراهيم جويو

روشني پبليڪيشن

ڪنڊيارو

2007ع

Roshni Book No. 370

کتاب جو نالو: بقول زرتشت

ليکڪ: فريڊرڪ نٽشي

مترجم: عبدالعزيز قنڌاري (عليگ)

تعارف: محمد ابراهيم جويو

ڇاپو پهريون: © روشني 2007ع

ڪمپوزنگ: حبيب قادر قريشي

روشني ڪمپوزرس اينڊ پرنٽرس، حيدر چوڪ، حيدرآباد.

ڇپيندڙ: فائين ڪميونيڪيشن، حيدرآباد،

ڇپرائيندڙ: روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، سنڌ

THUS SPAKE ZARATHUSTRA

by: **Friedrich Nietzche**

Translated by **Abdul Aziz Qandhari (Alig)**

Edited by **Mohammad Ibrahim Joyo**

Composed by: Habib Qadir Qureshi.

Roshni Composer and Printer, Hyder Chowk, Hyderabad

Printed by: Fine Communication, Hyderabad, Sindh.

Published by: Roshni Publication, Kandiaro

First Edition © Roshni 2007

استاڪسٽ

شاهه لطيف ڪتاب گهر - حيدرآباد

پٽائي ڪتاب گهر، گاڏي ڪاتو - حيدرآباد

سڪندري بڪ ڊپو - ڪپرو

ڪائياواڻ اسٽور - اردو بازار، ڪراچي

رابيل ڪتاب گهر - لاڙڪاڻو

رهبر بڪ ايجنسي، رابعه سينٽر - لاڙڪاڻو

نيشنل بڪ ڊپو، بندر روڊ - لاڙڪاڻو

نوراني بڪ ڊپو، بندر روڊ - لاڙڪاڻو

سليم نيوز ايجنسي، نيو بس اسٽينڊ - دادو

جنيد بوڪ ڊپو - دادو

مرچو لال بوڪ ڊپو - بدين

رحيم بڪ ڊپو، بدين

عزيز ڪتاب گهر - بٿراج روڊ، سکر

ڪتاب مرڪز - فيريئر روڊ، سکر

الفتح نيوز ايجنسي، مهراڻ مرڪز - سکر

نيشنل بڪ اسٽال، پنج گلو چوڪ، خيرپور ميرس

تهذيب نيوز ايجنسي، پنج گل چوڪ - خيرپور ميرس

قاسميه لائبريري - ڪنڊيارو

اشرف بڪ اسٽال، نوابشاهه

مڪتبه عزيزيه، ڪهڙا

محمد يوسف ميمڻ نيوز پيپر ايجنٽ، مورو

فهرست

تعارف : محمد ابراهيم جويو

مهاڳ: عبدالعزيز قنڌاري 1

باب پهريون : فلسفي تي نظر 13

باب ٻيو : فلسفي جا فائدا 32

باب ٽيون : نتشي جا افڪارَ فلسفو 41

باب چوٿون : نقشي ءِ ڊاڪٽر اقبال جو فلسفہ خودي 48

زرتشت جو مخصوص نقطي نظر ءِ سندس فلسفانہ خيالات 60

بقول زرتشت - ياگو پهريون

زرتشت جي تمهيد 65

1. تبديليون 93

2. نيڪيءَ جون عالمانہ سَنَد 96

3. اڳينءِ دنيا جا ماڻهو 100

4. جسم جا ڏکاريندڙ 105

5. خوشيون ءِ جذبا 108

6. زرد رو ڏوهاري 111

7. پڑهڻ
8. ٽڪريءَ تي وڃ
9. موت جا مبلغ
10. جنگ ۾ جوڌا
11. نئون بُت
12. مارڪيٽ جون مڪيون
13. پاڪدامني
14. دوست
15. هڪ هزار ۾ هڪ مقصد
16. پاڙيسريءَ جي محبت
17. تخليق ڪرڻ واري جو رستو
18. پوڙهيون ۽ جوان عورتون
19. سَپَ جو ڏنگ
20. پار ۾ شادي
21. خوشيءَ جو مرڻ
22. بخشش ڪرڻ واري نيڪي

پيو پاڳو

23. پار جي هٽ ۾ آرسي
24. خوشيءَ جا پيٽ
25. قياسي ۽ قياس جوڳا
26. پادري
27. نيڪ انسان
28. اَنبوهه
29. زهريلا ڪوريئڙا
30. مشهور دانشمند
31. رات جو گيت
32. ناچ جو گيت
33. گيت تربتن جو

34. پنهنجو پاڻ کان بازي کٽڻ 226
35. اوچا اڏامندڙ 232
36. مهذب زمين 236
37. کامل معرفت 240
38. عالم 245
39. شاعر 249
40. عظيم واقعا 254
41. پيشينگو 260
42. نجات 266
43. ماڻهوءَ جي عاقبت انديشي 274
44. چپ چپات گهڙي 278

تعارف

زير نظر ڪتاب"بقول زرتشت" جي مصنف فريڊرڪ نٽشي جي پيٽ اليزبيٿ فارسٽر- نٽشي، ڪتاب جي انگريزي ترجمي "Thus spake zarathustra" جي ديباچي ۾ ٻڌايو آهي ته سندس پاڻ جو هيءُ ڪتاب وجود ۾ ڪيئن آيو: ۽ لکن ٿيون:

'زرتشت (Zarathustra) منهنجي پاڻ جي ذاتي، بنهه هڪ شخصي، تصنيف آهي. اِها سندس شخصي تجربن، شخصي پسندگين، آدرشن، پُرمسرت امنگن، ڏکن ۽ تلخ ناڪامين جي تاريخ آهي. سڀ ڪان وڏ، بهرحال، اِن ۾ سندس تمام اوچين اميدن ۽ دلي مقصدن جو عڪس ڏسي سگهجي ٿو. منهنجي پاڻ جي ذهن ۾ زرتشت جي شخصيت جو خيال شروع عمر ڪان ئي موجود هو. هڪ پيري، مون کي ٻڌايائين ته اُهو ننڍپڻ ۾ ڪيس خواب ۾ آيو هو. جدا جدا وقتن تي، اُهو جدا جدا ناالن سان ساڻس ڳالهائيندو هو. "هڪ رات، نيٺ"، جيئن پاڻ پنهنجيءَ هڪ لکيت ۾ چيو اٿس، "مون خواب ۾ هڪ ايراني درويش جي صورت ۾ هُن کي ڏٺو ۽ پنهنجي اُن دوست کي سڃاڻڻ شروع ڪيو... معلوم هجي ته سڀ ڪان اول ايرانين ڪا ئي دنيا هڪ وسيع ۽ ڪُل - پاسائين تصور جي ڳالهه ٻڌي، جنهن ۾ هُنن انسانيت جي ارتقا جي هر سلسلي جو پيشوا، پيغمبر جي صورت ۾، ڏٺو هو، جن مان هر هڪ جي هدايت ۽ تربيت جو دور وٽن هڪ هزار سالن تي محيط ڄاتل هو".

'ان طرح زرتشت جي شخصيت ۽ اُن جا سڀ اوچا امنگ ۽ خيال منهنجي پاڻ جي ذهن جائي اوائلي اَنومانَ ۽ ويچارَ هئا. ڪو به جيڪڏهن سندس 84-1869ع جي سالن جون لکيتون، جيڪي سندس موت ڪان پوءِ جون ڇپيل آهن، ڌيان سان پڙهندو ته اُنهن ۾ ڪيس جڳهه جڳهه تي هِن ڪتاب ۾ آيل اُنهن خيالن ۽ اصولن جي اوائلي صورت ڏسڻ ۾ ايندي، جيئن "فوق الانسان" (Super man) جو آدرشي خاڪو هُن جي 75-1873ع جي لکيتن ۾ پڌرو موجود آهي، ۽ سندس اوائلي هڪ تصنيف"We Philologists" (اسين زبانن جا ماهر) ۾ پڻ سندس هيئيان ويچار لکيل ملن ٿا:

"سڄيءَ قوم کي ڪيئن ڪو ساراهي ٿو سگهي! خود يونانين ۾ به ڪي فرد ٿي هٿا، جي عظيم شماريا هٿا ۽ ڳائبا هٿا... برابر يوناني شهرت جا مرڪز آهن، ۽ انتهائي اهم آهن، چاڪاڻ ته ڪافي تعداد عظيم فردن جو اُنهن جڏيو ۽ اُپايو... پر وٽن اهو سڀ ڪيئن ممڪن ٿيو؟ سوال اهو ئي آهي، جيڪو سمجهڻو آهي ۽ جيڪو مطالعو گهري ٿو... منهنجي دلچسپي دراصل شخصن جي اُنهن رشتن ۽ هلت چلت جي ڳالهين ۾ آهي، جن جي طفيل منجهن ماڻهو، فرد يا جُٿي جي حيثيت ۾، پلجي ۽ اُپجي ٿو، ۽ يونانين وٽ اُهو ماحول ۽ اُهي حالتون ماڻهوءَ جي ائين اُسرڻ جون غير معمولي طور سازگار هيون- فرد جي نيڪ يا خاص هجڻ جي خيال کان هرگز نه، پر عام جي پَلين ٻرين، ڳرين هلڪين، اهم ۽ خسيس جبلتن جي ڪارگذاريءَ ۽ ڪشمڪشا هوندي به!... اهو ماحول ڪهڙو هو، اهي سازگار حالتون ڪهڙيون هيون يا آهن، جن جي هٿ سان، جن جي اهتمام سان، ماڻهن ۾ عظيم فردَ يا جٿا اُپجي ۽ وڌي سگهن ٿا، جيڪي عامَ کان پڌري پَٽ اُپري، مٿيرا اُسرن ٿا!... يا مرڳو ئي ڳالهه ائين آهي ته عظيم فردَ رڳو اتفاق سان يا حادثاتي طور (By chance) وٽن جَمي ۽ جِي پيا هٿا!... اسين به ته انساني معاشري ۾ ئي اُهڙن خاصن ۽ نيارن، غير معمولي فردن جي نيپاج ۽ اُپجَ جي اميد رکي سگهون ٿا، ۽ اهڙي خاص معاشري مان ئي ان اميد رکڻ جو اسان کي حق به آهي."

"زرتشت" ۾ انساني معاشري مان هن اميد يا حق جو اعلان منهنجي پاڻ جي جواني ۽ واري ان آدرش يا اميد کان فقط ورجاءَ ۽ تازگيءَ جي حد تائين نئون آهي، تڏهوکي ئي پنهنجيءَ هڪ تحرير "Schopenhauer as teacher" ("شوپنهار استاد جي حيثيت ۾") هو لکي چڪو هو:

"'انساني زندگيءَ جو اصل مقصد عظيم فردن (Great men) جو پيدا ڪرڻ ئي هٿ کپي، اهو ئي اُن جو فرض آهي، اهو ئي ان جو ڪارج به آهي. پيو ڪو به نه.'"

'۽ اُتي ئي مسيح جو نالو کڻي، چيو هٿائين ته 'اُهو به بهرحال انسان ئي هو... اهڙا سڀ جا سڀ وڏي شان ۽ مان وارا (Magnificent) ماڻهو به هڪٻئي جي نسبت يا سلسلي ۾ بنهه انسان بلڪ انسانن جا انسان ئي ته هٿا."

'منهنجي پاڻ عمر جي پُختي (even -tide) لَهندي سج جي) دور ۾ لکيل هن ڪتاب ۾ پنهنجي اُن آدرش بابت هڪ ويچار جو اضافو هيءُ ڪيو ته انساني معاشري کان اڳ اميد بلڪ تقاضا ڪيائين ته اُهو برتر کان برتر بلڪ انسانن کان مٿيري انسان جي مشڪل بلڪ ناممڪن تربيت کي ممڪن ڪري ڏيکاري. معاشري جي اهڙيءَ وصف کي هُن rearing of Superman يعني فوق الانسان جي پرورش جي وصف جو نالو ڏنو.'

پنهنجي تصور جي اهڙي مهذب ۽ اعلي مقام انساني معاشري جي تعمير ۽ اهڙي مثالي ڪامل انسان جي آدرشي تصور جي بيان ۾ فريڊرڪ نٽشي هيءَ ملڪان ملڪ مشهور ڪتاب 92-1882ع ۾ لکيو، جنهن کي هُن چئن پاڳن ۾ ورهايو. اُن جي انگريزي ترجمي ۾ جملي 80 خطبا (Discourses) آيل آهن. ڪتاب جي هِن سنڌي ترجمي ۾ اُن جا فقط ٻه پاڳا پورن 44 خطبن سميت پيش ٿيل آهن، (جن مان گهٽا مترجم جا ۽ ڪجهه راقم جا به اضافو ڪيل آهن). لائق مترجم طرفان ڪتاب ۾ مهاڳ (12 صفحن جو) ۽ چئن بابن جو مزيد تعارفي احوال (52 صفحن ۾) به شامل ڪيل آهي.

ڪتاب جي هِن سنڌي ترجمي جي آخرڪار شايع ٿيڻ جي به هڪ دلچسپ ڪهاڻي آهي. اُن جو ڪجهه ذڪر مترجم جي ڏنل مهاڳ جي احوال ۾ به موجود آهي. ٿورن لفظن ۾، هڪ مرحلي تي قنڌاري مرحوم جي سنڌي ترجمي ۽ مهاڳ وغيره جو مُسوَدو (جيترو به ۽ جهڙو به اُهو هو) جهوني پراڻي واري هٽ گاڏي مان ڪي دستياب ٿيل آهي. 1954ع ۾ ڪتاب جي ترجمي جو ڪم سنڌي ادبي بورڊ جو سونپيل، مسودي جي اڻپوري هجڻ سبب فوري طور ڇپجي نه سگهيو، ترت ئي اُتان راقم جي تبادلي ٿيڻ ۽ مترجم جي وصال کان پوءِ مُسوَدو وارثن پنهنجي حوالي ڪيو. ڪافي ڪن سالن کان پوءِ اتفاق سان دستياب ٿيل اُهو مُسوَدو دوست مڪرم ميان احمد، مالڪ سنڌ پرنٽنگ پريس، اُڪال پونگا لين، حيدرآباد، کان ڪُري راقم وٽ پهتو. ڇپائيءَ لاءِ مُسوَدي جي ايڊٽنگ ۽ ٻئي ان جي رهيل ڪم جي پورائي کان پوءِ وارثن جي مرضيءَ سان ان جي ڇپائي شروع ٿي ۽ ڪجهه ئي مدت ۾ پوري به ٿي. وڏيڪ افسوس جي صورتَ اُتان کان 2006ع تائين اِها رونما ٿي ته ڇپيل ڪتاب جا فارم بائينڈر وٽ پيا پُرندا ۽ سڙندا رهيا. ڪجهه مهينا ٿيا ته بائينڈر جي منٽن ۽ راقم جي تحرڪ سان روشني پبليڪيشن، حيدرآباد سان ڳالهين ڳالهين ۾ طيءَ ٿيو ته ڪتاب جا رهيل فارم هٽ ڪري، ڪتاب جي اشاعتي ڪم جو باقي بندوبست بنان نفعي ۽ نقصان جي بنياد تي عمل ۾ آندو ويو.

سڃيءَ هن ڪهاڻيءَ کي پاسي رکي، جا ڏکي به آهي ۽ سچ ته وڏيءَ سوچ واري ۽ سبق آموز به آهي، آءٌ پنهنجي هڪ مختصر ڳالهه ڪرڻ ٿو، جيڪا به هن ڪتاب جي فڪر سان ئي لاڳاپيل ۽ اسان جي پنهنجي ڪم جي آهي.

تاريخ ۾ سڀني روحاني توڙي دنيائي سڌارڪن ۽ انسانن جي هڏوڪين، انسانيت جي راهه کي سمجهندي ۽ سمجهائيندي، ائين پئي ويچاريو ۽ ٻڌايو آهي ته انسانن ۾ عظيم، مثالي يا آدرشي انسانَ ڪنهن کي چئي ٿو سگهجي ۽ اُن جو

نيپاج ۾ اُپُجَ (اوپڻ) کڻڻي معاشري ۾ ۽ کيئن ٿئي. سچ پچ، اُهو انساني معاشرو معاشرو ناهي ۽ اُها انساني قوم قوم ناهي، جنهن وٽ آدرشي انسانَ جو معيار يا ماڻ ڪونهي. منهنجي ڄاڻ ۾ مثلا سنڌي قوم وٽ به اهڙي انسان لاءِ پنهنجيءَ سنڌي ٻوليءَ ۾ پنهنجو آدرش موجود آهي، ۽ اهڙي آدرشي انسانن، اهڙن مثالي انسانن، جي پرورش، نسلن کان نسلن تائين، اسين پنهجي گهرو ماحول، پنهنجي تدريسي ماحول، پنهنجي شهري ماحول ۽ پنهنجي راڄوٽي ماحول کي مناسب ۽ موافق بڻائي، عمل ۾ آڻي رهيا آهيون ۽ سگهون ٿا. اسان جي سدا حيات شاعر شاهه لطيف مثال طور آدرشي انسان جو تصور اسان کي هِيئن به ٻڌايو آهي:

"جان تون ساڻي آهيين، وَٽي وِچ مَ وڃُهه
جُود تنهنجو جڪرا آهي ثاني سِجُ
نِينهَن پيالو نِجُ، خاص ڏَج ڪُهِيَن کي!"

۽ اُهو اسان جو قومي معاشرو جنهن ۾ اهڙو آدرشي انسانُ ــ هڪ نه، ٻَه نه، پر گهڻي کان گهڻا مهاپرش ۽ ڪامل انسان سدا اسان وٽ نِپجن ۽ اُپجن، اُن معاشري جي سچاڻپ به ساهه کان وڌ اسان جي پياري شاعر اسان کي ڪرائي آهي:

"نڪا جَهل نه پَلَ، نڪو رائرُ ڏيهه ۾،
آڻيو وجهن آهرين، روڙيو رتا ڳُل،
مارو پاڻ امُلُ، مليرونِ مرڪٽو."

وطن آزاد، وطن جا ماڻهو آزاد، سندن پورهيو آزاد، ۽ جلُ ٽلُ جام، سندن جيءَ جياپي جا وسيلا ۽ مالُ رزقُ سندن پنهنجي وس ۾- اهڙي ملوڪ وطن ۾ اُن جي اهڙيءَ رهت سهت تي ماڻهو چو نه جان فدا ڪن، ۽ اهڙن ماڻهن تي وطن چو نه مَرڪي ۽ ناز ڪري.

مَرُ مَرڪي ڏَرتي ماءُ ٻچن تي ۽ مَرُ گهورَ ٿئي اولاد اهڙن وڏڙن تي، استادن ۽ بزرگن تي، ۽ هو جڏهن پڏارجن ۽ پنهنجا وارا وڃائي وڃن، تہ سڄو معاشرو، وطن جا سپ رهواسي، زالين مردين، ننڍا وڏا، يڪ جان ۽ يڪ آواز ٿي هڪ لاءِ چون:

"اُٺيو ۽ اَٽياڪ ڪالهوڪو ڪاڏي ڳيو
ويو جاڳائي جيڏيون برهه هي بيباڪ
چرپر ڪاري چاڪ، سورُ سمهاري ڪينڪي."

اُنهن کان ٿي اسين ٻڌندا آيا آهيون:

"ستا اُٹي جاڳ، ننڊ نہ ڪجي ايتري،
سلطاني سهاڳ ننڊن ڪندي نہ ملي."

"تتيءَ ٽڏيءَ ڪاهہ، ڪانهي ويل وِهڻ جي
متان ٽٽي اونداهہ، پير نہ لَهين پرينءَ جو."

"ٽڪيائي ٽر ٽيل، چڙهہ جُڪيائي چوٽئين
هلندي هوت پنهونءَ ڏي، پَوُ مڙي ئي ڀيل
اُٽي رائو ريل، ويئين تان واري وري."

أنهن کان ئي اسين سکندا آيا آهيون:

"اونچو اُتاهون گهٽو، جيئڻ ڪي جبلُ
مرڻ مون سين هَل پُڻيءَ توپندڙ ڪيان."

"آءٌ اسين، تون توهين، چار ئي چتان لاهہ
سندي دوَرخ باهہ تو اوڏيائي نہ اچي."

"چڄ مَ قطاران ساڻ چڙهندو لَکئين
مڇڙ ٽيين پُئان، وَڳ واڻ ئي نہ لهين."

"جيئڻ ٽا پڇن اُن کي، تيئن جي پڇن ينڈُ
رڙهي لڏائون رندُ، لَٽين لُک لطيف چئي."

نٽشي هِن پنهنجي ڪتاب ۾، جيئن اُن جي نالي مان پڌرو آهي، اسان سان پنهنجي آدرشي انسان کي "زرتشت" جي نالي سان روشناس ڪيو آهي. ڪتاب جي چئن پاڳن مان هر پاڳي ۾ پنهنجن خطبن وسيلي "زرتشت" جا اوصاف اسان جي سمجهڻ ۽ سيڃاڻ لاءِ بيان ڪيا اٿس. انساني اوصاف قول ۽ فعل، علم ۽ عمل جي بن حوالن سان ئي اجاگر ٽين ٽا. انساني لڳ لاڳاپن ۽ رهت بهت جي ميدان ۾ هي به دائرا لازم ملزوم، يعني ناقابل تفريق آهن. بنهي جي تفريق ئي انساني معاشري ۾ منافقيءَ فساد ۽ فتني جو سبب بنجي ٽي- پلي بري ۽ سچ ڪوڙ، محبت نفرت، اميد خوف، نياءَ انياءَ جا مامرا به اِتان اٽن ٽا، ۽ وڏي ڏاڍ ۽ هيٺائيءَ جو لقاءَ فيصلي ڏٽي بڏجي بيهي ٽو رهي، ۽ سرسي ڏاڍ جي ئي پاسي واقع ٿئي ٽي. ڳالهہ جو حل هيءُ ٽو وڃي بيهي تہ ڏاڍ کي هر حالت ۾ صحيح ٽو سمجهيو وڃي، اهو غلط ڪيئن ٿئي. Might is right بدلجي Right is might ڪيئن ٿئي، جي ٽيٽو يا ڪرٽو ئي

آهي تہ؟ دراصل هيءَ هڪ توصيفي فيصلي جو سوال آهي، توصيفي فيصلو معنيٰ چگي مَنيِ جو فيصلو Value Judgement. جيڪي ماڻهو ڏاڍ جي توصيفي اهميت کي تسليم ڪن ٿا، اُهي ڏاڍ کي، طاقت کي حتمي طور صحيح سمجهن ٿا- خلاص، ڳالهہ ختم! پر آدرشي انسانَ يا جيڪي آدرشي انسانيت کي مڃين ٿا اُهي ڏاڍ کي غلط ٿا سمجهن، اُن جي کا بہ توصيفي اهميت نٿا تسليم ڪن. هو ڏاڍ لاءِ کابہ ءِ ڪنهن جي بہ سَنَدَ کي نٿا قبولين. زرتشت جي مذهب ۾ نيڪي ءِ بدي بہ جدا جدا لقاءَ آهن- ٻنهي جو ڪٽي بہ جوڙُ ڪونهي، وٽن نيڪي خير آهي، بدي شر آهي؛ نيڪي عدم تشدد آهي، بدي تشدد آهي؛ نيڪي سدا صحيح آهي، بدي سدا غلط آهي. ان جي معني تہ طاقت شر آهي ءِ سدا غلط آهي. طاقت ءِ تشدد حيوانيت آهي. انسانيت کي طاقت جي بالاتريءَ کان، حيوانيت کان، پاڪ ڪرڻو آهي. اعليٰ انسانيت کي بدييءَ جي، شر جي، طاقت جي ضرورت ڪانهي. مثال طور، ڪميونزم جي نظريي حيات ۾ اعليٰ انساني معاشري کي رياست (State) جِي، يعني فردن جي اجتماعي زور يا طاقت جي بہ ضرورت رهڻي ناهي. Under communism, the state is to wither away, رياست ءِ اُن جي حڪومت کي سُسي سُسي گهر ٽيڻو آهي، سُڪي سُڪي نابود ٿي وڃڻو آهي، ءِ معاشري جو انتظام آدرشي انسانَ طاقت سان نہ، تشدد سان نہ، پر نيڪيءَ سان، عدم تشدد جي سگهہ سان جاري رکندا.

اهڙو آدرشي انساني معاشرو، ڪنهن بہ سطح تي- گهرو، قومي يا عالمي- گڏيل سمجهوتي جي سَگهہ (energy) تي ٿي هلڻو آهي، ءِ اُن جي امن، خير ءِ سلامتيءَ جو مدار بہ برابر سَگهہ تي هوندو، پر اُها مرضيءَ ءِ سمجهہ جي سَگهہ هوندي، نہ زورَ (power) ءِ ڏاڍ (violence) جِي. اُها "هڪ جي سگهہ سيني لاءِ ءِ سيني جي سگهہ هڪ لاءِ" جي اصول تي بيٺل هوندي. اعليٰ انسان (فردَ بلڪ جملي انسانن) جي اعليٰ انسانيت جي تقاضا ءِ سچائيَ بہ اهائي آهي. پر جيترو هر انسانَ جي انسانيت اُن پَدَ تائين وڌي، رسي ءِ پُختي ٿئي، تيترو هڪ پاسائون زورُ پنهنجي عمل يعني ڏاڍ (violence) ذريعي ئي ڪم ڪندو رهندو، ءِ تيترو معاشري ۾ زور جو توازن يا توڙُ ضروري ٻڌجي ٿو- چو تہ هيٺائي يا گهٽ زور (less power) وَڌ زور (more power) کي اَڙَ ءِ هَلان ڪرڻ جو گُسُ ڏسي ٿو، بلڪ دعوت ڏئي ٿو.

فريڊرڪ نٽشي پنهنجي هن ملکان ملڪ مشهور ڪتاب ۾ "زرتشت" جي واتان، هلندڙ ڏاڍ جي سوپ (might is right) واري معاشري ۾ زورَ جي توازن يا توڙَ جي ڳالهہ ڏاڍي پڌري ءِ پُردرد انداز سان پيش ڪري ٿو، تہ جيئن آدرشي معاشري جي اُپرڻ ءِ قائم ٽيڻ تائين، ڏاڍن ءِ زور وارن لاءِ ڏاڍ جي زور تي پاڙڻ ءِ حڪم هلائڻ ءِ

پاڻ- هيٽن تي فقط رحم ۽ قياس جي ڏيکاءَ ڏيڻ ۽ ڏيکاءَ ڪرڻ جو وڻن ڪو ڳٽو يا موقعو نه رهي. هُن چاهيو ٿي ته تيسين تائين اُن لاءِ هر انسانُ گهربل زورُ پاڻ وٽ موجود رکي، ۽ لازم هو ته پنهنجي "will to power" يعني پنهنجي "زوردار هجڻ جو ارادو" سالم ۽ محفوظ رکي. آدرشي معاشري ۾ انسانن لاءِ زوردار هجڻ جي جاءِ تي فقط عالي همت ۽ اعليٰ حوصلي، علم ۽ عملَ، قول ۽ فعل جي يڪسانيتَ، وَسَ ۽ صلاحيت آهر محنتَ ۽ پنهنجي گهرج سارُو جياپي، سڪ سانت ۽ صالح وندر ورونهن لاءِ ضروري ساز سامانَ جي ئي درڪار رهڻي هئي.

نٽشي پنهنجي سڄي هن فڪري سلسلي جي پيشڪاريءَ ۽ وضاحت طور، هينئين ءَ ترتيب سان خاص طرح اَڪ ڪتاب لکيا:

1. The Birth of Tragedy (1872), (English Trans- 1967)
2. Untimely Opinions (1872), (English Trans- 1974)
3. Human All-too Human, (English Trans- 1896)
4. Beyond Good and Bad (1886), (English Trans- 1966)
5. On the Genealogy of Morals (1887), (English Trans- 1965)
6. Ecco Homo (1888), (English Trans- 1969)
7. Thus Spake Zarathustra (1892), (English Trans- 1944)
8. The Will to Power (1900), (English Trans- 1968)

زير نظر سنڌي ترجمو سندس ڪتاب "Thus Spake Zarathustra" جي جملي چئن پاڳن مان پهرين ٻن پاڳن جو ڪيل آهي، جن ۾ نٽشي جا 44 خطبا (Discourses) آيل آهن. هيءُ ترجمو وس آهر پوريءَ محنت ۽ خاص ڌيان سان عمل ۾ آيل آهي. رهيل ٻن پاڳن جا 36 خطبا به سنڌيءَ ۾ ترجمو ٿيڻ کپن. اُن لاءِ وري به پنهنجي نيڪ نام قومي اداري سنڌي ادبي بورڊ کي ئي گذارش ٿي سگهي ٿي. نٽشي جو هيءُ ڪتاب جيتوڻيڪ سندس آخري ڪتابن مان هڪ هو، پر انگريزيءَ ۾ اُن جو ترجمو سڀني کان پهرين ٿيل آهي. سنڌي ادبي بورڊ جڏهن انگريزيءَ جي چونڊ ڪتابن جي ترجمي جي رٽا جوڙي هئي ته سندس جي عالمن ۽ اديبن کان سندن پسند جي انگريزي ڪتابن جا نالا گهرايا هئائون، سندس جي ٻن چوٽيءَ جي عالمن، ڊاڪٽر دائودپوٽي ۽ علامہ آءِ. آءِ قاضيءَ، جيڪي ڪتاب پسند ڪيا هئا تن ۾ اتفاق اهو هو، جو ٻنهي کان پهتل نالن ۾ هينئيان ٿي ڪتاب ساڳيا هئا:

(1) اٽليءَ جي قديم مصنف بوڪيسيو (Boccaccio) جو (1313) "Decameron"

(2) اسپين جي قديم مصنف سروانٽيس (Cervantes) جو (1605) "Don Quixote"

۽ (3) جرمنيءَ جي جديد مصنف نٽشي (Nietzche) جو (1892) "Thus Spake Zaradustra"

ان مان زير نظر ڪتاب جي اهميت جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. هن ڪتاب ۾ جتي اعليٰ انسان ۽ اعليٰ انسانيت جو توصيفي ذڪر تفصيل سان آيل آهي، تتي اَسفل السافلين يعني نيچ انسان ۽ نيچ انسانيت جو بيان به اُهڙي ئي انداز ۽ اهڙيءَ ئي باريڪ بينيءَ ۽ بي خوفائيءَ سان ٿيل آهي. اسان جي سدا حيات شاهه لطيف ۽ ٻين اعليٰ شاعرن به انسان ۽ انسانيت جي انهن ٻنهي درجن جي ڳالهه اسان لاءِ ٻنهنجي اعليٰ شاعريءَ ۾ جڳهه جڳهه تي آندي آهي. ان حوالي سان اسان کي نٽشي جي هن بي مثل ڪتاب جا رهيل پاڳا به سنڌيءَ ۾ پڙهڻ ۽ پُرجهڻ لاءِ موجود ٿي ملن ته تحقيق اهو اسان جي سنڌي ادب لاءِ اهم اضافو ثابت ٿيندو.

هڪ به سال گهٽ پوريءَ اڏ صديءَ کان پوءِ نٽشي جي هن انمول ڪتاب جي اڏ ترجمي جي چپيل ۽ جُلدبند ڪتابي صورت ۾ هيءَ پيشڪش ممڪن ٿي سگهي، اُن لاءِ اسان تي سنڌي ادبي بورد ۽ مرحوم مغفور مترجم عبدالعزيز قنڌاريءَ (عليگ) ۽ سندس معزز وارثن ۽ پرنٽر ۽ بائينڈر عزيز دوستن ميان احمد، ۽ بائينڈر محمد عرفان جي شڪرگذاري لازم آهي، آءٌ راقمُ ٻنهنجي سِر هن قابل ستائش اشاعت جي آخرڪار ائين ممڪن ٿيڻ لاءِ "روشني پبليڪيشن" جي صاحب اختيار محترم علي نواز گهانگهري صاحب جو به دِلي احسانمند آهيان.

حيدرآباد، سنڌ — محمد ابراهيم جويو

22 نومبر 2006ع

مهاڳ

بنام آنکه او نامي ندارد
بهر نامي که خواني سر برآرد

In the name of Him who hath no name at all
And yet responds to thy spirit's call,
Whatever name thou usest in thy need.

هر ملڪ ۽ قوم جي وجود ۽ ترقيءَ جو آن جي بوليءَ سان گهرو تعلق آهي. بوليءَ جو تعلق وري ثقافت سان، ڪلچر سان، ۽ ثقافت (جنهن ۾ ساهت شامل آهي) جو تعلق آن ملڪ ۽ قوم جي تهذيب و تمدن ۽ روايات سان آهي. انهيءَ ڪري، بولي صحيح، سالم ۽ زنده آهي تہ آهو ملڪ ۽ آها قوم بہ زنده رهندي، اگرچہ زماني جي گردش کٹي منجهن کيترين بہ قيرين گهيرين آڻي —

"قوم زنده ٿي رهي، پر جي زبان زنده رهي."

بوليءَ کي تنهنڪري قومن جي تاريخ ۾ وڏي اهميت حاصل آهي.

برصغير پاڪ و هند ۾ آفتاب اسلام جو طلوع پهرئين اسان جي ديس سنڌ ۾ ٿيو. سنڌ جي سرزمين کي ان ڪري باب الاسلام جو فخر حاصل آهي. وادي‌ءِ سنڌ جي تهذيب ۽ تمدن هونئن گهٹو آڪاٿا آهن. سنڌي قوم کي انهيءَ ڪري پنهنجي تهذيب ۽ تمدن، ثقافت ۽ بولي آهي.

سنڌي زبان تحقيق هڪ قدير ۽ وسيع زبان آهي — آن جي وسعت جو اندازو ان مان بہ ڪري سگهبو تہ زبان مان

هرقسم جي نڪرندڙ آواز لاءِ وٽس هڪ جدا حرف آهي. اِن طرح آن وت ٻاونجاهه حرف آهن. اِها خصوصيت سنڌي ٻوليءَ کي بين ٻولين کان ممتاز ۽ منفرد ڪري ٿي، ۽ ٻولين جا الفاظ انهيءَ ڪري سولائيءَ ۽ خوبين سان آها ٻاڻ ۾ جذب ڪري سگهي ٿي. ائين آن ۾ عربيءَ، فارسيءَ، پراڪرت، سنسڪرت، انگريزيءَ ۽ بين ڪيترين ئي زبانن جا الفاظ موجود آهن ۽ اهڙيءَ طرح منجهس رلي ملي ويا آهن، جو آهي آن جو جزو بنجي ويا آهن ۽ آن جي مزيد وسعت جو باعث بڻيل آهن.

الله تعالي اسان جي پياري وطن سنڌ کي اهو شرف اولي به بخشيو آهي ته آن جي مٽيءَ مان ڪيترائي اولياءَ، عظيم مفڪر، فيلسوف، عالم ۽ فاضل، اديب ۽ شاعر پيدا ٿيا، جهڙوڪ آنهن سيني جو چڻ، دنيا جو عظيم المرتبت مفڪر، فلسفي، صوفي، شاعر شاهه عبداللطيف ڀٽائي ڪهوٽ رحه -

"جهنگ ۾ جهانگي ٿا جهونگارن لطيفي لات کي
"سوز سان، سڪ سان، مٺي آواز سان عبداللطيف
"بيت ۽ وايون سندس قرآن جي تشريح آهه
"سنڌ جو هڪ رازدان ۽ نڪته دان عبداللطيف."

شاهه عبداللطيف رحه ديس سنڌ جو ڪهڙي پايي جي عظيم هستي هو، تنهن لاءِ مختصر لفظن ۾ هيترو چوڻ ڪافي ٿيندو، جيئن علامه آءِ. آءِ. قاضي رحه "لطيف ڪچهري" (منعقده نول راءِ هيرانند اڪيڊمي، بتاريخ ٥- آڪٽوبر، ١٩٥٧ع) جو افتتاح ڪندي فرمايو:

'نيست پيمبر ولي دارد ڪتاب؟'.

آنهن بزرگن ۽ اعليٰ انسانن جي ذريعي ۽ برڪت سان ئي، اسان جي ديس سنڌ ۾، اسان جي سنڌي ٻوليءَ ۾، ذهني ۽ علمي ترقي اوج تي پهتي ۽ وقت بوقت ديني ۽ فڪري تجدد ٿيندو رهيو -

شکر فیض تو چمن چون کند اي ابر بهار
رکه اگر خار و اگر گل همه پرورده تست.

ائين سنڌي زبان سنڌ ديس جو تاريخي ورثو آهي، جنهن کي سڌارڻ، سنوارڻ ۽ وڌائڻ هرهڪ سنڌي فرزند جو فرض اولين آهي، چاڪاڻ ته قوم ۽ ملڪ جي مجموعي ترقيءَ ۽ اجتماعي زندگيءَ جي ڪاميابي جو دارومدار بوليءَ جي ترقيءَ ۽ تر و تازگيءَ سان وابسته آهي.

جديد همعصر عالمي ترقيءَ کي ڏسندي، ڇڻي سگهجي ٿو ته، فرنگيءَ جي دور غلاميءَ ۾، سنڌي زبان کي خاطرخواه واڌارو نه ڪري سگهي. بلڪ ائين ڇڻجي ته، علمي خيال کان منجس جمود جي حالت طاري هئي، ته به بيجا نه ٿيندو. تاريخ جي مطالعي مان پتو ٿو پوي ته بوليءَ ۽ اُن جي سپ- پاسائين ساهت جي ترقي عالمن ۽ فاضلن، اديبن ۽ شاعرن جي سرپرستيءَ سان ئي ممڪن ٿي سگهي ٿي. توڙي جو، سنه ١٩٣٦ع ۾ صوبي سنڌ کي، هڪ طرح جي صوبائي خودمختياري (Provincial Autonomy) نصيب ٿي، پر پوءِ به اسان جون سياسي پارٽيون، جيڪي 'برسر اقتدار' آيون، گهٽي قدر رڳو اُن نام نهاد اقتدار جي جوڙ توڙ ۽ بکيڙي ۾ ئي رڌل هيون. پنهنجي مادري زبان ۽ ساهت جي خدمت ڪرڻ، سنڌي قوم جي فڪري قوتن کي ايارڻ، ۽ سنجيدگيءَ سان تعليم کي پکيڙڻ ۽ مفيد ۽ مؤثر بنائڻ، سرگواس ٿيل اديبن ۽ شاعرن جا ادبي شاهڪار منظر عام تي آڻڻ، ماضيءَ جي توڙي همعصر دنيا جي بزرگن، عالمن ۽ فاضلن جي علمي ۽ تخليقي خزاني کي گڏ ڪري ۽ سنڌيءَ ۾ آڻي، ان مان مستفيد ٿيڻ يا پنهنجن ايندڙ نسلن کي اُن مان بهرور ٿيڻ جي موقعي ميسر ڪري ڏيڻ کان اسين وري به غافل ۽ قاصر رهياسين -

واي ناڪامي متاع ڪاروان جاتا رها
ڪاروان کي دل سي احساس زيان جاتا رها.

بهرحال، ترت ٹي، سنہ ۱۹۴۰ع ۾، سنڌي زبان ۽ ساهت جي دلداده محترم جي - ايم - سيّد صاحب کي سنڌي زبان جي بي کسيءَ ۽ مسڪينيءَ جو احساس ٿيو، ۽ سندن تحرڪ سان ۱۴ آگسٽ ۱۹۴۰ع تي سنڌ سرڪار طرفان هڪ "سنڌي ادب لاءِ مرڪزي صلاحڪار بورڊ" قائم ڪيو ويو، جنهن ۾ين ڪن رٽائنر سان گڏ، سنڌي زبان جي هڪ جامع سنڌي لغت ناهڻ جو ڪم هٿ ۾ ڪنيو، پر بورڊ جي آن ڪم ۾ رفتار تيز نه هئڻ سبب ۽ پڻ بورڊ جي ڪن ميمبرن جي دارالبقا ڈانهن راهي ٿي وڃڻ ڪري، آن سنڌي لغت جو ڪم چئن حرفن کان اڳتي وڌي نه سگهيو، ۽ پوءِ تہ خود "مرڪزي صلاحڪار بورڊ" جي به نہ شروع واري سرگرمي رهي، نہ بلند مقاصد لاءِ آن جو آهو آتساهہ ۽ جوش و خروش ٿي باقي رهيو -

از آبلہ بـر بـرگ گلت نيست نشانها
بر روي تو جاي نگهہ ماست کہ خالي ست.

سنہ ۱۹۴۷ع ۾ برصغير پاڪ ۽ هند جي تقسيم ۽ پاڪستان قائم ٿيڻ بعد اسان جي ديس سنڌ ۾ هڪ نئون دور شروع ٿيو ۽ عجيب و غريب حالتون پيدا ٿيون، جنهنڪري سنڌي زبان ۽ ساهت ڈانهن متوجہ ٿيڻ هڪ امر محال ڈسڻ ۾ پئي آيو. درحقيقت اهو عذر لنگ ٿيندو ۽ حقيقت کان منهن موڙڻ ٿيندو جي ائين چئبو تہ آن وقت به اسان سنڌين پنهنجي مادري زبان ۽ ساهت جي واڌاري ۽ سڌاري ڈانهن غفلت ۽ ڪوتاهيءَ کان ڪم نہ ورتو ۽ خواب غفلت ۾ نہ رهياسين.

قيام پاڪستان کان چئن سالن بعد، سنہ ۱۹۵۱ع ۾، خدا خدا ڪري، وري به محترم جي- ايم- سيد جي تحرڪ سان سنڌ سرڪار طرفان نئين سر هڪ بورڊ، "سنڌي ادبي بورڊ" جي نالي سان قائم ٿيو، ۽ چگيءَ طرح محسوس ڪيو ويو تہ "هيءَ نہ ويل وهڻ جي"- ۽ جي هن وقت به سنڌي زبان ۽

ساهت جي سڌاري ۽ واڌاري طرف تيزيءَ سان وڪ نہ وڌائي ويئي، تہ پوءِ هٿ مهٽڻا پوندا ، ۽ پوءِ "نہ رهندي بانس نہ وڄندي بانسري."

چنانچہ "سنڌي ادبي بورڊ" جي فيصلي موجب، سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ، محترم محمد ابراهيم جويي، مارچ ۱۹۵۴ع ۾ ڪراچيءَ مان پريس ۾ صلاي عام وسيلي، ديس سنڌ جي مڃني عالمن ۽ فاضلن، اديبن ۽ شاعرن کي سڏ ڏنو تہ پنهنجون ادبي خدمتون سنڌي ادبي بورڊ جي سپرد ڪري تعاون ڪن ، تہ سنڌي ٻوليءَ ۽ ساهت جي ترقيءَ جي راهہ ۾ تيزيءَ سان گامزن ٿجي- ڇاڪاڻ تہ "سنڌي ٻولي ۽ اُن جو ادب جن غير معمولي حالتن مان گذري رهيا آهن، تن ۾ سندن حفاظت ۽ ترقيءَ لاءِ بہ ڪي غير معمولي طريقا ئي اختيار ڪرڻا پوندا.... جيڪي منزلون بين ٻولين صدها سالن جي عرصي ۾ طيءِ ڪيون آهن، تن مان اسان جي ٻوليءَ کي گهٽي ۾ گهٽو ڏهن ڏيا ويهن سالن جي مختصر عرصي ۾ ئي گذرڻو هو- ۽ اِها ڳالهہ تڏهن ممڪن ٿي سگهي ٿي، جڏهن سنڌ جا سمورا عالم ۽ اديب گڏجي هن ڪم ۾ هٿ وجهن."

سيڪريٽري، سنڌي ادبي بورڊ، جي اِن اعلان جي ٿورن ڏينهن بعد ، ڈاڪٽر شيخ محمد ابراهيم صاحب "خليل" صدر ، جميعت الشعرا سنڌ، هڪ ڏينهن مون وٽ آيو، ۽ دوران گفتگو، دريافت ڪيائين تہ مون سيڪريٽري، سنڌي ادبي بورڊ، جو سڏ اونايو هو ۽ ليبڪ ڇڏي هئي يا نہ ! ڪيس ٻڌايم تہ منهنجي غيرت اها ڳالهہ نہ ٿي گوارہ ڪئي تہ علمي ۽ ادبي خدمت بجا آڻڻ لاءِ آڇ پاڻ درخواست ڪريان. ڈاڪٽر صاحب اصرار ڪيو ، پر مون ائين ڪرڻ کان نابري واري. ٿوري عرصي گذرڻ بعد، هڪ آچر جي شام جو، علامہ آءِ - آءِ - قاضي صاحب جي بنگلي نمبر ۳۷، سيول لائينس، حيدرآباد تي سندن علمي ۽

ادبي محفل مان بهره افروز ٿيڻ خاطر ويس. اُن وقت پروفيسر ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ صاحب ۽ پروفيسر ڊاڪٽر هالپوٽو صاحب آتي اڳي ئي آيل هئا. ٿوريءَ دير بعد، علامہ قاضي سير و تفريح خاطر باهر نڪتو. اسين ٽي ڇڻا بہ ساڻس گڏ هئاسين. پسار کندي، سنڌي ادبي بورڊ جو ذڪر خير ٿيو. علامہ صاحب دريافت ڪيو تہ مون سنڌي ادبي بورڊ کي درخواست موڪلي هئي يا نہ. انڪاري جواب عرض ڪندي، اُهو ساڳيو عذر پيش ڪيم جو ڊاڪٽر محمد ابراهيم "خليل" کي ڏنو هوم. اِن تي علامہ صاحب، مُشڪندي، فرمايو "سنڌي بوليءَ ۽ ساهت جي خدمت خاطر درخواست ڪرڻ ۾ ڪو مهڻو نہ هڻڻ کپي!"

اِن طرح علامہ صاحب جي اُن ايماءَ کان متاثر ٿي، اپريل ۱۹۵۴ع ۾ سيڪريٽري، سنڌي ادبي بورڊ، کي پنهنجي خدمت جي آڇ لکت ۾ ڪيم - پر گهڻي شش و پنج ۽ هيڪ هٽڪ کان پوءِ. ٻڌڻ ترڻ ۽ دل من هڻڻ جو ڪارڻ هيءُ هو تہ آءٌ نہ عالم و فاضل نہ اديب ۽ شاعر هوس - صغر سنيءَ ۾ تقدير پنهنجي وطن مالوف ۽ والدين جي آغوش ۽ سايهءَ عاطفت مان ڪڍي، ڪٿي هڪ ڏورانهين ڏيهہ، افغانستان، ۾ اُڇلايو، جتي اسلامي فضا ۽ محول، عالمن، فاضلن ۽ بزرگن جي صحبتن مان مستفيض ٿيڻ جو موقعو ميسر ٿيو، ۽ ٻڙ هڪ طالب علم جي حيثيت ۾ حُجري جي زندگي نصيب ٿي، جنهن مان ٿورو گهڻو عربي ۽ فارسي علم ٻڙ پرائڻ جو موقعو مليو، گويا بقول سعدي عليہ الرحمة -

بگفتا من گِلي ناچيز بودم
و ليکن مدتي باگُل نشستم.

بهرحال، پنهنجي درخواست ۾ سيڪريٽري، سنڌي ادبي بورڊ، کي عرض ڪيم تہ تاريخ، اقتصاديات، نفسيات، اخلاقيات يا فارسيءَ جو ڪو ڪتاب ترجمي ڪرڻ لاءِ ڏنو ويو، تہ خوشيءَ

سان اِها خدمت بجا آڻيندس، جو ڪاليجي تعليم وٺندي، اهڙن موضوعن تي ڪن ڪتابن جو اپياس ڪيو هوم. ڏن مهينن گذرڻ بعد، جولاءِ ١٩٥٤ع جي پڇاڙيءَ ۾، سيڪريٽريءَ اطلاع ڏنو ته بورڊ جي اسٽئنڊنگ ڪاميٽيءَ اوٽيهين صديءَ جي مشهور و معروف جرمن فيلسوف ، فريڊرڪ نيٽشي جي ٻن ڪتابن- "بقول زرتشت" ۽ "فوق الانسان"- جي ترجمي ڪرڻ لاءِ هن ناچيز جي نالي جي سفارش سنڌي ادبي بورڊ ڪئي آهي: اُن سان گڏ ترجمي ڪرڻ جي ڪن شرط شروط ڪان پڻ هُن آگاهه ڪيو ۽ منظوريءَ بابت جواب گهريو .

مشهور و معروف جرمن فيلسوف جي ٻن ڪتابن جي ترجمي ڪرڻ جي فرمائش پڌي، ويچارڻ ويٺس ته هيءُ ڪٺن ڪم مون کان پڇي ٻه سگهندو! اِن جو ڪارڻ هيءُ هو ته ڪاليجي تعليم جي زماني ۾ مون کڏهن پڙهي ٻه ڪنهن فيلسوف جي ڪتاب کي هٿ ڪونه لاتو هو. اِن پس و پيش ۽ تردد جي حالت ۾ هيءُ فارسي بيت ياد آيو-

ٻه هر ڪاري ڪه همت بستم گردد
اگـر خـاري بـود گلدستـه گردد.

۽ پڻ لاطيني زبان جي چوٽي دل تي تري آيم -

Labor omnia vincit
Labour conquers everything

يعني ،

دانائن جي اِن نڪتي جي وضاحت ڪندي، فارسي شاعر چيو هو ته

در ايـن ديـر ڪهن رسمي ست ديرين
ڪه بـي تلخي نباشـد عيش شيرين.

اِن طرح توڪل ڪري ، سيڪريٽري، بورڊ، کي اِقراري جواب ڏنم - ۽ ائين سڄيءَ سونهاريءَ سنڌڙيءَ جي عالمن ۽ فاضلن، اعليٰ ڊگري يافتن ۽ اديبن مان هن ناچيز کي هڪ عظيم ۽ جڳ مشهور جرمن فيلسوف جي ٻن ڪتابن کي سنڌي ٻوليءَ ۾ با محاوره ترجمي ڪرڻ لاءِ منتخب ڪري، ڏڪ ڏکيو ۽ انوکو ڪم منهنجي سپرد ڪيو ويو -

'قرعہ فـال بنام منِ دیوانہ زدند!'

اِن بعد فريڊرڪ نيٽشي جي آنهن بن ڪتابن جي ڳولا ۾ حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ جي مڙني ڪتب فروشن جي دڪانن جا چڪر لڳايم، پر ڪتابن بہ ملي نہ سگهيا. نيٽ سنڌيونيورسٽيءَ جي وسيع لئبريريءَ ڏانهن رخ ڪيم، پر مرحوم رضوي، لائبريرين، افسوس ظاهر ڪندي ٻڌايو تہ سنڌ يونيورسٽي لئبرري اڃا اهڙن ڪتابن سان سينگاري نہ ويئي هئي. اِهو دلشڪن جواب ٻڌي، گهڻي نا اميدي ٿيم. پر هن دنيا ۾ انسان اميد جي سهاري ئي جيئي ٿو، تنهنڪري اميد نہ لاٿيم ۽ هي قول دل تي ڌري آيم: مَن طَلَبَ فَقَدْ وَجَدَ، يعني جوينده يابنده، ڳولڻ وارو اوس لهندو- اڳي ڪي پوءِ، چنانچہ ٿيو بہ ائين. اڌڪل ڏيڍ مهيني بعد هڪ ڏينهن سنڌيونيورسٽيءَ وڃڻ ٿيو ۽ قاضي نبي بخش صاحب (اسسٽنٽ پروفيسر، فارسيءَ) سان اتفاقيہ ملاقات ٿي. دوران گفتگو معلوم ٿيم تہ فريڊرڪ نيٽشي جو ڪتاب "بقول زرتشت" وٽس هو. عرض ڪرڻ تي آهو مسٽر قاضيءَ عاريتاً عنايت ڪيو، جنهن لاءِ سندس شڪرگذار آهيان - سنڌن ڪتاب تي استنبول ۱۹۴۴ع جو ڇپو لڳل هو ۽ پڻ ڪتب فروش جو نالو، عمر رضا ٻوگول، بہ، جنهن مان معلوم ٿيو تہ آهو استنبول مان خريد ڪيل هو. ٻن مهينن جي عرصي گذرڻ بعد، سيڪريٽري، سنڌي ادبي بورڊ بہ اِن ڪتاب جو هڪ ايڊيشن هٿ ڪري موڪليو.

گهربل ڪتاب ملڻ تي خوشي تہ ٿيم، پر جڏهن آن جو مقدمو ۽ پهريون حصو پڙهي ڏٺم تہ حيراني وڌي ويم، ۽ سوچڻ لڳس تہ 'ڇا، هن ڪتاب جو سنڌي ٻوليءَ ۾ با محاوره ترجمو ٿي سگهندو؟ آن جـو ڪـارڻ هيءُ هو تہ مصنف هين ڪتاب، "بقول زرتشت"، ۾ جا عبارت ڪم آندي هئي، سا ڏاڍي مشڪل، ڳوڙهي ۽ سمجهڻ ۾ اولي ۽ آوڪي هئي، عبارت ۾ تمثيلات مقولات ۽ ضرب‌المثل منجهس گهڻا هئا. نيٽشي پنهنجي هڪ اوائلي ڪتاب "آغاز حزن" (The Origin of Tragedy) ۾ موسيقيءَ

کي هڪ ڊرامائٽڪ آرٽ جو بنياد سڏيو آهي. هُن پاڻ به موسيقيءَ تي لکيو آهي. ۽ کتاب "بقول زرتشت" ۾ به هن، اکثر شعوري طور، سرود آگين ۽ غنائي محاورا ۽ اصطلاح ڪم آندا هئا. کتاب ۾ جڏهن يوناني سفڪرن ۽ فيلسوفن، جهڙوڪ هرڪليٽس (Heracleitus) ۽ افلاطون (Plato) 2 ڏانهن متوجهه ٿئي ٿو، تہ هنن جي تحريرن جو پختو متخيل شاعرانہ خوبين جو عنصر ڪيس ڪشش ڪري ٿو ۽ پنهنجي پوليءَ کي اُنهن خوبين سان پوريءَ طرح جهنجهي ويهي پري ٿو ! ها، کتاب جون اِهي سڀ وصفون ۽ نزاڪتون اُن جي سنڌي ترجمي ۾ آڻي سگهبيون!؟

کتاب "بقول زرتشت" جو ترجمو اصل جرمن پوليءَ مان پهريائين ٿامس ڪامن ڪالي هڪ انگريز عالم سنہ ۱۹۰۵ع ۾ انگريزيءَ ۾ ڪيو، جنهن جو ديباچو فريڊرڪ نيٽشي جي پيٽ ايليزبيٿ فاسٽر لکيو. اِن کان پوءِ پروفيسر اي ٽلي (Prof. A. Tille) پڻ اِن جو ترجمو ڪيو، جنهن تي مس بوزمين (Miss M. Bozman) نظرثاني ڪري، اُن ۾ اُها اصل جي غنايت موٽائي آندي جا اُن جي پهرئين ترجمي ۾ غائب هئي. کتاب "بقول زرتشت" کي سرود آگين (Musical Composition)، سڏيندي، مس بوزمين چوي ٿي:

> "صنائع ۽ بدائع جي فراواني، جا 'بقول زرتشت' جي صفحن ۾ نظر اچي ٿي، اُن جي همسري ڪوبہ موجوده شاعر نہ ڪري سگهندو. تمثيلات، مقولات ۽ ضرب‌المثل، جي نيٽشي 'بقول زرتشت' ۾ ڪم آندا آهن، سي بنيَن (Bunyun)[3] جي بي‌باڪانہ استعارن ۽ تمثيلي زبان جي ياد تازه ڪن ٿا"

اِن مان بخوبي اندازو ڪري سگهبو تہ کتاب "بقول زرتشت" کي بامحاوره سنڌي زبان ۾ ترجمو ڪرڻ ڪيتري قدر ڪٺن ۽ اوکو ڪم آهي. فطري تقاضا موجب مادري زبان جي الفت ٿي آهي، جا فريڊرڪ نيٽشي جي بدائع ۽ صنائع سان پرپور عبارت کي (جا "بقول

زرتشت" کتاب ۾ هن کي آندي آهي) سنڌي ٻوليءَ ۾ ترجمي جي دشوار گذار وادي‌ءَ مان عبور ڪرڻ جي همت افزائي ڪري ٿي. ورنہ نيٽشي جي تمثيلات، مقولات ۽ ضرب‌المثلن سان لبريز عبارت کي سنڌي زبان جو جامو ڏيڪاڻ هڪ امر محال نظر اچي ٿو. هيءَ ترجمو هڪ استثنا چئجي، جو درحقيقت تائيد ايزديءَ ئي تي مبني آهي.

دانائن جو قول آهي تہ ڪنهن فيلسوف يا دانشور جي فلسفي يا نصيحت آموز اقوال، اصول، نظريات ۽ مطمع نظر کي پوريءَ طرح پروڙڻ لاءِ ضروري آهي تہ مصنف يا مؤلف جي زندگيءَ جا حالات، واقعات، نظريات، تصنيفات ۽ تاليفات کان پهريائين واقف ٿجي. ان قول جي مدنظر ڪتاب "بقول زرتشت" جي نفس مضمون کان اڳ، فريڊرڪ نيٽشي جي زندگيءَ جا حالات، واقعات، نظريات ۽ تصنيفات جو ٿورو ذڪر ڪيو ويو آهي، تاڪ پڙهندڙ جرمنيءَ جي هن شهره آفاق فيلسوف جي فلسفي ۽ نظريات کي پوريءَ طرح پروڙي، آن مان کي ڪجهہ پرائين ۽ مستفيد ٿين.

هيءَ ڪتاب ترجمو آهي هڪ فلسفي جي ڪتاب جو. "فلسفو منزل نہ، پر رستو آهي ذوقَ جستجو جو". هر فيلسوف جي تصنيف کي غور ۽ خوض سان مطالعو ڪرڻ ضروري آهي. جرمنيءَ جو هيءَ شهره آفاق فيلسوف هڪ نرالو ۽ پنهنجي نوع جو فيلسوف آهي. هن ڪتاب جي عبارت ۾ نهايت اختصار کان ڪم ورتو آهي ، جنهن کي بمع آن جي تمثيلن، تشبيهن، مقولن ۽ ضرب‌المثلن جي فراواني‌ءَ جي ، پوريءَ طرح پروڙڻ ۽ سمجهڻ لاءِ غور و خوض، ذوقَ تحقيق ۽ تفتيشَ جي مسلسل درڪار آهي. نڪهي آن جي ورڻن ورائڻ مان ڪجهہ بہ پرائي نہ سگهبو . سرسري پڙهڻ سان هيءَ ڪتاب هڪ خشڪ ميدان يا دشت و بيابان نظر ايندو ۽ قارئين آن ۾ شديد الجهن محسوس ڪندا ۽ پوءِ پاسيرو رکي، وري شايد هٿ لائڻ جي همٿ نہ ڪندا.

ترجمي جي اسلوب بيان متعلق هيترو عرض ڪرڻ ڪافي

ٿيندو ٿو اُن جي عبارت ۾ حتي الوسع سلاست جو لحاظ رکيو ويو آهي، مگر ڪنهن هوندي به هڪ فلسفي جي ڪتاب کي ڪنهن طرح به افسانو نٿو بنائي سگهجي. مجبوراً اُن ۾ اصطلاحي الفاظ ڪم آڻڻا ٿا پون ۽ اسلوب بيان کي علمي حدود اندر رکڻو ٿو پوي.

پڇاڙيءَ ۾ گذارش آهي ته ترجمي ۾ غلطيون به هوندیون ۽ لغزشون بہ، زبان جي خامي به هوندي ۽ عبارت جي پيچيدگي بہ؛ پر جيئن ته هن ميدان ۾ منهنجي هيءَ پهرين عملي ڪوشش آهي ، تنهنڪري قارئين ڪرام کان خطا پوشيءَ ۽ عيب پوشيءَ جي اميد ٿو رکان. جيڪڏهن پڙهيل پڙهيل ۽ سمجهدار طبقي قدرداني ڪري، حوصلہ افزائي ڪئي، ته آءٌ ڪنهن ٻيءَ علمي خدمت کي هٿ لائڻ جي همٿ ڪري سگهندس.

پروردگار هن ترجمي جي مقصد کي علم دوست پڙهندڙن جي ڪشاده سينن ۾ واضح ڪري ۽ علم ۽ تحقيق جي اڃايلن کي وڌيڪ ذوق، تلاش ۽ جستجو عطا فرمائي ، تاڪ هن ڪشاڪش حيات ۾ **فوق الانسان** بڻجڻ جا رستا متن روشن ٿين- وما توفيقي الا بالله - اميدوار م ڪ مترجم را از دعاي خير محزوم و منسي نسازند:

بر ڪريمان ڪارها دشوار نيست!

حيدرآباد سنڌ
آڪتوبر ٩، ١٩٥٨ع — اي. عزيز قنداري (عليگ)

نوٽ:

۱ـ هيرئڪليٽس (Heracleitus: 535--475 B.C) يونان جو فيلسوف هو، جو پنهنجي هن عقيدي يا نظريي ڪان مشهور هو ته "سڀڪا شيءِ رقيق حالت ۾ تيز حرارت ڪان وهندڙ ۽ جاري آهي"ـ هو باهم ڪي هڪ آدي يا اوائلي عنصر چائندو هو، ۽ چوندو هو ته باهم مان دنيا ازخود پيدا ٿي، ۽ آها انسان جيي به اصل روح روان آهي.

2ـ افلاطون (Plato :427-337 B.C) يونان جو مشهور و معروف فيلسوف هو. اٿينس (Athens) ۾ پاڙهيندو هو. پنهنجي ليڪچرن ۽ تصانيف ڪري هن وڏي شهرت حاصل ڪئي، "ڊايالاگس" (Dialogues) ۽ "ريپبلڪ" (Republic) هن جون واجب‌التعظيم مشهور تصنيفون آهن، جن ۾ هُن جو فلسفي جو پيش ڪيل قابل‌قدر نظام، قديم زماني ڪان بحث مباحثي هيٺ هلندو آيو آهي.

هُن جو سچو نالو آرسٽوڪلس (Aristocles) هو. هو سقراط جو پيروڪار ۽ مريد هو ۽ ارسطوءَ جو استاد هو. عرب ڪيس "افلاطون الاهي" جي نالي سان سڏيندا هئا.

۲ـ بنيَن (John Bunyun :1628-A.D): هيءَ ايلسٽو (Elesto) نزد بيڊ فورڊ (Bedford) شهر ۾ پيدا ٿيو. هن جا والدين تمام غريب هئا. هن جو والد ٽانارو هو. هن هڪ غريب چوڪري جي حيثيت ۾ غريبن جي اسڪول ۾ تعليم ورتي. ننديءَ اوستا ۾ ئي هو ٽانارڪي ڏندي ۾ پنهنجي پيءُ جو مددگار ٿيو. وڏي هوندي، هو چرچ آف انگلنڊ (Church of England) جو هڪ پادري بڻيو، ۽ گهڻي مذهبي جوش وجنون هڻڻ سبب، هو ڪرام ويل (Cromwell) خلاف، پارليامينٽ پارٽيءَ طرفان خانه جنگيءَ ۾ شامل ٿيو، ۽ گرفتار ٿي بيڊ فورڊ جيل ۾ بارهن مهينا قيد ۾ گذاريائين، جتي هن به ڪتاب لکيا: هڪ، "زائر جو سفر" (Pilgrim's Progress) ۽ ٻيو، مقدس جنگ (The Holy War)ـ پنهي ڪتابن ۾، خاص ڪري "مقدس جنگ" ۾ هن، وڏيءَ بي باڪيءَ سان، مجازي ۽ تمثيلي عبارت ڪم آندي آهي.

باب پهريون

فلسفي تي هڪ نظر

جرمنيءَ جي شهرهٔ آفاق فيلسوف ، فريڊرڪ نيٽشي ، "فوق الانسان" متعلق پنهنجا نظريات1 ۽ خيالات علمي ۽ فلسفي دنيا جي دلچسپيءَ لاءِ پيش ڪيا آهن، تن تي غور و خوض ڪرڻ ۽ آنهن کي سوچڻ ۽ سمجهڻ کان اڳ، هي ڄاڻڻ ضروري آهي تہ فلسفو ڇا آهي، يا فلسفو ڇا کي ٿو چئجي، تہ جيئن هن ڪتاب جي مصنف جي فلسفي کي ڄاڻي ۽ سمجهي، کي ڪجهہ حاصل ڪجي ۽ آن مان مستفيد ٿجي .

لفظ "فلسفي" جي معني: لفظ "فلسفو" مُعَرّب آهي "فلاسفيءَ" مان، ۽ "فلاسفي" مشتق آهي يوناني لفظن، "فلا" ۽ "سافيا" مان. "فلا" معني محبت ۽ "سافيا" معني علم. اهڙيءَ طرح، "فلاسفي" جي معني ٿي "محبت علم جي"؛ مگر استعمال ان لفظ جو "تحقيق علم" يعني "علم جي تحقيق" جي معنائن ۾ ٿيندو آهي . قدما ، فلسفي جو اطلاق هر علم، طبعي2 ۽ غير طبعي، مادي ۽ غير مادّيءَ، تي ڪندا هئا؛ ليڪن هن جديد دور ۾ صرف غايت و نهايت ۽ الاهيات3، جي مسئلن جو فلسفي سان تعلق سمجهيو وڃي ٿو.

فلسفي جي ماهيت (حقيقت يا اصليت): ڪائنات ۽ ڪائنات جي اُجزا تي ڪو نظر ڪرڻ گهري، تہ مختلف ۽ متعدد حيثيتن سان ڪري سگهي ٿو. مثال طور، هڪ حيثيت سان تہ فلاڻي فلاڻيءَ شيءِ سان اسان جي روزمره زندگيءَ جي ضرورتن ۾ ڪهڙيون ڪهڙيون سهوليتون ٿين ٿيون؛ يا مثال طور ، ان لحاظ کان تہ موجودات جي

مشاهدي مان دل کڻڻ کهڙن شاعرانہ جذبات کان متاثر ٿئي ٿي ۽ وغيره. ليڪن جيڪڏهن نفعي ۽ ضرر، حسن ۽ قبح کان قطع نظر، خالص علمي تحقيق مقصود آهي، تہ پوء اِن نقطي خيال کان ڪائنات تي نظر ڪرڻ جون بہ ٽي صورتون ممڪن آهن. هڪ هي ۽ تہ مختلف شين جي متعلق مختلف آلاتِ حس جي وسيلي سان ڪهڙيون ڪهڙيون معلومات حاصل ٿين ٿيون؟ مثال طور، فرض ڪريو، هن وقت هڪ گل اسان جي اڳيان رکيو آهي: جڏهن اسين اُن کي اک سان ڏسون ٿا تہ معلوم ٿئي ٿو تہ ان جو رنگ گاڙهو آهي، هٿ سان ڇهون ٿا تہ هي رقيق سيال (وهڻ واري شيء) نہ آهي بلڪ هڪ جامد 4 جسم رکي ٿو، هٿ مٿ ڪٽون ٿا تہ ٿورو گهٽو وزن محسوس ٿئي ٿو، اڇليون ٿا تہ ميز تي ڪجهہ آواز پيدا ٿئي ٿو، نڪ سان سونگهون ٿا تہ خوشبوء محسوس ڪريون ٿا۔۔۔ اي گل بتاڪ ڪس کي عارض ڪا هي تو پرتوا۔ باهہ تي رکون ٿا تہ سڙي رک ٿيو وڃي. مطلب تہ انهن تجربن مان اسان کي گل جون مختلف صفتون ۽ اعراض۔ رنگ، ثقل، وزن، آواز، خوشبوء، وغيره۔ جو علم حاصل ٿئي ٿو. اِنهن ڪيفيتن ۽ صفتن کي شين جي خواص سان بہ تعبير ڪن ٿا، ۽ جڏهن ڪنهن متعين شعبي جي اندر شين جي خواص جو ڪو مرتب ۽ منظم علم حاصل ٿئي ٿو، تہ اُن کي سائنس چون ٿا. علم جي مُرتب ۽ مُنظم هٿ مان مراد هي آهي تہ اِن علم جا مڙيئي آجزا هڪٻئي سان علت ۽ معلول جي سلسلي ۾ مربوط (لاڳو، مسلسل يا نسبتي) هجن، يعني اِهو معلوم ٿئي تہ فلاڻن فلاڻن خواص جي جمع ٿي وڃڻ سان فلاڻو نتون خاصو ظهور ۾ ايندو، ۽ فلاڻي واقعي جي توجيهہ ۽ تعليل فلاڻن اسبابن جي بنا تي ٿي سگهي ٿي.

پوءِ هي بہ ظاهر آهي تہ شين جا خواص بلحاظ پنهنجي نوعيت جي، هڪٻئي کان مختلف هوندا آهن. ان ڪري "سائنس" جا بہ مختلف اصناف ۽ قسم هوندا آهن. هر صنف هڪ ٿي نوع جي خواص کي ڏيان ۾ رکي ٿي ۽ صرف اُنهيءَ سان بحث ڪري ٿي. مثال طور، سائنس جو هڪ شعبو وزن، حرارت، آواز، رنگ وغيره سان بحث

ڪري ٿو، اُن کي "طبيعات" چوندا آهن؛ يئي شعبي ۾ اُشيائي عالم جي ترڪيب ۽ تحليل ۽ اُنهن خواص ترڪيبي ۽ تحليلي سان بحث ڪجي ٿو ، اُن جو نالو "ڪيميائيات" آهي ؛ هڪ يئي شعبي ۾ اجسام جي صرف خواص جا ڪيترا اصناف ۽ اقسام آهن ۽ اِنهن مان هر قسم بجاءِ خود ڪيترن وڏيڪ اصناف ۽ قسمن ۾ تقسيم ٿئي ٿو— مثال طور ، تشريح افعال‌الاعضا ، نباتيات ، حوانيات— هي سڀ "علم‌الحيات" جا ياڳا ۽ قسم آهن.

موجودات عالم تي علمي حيثيت سان نظر ڪرڻ جي هڪ صورت اِها ٿي ، جنهن جو ذڪر مٿي ٿيو آهي، ۽ جنهن جي نتيجن کي سائنس سان تعبير ڪيو ٿو وڃي. يي صورت هيءَ آهي ته ڪائنات جي اجزا جي علت غائي (يعني اصلي وجهه يا سبب) تي عقل جي روشنيءَ ۾ غور ڪجي ۽ عقل جي حدن اندر رهي، هي ڏسو وڃي ته فلاڻيءَ شيءَ جو وجود ڪهڙي آخري غرض، ڪهڙي آخري مقصد جي لاءِ آهي— جو علمُ ڪائنات تي اِن حيثيت سان نظر ڪري ٿو، اُن جو نالو **فلسفو** آهي.

سائنس ۽ فلسفي جو فرق هڪ واضح مثال ذريعي هيئن سمجهڻ گهرجي— مثال طور، علم‌الحيات (سائنس) جي مطالعي سان اسان کي معلوم ٿئي ٿو وڃي ته جيستائين انسان جي چوڌاري ڪي خاص حالتون جمع ٿيون آهن، مثلاً هڪ خاص مقدار ۾ حرارت، هڪ خاص درجي جي روشني، هڪ خاص قسم جي آب و هوا، ان وقت تائين انسان زنده آهي، ۽ جڏهن اُنهن حالتن ۾ ڪا اهم تبديلي ۽ تغير واقع ٿيو، انسان جي زندگيءَ جو خاتمو ٿي ٿو وڃي: پر هي مسئلو ته **انسان جي زندگيءَ جو مقصد ڇا آهي**، اهڙو آهي، جنهن کي علم‌الحيات يا سائنس جو ڪو ٻيو شعبو هٿ لائڻ نٿو سگهي— اِن سوال جو جواب ڏيڻ فلسفي جو ڪم آهي.

اِهو برابر آهي ته اغراض ۽ مقاصد جي تلاش هر معمولي شخص به پنهنجي روزانيءَ زندگيءَ ۾ ڪندو آهي، مگر فرق هيءَ آهي ته هُن جا سوال شين جي قريبي ۽ فوري اغراض جي متعلق

هوندا آهن: برخلاف اِن جي هڪ فيلسوف جي خيالات جو تعلق سدائين شين جي اغراض بعيده ۽ مقاصد آولي سان هوندو آهي جيڪڏهن کو دريافت ڪري ته هي ڪاغذ هين وقت ميز تي ڇو رکيو آهي، ته اِهو هڪ عاميانو سوال آهي، پر جيڪڏهن ساڳيوئي شخص هي دريافت ڪري ته ڪاغذ جو عالم وجود ۾ اچڻ، اِن جي ڇا مصلحت، ڇا مطلب، ڇا غرض آهي، ته اِهو هڪ فلسفيانو مسئلو بنجي ويندو.

هڪ ٻئي پيرايي ۾ فلسفي جي تعريف (معني يا سمجهائي) هنن لفظن ۾ ٿي سگهي ٿي: ته هيءُ اُهو علم آهي، جنهن ۾ موجودات جي متعلق وسيع‌ترين ڪُليّات قائم ڪيا وڃن ٿا. مثال طور، اسين هڪ نهايت عام واقعي، سج اپرڻ، کي ٿا وٺون: آفتاب جو طلوع هڻڻ هر معمولي شخص روزانو ڏسي ٿو ۽ اُن جي بنا تي هو يقين رکي ٿو ته آئنده به اُهو هر روز طلوع ٿيندو رهندو، پر هو اِن يقين تي کو دليل نه ٿو پيش ڪري سگهي، بلڪ عادت جي بنا تي اِن کي بطور اعتقاد ڪجي مڃي ٿو؛ هڪ سائنسدان اِن کان وڌيڪ هي ڪري ٿو ته زمين جي گردش محوري، سج سان اُن جو تعلق ۽ اهڙيءَ طرح جي ٻين طبعي سببن جي تحقيق ڪري ٿو، ۽ پوءِ اُن مان هيءُ نتيجو ٿو ڪڍي يا اختيار ڪري ته جيستائين اِهي طبعي اسباب قائم آهن، اُن وقت تائين اِن جي معلول (يعني سج جي اپرڻ) جو روزانو واقع ٿيندو رهڻ لازمي آهي؛ ليڪن هڪ فيلسوف اِن کان اڳيرو ۽ ڪهڙو اڳيرو وڌي ٿو وڃي —— هو هي ملحوظ رکي ٿو ته جسم ۾ قوّت ڪشش ڏسجي ٿي، ۽ جيئن جيئن اجسام جي وچ ۾ فاصلو وڌندو ٿو وڃي، اُن نسبت سان اِها قوّت (ڪشش) مدهم ٿيندي ٿي وڃي، ۽ هو اِهو به پيش نظر رکي ٿو ته آڪسيجن ۽ هائڊروجن ۾ هڪ خاص تناسب سان آميزش (ملاوٽ) ٿئي ٿي، ته هميشه اُهو مرڪب پاڻيءَ جي شڪل اختيار ڪري ٿو (سائنسي فارمولا پاڻيءَ جو H_2O آهي، يعني ٻه حصا هائڊروجن گئس جا ۽ هڪ حصو آڪسيجن گئس جو، پاڻ ۾ گڏجڻ يا ملائڻ سان اهو

مرکب پاڻيءَ جي شڪل اختيار ڪري ٿو) ۽ هو هي به نظر انداز نٿو ڪري ته جيترا افراد پيدا ٿين ٿا انهن کي هڪ خاص زندگيءَ بعد موت جي هٿان مغلوب ٿيڻو پوي ٿو ـــ ته هي سڀ ڪليات آهن، جن ۾ هڪ طبيعات جي متعلق آهي، ٻيو ڪيمسٽريءَ ۽ ٽيون علم‌الحيات جي، ۽ ظاهري طور اهي هڪٻئي سان بلڪل غير متعلق معلوم ٿين ٿا۔ ليڪن هڪ فيلسوف انهن ڪليات 6 تي، جن کي سائنسدان جدا جدا ۽ فرداً فرداً طور چاڻي ٿو، ۽ ڪجهائي ۽ ڪنهي نظر وجهي ٿو ۽ جو اصل اصول آنهن مختلف مثالن جي تهه ۾ بطور قدر مشترڪ جي مضمر آهي، هو (فيلسوف) ان سان چڪي ناڻي مطلب جي معنيٰ ڪيڏي ٿو، يعني آنهن مڙني ڪليات سان هڪ وسيع تر ۽ عام تر، هڪ ڪليو، هي ڪيڏي ٿو ته ڪائنات جي هر شيءِ، خواهه جاندار هجي يا بيجان، مرڪب هجي يا مفرد، هڪ معين ۽ مقرر قانون، هڪ مخصوص ضابطي، هڪ خاص نظام جي پابند آهي، جنهن ۾ ڪوبه خلل ۽ تغيّر نٿو ٿئي ۽ جنهن سان ڪنڊ ان جي حرڪت ۽ سڪون، ترڪيب ۽ تحليل، موت ۽ حيات وابسته آهي ـــ ته ان سڀ سان هڪ فيلسوف جي نگاهه ان ڪتي تي ٻڌجي ٿي وڃي ۽ ان ڪليي جي تحت ۾ "طلوع آفتاب" کي آڻي، هو هيءُ دليل قائم ٿو ڪري ته چاڪاڻ ته هي واقعو به ان مرتب ۽ منظم ڪائنات جو هڪ جزو آهي، تنهنڪري لازمي آهي ته ان ۾ دائمي ترتيب ڏسڻ ۾ اچي ۽ ان ڪري هڪ مقرر وقت کان پوءِ ان جو طلوع ٿيندو رهڻ يقيني آهي!

متئين بحث سان معلوم ٿيو هوندو ته فلسفي جو عنصر حقيقي هي آهي ته هو نظام موجودات تي مجموعي ۽ ڪجهائي (ڪنيءَ) حيثيت سان نظر ڪري ٿو، ۽ تنهنڪري اُن جو موضوع بحث تمام وسيع آهي۔ چنانچه عملي حيثيت کان اِها خصوصيت دنيا جي مڙني فلسفي نظامن ۾ مشترڪ هلندي اچي ٿي۔ يوناني فيلسوف ان باري ۾ خاص طور ممتاز رهيا آهن۔ آنهن قديم فيلسوفن کي پنهنجي غير محدود وسيع‌النظريءَ تي فخر هو۔ افلاطون هڪ هنڌ هڪ فيلسوف

هي خصلتن جو ذکر ڪيو آهي ۽ اِن ضمن ۾ لکي ٿو :

"جڏهن هن کي (فيلسوف کي) گاريون ڏيون ٿيون وڃن، تہ هو گارين ڏيندڙ پنهنجي ان بدگو مهربان جي ذات ۾ حملو نٿو ڪري .... جڏهن هو ٻڌي ٿو تہ فلاڻو شخص هزارن لکن ايڪڙن جو مالڪ آهي، تہ هو اِن کي نهايت هلڪي گهاهہ ٿو سمجهي ، جو هو پنهنجي عالم تصور ۾ سڄيءَ دنيا کي پيش رکڻ جو عادي آهي، جڏهن هن جي اڳيان ڪنهن شخص جي عالي نسبيءَ جا راڳ اِن بنا تي گايا وڃن ٿا تہ هو پشت ٻ پشت رئيس آهي وغيره، تہ هو اِنهن مداحن جي متعلق پنهنجي دل ۾ چوي ٿو تہ هي ڪيتري قدر تنگ ۽ محدود نظر رکڻ وارا لوڪ آهن ، جو سڄي عالم ۾ نگاهہ نٿا ڪن ۽ ايترو نٿا سمجهن تہ هر فرد جا هزار اسلاف گذري چڪا آهن، جن ۾ کي گدا ، کي امير ، کي فقير ، کي متمدن ، کي وحشي، مطلب تہ هر طرح جا ڪجهہ نہ ڪجهہ ماڻهو ٿي چڪا آهن.

ويچار ڪرڻ جي گهاهہ آهي تہ مٿئين اقتباس ۾ قديم ۽ جديد فيلسوفن جي سردار، افلاطون ، فلسفي جي جيڪا وصف مخصوص ٻڌائي آهي، اُها هن جي نظر ۾ همگير آهي ۽ متاخرين ۾ هيگل 7 ۽ "اسپينسر" 8 ۾ اِن کي فلسفي جي امتيازي وصف ٺهرائي آهي.

فلسفي جي اِها ماهيت قرار ڏيڻ کان پوءِ اِن مسئلي سان جيڪي لازمي منطقي نتيجا پيدا ٿين ٿا، انهن مان ٻہ خصوصيت سان اهم آهن :

(۱) سڀ کان پهريون لازمي منطقي نتيجو (Corollary) هيءُ تہ، سائنس جي مقابلي ۾، فلسفي جو مطالعو عام دنيوي فائدي جي حاصل ڪرڻ ۾ معاون ۽ مددگار نٿو ٿئي. سائنس جو هڪ امتيازي خاصو هيءُ آهي تہ اُن جي هر قسم ۽ صنف مان انسان کي ڪوتوت

۽ مادي فائدو محسوس ٿئي ٿو : جيئن طبيعات جو عالم نيون نيون مشينون ۽ ڪلون ايجاد ڪري ٿو، علم‌الحيات جو عالم مرضن جي دفع ڪرڻ ۾ حياتيءَ کي وڌائڻ جون تدبيرون ٻڌائي ٿو، هيئت جو عالم ايندڙ موسمي حالتن ۽ ندين ۾ ٻاڦيءَ جي گهٽ يا وڌ ٿيڻ بابت آگاهه ڪري ٿو. پر فلسفي (فيلسوف) جڏهن کو نظريو قائم ٿو ڪري ته هن کي اِنهن گالهين سان بلڪل غرض نه آهي ته اُنهن مان ماڻهن جي زندگيءَ ۾ ڪهڙيون ڪهڙيون زحمتون پيش ايندڙيون يا ڪهڙين ڪهڙين سهولتن جو اضافو ٿيندو ۽ عوام جي آسائش تي اُن جو ڪهڙو اثر پوندو يا نه پوندو؟ بلڪ هو بلڪل بي غرضانه ڪائنات جو مطالعو ڪري ٿو، ۽ پنهنجي تحقيقات جو جيڪو به نتيجو هو ڳولي لهي ٿو، اُن کي پنهنجي يا پين جي فائدي يا نقصان کان قطع نظر ڪري، بجنسي پيش ڪري ٿو. فيثا غورس، يوناني، جنهن سڀني کان اڳ لفظ "فلاسافر" وضع ڪيو هو، دوران سفر هڪ دفعي فليس جي شهر ۾ پهتو. اتي جي حاڪم هن جي قابليت ۽ علميت ڏسي، حيران ٿي، هن کان دريافت ڪيو ته "اوهان جو ڏندو ڪهڙو آهي؟" فيثا غورس جواب ۾ هڪ تقرير ڪئي ۽ اُن ۾ فرمايو:

"انساني زندگيءَ جي تشبيهه ڪنهن وڏي ميلي يا تماشي سان ڏيئي سگهجي ٿي، جتي گهڻائي لوڪ اِن غرض سان اچن ٿا ته پنهنجا پنهنجا ڪرتب ڏيکاري نالو پيدا ڪن، ۽ پيا ڪيترائي اِن لاءِ اچن ٿا ته خريد و فروخت جي ذريعي مالي نفعو حاصل ڪن، ليڪن گهاٽائي جا چند افراد اهڙا به هوندا آهن جن کي نه حصول شهرت سان واسطو آهي نه ڪنهن قسم جي مالي فائدي حاصل ڪرڻ سان، بلڪ هو زياده عالي حوصلا هوندا آهن، ۽ صرف اِن واسطي ايندا آهن ته اهڙن موقعن جي مختلف ڪيفيتن جو علم ۽ تجربو حاصل ڪن. اهڙيءَ طرح هن دنيا ۾ جتي عام طرح لوڪ شهرت يا منفعت جي حصول

لاءِ کوشش ۾ مصروف رهندا آهن ، ڪي شخص عام دنيوي محرکات کان بي نياز ٿي پنهنجي حيات جو مقصد صرف فطرت جو مطالعو ۽ راز هستيءَ جو ڄاڻڻ ٺهرائين ٿا . اِنهن شخصن کي فيلسوف سڏيان ٿو ۽ منهنجو شمار به اِن جماعت ۾ آهي."

هي برابر آهي ته سائنس به ڪائنات ٿي عقل ۽ حواس ٿي جي وسيلي سان نظر ڪري ٿي ، ليڪن نتائج ۽ ثمرات جي لحاظ کان سائنس سدائين نفعي ۽ راحت جو سامان ميسر ڪندي رهي ٿي، يعني سائنس جي ترقيءَ جو نتيجو هيلتائين برابر هيءَ ٿيندو رهيو آهي ته نوان نوان ايجادات ظهور ۾ آيا ، جن لازمي طور تي روزانه زندگيءَ جي مادي ڪاروبار ۾ لذتن ۽ راحتن ۽ آرائشن جو اضافو ڪيو آهي. برخلاف اِن جي فلسفو پنهنجي نقطي نظر، طرز تحقيقات، نتائج، مطلب ته ڪنهن حيثيت سان به، دنيا جي عام مادي ۽ حسي منافع طرف پهچائڻ وارو نه آهي. فلسفي جو نصب‌العين صرف فطرت جو اونهو مطالعو عقلي نقطي نظر سان ڪرڻ ۽ اُن مان نتيجا اخذ ڪرڻا آهن. اُن جي تحقيقات جيڪڏهن رائج‌الوقت اخلاق يا مذهب يا قانون يا آداب معاشري جي ابتڙ يا موافق هجي، ته فيلسوف کي، پنهي صورتن ۾ ، مطلق پرواهه نه آهي . جرمنيءَ جو مشهور معروف فيلسوف ، هيگل ، اِن عجيب موقف جو قائل رهيو آهي ته وجود ۽ عدم ، هستي ۽ نيستي ، شيءِ ۽ لا شيءِ ، جي ظاهري طور بلڪل هڪجهڙي جي ابتڙ معلوم ٿين ٿا ، دراصل هڪ ئي مفهوم جا آهن ، اِن مسئلي جي بنا تي هو چوي ٿو ته جي ماڻهو مون تي اعتراض ڪن ٿا ته منهنجي عقيدي موجب انسان جي لاءِ پنهنجي ذات ، پنهنجو گهر ٻار ، پنهنجا محسوسات ، بلڪ خدا جي وجود جو منڻ يا نه منڻ ، اقرار يا انڪار برابر ۽ ساڳي ڳالهه نظر اچن ٿا ، ۽ انهيءَ ڪري منهنجي عقيدي جو بيجا هٿ واضح آهي، ته مان انهن معترضن کي جواب ۾ چوان ٿو ته توهان ماڻهو فلسفي جي ابجد کان به

ناآشنا آهيو، فلسفي جي ته عين منشا ئي هيءَ آهي ته انسان ۾ خالص اجتهاد فڪري پيدا ٿئي ۽ نظريات جي صورت ۽ پنهنجي فڪر جي ثمرات پيش ڪرڻ وقت اُن کي اِن گهالهه جي مطلق پرواه نه هجي ته اُن جي خيالات جو مٿس يا دنيا تي ڪهڙو اثر پوندو. تنهنڪري ڪنهن فلسفيانه نظريي تي نڪته چيني ڪرڻ ته ان جي مڃ سان فلاڻا فلاڻا نقصان لازم اچن ٿا يا فلاڻين فلاڻين محبوب شين کان دستبردار ٿيڻو پوي ٿو، هڪ غلط بنا تي نڪته چيني ڪرڻ آهي".

(2) ار تقائي حيثيت کان فلسفي جو نمبر سائنس کان پوءِ ٿو اچي، يعني تاريخي ترتيب جي لحاظ کان سائنس کي فلسفي تي اڳرائي آهي — يعني سائنس پهريائين ۽ فلسفو پوءِ وجود ۾ آيو، اِن جو سبب ظاهر آهي. هي فطرت جو قانون آهي ته انسان سدائين سڀ کان پهريائين انهن شين ڏانهن متوجهه ٿيندو آهي، جي بقاءِ حيات آسان بنائين ٿيون، ۽ جي هن جي گهرجن ۽ ضرورتن ۾ شامل ٿي چڪيون آهن — مثال طور کاڌو پيتو، موسم جي تڪليفن کان بچاءُ وغيره. پوءِ هو جڏهن انهن کان فارغ ٿيندو آهي، ته زندگيءَ جي تڪلفات ڏانهن مائل ٿيندو آهي ۽ اهڙي اهڙي نوع جي سامان جي فڪر ڏانهن رائج ٿيندو آهي، جنهن مان هن لاءِ زندگيءَ جي ڪار ڪرت ۾ آسائش ۽ آسودگي ۽ سهولت پيدا ٿئي ۽ هن جي زندگي لطف سان ڪٽجي. جڏهن اِن ڪوشش ۾ به هڪ حد تائين هو ڪامياب ٿي ٿو وڃي، تڏهن وڃي هن جي دماغ ۾ ڪافي مٿانهين ۽ ڪافي پري جي گهالهين متعلق سوال پيدا ٿين ٿا، ۽ هو اُنهن سوالن تي غور ڪرڻ شروع ڪري ٿو، جن جو هن جي موجود زندگيءَ سان سڌو ڪو تعلق ڪونهي. فلسفي جا مسائل، جيئن اسين مٿي چئي آيا آهيون، چاڪاڻ ته اهڙائي هوندا آهن، جن سان مادي زندگيءَ جي غم ۽ راحت، سود ۽ زيان تي ڪو فوري اثر نٿو پوي، تنهنڪري ماڻهن جو اِنهن کي ڏورانهان ۽ هڪدم ضروري نه سمجهي، اُنهن ڏانهن توجهه نه ڏيڻ بلڪل طبعي تقاضا آهي،

ڪنهن ملڪ ۾ فلسفي جو ذوق ۽ شوق صرف اُن وقت پيدا ٿئي سگهي ٿو، جڏهن قوم جي عام حسي ۽ عقلي سطح هڪ ڪافي حد تائين بلند ٿي چڪي هجي. ارسطو جي لفظن ۾، "انسان فلسفي ڏانهن ان وقت ٿوجهه ڪري سگهي ٿو، جڏهن هو پنهنجون ضروريات زندگي مهيا ڪري چڪو هجي."

اِهوئي سبب آهي ته ڪنهن ملڪ ۾ هر زماني ۾ فيلسوف پيدا نٿا ٿين، ملڪ صرف اُن وقت پيدا ٿين ٿا، جڏهن سائنٽيفڪ تحريڪ سان گڏ ملڪ ۾ عام حسي بيداري ڦهلجي چڪي هوندي آهي. چنانچه يورپ جي سرزمين تي بيڪن 10 ۽ ڊيڪارٽي 11 جڏهن فلسفي جو سنگ بنياد رکيو، تہ اُن کان اڳ ڪيپلر 12 ۽ ۽ گليلو 13 جهڙن سائنٽيفڪ تحريڪون ذڪر جي ڪارفرمائيءَ لاءِ سطح کي هموار ڪري چڪيون هيون.

ان سان گڏ هيءَ نڪتو به قابل لحاظ آهي ته فلسفو جيئن ته انسان کي رسم ۽ رواج، ۽ خيالات موروثيءَ جي بندش کان آزاد ڪري ان کي بجاءِ خود دماغي قوتن کان ڪم وٺڻ ٿو سيکاري، تنهنڪري فڪري اجتهاد جو هيءَ روح ڪنهن قوم ۾ اُن وقت تائين نٿو پيدا ٿي سگهي، جيستائين اِها قوم پنهنجي قديم خيالن ۽ اڳوڻن عقيدن تي تقليدي طور قائم رهڻ ٿي، قانع ۽ مطمئن آهي. هڪ متحرڪ قوم جنهن وقت بام تمدن جي پوڙيءَ تي قدم رکندي، هلندي وڃي ٿي، اُن جا افڪار دماغي ۽ اُن جون علمي حوصلامنديون فقط عام طرح ڪم ۾ اينڊڻ رواجي ڳالهين تائين محدود رهن ٿيون، ۽ جڏهن آهائي قوم پوري شباب تمدن تي پهچي وڃي ٿي، تہ اُن وقت کان ان ۾ عقليت جو روح بيدار ٿيڻ لڳي ٿو، ۽ عقلي بلند پروازيون شروع ٿين ٿيون ۽ پوءِ هوءَ فلسفي جي خشڪ ۽ مادي طور غير نفع بخش بحث مباحثي ڏانهن متوجهه ٿئي ٿي، ۽ اُن ۾ فيلسوف ۽ 'حڪيم' پيدا ٿيڻ لڳن ٿا. ۽ اِها به حقيقت آهي ته انتهائي عروج ۽ آغاز زوال جون سرحدون گڏيون پيون آهن: تنهنڪري عين اُن وقت جڏهن علوم حڪمت ۽ فلسفي جي بازار گرم هوندي آهي،

قوم ۾ انحطاط ۽ هيٺائي شروع ٿي ويندي آهي، جنهن مان ظاهر ٿين فلسفي جي علمن جي نحوست جو نتيجو ڪيندا آهن ۽ چوندا آهن ته فلسفي جو رواج ۽ اشاعت قوم جي تمدني ۽ سياسي بربادي۽ جا سبب آهن- حالانڪ سچ پچ اهڙي مرحلي تي جيڪي ٿئي ٿو، اُهو رڳو هي۽ آهي ته فلسفي جي اشاعت ۽ تمدن جو عروج ۽ هم زمان واقعا هجن ٿا، ۽ جيئن ته ڪمال شباب جي معني ئي هي۽ آهي ته پيرانه سالي۽ جون حدون شروع ۽ ٿي ويون، تنهنڪري اُن جو الزام ۽ اُن جي تهمت فلسفي جي فروغ ۽ اشاعت جي سر تي مڙهجي وڃي ٿي. تاريخ ان ڪليي (فلسفي جي اشاعت ۽ تمدن جي انحطاط جي همعصر هجڻ) جون شاهديون ڪثرت سان پيش ڪري ٿي. يوناني فلسفي جو شباب افلاطون جي وقت ۾ ٿيو، ليڪن اُن جي ٽورن ٽُي ڏينهن بعد سڪندر 14 جي وفات سان گڏ سلطنت يونان جو شيرازو چڙوچڙ ٿي ويو. آٿينس 15 وارن فلسفي ۾ اُن وقت ڪمال ڪيو، جڏهن ته هو حڪومت ڪرڻ جي ناقابل ٿي مقدونيا 16 جي تاجدارن جي زيرنگين ٿي رهيا هئا، هوڏانهن اسڪندريه ۾ فلسفئه اشراقين (Neo-Platonists) جو آفتاب اُن وقت چمڪيو ۽ نصف النهار تي پهتو جڏهن رومن قوم جي اقبال جي شام ٿي رهي هئي.

فلسفي جي ماهيت (حقيقت، اصليت) بيان ڪرڻ بعد، هاڻي پڙهندڙن کي بخوبي معلوم ٿي ويو هوندو ته فلسفو ڇا آهي يا فلسفو ڇا کي ٿو چئجي. مختصر هي۽ ته فلسفو ٻن سوالن جا جواب ڏئي ٿو:

(الف) عالم يا عالم موجودات (جنهن جو بنياد متي۽ ۽ پاڻي۽ تي آهي) ڪُلي ۽ مجموعي حيثيت سان ڇا آهي؟

(ب) ان جي علت غائي 16 (انتهائي سبب) ڇا آهي؟

فلسفو اُهو علم آهي جنهن ۾ موجودات جي متعلق وسيع ترين ڪليات ۽ جامع ترين نظريات قائم ڪيا ٿا وڃن. فلسفي جو عنصر حقيقي يا اصلي مايو هي۽ آهي ته اُهو عقل جي حدن اندر موجودات عالم جي نظام ٿي مجموعي ۽ ڪامل حيثيت سان لظر وجهي ٿو— تنهنڪري اُن جو موضوع عقلي دائرو ۾ بيحد اپار ۽ وسيع آهي.

خلاصو:

هن باب ۾ فلسفي متعلق جي گالهيون پيش ڪيون ويون آهن، سي پنهنجي قارئين جي سهوليت لاءِ، هڪ خلاصي طور ، هتي پيش ڪريون ٿا.

فلسفو حيات ۽ بقاءِ حيات جي اسرار جي عقده ڪشائيءَ جو نالو آهي. اِها عقده‌ڪشائي معقولاتي نقطي نظر سان ڪئي وڃي ٿي.

ايران جي هڪ شاعر ڪائنات کي هڪ پراڻي ڪتاب سان تشبيهه ڏني آهي، جنهن جو پهريون ۽ پويون ورق ڪجهه اهڙيءَ طرح وڃائجي ويو آهي، جو نه اِهو ٿو معلوم ٿئي ته شروع ڪيئن ٿيو هو ، نه اِن جو ڪجهه پتو ٿو پوي ته ختم ڪٿي وڃي ٿيو ۽ ڇو ٿيو؟

ما ز آغاز و انجام جهان بسي خبريم،
اول و آخر اين کهنه کتاب افتادست.

انسان جڏهانڪر پنهنجي هوش ۽ حواس ۽ آگهيءَ جون اکيون کوليون آهن، هو اِن معمّي جو حل کولي رهيو آهي ۽ اِن تلاش ۽ کولا ۾ آهي ته کنهن نه کنهن طرح هن کي وڃايل ورقن جو سراغ ملي وڃي ۽ پتو پوي. فلسفو نالو آهي اِن کد و کاوش، اورچائيءَ ۽ آدم جو ۽ اُن جي اثرات ۽ نتيجن جو. هڪ فيلسوف کي پنهنجي فلسفيانه مباحث جي توضيح ۾ دفتر کارا ڪرڻا ٿا پون، پر فارسي شاعر متي ذڪر ڪيل شعر جي صرف پن مصرعن ۾ علم ۽ حڪمت هي به سوال جا خزانا سمائي ڇڏيا آهن.

انسان اڄا خود آگاهيءَ ۽ پنهنجي جاڻ پچاڻ جي منزل ۾ قدم رکيو ۽ جيئن هُن تي غور ۽ فڪر جما رستا کشادا ٿيا ، تہ هن جي ذهن جي سطح تي ايريا:

(1) هن جي زندگيءَ جو مفهوم يا مقصد ڇا آهي؟

(2) ارد گرد يا چوڏاري پکڙيل ڪائنات جي جوڙجڪ، بناوت يا نظام ڇا آهي؟

معلوم نہ آهي تہ، ان رستي جي مختلف ڪندن ۾ انسان ڪيستائين بي راهہ روين جو شڪار رهيو. ها، سڄيءَ زندگيءَ جي عرصي جي صحرانوردين بعد هو هڪ اهڙيءَ منزل تي پهتو جتان هُن عقل ۽ خرد ۽ غور و فڪر جي سهاري حيات جي ماهيت ۽ حقيقت جي سراغ ۽ گس ۾ اکيون هڻڻ شروع ڪيو. اِهو هو باضابطہ غور ۽ فڪر جي آغاز جو نقطو ۽ انساني عقل ۽ شعور جي ڪاروان جي جاده. پيمائيءَ جو ڏينهن، يعني فلسفي جي ابتدا ۽ آغاز جو ڏينهن.

هاڻي هڪ بنيادي سوال، جو پيدا ٿو ٿئي، اُهو هيءَ آهي تہ فلسفي جي شروعات ڪيئن ٿي؟ اسان کي هيءَ داستان ڪٿان شروع ڪرڻ گهرجي؟ يونان کان يا هندستان کان؟

جيتري قدر يونان جي فلسفي [17] جو تعلق آهي، اسين اُن جي بعض ابتدائي صورتن کان واقف آهيون. عام طور تي هي تسليم ڪيو ويو آهي تہ يونان ۾ فلسفيانہ فڪر ۽ غور جو نشان پٿو ڇهين صدي قبل مسيح کان ٿو لڳائي سگهجي.

پهريون يوناني مفڪر، جنهن کي اسين صحيح معنيٰ ۾ فيلسوف چئي سگهون ٿا، ٿيلس [18] هو. هڪ خاص واقعي مان اسان کي هن جي سن ولادت ۽ موت جو پٿو پوي ٿو. ڇيو وڃي ٿو تہ هن پنهنجي حساب سان چند گرهڻ جي صحيح وقت جو تعين ڪيو ۽ اڳڪٿي ڪئي. اهو واقعو سنہ ۵۸۵ ق.م. ۾ پيش آيو.

ٿيلس کان پوءِ، جن ٻن شخصن يونان ۾ فلسفيانہ غور ۽ فڪر جي نئين انداز سان تعمير ڪئي، اُهي هئا فيثاغورس ۽ سقراط. فيثاغورس جو زمانو ۵۳۲ ق.م. بڌايو وڃي ٿو. سقراط جو موت ۳۹۹ ق.م. ۾ واقع ٿيو.

ان سوال متعلق تہ ڪهڙي ملڪ ۾ فلسفي جي اِرتقا جا ابتدائي آثار لهن ٿا ــــ يونان ۾ يا هندستان ۾ ــ هيٺ اسين برصغير پاڪ و هند جي هڪ مسلم مفڪر اعظم جي راءِ مختصر طور بيان ڪرڻ مناسب سمجهون ٿا.

"اسين ڇهين صدي قبل مسيح جي هندستان تي نظر وجهون

ٿا ته اسان کي [يونان جي صورتحال کان] هڪ بدليل تصوير نظر اچي ٿي. هندستان ۾ اُهو زمانو فلسفي جي آغاز جو نه، بلڪ فلسفياڻ غور ۽ فڪر جي عروج جو زمانو هو. يونان وانگر اُتي فلسفو پنهنجيءَ ابتدائي منزل تي نه هو، بلڪ هتي فلسفي جو آفتاب نصف النهار تي هو. هتي انساني عقل ۽ خرد جو قدم فلسفياڻ تحقيق ۽ تدقيق جي پُرپيچ رستن ۾ آڏجي، ٿاڪا کائي نه رهيو هو، بلڪ اِن گهالهه جو ثبوت ڏيئي رهيو هو ته هڪ طويل سفر کان پوءِ اُن جي منزل تي آڻُ پڄجي چڪو هو.

"هن دؤر تي بحث ۽ تمحيص جي دوران اسان جو توجهه لازمي طور ٻن عظيم تاريخي حقيقتن ڏانهن چڪجي وڃي ٿو- يعني ٻڏ ڏرم ۽ جين ڏرم ڏانهن، جن پنهي اِن دور ۾ جنم ورتو. ظاهر آهي ته گوتم ٻڏ ۽ مهابير جي ظهور کان اڳيرو هندستان ۾ فلسفياڻ غور ۽ فڪر جا ايڏا پختا ۽ وسيع بنياد پڄجي چڪا هئا، جو ٻڏمت ۽ جين مت جي فڪر جا ايڏا عاليشان نظام اُن تي تعمير ٿي سگهيا. هيءَ حقيقت ته چهين صدي قبل مسيح ۾ مادر وطن جي آغوش ۾ گوتم ٻڏ ۽ مهابير جهڙن مفڪرن پرورش پاتي، ان گهالهه جو پڏرو ثبوت آهي ته هن ملڪ ۾ فلسفياڻ فڪر جو دائرو تمام گهڻو وسيع ٿي چڪو هو. هتي پهريائين هڪ اهڙو ماحول موجود هو جتي زندگيءَ جي مخفي اِسرار فاش ڪرڻ لاءِ مختلف نظريات ۽ توجيهات جو رستو هٿ ڪيو ويو هو. هي به واضح هجي ته فڪري ڪاوشن جو قافلو هڪ اهڙي هنڌ تي اچي پهتو هو. جتي وجود باريءَ جي اِقرار يا مشيت ۽ الهام جي بغير زندگيءَ جون واڻون طيءَ ٿي سگهيون ٿي.

"تاريخ" فلسفي جي مطالعي مان اسين اِن قطعي نتيجي تي پهچون ٿا ته هندستان ۾ يونان کان ڪيترو ئي اڳ فلسفياڻ فڪر جو سلسلو شروع ٿي چڪو هو. يونان ۾ فلسفي جو آغاز چهين صدي قبل مسيح کان شروع ٿئي ٿو، ليڪن هندستان ۾ اِها صدي فلسفياڻ غور ۽ فڪر جي معراج جي صدي هئي" (ابوالڪلام آزاد).

نوٽ

۱ـ "نظريات" جمع آهي "نظريه" جو: نظريو ـ ڪنهن متصوّر شيءِ جي ڪا تشريح ۽ تفصيل يا ڪنهن شيءِ جي باري ۾ ڪا تجويز يا نقطي نگاهه ، جا قياسيات تي مبني هجي ؛ اصولي مسئلو . نظريات اُهي اُمور ، ڪم يا ڪالهيون آهن ، جن جي سمجهڻ ۾ غور ۽ فڪر جي ضرورت ٿيندي آهي . "نظريات" جو ضد "بديهات" آهي: بديهات اُهي امور آهن جن جي سمجهڻ ۾ ڪنهن غور ۽ فڪر جي وسيلي جي ضرورت نه ٿيندي آهي ؛ بديهي ڪم يا ڪالهه دليل جي محتاج نه آهي ـــ مثال طور ، اُس ڪي ڏسي ، يڪدم سمجهي وڃبو ته هن وقت سچ آهي .

2ـ "علم طبعي" ـــ علم منسوب بطبع ، علم طبعي نالو آهي علم حڪمت جي هڪ شاخ جو ، جنهن ۾ مادي جو بحث بحيثيت مجموعي ڪيو وڃي ٿو يا جنهن ۾ امور طبعيه سان بحث ڪجي ـ " طبعيه " اُن ڪي چون ٿا ، جنهن جو تعلق طبعت جي مسئلن سان هجي ـ انگريزيءَ ۾ اِن علم کي "نيچرل سائنس" يا فزڪس (Physics) چوندا آهن .

3ـ "الاهيات" (Metaphysics) ـ علم حڪمت جي ٽن قسمن مان هڪ علم جو نالو آهي : (۱) رياضي ، (2) طبيعي ، (3) الاهي . "الاهيات" ۾ بحث ٿئي ٿو اُنهن امور سان جي وجود خارجي ۽ تعقل (سوچڻ ، فڪر ڪرڻ يا سمجهڻ) پنهي ۾ مادي جا محتاج نه آهن ؛ اِن کي انسان جي روح جو علم يا آتم وديا به چوندا آهن . ("حڪمت" جي لفظي معني آهي راست گفتاري ، درست ڪرداري ، عقلمندي ، دانائي ، تدبير ، ترڪيب ، علاج معالجه ، ڍنگ ، غرض يا مطلب : پر اصطلاح ۾ حڪمت اُهو علم آهي ، جنهن جي ذريعي بشري طاقت آهر موجودات جي صحيح حقيقت معلوم ٿئي .

4ـ "جامد" ـ نهرو ، برخلاف رقيق ۽ وهڻ واريءَ شيءِ جي .

5ـ "اعتقاد" ـ انسان جي حيات نفسيءَ جو هڪ قانون آهي تہ جڏهن اسين ٻن شين ڪي هڪ يا چند ٻيرا هڪٻئي سان گڏ

محسوس ڪري چڪا هوندا آهيون، تہ آئندہ ۾ جڏهن اِنهن ۾ مان هڪ شيءِ اسان جي تجربي ۾ اچي ٿي، تہ آن سان گڏ واري ٻي شيءِ ۾ اسان جي ياد ۾ تازي ٿيو وڃي، ۽ اڪثر غلطيءَ کان ٻچي ڪي لازم ملزوم ۾ سمجهون ٿا. چنانچہ، متن ۾ مثال هڪ عامي شخص جو آيل آهي، جيڪو چند دفعا ٻئي ڏينهن جي هئڻ ۽ سج جي اُپرڻ ۔ اِنهن ٻنهي واقعن کي گڏوگڏ ڏسي چڪي ٿو، تہ هو ازخود هي يقين ڪرڻ لڳي ٿو تہ ٻئي لازم ملزوم آهن، ۽ جڏهن ٻيو ڏينهن ٿيندو، تہ وسهي ٿو تہ ضرور سج اپرندو: هيءُ هڪ قانون نفسي (نفسيات) آهي.

6۔ "ڪليات" ــ جمع آهي "ڪُلّي" يا "ڪُليّہ" جو ــ معنيٰ ڪُل، سڀ، گهٽا افراد جيئن انسان يا حيوان ــ عربي ٻوليءَ ۾ انسان کي "حيوان ناطق" چوندا آهن، ٻوءِ اِها معنيٰ زيد، بڪر، خالد وغيره تي صادق اچي ٿي تہ ڪُلّي جي معنيٰ پورو، ڪامل، مثال طور شاعر جو سڄوئي ڪلام.

7۔ هيگل (George Wilhelm Friedrich Hegel, 1770—1831): جرمنيءَ جو مشهور و معروف فيلسوف ۽ پروفيسر، جنهن سيڪاريو تہ سچائيءَ ۽ حقيقت جون ٽي هيئتون آهن، جي پاڻ کي منطقي مناظري جي نشو و نما ۾ (دعوا، تضاد، تصفيہ) ظاهر ڪن ٿيون، ۽ ائين هُن حقيقت کي معقوليت سان ملائي ڇڏيو. هن ڪيترائي ڪتاب لکيا: The Philosophy of Right, The Science of Logic وغيره.

8۔ اسپينسر (Herbert Spencer :1830—1903): ڊربيءَ جي اسڪول ماستر جو پٽ هو. ڪجهہ وقت سِول انجنيئر جو ڏنڏو ڪيائين. هن جو پهريون ڪتاب 1851 ۾ شايع ٿيو، جنهن جو عنوان هو Social Statistics. 1855 ۾ هن جو ٻيو ڪتاب Principles of Psychology شايع ٿيو، جنهن ۾ ڏسڻ ۾ ٿو اچي تہ هن ڊارون جي نظريي ارتقا جي پيش بيني ڪئي ۽ 1860 ۾ هن جو ٽيون ڪتاب

The System of Synthetic Philosophy نڪرڻ شروع ٿيو، جنهن جو پويون ۽ ڏهون جلد 1894 ۾ شايع ٿيو.

9- فيثا غورس (Pythagoras: 582—500 BC)- هڪ اعليٰ فيلسوف جنهن تناسخ روح جو عقيدو سيکاريو ۽ پڻ اصول علم هيئت تي ڪم ڪيو.

10- بيڪن (Francis Bacon: 1561—1630 A.D): انگريزن جي وڏن ۽ اعليٰ فيلسوفن ۽ سياستدانن مان هڪ هو. راڻي ايلزبيٿ (پهرين) جو اٽورني جنرل هو، ۽ انگلنڊ جي بادشاه جيمس پهرئين جي زماني ۾ لارڊ چانسيلر مقرر ٿيو. هن جون لکتون ۽ تحريرون اهڙيون هيون، جن ۾ تيز بصيرت، طرز بيان ۽ عبارت ۾ ذڪاوت، بحر فڪر ۽ فراست نمايان خصوصيتون هيون، جن ڪيس فيلسوفن ۾ چوٽيءَ جي درجي تي پهچايو. هن جا مضمون (Essays) سندس علمي لياقت ۽ دانشمنديءَ جو قابل تعريف ۽ شاندار يادگار آهن.

11- ڊيڪارٽي (Rene Descartes: 1596 — 1650): مشهور و معروف فرينچ فيلسوف، رياضيدان ۽ مصنف هو. هو علمي روايتن ۽ مذهبي عقيدن جو قائل نه هو، بر اصلي سچائيءَ ۽ حقانيت جو متلاشي هو ته جيئن علم ۽ عقل جي ڇاڻ حاصل ٿئي ته ڪا شيءِ ڇو سچي سڏجي سگهي ٿي. هن جي فلسفي جو بنياد سندس ٿي لفظن ۾، مختصر طور بيان ٿيل هيءَ آهي: "آءٌ سوچيان ٿو، تنهنڪري زنده آهيان (I think, so I exist).

12- ڪيپلر (John Kepler: 1571—1630): جرمنيءَ جو مشهور هيئت دان (Astronomer) هو. هو ٽائڪو برهي (Tyco Brahe) جو معاون هو، جنهن جون پيمائشون ڪم آڻي، هن سيارن جي گردش جا چار قانون وضع ڪيا.

13- گليلو (Galilei Galileo 1563 — 1642): اٽليءَ جو وڏو هيئت دان هو ۽ حرڪات اجسام جي قانونن جو پهريون دريافت ڪندڙ هو. هو پهريون شخص هو، جنهن تيز رفتاريءَ جي اهميت دريافت ڪئي ۽ زمين تي اجسام جي ڪرڻ جو قانون قائم

کيو. هن دوربيني ڏاهي ۽ اُن جي ذريعي کيترين معلومات ۽ انڪشاف کيائين. هن ذرتيءَ ۽ سج لاءِ چيو ته سج جي چوڌاري ڌرتي ڦري ٿي ۽ نہ ڌرتيءَ جي چوڌاري سج ـــ جيئن بائيبل ۾ آيل هو ـــ ان تي مذهبي تحقيقاتي عدالت جي آڏو پيش ٿيو ۽ مذهب دشمنيءَ جو مجرم ثابت ٿيو، ۽ ڏوهه جي قبوليت ڏينديءَ سزا کان بچيو ـــ چون ٿا ته مذهبي عدالت آڏو وڏي آواز سان "سج ڌرتيءَ جي چوڌاري ڦري ٿو ۽ نہ ڌرتي سج جي" چئي، هن دل ۾ اُهوئي پاڻ وارو سائنسي طور سچو جملو دهرايو ته "ڌرتي سج جي چوڌاري ڦري ٿي ۽ نہ سج ڌرتيءَ جي"!

14ـ سڪندر اعظم (Alexander the Great :356-323 B.C): پنهنجي پيءُ فلپ (فيلقوس) جي مرڻ کان پوءِ ۳۳۶ق.م ۾ مقدونيا جو بادشاهه ٿيو. شروع کان ئي هن فوجي کارنامن ۾ پاڻ کي لائق ثابت ڪيو. ايران جي بادشاه دارا (Darius) کي شڪست ڏيئي، سلطنت ايران تي قابض ٿيو. شام ۽ مصر تي ڪاهون کيائين ۽ ڪامياب ٿيو. اسڪندريه شهر ۳۳۲ ق.م ۾ قائم کيائين. هندستان تي ڪاهه ڪان پوءِ، سندُ ڪان موڻ بعد بابل (Babylon) پهتو، جتي ترت ئي فوت ٿيو. گهڻين فتوحات ڪري، سڪندر اعظم سڏجي ٿو.

15ـ اٿينس (Athens)ـ يونان جي گاديءَ جو هنڌ هو، جو قديم زماني ۾ مشهور ۽ ممتاز شهر هو، ۽ يوناني علم ۽ آرٽ جو قديم مرڪز شمار ٿئي ٿو.

16ـ مقدونيا (Macedonia)ـ يونان جو هڪ ضلعو هو.

17ـ علت غائي: هر شيءِ جي متعلق هي سوال ٿي سگهن ٿا: (۱) ان کي ڪنهن ڪاهيو؟ (2) ڪهڙيءَ شيءِ مان ڪاهيو؟ (3) ڇو ۽ ڇا جي لاءِ ڪاهيو؟ اهڙيءَ طرح سبب (علت) جا ٽي قسم ٿي ٿا وڃن: علت فاعلي، علت مادّي ۽ علت غائي. علت غائيءَ مان مراد اُهو غرض آهي، جنهن لاءِ ڪا شيءِ ڪاهي وڃي ـــ مثال

طور قلم جي علت غائي تحرير آهي ، ۽ اِهوئي ان جو (قلم جو) بين شين تي خاص امتياز آهي.

18ـ يوناني فلسفو: يونان (Greece) ڏکڻ يورپ ۾ هڪ ننڍو جابلو ملڪ آهي. ايٿنس اُن جي گاديءَ جو هنڌ آهي، جو قديم زماني ۾ هڪ عاليشان شهر هو ـــ ۽ هزارن ورهين جون جهونيون عمارتون اڄ ڏينهن تائين منجهس بيٺل آهن. هيءُ ملڪ قديم زماني ۾ علوم ۽ فنون ۽ تهذيب و تمدن ۾ نهايت ترقي يافته خطو هو. هتي وڏا وڏا دانشمند ۽ عقلمند لوڪ گذريا آهن. تنهنڪري دنيا ۾ اِن جو نالو علم و دانش جي هم معني لفظ طور ڪم ايندو هو. سقراط، بقراط، افلاطون، ارسطو، فيثاغورس ۽ ٻيا ڪيترا وڏا فيلسوف ۽ دانشور هتي پيدا ٿيا ـــ انهيءَ ڪري يوناني فلسفو دنيا ۾ مشهور آهي ـــ جو تہ ائين مڃيو وڃي ٿو تہ فلسفي جو بنياد آنهن يونان وارن ڏاهن ٿي وڌو. فلسفي جا عام طور پنج ڪيا شعبا يا شاخون شمار ٿين ٿيون: (1) منطق (Logic)، (2) ذوق حسن يا جماليات (Esthetics)، (3) اخلاقيات (Ethics)، (4) سياسيات (Politics)، ۽ الهيات يا آتم و ديا (Metapysics).

19ـ ٿيلس (Thales of Miletus: 640 — 546 BC) هيءُ علم هندسہ (اقليدس) جاڻڻ وارو (Geometer)، علم هيئت جاڻڻ وارو (Astronomer)، ۽ فيلسوف هو، ۽ يونان جي ستن ڏاهن مان هڪ شمار ٿئي ٿو، هو پهريون شخص چيو وڃي ٿو، جنهن سج گرهڻ جو صحيح اندازو لڳايو هو (585 ق.م ۾). هو پاڻيءَ کي مڙني مادّي شين جو بنياد جاڻندو هو.

باب ٻيون

فلسفي جا فائدا

فلسفي ۾ هڪ خاص مسرت آهي، ايتري قدر جو مابعدالطبيعات جا سراب به دلاويز ۽ دلفريب معلوم ٿين ٿا.

اسان مان گهڻن کي ابتدائي جواني جا سر سبز ۽ شاداب ڏينهن ياد هوندا، جڏهن اسان کي فلسفو، واقعي، افلاطون جي قول مطابق، هڪ دلاوين، دلپسند ۽ پرمسرت مشغلو لڳندو هو.

شاعر برائوننگ[1] جو قول آهي ته "زندگي معنيٰ سان لبريز آهي ۽ اُن جي معنيٰ دريافت ڪرڻ زندگيءَ جو سڀ مقصد آهي."

اسان جي زندگيءَ جو گهڻو حصو اجايو ۽ آڪارڻو وڃي ٿو. بيڪاري، پڌتر، ماتم، خودڪشي — ماڻهو اڪثر اِهڙن گهمسانن، بي آرامين ۽ مونجهارن ۾ رهي ٿو. پر اِنهن مڙني گهالهين جي باوجود اسان جو من اِهوئي يقين چاهي ٿو ته اسان جي وجود ۾ ڪا ضروري، پُر معنيٰ ۽ اهم شيءِ موجود آهي: ۽ ضرورت رڳي اِها آهي ته اسين اُن کي سڃاڻون، ۽ پنهنجي روح کان آگاهه ٿي وڃون! اسين چاهيون ٿا ته اسين جيڪي ڪجهه آهيون ۽ جيڪي ڪجهه ٿيڻ گهرون ٿا، اِنهن پنهي گهالهين جي اسان کي خبر هجي، ۽ اسان جو من اُن روح-افزا روشنيءَ کان منور هجي! اُن ۾، اسين دوستووسڪيءَ[2] جي مشهور ناول "برادرس ڪارامازوف" جي ڪردار، ميٿيا، مثل آهيون — "اُنهن مان، جي لکن روپين کي حقير ڄاڻن ٿا، بر پنهنجي سوالن جا جواب ضرور طلب ڪن ٿا:" گذر ڪندڙ شين جو اصلي قدر ۽ تناسب باطني دريافت ڪرڻ گهرون ٿا، ۽ اها تمنا ٿا رکون ته اهڙيءَ طرح روزمره جي خسيس حالتن جي گرداب کان بلڪل

نکري اچون. اسين چاهيون ٿا تہ جا شيء اٽل آهي، اُن جي مقابلي ۾ ٻرڪڻ سکون ۽ سامهون ڏسجندڙ پيانڪ موت تي کلون. اسين 'ڪُل' هجڻ گهرون ٿا، جيئن پنهنجن خواهشن جو ٽاڻ پر کي، پنهنجي ذات ۾ هم آهنگي ۽ حسن ترتيب پيدا ڪري، پنهنجي جوهري قوتن کي منظم ڪريون، چاڪاڻ تہ اخلاقيات ۽ سياست ۾ ۽ شايد منطق ۽ مابعدالطبيعات ۾ به حرف آخر جو درجو اصل طاقت ۽ ذاتي جوهر کي ئي حاصل آهي.

آمريڪي فيلسوف، ٿوريو[3]، جو قول آهي تہ "فيلسوف ٿيڻ جي معنيٰ صرف اِهو نہ آهي تہ افڪار دقيق هجن، نہ رڳو هڪ 'مڪتب' قائم ڪجي، پر اِن جي معنيٰ هيءَ آهي تہ دانش (سياڻپ) سان اهڙيءَ طرح محبت ڪجي، جو اُن جي حڪمن مطابق سادگيءَ، آزاديءَ، بلند حوصلگيءَ، عالي ظرفيءَ ۽ اعتماد سان زندگي بسر ڪجي". بيڪن انسان کي هنن لفظن سان فهمائش ڪئي آهي ۽ سمجهايو آهي تہ "اول ذهني خوبيون حاصل ڪريو ۽ باقي شيون اوهان کي يا تہ ملي ويندیون يا اُنهن جي ڪوٽ يا گهاٽي جو احساس نہ ٿيندو ــ صداقت ۽ سچائي انسان کي دولتمند نہ ڪندي، پر انسان کي آزادي ضرور عطا ڪندي."

ڪن سخت مزاج رکندڙ شخصن فلسفي کي شطرنج جي راند وانگر فضول ۽ اجايو مشغلو سڏيو آهي، جهالت جيان مبهم ۽ منجهيل ۽ قناعت (جي عادت) جيان بيئل ۽ جامد چيو آهي- چي، 'اُن ۾ ڪا چرپر، گرمي، جوش يا ذوق ۽ شوق اُسرڻ جو نہ آهي. سِسَرو[3]، فلسفي لاءِ چوي ٿو تہ "ڪابہ گالهہ ڪيتري ئي عبث ۽ واهيات ڇو نہ هجي، اوهان کي فلسفي جي ڪتابن ۾ ضرور اُها ملي ويندي". فيلسوفن لاءِ عام رايو هيءَ به هوندو آهي تہ انهن وٽ اوهان کي "سواءِ عام عقل (Common Sense) جي، بي هر قسم جي ڏاهپ ۽ سياڻپ" ملي ويندي!

ليڪن سوال آهي تہ ڇا، فلسفو واقعي ائين بيڪار، جامد ۽ ڏوائي آهي؟ معلوم ائين ٿو ٿئي تہ سائنس کي گهٽو ۽ تيز اڳيرو

وڏندي ڏسي، فلسفي لاءِ اهڙا ويچار ظاهر ڪيا ويا آهن. حقيقت ۾ هيءَ آهي ته فلسفو دشوار ۽ پُر خطر ڳالهين جي سمجهڻ ۽ فيصل ڪرڻ جو ذمو به پنهنجي سر تي کڻي ٿو، جيڪو سائنس جي دائري عمل کان ٻاهر آهن. مثال طور: خير ۽ شر، حسن ۽ قبح، جبر ۽ قدر، مرگ ۽ زيست (موت ۽ حياتيءَ) جا مسئلا. ائين برابر آهي ته سائنسي تحقيقات جي دائري ۾ اهڙيون معلومات حاصل ٿين ٿيون، جن کي صحيح ۽ هر طرح ضابطي ۽ قاعدي طور قبول ڪيو وڃي ٿو. فلسفي جي ڳالهه البت ايتري پوري ۽ ٽز ڪانه ٿي ٿئي ۽ هڪ حد تائين سدا بحث طلب رهي ٿي.

بهرحال هر سائنس جو آغاز يا محرڪ فلسفو ئي آهي، جيئن آن جو انجام يا نتيجو آرٽ. سائنس مفروضي سان شروع ٿئي ٿي، پر اڳتي مشاهدي، تجربي ۽ ڇڪاس ذريعي آهستي هڪ سچ تي وڃي پهچي ٿي. فلسفو آن شيءِ جو فرض ڪيل تعبير آهي، جا اسان کي معلوم نه آهي ۽ جا مشاهدي، تجربي ۽ ڇڪاس جي دائري کان اڪثر ٻاهر رهي ٿي، جهڙيءَ طرح مابعدالطبيعات حي کا شيءِ، يا جيئن اخلاقيات، سياسيات، جماليات جون ڳالهيون، جن جي متعلق انسان جي ڄاڻ هميشه تڪميل طلب هجي ٿي.

فلسفو صداقت جي سحاصري ۾ پهرين خندق آهي، سائنس مفتوح علائقو آهي ۽ آن جي پٺ ۾ آهي محفوظ مقامات آهن، جتي علم ۽ آرٽ ڪڏجي، انسان جي حيرتانگيز ۽ انسان کي روزمره ڪم ايندڙ دنيا تعمير ڪن ٿا. سائنس ۽ فلسفي ٻنهي تي هڪ ئي وقت نظر وجهڻ سان ائين ٿو معلوم ٿئي، جڻ فلسفو حيران پريشان نقش-بر-ديوار بيٺو آهي، ۽ سائنس جا مختلف شعبا، جيڪي سندس ئي اولاد معنوي آهن، هر طرف اڳتي وڌي تسخير جي ثمرات مان فائدو وٺي رهيا آهن. فلسفو گويا ازل کان غير مطمئن ۽ مضطرب آهي، ۽ فقط آنهن حدن جي اندر وڌي ٿو، جن جو ڪنهن پورو جائزو اڃان ورتو ئي نه آهي ۽ جن بابت اڃان يقين سان ڪجهه چئي نٿو سگهجي.

وڌيڪ اصطلاحي زبان ۾ ڳالهه ڪندي، چئي سگهجي ٿو

تہ سائنس بيان تحليلي (يعني چند چاڻ ۽ چڪاس جو طريقو) آهي، ۽ فلسفو تعبير تاليفي (يعني ہن يا وڌيڪ شين يا خيالن جي ملاوٽ سان، ربط ۽ ترتيب سان، ڪنهن نظريي يا تصور قائم ڪرڻ جو طريقو) آهي. سائنس جي خواهش هوندي آهي تہ ڪل جا آجزا جدا جدا ڪري، ڪنهن عضوياتي نظام جا اعضا الڳ الڳ ڪري، ڏيکاري؛ منجهيل کي پڌرو ۽ صاف ڪري؛ ۽ اِئين معاملي جي اصليت کان واقف ٿئي ۽ واقف ڪري. اُن جو اهو مقصد نہ هوندو آهي تہ شين جا قدر ۽ اُنهن جا معياري امڪان ۽ اصلَ معلوم ڪري. يا شين جي آخرين ۽ مجموعي اهميت ۽ غايت دريافت ڪري، هوءَ اِن تي قانع ۽ راضي رهي ٿي تہ شين جي ترڪيب ۽ عمل جي دائري جي توضيح ڪري، يعني اِهو ڏسي تہ شين جي نوعيت ڇا آهي ۽ اُنهن جو عمل ڇا آهي.

سائنسدان کي، مثلاً، هڪ مڪ جي ٽنگ ۾ ايتري ڏسي دلچسپي هوندي آهي، جيتري فيلسوف کي سڃيءَ تخليق جي مشاهدي ۾. پر فيلسوف اِن تي قانع نٿو رهي ۽ نہ اِن تي ماڻ ڪري، خوش ٿي ويهي ٿو رهي تہ واقعيت ڇا آهي؛ هو اڳتي وڌي، اِهو دريافت ڪرڻ گهرڻي ٿو تہ عمومي تجربي سان، اصل حقيقت سان، اُن واقعيت جو ڪهڙو تعلق آهي ۽ اُئين اُن واقعيت جي اصل معنيٰ، سڃيءَ تخليق ۽ اُن جو اصل ماڻ ۽ مقصد دريافت ڪرڻ چاهي ٿو: هو سڀني شين کي مجموعي طور، تعبيري ۽ توضيحي ترڪيب ذريعي، هڪ ڏاڳي ۾ پوئڻ گهري ٿو، تہ جامع حقيقت، حقيقت ڪل، جي پروڙ پئجي سگهي. سائنسدان عظيم دنيا جي گهڙي، جيڪا پرزا پرزا ڪري رکي چڏي ٿو، فيلسوف اُنهن کي ڦاهي جوڙي، اُن جي هڪ ذات جامع ۽ هڪ حسن ڪامل جو تصور تعمير ڪرڻ گهري ٿو.

سائنس اسان کي ٻڌائي ٿي تہ علاج جو طريقو هيءُ آهي ۽ تباهيءَ ۽ موت جو طريقو هي: سائنس جي ذريعي موت جي شرح ۾ گهٽتائي واقع ٿئي ٿي، تہ لڙاين ۾ اُن جي ڏسي بيشمار ماڻهو

ماريا وجن ٿا ــ مطلب ته سائنس نلهي جاڻ ٿي آهي، جا چور جي به ڪم اچي ٿي ته ساڻ جي به، ٻري ڪم به اچي ٿي، چڱي ڪم به اچي ٿي، پر آها خواهش يا آهو آڏمو ۽ ارادو ، جيڪو مڙني تجربن مان مستفيد ٿي، ڏوپجي ۽ صاف ٿي، منظم ۽ مؤدب ٿي، اسان کي ٻڌائي ٿو ته هن موقعي تي هيءُ زيبا آهي ۽ هن موقعي تي هيءُ نازيبا آهي، فلسفو آن خواهش جي ، آن آڏمي ۽ ارادي جي تعمير ڪري ٿو . مطلب ته اسبابن ۽ وسيلن جي تعمير سائنس آهي ؛ ۽ غايتن ، اصل مصلحتن يعني مراد ، مقصد ۽ غرض جي چگاڻيءَ ۽ مداڻيءَ کي جانچڻ ۽ آنهن جي موزون ترتيب ۽ تعمير فلسفو آهي.

اڇڪلهه اسان جا وسيلا ۽ اسباب ايتري قدر وڌي ويا آهن، جو اسان جي نصب‌العين ۽ آدرش ۽ اسان جي مقصدن ۽ مرادن جي ضابطي کان ٻي اکثر نڪتل هجن ٿا. اِهوئي سبب آهي، جو اسان جي زندگي ايتري شور ۽ غوغا ۽ ورتل ۽ آن سان لبريز رهي ٿي، ۽ بنهه بي معنيٰ ٿي پيئي آهي . ڪو واقعو يا ڪا حقيقت خواهش يا مراد جي تعلق بغير ڪجهه نه آهي. حقيقت تڏهن ٿي مڪمل ٿيندي، جڏهن ڪنهن ڪُل جو جز هوندي ۽ ڪنهن مقصد سان منسوب هوندي . سائنس فلسفي کان سواءِ ، وسيلا ۽ اسباب قدر ۽ قيمت کان سواءِ ، چڱي مَندي جي ڪٽ ۽ تناسب کان سواءِ ، اسان کي ٻڌاهيءَ ۽ ماڻوسيءَ کان بچائي نٿا سگهن. سائنس اسان کي صرف فلسفو ڏيئي سگهي ٿو .

فلسفو، خاص طرح پنجن قسمن جي مطالعن تي مشتمل آهي: منطق، جماليات، اخلاقيات، سياسيات ۽ مابعدالطبيعات .

منطق فڪر ۽ تحقيق جي معياري طريقي جي مطالعي جو نالو آهي ، منطق انساني عمل جي جن صورتن کي سمجهڻ جي ۽ آنهن جي رهنمائيءَ جي ڪوشش ڪري ٿو، آهي هي آهن: مشاهدو خارجي ۽ مشاهدو باطني ، استخراج (عام مان خاص نتيجو ڪيڻ) ۽ استقراءِ (خاص مان عام نتيجو ڪيڻ)، مفروضا يا اندازا قائم

ڪرڻ، سنڌ يا اختيار جي تورتڪ، تحليل (چنڊ چاڙ) ۽ ترڪيب (ناهڻ ٺوهڻ)۔ اسان مان گهڻا اِن علم کي خشڪ تصور ڪن ٿا ــ پر انساني فڪر جي هيءَ هڪ عظيم حاصلات آهي، جنهن جي مدد سان خود انساني فڪر جي پنهنجي صداقت ۽ معتبريءَ جو فيصلو ٿئي ٿو۔ جماليات معياري صورت جو، يعني موزونيت يا حسن جو، مطالعو آهي ــ اِهو آرٽ جو فلسفو آهي۔ اخلاقيات معياري ڪردار جو مطالعو آهي ــ سقراط جو قول آهي ته "خير ۽ شر جو علم بهترين علم آهي۔ اِهو زندگيءَ جي سڃاڻپ جو علم آهي۔ سياسيات معياري معاشري ۽ اُن جي تعمير ۽ تنظيم جو علم آهي: اِهو هرگز عهدن حاصل ڪرڻ يا عهدن تي فائز رهڻ جو هنر نه آهي، جيئن عام طور سمجهيو ويندو آهي۔ بادشاهت، امير شاهي، جمهوريت، اشتراڪيت، نراجيت، وغيره، مڙيئي سياسيات جي علم جا موضوع آهن۔ مابعدالطبيعات ڪل شين جي اصل حقيقت جو مطالعو آهي۔ اِن ۾ مادي جي حقيقت دريافت ڪرڻ جو علم (وجوديات)، ذهن جي رسائيءَ يا انتها جي ڄاڻ جو علم (فلسفيانه نفسيات)، ۽ ذهن ۽ مادي، ۽ علم ۽ عمل جي باهمي تعلق جي ادراڪ جو علم (عمليات) شامل آهن۔ مابعدالطبيعات جي آڏو وڏيون دشوار منزلون موجود هجن ٿيون، ڇاڪاڻ ته اُن ۾ فلسفي جي بين صورتن وانگر حقيقت جي معيار جي روشني ڄاڻ يا اڳتي وڌڻ لاءِ ميسر ڪانه ٿي رهي۔

اِهي سڀ فلسفي جا حصا آهن۔ پر ائين اُن جي الڳ الڳ ڪرن جي-ڏسن ۾، ربط ۽ سلسلي جي گهوڻ بغير، ڪا مسرت نه آهي۔ فلسفي کي اُن جي ڪامل صورت ۾ ڏسڻ کپي۔ ۽ ائين فقط تڏهن ممڪن ٿي سگهي ٿو، جڏهن دنيا جا عظيم فيلسوف خود به مطالعي جا موضوع رهن، جو ته اُنهن جي سنگ ۾ اُنهن جي روحن جا شعاع انسان تي پوندا ۽ اسين به ڪنهن حد تائين فلسفي جي اُهڙا بهترين مسرت حاصل ڪري سگهنداسين، جنهن جو ليئونارڊو ذڪر ڪيو آهي، اُها مسرت جنهن کي فهم جو سُرور ۽ معرفت جي لذت چون ٿا۔

اِن سلسلي ۾ فلسفي جي متلاشيءَ کان ايمرسن پڇي ٿو: "چا، اِها تو کي ڄاڻ آهي ته سچي علم دوست جي، محقق جي، حق جي پياسيءَ جي سچائپ کڻڻي آهي؟" ۽ جواب ڏيندي، پاڻ ئي هن کي اُن جو ڏس ڏئي ٿو: چي، "هر شخص وٽ ڪجهه علم آهي، جو هن کان تون سکي سگهين ٿو، ۽ ان باري ۾ تون هن جو شاگرد آهين.... ۽ جڏهن کو خاص شخص، جيڪو فطرت جي ڄاڻ رکي ٿو ۽ غير معمولي ذهانت جو صاحب آهي، اسان سان گڏهه هولهه ڪري ٿو، ته ائين ٿو ڀانئجي ته ڪڏهن اسان جي پنهنجي من ۾ به اِهڙن ئي خيالن جي چمڪ وارد ٿي هئي، پر آها اسين جهڙي نه سگهيا هئاسون؛ ڪنهن گل جي خوشبوءِ اسان جي من کي به اڇي واسيو هو، پر اُن ۾ اصل گل ڏڙي نه سگهيو هو؛ اسان کي به تجربا حاصل ٿيا هئا، پر اسان اُنهن جي مخفي ۽ پراسرار معنائن کي دريافت نه ڪيو هو؛ حقيقت جو گيت اسان جي اِردگرد به گهايو پئي ويو پر اسان ۾ اُن جي رڳو ڀيهر پڌڻ جو به احساس نه جاڳيو هو: پر آهو خاص شخص آهو آلستي گيت ٻيهر، بلڪ هر هر ۽ سدائين پڌي ٿو ۽ سيارن جي موسيقي به هو پڌي ٿو—— ايتري قدر، جو هن کي معلوم آهي ته فيثاغورث جو چيو هو ته 'فلسفو موسيقيءَ جي اعليٰ ترين شڪل آهي'، اُن مان هن جي مراد يا مطلب چا هو! اچو ته اُنهن بي مثل لوڪن جون گالهيون پڌون، جيڪي هو پڌائڻ گهرن ٿا...."

ساڳيءَ اِنهيءَ طرح پوڙهي سقراط ڪرائٽو کي چيو هو: "تون مرد معقول بنجي وڃ، اِن گالهه جي مطلق پرواهه نه ڪر ته آهي (فلسفي جا عالي مرتبت شخص) چڱا آهن يا نه؛ تون رڳو فلسفي ڏي ڌيان ڏي، اُن کي سر کان پيرن تائين ڏس؛ جيڪڏهن اُن ۾ ڪو عيب نظر اچي ۽ اُن ۾ شر هجي، ته ڪوشش ڪر ته ڪوبه ماڻهو اُن جي ويجهو نه وڃي: پر جيڪڏهن اُن جي متعلق منهنجو خيال درست آهي ته فلسفو نور آهي، روح جو ڏيئو آهي، ته اُن جي روشنيءَ جي متابعت ڪر، اُن جي خدمت ڪر، ۽ جا

گاڙهه ڪرين حوصلي سان ڪر، جو قدم ڪٽين اُن روشنيءَ ۾ ڪڻ".

نوٽ:

1- برائوننگ (Robert Browning: 1812--1881)ـــ مهاراڻي وڪٽوريا جي پوئين تاريخي دور جي اعليٰ ترين شاعرن مان هڪ هو. هن جا ٽي شعر جا ڪتاب مشهور آهن:

"Dramatis Personae", "The Ring and the Book" ۽ "Men and Women"

2- دوستووسڪي (Fedor Dostoevsk :1821-) مشهور روسي اديب ۽ ناول نگار - هن پنهنجو مشهور ناول "برادرس ڪارامازوف" ١٨٨٠ع ۾ لکيو- نيتشي هن کي پنهنجن استادن مان هڪ استاد شمار ڪندو هو: هن تي دوستو وسڪيءَ جي ناول "جرم ۽ سزا" ۾ آندل موضوعن ـــ آزادي ۽ اقتدار، مقبول عام اخلاقيات جون حد بنديون، عوام ۽ اڳواڻن جي وچ ۾ تضاد، انسان ۽ انسان اعليٰ - بابت بيش ٽيل خيالن جو گهڻو اثر پيل هو.

3- ٿوريو (Henry David Thoreau :1817—1862):
آمريڪا جو مشهور فيلسوف ، فطرت جو پرستار ، جنهن شهري ڪاروبار کي ترڪ ڪري، جهنگل ۾ وڃي، سادي ۽ هيڪل زندگي اختيار ڪئي . هن جي تصنيف- "Walden or Life in the Woods" هڪ بي مثل تصنيف آهي.

4ـ ليئو ناربو (Leonardo da Vinci: 1452—1519):
دنيا جي چند غير معمولي ذهن رکندڙ شخصن مان شمار ٿئي ٿو؛ هڪ ئي وقت مصور، سنگ تراش، معمار، سائنسدان، انجنير ۽ موسيقيءَ جو ماهر هو. مصور جي حيثيت ۾ هن جي شهرت خاص طور بن تصويرن Last Supper ۽ Mona Lisa کري دنيا ۾ عام آهي.

5ـ افلاطون (Plato :428/427 — 347 B.BC) يونهنجي استاد سقراط (Socrates: 469—399B C) جي ۽ بئ يونهنجي فلسفيانه تعليم يونهنجي مشهور ڪتاب The Dialogues of Plato ۾ پيش ڪئي آهي، جنهن ۾ سقراط جو روءِ سخن اڪثر ڪرائٽو (Crito) نالي هڪ ڪردار ڏانهن ڏيکاريل آهي.

باب ڏيون

نيٽشي جا افڪار ۽ فلسفو

فريڊرڪ نيٽشي پرشيا (ڏڏهوڪي جرمنيءَ جي هڪ پرڳڻي) جي هڪ ننڍي شهر راڪن (Rocken) ۾، ۱۵ آڪٽوبر ۱۸۴۴ع ۾ پيدا ٿيو.

نيٽشي جديد يورپ جي اڏيندڙن مان هڪ هو. هو فيلسوف هو، ۽ هڪ ئي وقت شاعر-پيامبر، ماهر لسانيات، معلم اخلاق ۽ رفارمر (مصلح يا سڌارڪ =Reformer) پڻ هو. سڄيءَ دنيا جو سڌارو هن جي زندگيءَ جي مشن (Mission) يا مقصد حيات هو. جو شخص هن جي زندگيءَ جا واقعات غور ۽ خوض سان مطالعو ڪندو، اُهو ضرور اِن نتيجي تي پهچندو تہ نيٽشي هڪ مجدّد ۽ رفارمر جو شان رکندڙ هو. شبلي نعمانيءَ مجدّد ۽ رفارمر لاءِ هيٺيان شرط لازمي قرار ڏنا آهن:

(۱) مذهب، علم يا سياست ۾ ڪو مفيد انقلاب پيدا ڪري.

(۲) هن جو فڪر اِجتهادي هجي، تقليدي نہ هجي.

(۳) جسماني مصيبتون سٺيون هجنس، سر جي بازي لڳائي هجيس. ۽ اِن موجب ئي نيٽشي تحقيق دنياءِ اخلاق جو مجدّد ۽ رفارمر هو. هن مروج اخلاق جي قلعي کولي ڇڏي، عيسائيت جي ظاهريت کي ڌاهي پٽ ڪري ڇڏيو، ۽ اُن جي بدران اخلاق جو هڪ بهتر فلسفو دنيا جي اڳيان پيش ڪيو. هن کي اِن رستي ۾ جسماني ۽ روحاني، مطلب تہ هر قسم جون، مصيبتون ۽ تڪليفون سهڻيون پيون ۽ اُنهن ۾ ئي پنهنجي جند ۽ جان ڏنائين.

درمان ز درد ساز اگر خسته تن شوي،
خوگر به خار شو ک سراپا چمن شوي.

نيتشي، جو انقلاب پيدا کيو، آهو مفيد هو يا مضر، آن جو جواب مستقبل ڏيندو: پر اِن ڳالهه کان انکار نٿو کري سگهجي ته هن جا ڪي اصول نهايت معقول آهن. علامه اقبال نيتشي بابت جدا جدا وقتن تي هيٺ ڏنل نظم چيا آهن:

گر نوا خواهي ز پيش او گريز،
در نئي کلکش غريو تند است.
نيشتر اندر دل مغرب فشرد،
دستش از خون چليپا احمر است.
آنکه بر طرح حرم بتخانه ساخت،
قلب او مؤمن دماغش کافر است.
خويش را در نار آن نمرود سوز،
زانک بستان خليل از آذر است.

"پيام مشرق"

علامه اقبال فريڊرک نيتشي کي "حڪيم المانوي نطشه" سڏيو آهي:

من به رومي گفتم اين ديوانه کيست؟
گفت "اين فرزانهء المانوي است.
درميان اين دو عالم جاي او ست،
نغمهء ديرينه اندر نواي او ست.
باز اين حلاّج بي دار و رسن،
نوع ديگر گفته آن حرف کهن.
حرف او بي باک و افکارش عظيم،
غربيان از تيغ گفتارش دونيم.
همنشين بر جذبه او پي نبرد،
بندهء مجذوب را مجنون شمرد.

با پزشکان چیست غیر از ریو و رنگ،
وای مجذوبی که زاد اندر فرنگ.
ابن سینا بر بیاضی دل نهد،
رگ زند یا حبّ خواب‌آور دهد،
بود حلاّجی بشهر خود غریب،
جان ز مُلاّ بُرد و کُشت او را طبیب.

"جاوید نامه"

مرد رهدانی نبود اندر فرنگ،
پس فزون شد نغماش از تار چنگ.
راهرو را کس نشان از ره نداد،
صد خلل در واردات او فتاد.
نقد بود و کس عیار او اورا نکرد،
کارداني مردِ کار او را نه کرد،
عاشقي در آه خود گم گشتهء!
سالکي در راه خود گم گشتهء!
مستيء او هر زجاجي را شکست،
از خدا ببرید و هم از خود گسست.
خواست تا بیند بچشم ظاهري،
اختلاط قاهري با دلبري.
خواست تا از آب و گل آید برون،
آنچه او جُوید مقام کبریا ست،
این مقام از عقل و حکمت ماورا ست.
زندگي شرحِ اشارات خودي است،
لا و اِلاّ از مقامات خودي است.
او بـ لا درماند تا اِلاّ نرفت،
از مقامِ عبده بیگانه رفت.

"جاوید نامه"

با تجلي هم کنار و بي خبر!
دورتر چون ميوه از بيخ شجر،
چشم او جز رويت آدم نخواست،
نعره بي‌باکانه زد "آدم کجاست"؟
ور نه او از خاکيان، بيزار بود،
مثل موسي طالب ديدار بود،
کاش بودي در زمان احمدي،
تا رسيدي بر سروري سرمدي،
عقل او با خويشتن در گفتگو ست،
تو ره خود رو، که راه خود نکوست،
پيش نه گامي که آمد آن مقام،
کاندرو بي حرف مي روييد کلام.

"جاويد نامه"

علامه اقبال پئي هنڌ نيٽشي متعلق ٿو چوي:

حريف نکته توحيد هو سکا نه حکيم،
نگاه چاهيے اسرار لا إله کے ليے،
خدنگ سينه گردون هے اس کا فکر بلند،
کمند اس کا تخيل هے مهر و مه کيليے،
اگرچه پاک هے طينت مين راهبي اس کي،
ترس رهي هے مگر لذت گنه کيليے!

"ضرب کليم"

نيٽشي علمي ۽ اصطلاحي معنائن ۾ فيلسوف نه هو، پر خود نيٽشي جي قول مطابق ته "حقيقي فيلسوف آهي ماڻهو آهن، جي قانون‌ساز آهن، حڪمران آهن، ۽ پنهنجي دؤر جي خلاف جنگ جوئين ٿا"، هو بيشڪ فيلسوف هو: نيٽشي فطرتي ضناع هو، ۽ لسانيات جي تعليم هن جي اُن وصف کي دوبالا ڪيو ۽ چمڪايو. چنانچه هن جي تصنيفن، خاص ڪري "بقول زردشت"، ۾ ڪيترن

هنڊن تي اهڙيون عبارتون ملنديون ، جي لطافت ، شيريني ۽ شان شوڪت ۾ نٿمن جي همسري ڪن ٿيون . هن جي دلڪش عبارت آرائي ۽ لطيف مضمون نگاري هن جي نالي کي هميشه زنده رکندي.

لسانيات ۽ علم حيات نيتشي جي ابتدائي مطالعي جا دلپسند موضوع هئا. هن فڪري لحاظ کان ، انساني تهذيب و تمدن جي مسئلن جي سلجهائڻ ۾ خاص دلچسپي وٺندو هو . ائين برابر آهي ته هن ڪتابن مان گهڻو ۽ زندگيءَ مان ٿورو فائدو ٿي ورتو . هن جا نظريا ۽ خيال ، جن تي هن پنهنجي سڄي ڪوشش صرف ڪئي ، مختصر طور هي هئا :

(۱) دنيا مجموعي طور نه چڱي آهي نه بڇڙي ، ۽ اُن جو ڪو غرض يا غايت به ڪانهي. اُها هڪ پرپيچ صنعت جو مظهر آهي، جنهن جو اعادو يا وري وري جنم ٿيندو رهي ٿو .

(۲) هيستائين نوع انسان جو به ڪو نصب‌العين ڪونه هو. هن کان پوءِ هڪ خود ساخته نصب‌العين کارآمد ثابت ٿي سگهيو ٿي ، ۽ اُهو انسان جي قوّت ۽ صلاحيت جي واڌاري جو سبب بڻبو . اُهو نصب‌العين "فوق‌البشر" جي هٿان قائم ٿي سگهي ٿو ـ "فوق‌البشر" ، جيڪو زندگيءَ کي بهتر بنائڻ جي تحريڪ ۽ "ارادي جي قوت" جو مظهر هجي .

(۳) هر اُن مذهب ۽ هر اُنهيءَ قانون جي مجموعي ، سياست ۽ اخلاقي سرشتي کي، جو زندگيءَ جو ضد يا اُن جو انڪار هجي، ۽ جو "فوق‌البشر" جي ظهور ۾ رندڪ بنجي ۽ اُن جي دير جو سبب ٿئي، نيست ۽ نابود ڪرڻ گهرجي.

(۴) مسيحي مذهب ، جنهن ۾ رڳو غلامن جي اخلاقيات جو اهتمام ڪيل آهي، حيات انسانيءَ جو سڀ کان وڏو دشمن آهي ، چو ته اُهو "انتخاب فطري" يا "انتخاب طبيعي" جو ضد آهي ، ۽ انهيءَ خيال کان اُهو دنيا ۾ سڀ کان وڏي چيڀي ۽ انسانيت تي هميشه رهڻ وارو داغ آهي.

(۵) چاڪاڻ ته "فوق‌البشر" جي ظهور ۾ اڃا عرصو درڪار

آهي، تنهنڪري سردست مقصد هي هجڻ ڪپي ته ممتاز شخصن جي هڪ جماعت پيدا ڪئي وڃي ، جيڪا بهرحال عارضي هوندي، پر اُن جي فڪر ۽ عمل جي نتيجي ۾ "فوق‌البشر" جو ظهور ممڪن ٿي سگهندو.

(٦) قوت انساني ۽ جي ترقيءَ جي راه ۾، فوري طور، هيٺيون تدبيرون اختيار ڪرڻ ڪپن:

(الف) نڪاح جي موجوده قانونن تي، تمدني ضرورتن مطابق، نظر ثاني ڪرڻ.

(ب) نئين انساني نسل کي، خاص طرح نوجوانن کي، مناسب تعليم ڏيڻ .

(ج) متحده يورپ قائم ڪرڻ.

(د) مسيحي مذهب کي نيست ۽ نابود ڪرڻ.

نيٽشي جي صحت اڪثر خراب رهي، جنهنڪري هو پنهنجي فڪر کي پوريءَ طرح قلمبند ۾ نه ڪري سگهيو ۽ جو ڪجهه لکيائين اُهو هڪ هنڌ جمع ۾ نه ڪري سگهيو. هن جون تحريرون جڏ ته اوراق پريشان هيون. هن جا اڌ ۾ رهيل ڪتاب، جهڙوڪ "آغاز حزن" "بي‌وقت خيالات"، "بقول زردشت"، "اخلاقيات جي ابتدا"، "واگنر جي حيثيت"، ۽ "تردید مسيحيت"، ڪافي حد تائين هن جي خاص تصنيفن جو درجو رکن ٿا. اُنهن کان علاوه هن جي لڳ ڀڳ ۴۲۰۰ مقولن ، ضرب‌الامثال ، خطبن ۽ بين متفرقه خيالن جو هڪ مجموعو ۾ آهي. انهيءَ ڪري هن جي فلسفيانه خيالن ۽ مسئلن کي مرتب ڪرڻ هڪ بيحد مشڪل ڪم آهي. هن جي تصنيفي ڪم جي اُن بي ترتيبيءَ جي بچاءَ ۾ ائين چيو وڃي ٿو ته هو هڪ غير مستقل مزاج ماڻهو هو، هن جي طبع جي نشيب و فراز جي هيءَ ڪيفيت هٿي ته مشڪل سان هن جو اهڙو ڪو مضمون ملندو ، جنهن جو هڪ بيان ٻئي بيان جي تردید نه ڪندو هجي. ليڪن هن جي بچاءَ ۾ هيءَ ڪو ايڏو پورو دليل نٿو ٿي سگهي.

هن جي مدافعت هڪ ٻئي طريقي سان به ڪئي ٿي وڃي ،

جيڪا البت هن جي حال موافق آهي: "نيتشي جون ڪمزوريون ۽ غلطيون ڪجهه به هجن، جيڪڏهن هن جي محفوظ طرز زندگيءَ تي نظر ڪئي وڃي، هن جي آزاديءَ ۽ بي فڪريءَ جو خيال ڪيو وڃي، ۽ اِن ڳالهه کي مدنظر رکيو وڃي ته هن کي غريبن ۽ بيڪسن جي زندگيءَ جي حالات جو رتيءَ برابر به علم نه هو، ته پوءِ اِهي ڪمزوريون نظرانداز ۽ اِهي غلطيون درگذر ڪرڻ جي لائق ٿي سگهن ٿيون.... هو پنهنجي صحت جي خرابيءَ جي باوجود پنهنجي دؤر جي خلاف جنگ جوڙيندو رهيو، ۽ حق هو يا ناحق، هو هميشه شهسواري حملي کي پياده حملن تي ترجيح ڏيندو هو.... ائين برابر آهي ته هن 'ڪيڏانهن' ۽ 'ڪٿان' ۽ 'ڇو' جا مسئلا حل نه ڪيا. پر اسين به ته اڃا افلاطون جي تصوراتي غار ۾ ئي آهيون .... ليڪن نيتشي 'فوق‌البشر' جي شاندار تحريڪ اسان اڳيان پيش ڪئي، جا شاعر، سوئنبرن (۱۸۳۷–۱۹۰۹ع) جي قصيدي 'مدح‌الانسان' جو لطيف مظهر آهي.... جنهن جو ماحصل هيءُ آهي:

'انسان' جنبش ڪئي (آڇل ڪاڏي) ۽ پنهنجي پيرن جون ڪڙيون ۽ زنجيرون ٽوڙي ڇڏيون. نفس انسان لاءِ دستور العمل آهي، ۽ دماغ انسان لاءِ مشعل هدايت، روح ۽ حق هڪئي سان وابسته آهن، ۽ علم جو خزانو انسان وٽ محفوظ آهي. افراد انساني فاني آهن، مگر خود انسان غير فاني. افراد جي زندگيءَ کي فنا آهي، مگر حيات انسانيءَ کي فنا نه آهي. انسان هڪ نهايت شاندار جوهر آهي، ڇاڪاڻ ته هو مڙني شين جو مالڪ آهي".

باب چوٿون

نيٺشي ۽ ڊاڪٽر اقبال جو فلسفہ خودي

'خوديءَ' کي عربيءَ ۾ 'آنا'، سنڌيءَ ۾ 'آءٌ پڻو' يا 'آپو' ۽ انگريزيءَ ۾ Ego چوندا آهن. لفظ 'آءٌ' يا 'مان' جو بار بار استعمال خود پسنديءَ يا خود ثنائيءَ يعني پنهنجي ساک جي خيال کان ٿيندو آهي يا کيو ويندو آهي. 'خوديءَ' جي لغوي معنيٰ هٿ، وڏائي يا ايمان آهي. عزازيل، جو فرشتو هو ۽ ملائڪ مقربن مان هو، تنهن هٿ ۽ ايمان کيو، جنهن لاءِ فارسيءَ واري چيو آهي:

تکبر عزازيل را خوار کرد،
بہ زندان لعنت گرفتار کرد۔

۽ جنهن لاءِ شاهہ رحہ چوي ٿو تہ:

خودي ۽ خدا کين ماپندا من ۾،
بين ترارن جاءِ، ناهي هک ميان ۾۔

۽ اُن تي اقبال، عزازيل کي مخاطب ٿي، چيو:

کھودئيے انکار سے تو نے مقامات بلند،
چشم يزدان ميں فرشتوں کی رہی کيا آبرو؟۔

اُن عزازيل الله تعاليٰ جي حڪم جي نافرماني ڪئي ۽ آدم عليہ السلام اڳيان هو نہ جهڪيو، جنهن سبب هو تڙجي ٻاهر ٿيو ۽ ابليس يا شيطان سڏيو ويو، ۽ مٿس لعنت ۽ ملامت قيامت تائين وسائي ويئي. اِدو هو پهريون واقعو خوديءَ جو.

ڈاڪٽر اقبال جي شهرت شاعر جي بنسبت فيلسوف جي حيثيت سان گهڻي آهي. سندس ڪلام ۾ هونئن گهڻيئي فلسفيانه خيال ملن ٿا، پر سندس نالي ۽ ڪلام جنهن شيءِ کان شهرت ابدي حاصل ڪئي آهي، اُها هن جو 'فلسفهء خودي' آهي- پر اُن خودي‌ءَ مان مطلب ۽ مراد هڪ، ايمان، غرور يا تڪبر نه آهي، جيئن پاڻ ئي فرمايو اٿن:

خودي کي تندي و شوخي مين کبر و ناز نهين،
جو نياز بهي هو تو بے لذتِ نياز نهين.

بلڪ اُن 'خودي‌ءَ' مان اُهو 'استقلال ذاتي' مراد آهي، جو هر مخلوق جي علم ۽ عقل کي هڪ مخصوص دائري ۾ نمايان ڪري ٿو، ۽ هن جسي نشو و نما، ترقيءَ ۽ باليدگيءَ، آپرڻ ۽ اسرڻ ۽ واڌاري ڪرڻ جو سامان مهيا ڪري ٿو. اِنهيءَ ڪري خودي جوهر آهي، ڪثافت نه آهي ــ گويا آفتاب آهي، آفتاب جو سايو نه آهي ــ مطلب ته اُها زندگيءَ جي حقيقت آهي، زندگيءَ جو سچ آهي. اِهو آهي تصور يا تخيل خودي‌ءَ بابت ڈاڪٽر اقبال جو ــ جيئن چيو اٿن:

خودی را حق بدان باطل مپندار،
خودی را کشتِ بي حاصل مپندار.

ڈاڪٽر اقبال جو هيءُ فلسفهء خودي جرمني‌ءَ جي شهره آفاق، انسان جي زبردست مطالعه فيلسوف نيٽشي، جي افڪار مان ورتل چيو ويو آهي. چنانچه جڏهن ڈاڪٽر اقبال جي مثنوي "اسرار خودي" جو انگريزي‌ءَ ۾ ترجمو پروفيسر نڪلسن ڪيو، ته انگريزي‌ءَ جي تنقيد نگارن پنهنجن تبصرن ۾ هي خيال ظاهر ڪيو ته اُهو فلسفو نيٽشي جي فڪر ۽ خيال تان ورتل آهي. بهرحال، ڈاڪٽر اقبال نڪلسن کي هڪ خط ۾ بروقت لکيو ته

"ڪن .... تنقيد نگارن سطحي مشابهت ۽ مماثلت مان، جا منهنجي ۽ نيٽشي جي خيالن ۾ ڏسڻ ۾ اچي ٿي، هڪ دو کو ڪاڏو آهي ۽ هو هڪ غلط رستي تي پٽجي ويا آهن. ڊي.

اينئر جي مضمون ۾ جيڪي خيال ظاهر ڪيا ويا آهن، اُهي گهڻيءَ حد تائين حقائق جي غلط فهميءَ تي مبني آهن، پر آن جي ذميداري صاحب مضمون تي به عائد نه ٿي ٿئي، ڇو ته هو 'انسان ڪامل' جي متعلق منهنجي تخيل کي صحيح طور تي نه سمجهي سگهيو آهي. اهوئي سبب آهي، جو هن غلط بحث ڪري، منهنجي 'انسان ڪامل' ۽ جرمن مفڪر جي 'فوق البشر' کي هڪ ئي شيءَ فرض ڪيو آهي. مون اڄ کان تقريباً ويهه سال اڳ 'انسان ڪامل' جي متصوفانه عقيدي تي قلم کنيو هو، ۽ هي اُهو زمانو آهي جڏهن نه ته نيٽشي جي عقائد جو غلغلو منهنجن ڪنن تائين پهتو هو ۽ نه هن جا ڪتاب منهنجي نظر مان گذريا هئا...»

ان عبارت مان صاف ظاهر آهي ته ڊاڪٽر اقبال کي نيٽشي جي تقليد ۽ تتبع کان بلڪل انڪار آهي، بلڪ ٻئي موقعي تي هن کليل دعوا ڪئي آهي ته

«'اسرار خودي' جو فلسفو صوفين ۽ حڪيمن جي افڪار ۽ مشاهدات مان ورتل آهي، ٻيو نه نهيو، پر 'وقت' متعلق برگسان (1859—1941) جو فڪر به اسان جي صوفين لاءِ ڪا نئين شيءَ نه آهي.»

هتي سوال ٿو پيدا ٿئي ته ڇا، سچ پچ ڊاڪٽر اقبال جي دعوا مطابق «اسرار خودي» جو فلسفو مسلمان صوفين ۽ حڪيمن جي افڪار ۽ مشاهدات مان ورتل آهي؟ ان سوال جي جواب لاءِ اسان کي سڀ کان پهريائين «اسرار خودي» جي فلسفيانه اجزاء جي تحليل ڪري ڏسڻو آهي ته ڊاڪٽر اقبال جي اها دعوا ڪيتري قدر صحيح آهي!

هن موقعي تي اهو ياد رکڻ گهرجي ته «اسرار خودي» جا اجزاء ۽ مقدمات نهايت مبهم، مليل جُليل ۽ نامڪمل طور بيان ٿيل آهن، ۽ جيستائين ڊاڪٽر اقبال جي سڄي ڪلام کي آڏو نه

رکيو وڃي ، تيستائين رگو "اسرار خودي" جي اجزاء ۽ مقدمات کي پوريءَ طور سمجهڻ مشڪل ٿيندو. بهرحال، هتي فوري سوال رگو "اسرار خودي" جي فلسفي بابت آهي ، جنهن لاءِ چيو ويو آهي ته اهو مسلمان صوفين ۽ حڪيمن جي افڪار ۽ مشاهدات مان ماخوذ آهي: تنهنڪري اسان کي فوري طور تصديق فقط اِها ڪرڻي آهي. "اسرار خودي" ۾ خودي‌ءَ جي فلسفي جا جيڪي اجزاء ۽ مقدمات بيان ڪيا ويا آهن، اُنهن جي ترتيب هن ريت آهي:

(۱) "هن بيان ۾ ته دنيا جو نظام خودي‌ءَ کان آهي، ۽ زندگي‌ءَ جو جاري هجڻ ۽ وجود جو مقرر وقت خودي‌ءَ جي استحڪام تي منحصر آهي".

اِن جز متعلق ڊاڪٽر خليفي عبدالحڪيم (جو هڪ اعليٰ درجي جي فيلسوف ۽ نقاد هڻڻ کان علاوه، علامه اقبال جي عقيدتمند احباب مان آهي)، اِن بحث تي "رومي، نيٽشي ۽ اقبال" جي عنوان تحت نهايت جامع ۽ مفصل مضمون لکيو آهي، جنهن ۾ چوي ٿو ته

"خودي‌ءَ جي فلسفي جي بنياد بابت ('اسرار خودي' جي صفحي ۱۲ تي) جيڪي اشعار آهن، اُهي نيٽشي کان ورتل آهن، جنهن جو فلسفو هو ته عين ذات يا حقيقت وجود هڪ 'آنا' مان اُڌميل آهي ، عمل اُن جي فطرت آهي : اخلاقي عمل، پيڪار ۽ نشو و نما لاءِ اُن پنهنجو 'غير' پيدا ڪيو ، ته جيئن پيڪار ۽ اُن جي ذريعي امڪان' ارتقا جو صورت پذير ٿئي. اِن فلسفي کي جيئن جو تيئن ڊاڪٽر اقبال پنهنجي بليغ ۽ رنگين انداز ۾ اهڙيءَ طرح بيان ڪيو ، جو فلسفي جو خشڪ صجرا گلزار بنجي ويو — مثلاً :

پيڪر هستي ز آثار خودي است ،
هرچه مي بيني ز اسرار خودي است .

خويشتن را چون خودي بيدار کرد ،
آشڪارا عالم پندار کرد ،

صد جهان پوشیده اندر ذات او،
غیر او پیدا ست از اثبات او.
در جهان تخم خصومت کاشت ست،
خویشتن را غیر خود پنداشت ست.
سازد از خود پیکر اغیار را،
تا فزاید لذت پیکار را.
می کشد از قوت بازوی خویش،
تا شود آگاه از نیروی خویش.
بهر یک گل خون صد گلشن کند،
از پیء یک نغمه صد شیون کند.

عذر این اسراف و این سنگین دلی،
خلق و تکمیل جمال معنوی.

شعله های او صد ابراهیم سوخت،
تا چراغ یک محمد بر فروخت.

("اسرار خودي")

"هي سپ نيٽشي جو فلسفء انا ۽ فلسفء حيات آهي. جيتري قدر اقبال جي فکر جي بنياد جو تعلق آهي، بنسبت نيٽشي جي هو فڪٽي کان وڌيڪ متاثر ٿيل آهي، جنهن جي ڪشمڪش حيات ۽ اخلاق ۽ روحانيت جي به چاشني آهي، جا نيٽشي ۾ ايتري قدر نمايان نه آهي. فڪٽي هڪ خاص انداز جو موجد هو، ۽ نيٽشي منڪر خدا آهي".

(۲) "هن بيان ۾ ته خودي۽ کي ناس ڪرڻ جو سلسلو انسان ذات جي مغلوب قومن جو پيدا ڪيل آهي، جي لڪل طريقي سان غالب قومن کي ڪمزور ڪن ٿيون".

اِن سلسلي ۾ ، هڪ مستقل عنوان هيٺ ، "اقبال نامہ" (ص ۴۷۳) ۾ افلاطون تي جا تنقيد ٿيل آهي ، آها ڊاڪٽر خليفي عبدالحڪيم جي لفظن ۾ ، ڊاڪٽر اقبال نيتشي کان ورتي آهي .

(۳) "هن بيان ۾ ته خودي جي تربيت جون ٽي منزلون آهن: پهرين منزل کي اطاعت، بيءَ منزل کي ضبط نفس ۽ ٽينءَ کي نيابت الاهي چون ٿا":

۽ اِن جز متعلق ڊاڪٽر خليفو عبدالحڪيم لکي ٿو ته "اِنهن ٽن منزلن مان پهرين منزل ۾ خودي کي آٿ سان مشابهت ڏني ويئي آهي—

خدمت و محنت شعار اشتر است،
صبر و استقلال کار اشتر است.
گام او در راهم کم غوغاستي،
کاروان را زورق صحرا ستي.
نقش پايش قسمت هر بيشه،
کم خور و کم خواب و محنت پيشه.
مست زير بار محمل مي رود،
پاي کوبان سوي منزل مي رود.

("اسرار خودي")

"۽ اِهو خيال به هوبهو نيتشي کان ورتل آهي ، باقي ٽن منزلن جو خيال ڊاڪٽر اقبال اسلاميات مان ورتو آهي .

"نيتشي وٽ به خودي جي تربيت جون ٽي منزلون آهن ، جن مان هڪ ساڳي آها 'آٿ جي منزل' آهي . نيتشي جو چوڻ آهي ته 'روح حيات' ٽن منزلن مان لنگهي ٿو — يا هيئن چئجي ته آهو پنهنجي هيئت جي تبديليءَ ۾ هڪٻئي پٺيان ٽي صورتون اختيار ڪري ٿو: پهرين منزل يا صورت ۾ هو آٿ آهي، بيءَ ۾ شينهن ۽ ٽينءَ ۾ بار. آٿ واريءَ صورت ۾ روح نهايت صبر ۽ جبر سان پاڻ تي فرض ۽ 'آمر و نهيءَ' جو بار کڻي ٿو. آن کان پوءِ هو جڏهن بار برداريءَ

۽ جبر جي احڪامن مان نڪري هيئت اختياريءَ ۾ اچي ٿو ، ته شينهن ٿي ٿو وڃي. ليڪن گهٽي اقدار (انسانيت جي بلنديءَ) پيدا ڪرڻ لاءِ هن لاءِ ضروري ٿئي ٿو ته ٽيئءَ صورت ۾ اچي ، يعني ٻار جي صورت ۾، جنهن ۾ معصوميت آهي. اقبال نيٽشي جي هنن ٽن منزلن مان رڳو آٿ واريءَ منزل کي کنيو آهي، جنهن ۾ اقبال جون ٻ منزلون، يعني اطاعت ۽ ضبط نفس جون، موجود آهن. نيٽشي وٽ جيڪا شينهن جي منزل آهي ، اُن کي ٻ اقبال ٻئي هنڌ بيان ڪيو آهي، پر ٻئي هڪ سلسلي ۾".

جيتوڻيڪ ڊاڪٽر خليفي عبدالحڪيم اسان کي اِهو نه ٻڌايو آهي ته ڊاڪٽر اقبال آها 'شينهن واري منزل' کٽي ۽ کڻڻي سلسلي ۾ بيان ڪئي آهي، پر جيڪڏهن آها منزل 'جبر' مان منجي 'اختيار' ۾ اچڻ جي آهي، ته ڊاڪٽر اقبال اُن جو ٻ "اسرار خودي" ۾ ٿي بيان ڪري ڇڏيو آهي:-

تـو هـم از بـار فرائض سر متاب،
بـر خـوري از عـنـده حسن الماب.
در اطاعت كوش اي غفلت شعار،
ميشود از جـبـر پـيـدا اختـيـار.

("اسرار خودي")

(ع) "هڪ پکيءَ جي گالهه، جو اڄ ۾ بيقرار هو":

اِن سلسلي ۾، ڊاڪٽر اقبال جا 'ريزه الماس ۽ شبنم' تي جي شعر آهن، سي، ڊاڪٽر خليفي عبدالحڪيم جي لفظن ۾ سنئون سڌو نيٽشي جي زير اثر لکيا ويا آهن:

طائري از تشنگي بيتاب بود،
در تن او دم مثال موج دود.

ريـزهء الماس در گـلـزار ديد،
تشنگي نـظـارهء آب آفـريـد.

از فریب ریزهء خورشید تاب،
مرغ نادان سنگ را پنداشت آب.
طائر از الماس کام دل نیافت،
روي خویش از ریزهء تابنده تافت.
حسرت اندر سینهاش آباد گشت،
در گلوي او نوا فریاد گشت.

("اسرار خودي")

(د) "الماس ۽ زغال جي ڪالهه":

ڈاڪٽر خليفي عبدالحڪيم جي لفظن ۾ "ان جو مضمون به نيٽشي کان ماخوذ آهي. نيٽشي جي اخلاقيات جو ٻهريون اصول، جو هُن جي مذهب جو ڪلمو آهي، سو آهي ته 'سخت ٿي وجو!' ان ٻنهنجي اصول جي تشريح ۾ نيٽشي به ان قسم جي استعارن کان ڪم ورتو آهي".

(٦) "وقت تلوار آهي":

ان عنوان سان ڈاڪٽر اقبال جرمن فيلسوف برگسان جو "وقت جو فلسفو" بيان ڪيو آهي ۽ امام شافعيءَ جي هڪ قول سان ان جي تائيد ٻڌ ڪئي آهي، پر ڈاڪٽر خليفو عبدالحڪيم لکي ٿو ته "امام شافعيءَ جي هڪ قول 'الوقت سيف' تحت ڪو فلسفو نه هو. جيڪو فلسفو اقبال، برگسان کان ورتي، ان قول جي تفسير ۾ پيش ڪيو آهي، اهو خود امام صاحب جي سمجهه ۾ نه اچي ها- چاڪاڻ ته هُن (امام شافعي) جي پاڪيزگي ۽ پرهيزگاري اهڙن افڪارن کان گريزان ۽ پاسو ڪندڙ هئي."

ڈاڪٽر اقبال جي 'فلسفهء خودي' جا اهي سڀ اجزا ۽ مقدمات مغربي فيلسوفن، خاص ڪري نيٽشي، جي فلسفي مان ورتل آهن. ڈاڪٽر خليفو عبدالحڪيم لکي ٿو ته "ٻنهنجي شاعريءَ جي ان دور ۾، جنهن ۾ 'اسرار خودي' تصنيف ڪئي ويئي، ڈاڪٽر اقبال نيٽشي کان متاثر هو... داخلي شاهدين کان سواءِ، جيڪي 'اسرار خودي' ۾

ڪثرت ۽ وضاحت سان سڀي سگهن ٿيون، مون کي اِن بابت شخصي طرح به ڪجهه معلومات حاصل آهي. يورپ جي قيام (انگلستان ۽ جرمني ۾، ۱۹۰۵ کان ۱۹۰۸ تائين) جي دوران، ڈاڪٽر اقبال کي اِن 'مؤمن قلب ۽ ڪافر دماغ مجذوب' (نيٽشي) جو فلسفو گهڻو دلڪش معلوم ٿيو...."

داخلي شاهدين ۽ ڈاڪٽر خليفي عبدالحڪيم جي ذاتي معلومات کان سواءِ، ان سلسلي ۾ خارجي ثبوت به موجود آهي، ۽ اُهو هيءُ آهي ته "خطبهء زرتشت" يا "بقول زرتشت" فريڊرڪ نيٽشي جو ڪتاب پهريون دفعو جرمن پوليءَ مان انگريزي زبان ۾ ٿامس ڪامن (Thomas Common) ۱۹۰۵ء ۾ ترجمو ڪيو. اُن وقت ڈاڪٽر اقبال ٽرينٽي ڪاليج، ڪيمبرج، ۾ شاگرد هو: تنهنڪري ناممڪن آهي ته مشهور و معروف جرمن فيلسوف، فريڊرڪ نيٽشي، جي عقيدن جو غلغلو ڈاڪٽر صاحب جي ڪنن تائين نه پهتو هجي يا هُن جا ڪتاب سندس نظر مان نه گذريا هجن. مثنوي 'اسرار خودي' سنه ۱۹۱۵ء ۾ شايع ٿيو، يعني "بقول زرتشت" ڪتاب جي انگريزي پوليءَ ۾ شايع ٿيڻ کان ڏهه سال پوءِ.

ڈاڪٽر خليفو عبدالحڪيم پڻي موقعي تي لکي ٿو ته ڈاڪٽر اقبال جي "'پيام مشرق' ۾ نيٽشي جو اثر ايترو قدر واقعي نمايان نه آهي جيترو 'اسرار خودي' ۾ .... ۽ طبقاتي حيثيت يعني سماجي درجي يا حالتن جي مدنظر نيٽشي وٽ، جو اخلاق ۾ قسمن جا آهن-هڪڙا آقائي ۽ پيا غلامانه، جيئن صداقت جي تلاش، جرئت، زندگيءَ کي لذت ۽ تلخيءَ، نفعي ۽ نقصان سان نه ماپڻ، ۽ هر قسم جي اثبات ۽ حيات افزا فعاليت آقائي اخلاق جا مظاهر آهن، ۽ پيا غلامانه، جيئن هر قسم جي بزدلي، عجز، توڪل، نرمي، مطلب ته هر قسم جون فراري ۽ انفعالي صورتون، فرمانبرداريءَ ۽ عاجزيءَ واريون، غلامانه اخلاق جا مظاهر آهن— نيٽشي جي اخلاقيات جي اِهائي تقسيم اقبال به قبول ڪري ٿو. 'اسرار خودي' ۾ گهڻي قدر اِن جي ئي تبليغ ڪئي آهي: جيئن:

ممکنات قوت مردان کار،
گردد از مشکل پسندي آشکار.

.....

زندگاني قوت پيداستي،
اصل او از ذوق استيلاستي.
عفو بيجا سردي‌ء خون حيات،
سکته‌ء در بيت موزون حيات.

.....

چهره در مشکل تن آساني نمود،
دل ز دست صاحب قوت ربود.

.....

زندگي کشت است و حاصل قوت است،
شرح رمز حق و باطل قوت است.
مدعي گر مايه‌دار از قوّت است،
دعوي‌ء او بي نياز از حجّت بود.

("اسرار خودي")

ڈاڪٽر اقبال جي ڪن نقادن، دفاعي طور، اِن جي جواب ۾، نيٽشي ۽ ڈاڪٽر اقبال جي فلسفي ۾ فرق ۽ امتياز ڏسڻ ۽ پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. خود ڈاڪٽر خليفو عبدالحڪيم به، ايتري چوڻ کان پوءِ، دفاعي ۽ توضيحي طرز اختيار ڪندي، لکي ٿو:

"نيٽشي جي افڪار مان ڈاڪٽر اقبال کي فقط تعمير خودي ۽ استحڪام خودي ۽ عروج آدم جا مضمون پسند آيا — نيٽشي وٽ تخريبي افڪار، بنسبت ترڪيبي افڪار، ڪثرت سان ملن ٿا، ۽ انهن ۾ جلال جو پهلو جمال جي پهلوءَ تي ايتري‌قدر غالب آهي، جو هستي محض هڪ ميدان ڪارزار بنجي ٿي وڃي — اقبال خودي‌ء سان گڏ هڪ بيخودي‌ء جو فلسفو به رکي ٿو، ۽ هڪ کي ٻئي کان سواءِ ناقص سمجهي ٿو. نيٽشي وٽ انفرادي خود اختياري‌ء جو

ايتري قدر زور آهي، جو فرد جو رشتو ملت ۽ ڪائنات سان نهايت مبهم ۽ غير معين رهجي ٿو وڃي ــ وٽس ظاهري يا اڳرائي ۽ جارحيت غالب آهي. اقبال جي نصب‌العين ۾ ناز سان گڏ نياز به آهي، دعوا سان گڏ تسليم ۽ رضا به آهي. نيٽشي جمهوريت ۽ مساوات جو دشمن آهي، ۽ غريبن ۽ ڪمزورن لاءِ هن وٽ نفرت جي احساس کان سواءِ ڪجهه نه آهي: اقبال به جمهوريت جي موجوده شڪلين کي فريب سمجهي ٿو، پر هو هڪ اعليٰ سطح تي مساوات جو متلاشي آهي. نيٽشي وٽ صداقت جو معيار قوت کان سواءِ ڪجهه نه آهي، هن جي تنازع للبقا جو انداز ظالمانه، بيرحمانه ۽ جابرانه آهي: اقبال اعليٰ درجي جو موحد آهي، سڄي نوع انساني ۽ کي اپارڻ ۽ جاڳائڻ گهري ٿو. نيٽشي جي نظر فقط چند ڪامل افراد تي آهي، جي سڄي پيڪار حيات جو ماحصل آهن ــ عمن ڌارون جي نظريءَ حيات تي اخلاق ۽ فلسفي جو بنياد رکيو ــ ۽ سندس خيال هو ته اينڊز انسان موجوده انسان کان ايترو‌ئي مختلف ٿي سگهي ٿو جيترو موجوده انسان ڪينئن ۽ ماڪوڙن کان مختلف ٿي ويو آهي: ۽ سندس اهو خيال انساني نصب‌العين ۾ وڏي قوت پيدا ڪري سگهي ٿو، پر اُن جي نتيجي ۾ انساني دنيا جنگ ۽ جدل جو ئي لقمو رهڻي آهي، جنهن کي هو 'تڪرار ابدي' سڏي ٿو....اقبال جي 'خودي' سندس 'بيخودي' سان ميل کائيندي، انساني دنيا لاءِ اهو مدامي چيرڦاڙ ۽ مرڻ مارڻ جو مستقبل تجويز ڪائم ٿي ڪري....ڊاڪٽر اقبال نيٽشي يا ٻئي ڪنهن فيلسوف کي اُن جي سڀني خصوصيتن سميت نه ڪنيو آهي، بلڪ هڪ مسلمان جي مذهبي ۽ اخلاقي مقصدن لاءِ هن کي جنهن فيلسوف جي ڪا گهاڻهه پسند آئي، ان کي هن ورتو آهي .... ۽ ان حيثيت کان مغرب جي فيلسوفن ۾ هن جي نگاهه سڀني کان پهريائين نيٽشي تي پيئي، ۽ اُن جي فلسفي مان صرف اُهي گهاڻهيون ڪنيائين، جي اسلام جي مطابق هيون .... اسلام جهاد کي ايمان جو ثبوت قرار ڏنو آهي؛ زندگي باوجود اُن جي ڪلفت ۽ ڪشاڪش جي اسلام وٽ هڪ نعمت آهي، جنهن ۾ قوت ۽ جلال پيدا ڪرڻ هر مؤمن جو فرض آهي....ارتقاي حيات ۾، عروج

آدم، تسخير فطرت، احترام حيات، جسم ۽ ماده کي معاون روحانيت سمجهڻ، قوت حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ـ هي سڀ اسلام ۽ نيتشي جي تعليم ۾ گهڻي ۽ حد تائين مشترڪ آهن، جيتوڻيڪ اقبال ۽ نيتشي جي انداز بيان ۽ زور بيان ۾ فرق آهي.... ڊاڪٽر اقبال نيتشي جي ان تعليم سان گڏ اسلامي تصوف جي عشق جو نظريو، خصوصاً مولانا روم جي فڪر مان، به ڪنيو آهي ۽ نهايت بلند آواز سان اُن جو اعتراف ۽ اعلان به ڪيو آهي ـــ چنانچه فرمائي ٿو ـــ

روي خود بنمود بيرِ حق سرشت،
ڪه او بحرف پهلوي قرآن نوشت.

گفت اي ديـوانهء اربـاب عشق،
جـرعهء گير از شرابِ ناب عشق.

نيٽشي جو مخصوص نقطي نظر ۽ سندس فلسفياڻو خيالات

۱- جيترا مسلڪ ۽ نظريا عالم وجود ۾ آيا يا جيترا تصورات وقت بوقت قائم ڪيا ويا، سڀ مجموعي اغلاظ آهن، ۽ دنيا جي موجوده تهذيب ۽ تمدن سان تزڪيو اخلاق جو ناممڪن آهي. تنهنڪري اڄ جي انسان جو نصب العين هي آهي ته هڪ جديد فلسفو، هڪ جديد اخلاقيات، ۽ هڪ جديد تمدن قائم ڪيو وڃي.

۲- شين جي قدر ۽ قيمت جي تعين ۾ ڪنهن جي نيت ۽ ارادي ڪي دخل نه آهي: فقط ۽ فقط نتيجن تي ئي دنيا جي سڀني شين جي نيڪي ۽ بدي موقوف آهي.

۳- شوپن هار[1] جو فلسفو 'فلسفي عزم' هو: خاص 'عزم' ۾ نيٽشي هن جو هم خيال هو، پر نيٽشي جي دعوا هئي ته عزم ۽ استقلال ۽ جدوجهد رڳو حيات لاءِ نه آهي (جيئن 'ارتقائين' ۽ پين جو خيال آهي)— پر قوّت ۽ طاقت لاءِ آهي: ۽ ائين نيٽشي جو فلسفو 'فلسفي عزم للقوة' هو، ۽ اِن ئي تي هن سڄي سائنس ۽ سڄي اخلاق ۽ معارف جو بنياد قائم ڪرڻ گهريو ٿي.

۴- دماغ 'حسيات' جي هٿ ۾ اوزار آهي، جنهن کي اسين عقل خيرد يا ننڍو عقل (Little Reason) سڏيون ٿا، ۽ اِهو عقل خرد يا دماغ 'جسم' جو پليل ٽهيل آهي: سڀ کان وڏو عقل خود 'جسم' آهي.

٥- علم آن حد تائين مفيد سمجهي سگهجي ٿو ، جنهن حد تائين بقاء حيات جي جدوجهد ۾ آهو حصول قوت ۾ معاون ۽ مددگار هجي ـــ مغالطو (غلطي يا خطا) ايترو ئي ضروري آهي جيترو حق.

٦- حق ۽ باطل، حسن ۽ قبح، نيڪي ۽ بدي سڀ تعبيري اوصاف يا اضافي الفاظ آهن، جن جي ڪا مستقل هستي ڪانه آهي. انهن جو وجود بالغرض آهي، نه بالذات.

٧- انساني ترقيءَ جي آخري منزل "فوق البشر" آهي: هر آن مذهب يا مسلڪ جي نيست و نابود ڪري ڇڏڻ ڪيي، جو آن راهه ۾ رڪاوٽ هجي.

٨- انساني دنيا درحقيقت حسيات ۽ جذبات جي دنيا آهي. هيستائين دنيا جي متعلق جيڪي رايا قائم ڪيا ويا آهن، آنهن جي تهه ۾ حسيات ۽ جذبات لڪل آهن، ۽ آنهن سڀني حسيات ۽ جذبات جو مرڪز "عزم للقوة" آهي.

٩- بني آدم پنهنجي وضع قطع ۽ اخلاق و عادات ڪان هر زماني ۾ ۽ هر ملڪ ۾ ٻن طبقن ۾ ورهايل رهيو آهي، ۽ اِها ورهاست ۽ تفريق اخلاق لاءِ ضروري ۽ لازمي آهي. خواص جي طبقي لاءِ اخلاق جو معيار شرافت ۽ رذالت، ۽ قوت ۽ ضعف رهيو آهي، ۽ عوام جي طبقي لاءِ اخلاق جو معيار نفعو ۽ ضرر، ۽ سڪ ۽ سور آهي.

١٠- جيئن ته صنف نازڪ (عورت) عزم ۽ استقلال ۾ صنف غالب (مرد) جي همسري ۽ برابري نٿي ڪري سگهي، تنهنڪري قدرتي طور عورتن کي مردن جي برابر حق ۽ اختيار نه ملڻ گهرجن.

ذوق: ١- شوپن هار (Arther Schopenhaur: 1788—1860): جرمن فيلسوف سنه ١٧٨٨ع ۾ دنزگ شهر ۾ ڄائو. هن جو پيءُ خزانچي هو ۽ ماءُ ناول نگار هئي. نندڙيءَ عمر ۾ ڏندي ۾ لڳو، پر ڪم ۾ طبعيت نه لڳيس ۽ بيزار ٿي ٻيو. ڪائنجن يونيورسٽيءَ ۾ ١٨٠٩ع ڪان

١٨١١ع تائين ۽ برلن يونيورسٽيءَ ۾ ٨١١ ع کان ١٨١٣ع تائين علوم مادّي، فلسفي ۽ سنسڪرت پوليءَ جي تعليم ورتائين. افلاطون ۽ ڪانٽ* جو تتبع ڪندو هو. برلن ۾ ١٨٢٠ع کان ١٨٣١ع تائين فلسفي تي ليڪچر ڏنائين، پر ناڪاميءَ سان هرهنڌ واسطو پيس. پڇاڙيءَ ۾ گوشه نشيني اختيار ڪيائين. گهڻي غور ۽ فڪر ۽ تحقيق ۽ تدقيق بعد هن پنهنجي فلسفي کي مرتب ڪيو، جيڪو گهڻي قدر معرفت يا باطنيت ڏانهن مائل هو، ۽ بنيادي طور بڈمت سان مشابهه هو، ۽ فلسفهء عزم (Philosophy of Will) جي نالي سان موسوم ٿيو. شوپنهار جي فلسفي جو خلاصو هيءَ آهي ته هستي سراسر آزار آهي، ۽ اهڙي هستي جيترو جلد ختم ٿئي، بهتر آهي. شوپنهار دهريو فيلسوف هو. هن جي تمنا هيءَ هئي ته انسان پنهنجي قدرتي خواهشن يعني 'عزم حيات' کان دستڪش ٿئي. هن جو فلسفو قنوطيت (مايوسيءَ) ڏانهن مائل هو، جو سراپا قرآن مجيد جي تعليمات خلاف هو. سندس مکيه تصنيفون هي آهن:

1. The World Considered as Will and Idea.
2. The Two Fundamental Problems of Ethics.

* ڪانٽ (Immnual kant :1724 — 1804): جرمن سائنسدان ۽ فيلسوف هو. هن جو ڪتاب Critique of Pure Reason، جو ١٧٨١ع ۾ شايع ٿيو، مغربي فلسفي جي دنيا ۾ هڪ سرگرم ۽ تيز بحث جو موضوع بنيو. هن جي مذهبي عقيدن ڪيس وقت جي حڪومت سان ٽڪر ۾ آندو ۽ هن کي ڪافي مصيبتن ۾ مبتلا ڪيو، جي سبب هن وڏيءَ دليريءَ ۽ پوري صبر سان برداشت ڪيون. هن جا نظريا ۽ اصول جيڪي غور ۽ فڪر جي ميدان ۾ هن پيش ڪيا، سي سندس ذهن ۽ فهم جي عجيب ۽ نادر قابليت جو ثبوت هئا، جن جي زبردست اثر يورپ جي ارڙهين ۽ اوڻيهين صدين جي فلسفيانه خيالات کي نئون رنگ ڏنو، ۽ اڄ به آهي انساني فڪر جي دنيا ۾ وڏي اهميت رکن ٿا.

بقول زرتشت

زرتشت جي تمهيد

(۱)

ٽيهن ورهين جي عمر ۾ زرتشت پنهنجو گهر ۽ ڪُٽم قبيلو، ۽ پنهنجي وطن جي ڍنڍ جا ڪنارا ڇڏي، جبلن ۾ وڃي رهيو. اُتي سندس ڏهن سالن تائين هو پنهنجي خلوت‌نشينيءَ ۽ روحاني ڪيف مان ڇڪيءَ طرح محظوظ ٿيندو رهيو ۽ ڪنهن به قسم جو ٿڪ يا بددلي محسوس نه ڪيائين. پر نيٺ سندس دل اُنهيءَ هيڪساريڪائيءَ جي زندگيءَ کان ورڇي ٻيٺي، ۽ هڪڙي ڏينهن صبح جو سوير اُٿي، هو پنهنجي غار مان ٻاهر آيو ۽ مشرق مان طلوع ٿيندڙ سج کي مخاطب ٿي چوڻ لڳو:

اي عظيم تارا، پڏاءِ تہ سهي تہ جيڪڏهن اِها مخلوق نہ هجي ها، جا تنهنجي روشنيءَ مان فائدو وٺي ٿي، تہ پوءِ تو کي ڪهڙو مزو اچي ها! گذريل ڏهن سالن کان برابر تون منهنجي غار جي منُهن تان گردش ڪندو لنگهندو ٿو رهين. تنهنجي هن گرميءَ ۽ سفر جي جوش جو مقصد غالباً اِهو هو تہ مون کي ۽ منهنجي عقاب پکيءَ ۽ نانگ کي بيدار ڪرين. پر افسوس، اسين تہ دستور موافق غفلت جي نند ۾ ستا پيا آهيون! اسين هر روز صبح جو تنهنجو دڳ نهارندا رهياسين، ۽ تنهنجي ايڏيءَ ساريءَ روشنيءَ ۽ گرمائش مان فائدو وٺي، صبح شام تو کي دعائون ڪندا ٿي رهياسين، ۽ بس.

پر ڏس، هاڻي آءٌ هن اڪيلائيءَ ۾ رهي پنهنجي عقل ۽ شعور کان بيزار ٿي پيو آهيان. هن وقت منهنجو مثال اُن مک وانگر آهي، جا ماناري ۾ ڪثرت سان ماکي گڏ ڪري

چڪي آهي ، ۽ اُنهن هٿن جي منتظر آهي، جي اُت پهچي اُن مان فائدو وٺن.

اڄ هائي خوشيءَ سان دانائيءَ ۽ حڪمت جو هي ذخيرو لٽائڻ گهران ٿو. ڪاش، نام نهاد داناءَ منهنجي دانائيءَ جا محرمراز ٻڌي، پنهنجين حماقتن کي محسوس ڪن، ۽ روحاني مناسبءَ ۾ پنهنجي ماڻهو پنهنجي فطري خزانن مان مالامال ٿين ۽ اُڀڙي متي اچن.

اي آفتاب، معلوم ٿئي ٿو ته هائي اِن اعليٰ مقصد ۽ عمدي ڪم لاءِ سون کي شهرن ۽ آبادين طرف ضرور وڃڻو پوندو. ها، اڄ جبلن جي هيٺ بلندين کان لهي، هيٺانهينءَ طرف اچڻ طرح ويندس، جهڙيءَ طرح تون شام جي وقت سمنڊ جي پٺ ۾ غروب ٿيندي ٿيندي دنيا جي هيٺين حصن کي پنهنجن سونهري ڪرڻن سان روشن ڪرين ٿو. سون کي به تو وانگر بني نوع انسان سان پنهنجا روحاني تعلقات پيدا ڪرڻا پوندا.

اي آفتاب، هائي پنهنجيءَ پرسڪون اڪ سان سون کي خير ۽ برڪت عطا ڪر ــــ اُها اڪ، جا خوشيءَ ۽ مسرت جي اُتندڙ طوفانن کي حسد کان سواءِ ڏسي ٿي.

اي شاهہ فلڪ، منهنجي دل جي پيماني ٿي، جو هائي اڇي هارجڻ ٿي ٻيهر آهي، پنهنجون بي انت تجليون وجهہ، تان ته هيءَ سونَ جهڙيءَ سچائيءَ جو چُلڪندڙ ماڻ دنيا وارن وٽ تنهنجي زندگيءَ ۽ مسرت جو عڪس ۽ پرتوو ڪهي وڃي.

ڏس! هيءَ پيمانو هڪ ڀيرو وري خالي ٿيڻ وارو آهي، ۽ زرتشت هڪ دفعو وري انسانن لاءِ انسان بنجي رهيو آهي.

اِن طرح زرتشت جو ظهور شروع ٿيو.

(٢)

زرتشت اڪيلو جبل تان هيٺ لهي آيو، ۽ ڪنهن به ماڻهوءَ سان هن جي ملاقات نہ ٿي. پر جڏهن جهنگ ۾ پهتو، تہ اوچتو هڪڙو پير سرد سنڊس ساهون اچي ٻڌو، جو پنهنجي

جھوپڑيءَ مان نڪري جھنگ ۾ ٻوٽن جون ٻاڑون تلاش ڪري رهيو هو. زرتشت ڪي ڏسي پيرمرد ڪيئن هن طرح مخاطب ٿيو:

"هيءَ مسافر مون لاءِ اجنبي نه آهي. ڪيئي سال ٿيا ته هو هٿان لنگهيو هو. هن جو نالو زرتشت هو. پر مان ڏسان ٿو ته هيءَ سراسر بدلجي ويو آهي.

اي زرتشت! اُن وقت تون پنهنجي رُڳ جبلن ڏانهن ڪئي ٿي وئين: اڄ تون پنهنجا ٻڙڪندڙ شعلا وادين ڏانهن ڪئي ٿو وڃين؟ چا، توکي هن باهه جي ناس ڪندڙ اثرن کان ڊپ نٿو لڳي؟

هاڻ، آءٌ هن زرتشت کان چڱيءَ پر واقف ٿي چڪو آهيان. هاڻي هن جون اکيون نرمل ۽ صاف آهن، ۽ هن جي چهري ۾ نفرت جا ڪي به آثار نه آهن. هاڻي هيءَ ڪنهن رسي باز وانگر ڏڏندو ۽ دنجندو ڏسڻ ۾ نٿو اچي.

هاڻو، زرتشت بلڪل بدلجي چڪو آهي؛ اڄ هو هڪ معصوم ٻار وانگر چهڪي ۽ مهڪي رهيو آهي: زرتشت سچ پچ سڄاڻ ٿي چڪو آهي: سو اي زرتشت، اِهو ته ٻڌاءِ، تون ننڍ ۾ سُتل ماڻهن وٽ چا ٿو ڪرڻ وڃين؟

تون، جيڪو جڏ ته سمنڊ ۾ نڏون جنم وٺي، اُن جي پُرسڪون ڪنهرائين ۾ پليو آهين، افسوس! تون هاڻي پُرشور ڪنارن ڏانهن ويندين. تون وري اُهوئي پنهنجي جسم جي بار کي پاڻ سان گهليندو وتندين؟"

زرتشت جواب ڏنو: "مون کي انسان ذات سان محبت آهي."

اِهو ٻڌي، درويش چيو: "توکي شايد معلوم ناهي ته مون شهرن ڪي چڏي، جهنگ ۽ صحرا جي سڪونت چو اختيار ڪئي هئي. مون به ته هيءَ گوشه نشيني ۽ خلوت، انسان ذات سان بيحد پيار هجڻ سبب اختيار ڪئي هئي!

پر هاڻي آءٌ خدا سان محبت ڪريان ٿو: انسانن سان

محبت نڻو ڪريان. منهنجي لاءِ انسان تمام هڪ ناقص شيءِ آهي. خدا جي محبت ميسر ٿيڻ کان پوءِ، انسان جي محبت مون کي تباهه ڪري ڇڏيندي."

زرتشت جواب ڏنو: "محبت مان تنهنجي مراد ڇا آهي؟ مان تہ انسانن لاءِ هڪڙو نيڪ تحفو ڪٿي وڃي رهيو آهيان."

"نادان،" درويش چيو، "انسانن کي ڪي ڏيڻ جي بدران، جيتري قدر ممڪن هجي، هنن کان ڪجهه وٺڻ ئي چڱو آهي. هنن کي پنهنجو بوجو پاڻ کڻڻ ڏي. اِهائي هنن جي بهترين خدمت آهي. هُنن کان هُنن جو ڪجهه بوجو ئي وٺ ۽ ساڻ ڪٽي آڻهن سان هل. جيتري قدر هو تنهنجي اِها ڳالهه گوارہ ڪن.

پر جيڪڏهن تون آڻهن کي ڪجهه ڏيڻ گهرين ٿو، تہ آهو خيرات طور آڻهن کي ڏي ــ ۽ آهو بہ تڏهن جڏهن هو آن لاءِ صدا هڻن!"

زرتشت جواب ڏنو: "هرگز نہ. آءٌ خيرات ڇو ڏيان، جڏهن آءٌ هنن لاءِ پنهنجو سيڪجهه لُٽائي سگهان ٿو."

درويش آهو ٻڌي کليو، ۽ چوڻ لڳو: "تڏهن ڏسجانءِ تہ هو تنهنجي آڻهيءَ املهه سيڪجهه جو ڪهڙو ٿا قدر ڪن. هو زاهدن کان اڳي ئي بدگمان آهن، ۽ آڻهن خزانن جي ضرورت ۽ اهميت تي يقين ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهن، جي اسين هنن جي سپرد ڪرڻ گهرون ٿا.

گهڻين ڀر اسان جي پيرن جي آهٽ هنن کي بيحد کوکلي معلوم ٿي ٿئي. رات جي وقت، سج آٿرڻ کان اڳ، جڏهن هو پنهنجن بسترن ڀر اسان سان ڪنهن جي پيرن جي آهٽ ٻڌن ٿا (جنهن وقت اسين عبادت لاءِ ڪنهن طرف ويندا آهيون)، تہ پنهنجي دلين ۾ چون ٿا: ڪيڏانهن ٿو وڃي اِهو چور؟

تنهنڪري، جيڪڏهن تون منهنجو چيو مڃين تہ انسانن وٽ نہ وڃ، بلڪ هِتي جهنگ ڀر ٿي رهہ. انسانن جي ٻيٽ

ھ، حيوانن وٽ تنهنجو وڃڻ بهتر آهي. تون مون وانگر فطرت سان همروح ٿي ، حياتيءَ جا ڏينهن ڇو نٿو بسر ڪرين ؟ — رڇن سان رڇ ٿي ۽ پکين سان پکي بڻجي!".

زرتشت پڇيو: "تو جهڙو درويش پلا جهنگ ۾ ويهي، ڇا ٿو ڪري سگهي؟".

درويش جواب ڏنو : "آءٌ گيت ڳايان ٿو ، ۽ اهي ڳايان ٿو . گيت ٺاهيندي ، آءٌ ڪلندو ، روئندو ۽ جهونگاريندو رهان ٿو : اِن طرح آءٌ ڏڻي تعاليٰ جي تعريف ڪريان ٿو .

ڪيلي ۽ روئي ، ڳائي ۽ جهونگاري ، آءٌ اُنهيءَ هستيءَ جي تعريف ڪريان ٿو ، جيڪا منهنجي خالق ۽ مالڪ آهي. پر تون اِهو ٻڌاءِ ، منهنجي لاءِ ڪهڙو تحفو آندو اٿيئي؟"

اِهي لفظ ٻڌي، زرتشت بزرگ کي جهڪي سلام ڪيو ۽ چوڻ لڳو: "آءٌ پلا تو کي ڇا ڏيئي سگهان ٿو: تنهنجي اصول مطابق ته اُلٽو مون کي ڪجهہ وڻڻ گهرجي ! تنهنڪري ڇڪو ڇيندو ته مان تو وٽان هٻتان هليو وڃان."

۽ اهڙيءَ طرح ٻڌيو درويش ۽ زرتشت اسڪولي ٻارن وانگر ٽهڪ ڏيندا. هڪٻئي کان جدا ٿيا.

جڏهن زرتشت رستي ۾ اڪيلو هو ، ته پنهنجي دل ۾ چوڻ لڳو: "اِئين ته ممڪن ڪونهي ته جهنگ ۾ رهندڙ هن ٻڌي درويش اڃا اِها خبر نہ پڌي آهي ته خدا برقعو مٿائي چڪو آهي؟".

(٣)

جڏهن زرتشت هڪڙي جهنگ کي ويجهي شهر ۾ پهتو ته مارڪيٽ ۾ گهڻن ماڻهن جو ميڙ ڏٺائين: چاڪاڻ ته اِهو اعلان ڪيو ويو هو ته رسيءَ تي هاندڙ بازيگر جو تماشو ٿيڻ وارو آهي. زرتشت هيءَ ٽهيل ٽڪيل ۽ گڏ ٿيل مجمعو غنيمت جاڻي، هن طرح پنهنجو خطاب شروع ڪيو:

آءُ فوق‌الانسان جو معلم آهيان! آءُ اوهان کي فوق‌الانسان جي تعليم ڏيان ٿو. انسان جو مقام گهڻو بلند آهي. آءُ اوهان کان پڇان ٿو ته اوهان ان باري ۾ گهڙو جدوجهد ڪيو آهي: اوهان انسان کان اڳهرو وڌڻ لاءِ ڇا ڪيو آهي؟

هيستائين سڀني هستين پاڻ مان پاڻ کان ڪاڻ ڪا ممتاز شيءِ پيدا ڪري ڏيکاري آهي: ڇا، زندگيءَ جي بحر ۾ اوهين زندگيءَ جي سڀ کان هيٺانهين چولي بنجڻ گهرو ٿا؟ ڇا، اوهين فوق‌الانسان جي بدران حيوانن جهڙي تنزل ۾ رهڻ اختيار ڪندا؟

مان اوهان کان پڇان ٿو، انسان جي لاءِ باندر يا پولڙو گهڙي حيثيت رکي ٿو؟ هڪڙي مضحڪ خيز ۽ شرمندگيءَ جهڙي شيءِ! فوق‌الانسان جي لاءِ به فقط ساڻهوءَ جي حيثيت بلڪل اُئين آهي— مضحڪ خيز، شرمندگيءَ جهڙي شيءِ.

غور ڪريو ته اوهان هڪ ڪيڏين مان انسان جي صورت اختيار ڪئي آهي، پر اڃا تائين اوهان ۾ گهڻو ڪجهه ڪيڏن جهڙو باقي آهي. ڪنهن زماني ۾ اوهين باندر[1] هئا، مگر هن وقت به انسان باندر کان زياده باندر آهي.

اوهان ۾ جو سڀ کان وڌيڪ عقلمند آهي، اُهو به رڳو بي نظميءَ جو مجموعو آهي، وڻن ٻوٽن ۽ارواحن جو مخلوط اولاد. ڇا، آءُ اوهان کي چئي سگهان ٿو ته نباتات يا ارواح ڏي رهو؟

ڏسو، آءُ اوهان کي فوق‌الانسان بنجڻ جي تعليم ڏيان ٿو.

فوق‌الانسان هن زمين جي تقدير آهي، اُن جو جوهر آهي، ڪائنات جو اصل مقصد آهي، نظام حيات جو مرڪز ۽ محور آهي: اوهان کي ان ڳالهه تي پورو يقين هڻڻ گهرجي.

منهنجا ڀائرو، آءُ اوهان کي تلقين ٿو ڪريان ته هين دنيا سان باوفا رهو، ۽ اُنهن ماڻهن تي اعتبار نه ڪريو، جي اوهان کي ٽوڙي‌ٽي ٻيءِ دنيا جون خبرون ٻڌائي، خوشيءَ ۾ مبتلا ڪري، اوهان جي قوت عمل کي معطل ڪرڻ گهرن ٿا. درحقيقت،

اِهي ماڻهو زهريلا جراثيم آهن، خواهه هي اِهو ڄاڻن يا نه ڄاڻن—
جن کان اوهان کي پرهيز ڪرڻ گهرجي.

اِهي ماڻهو زندگيءَ جي حقائق کان نفرت ڪن ٿا، ۽ پاڻ بيمار ۽ زهريلا آهن، ۽ ٻين کي به افسرده ۽ ناس ڪرڻ گهرن ٿا. دنيا هنن جا منحوس خيال ٻڌي ٻڌي بيزار ٿي چڪي آهي: اِنهن کان ٻري رهو!

هن کان اڳ خدا جي نافرماني يا ڪفر جو ڪلمو سڀ کان وڏو گناهه هو؛ پر خدا تہ برڪمو متي چڪو آهي، ۽ اِئين آها نافرماني ۽ آهو ڪم به موجود نہ هئا. هاڻي جيڪڏهن ڪا نافرماني ٿي سگهي ٿي تہ آها ڏرتيءَ جي، ۽ ڪو ڪبيرو گناهه ٿي سگهي ٿو تہ آهو ڏرتيءَ کان ڪفر ڪرڻ جو، ۽ ٻيو هيءَ تہ آن سمجهه کان بالا هستيءَ جي دل کي ڏرتيءَ جي دل کان وڌيڪ اهميت ڏني وڃي.

ڪو وقت هو، جڏهن روحَ جسم کي نفرت ۽ حقارت سان ڏسندو هو، ۽ اِها حقارت ٿي تڏهن اعليٰ ترين چيز سمجهي ويندي هئي. آن گهريو ٿي تہ سنڊس برتريءَ لاءِ جسمَ طرح طرح جون رياضتون برداشت ڪري، ضعيف ۽ ڪمزور، بدصورت ۽ بکايل رهي. آهي گويا جسم ۽ ڏرتيءَ کان پڄي نڪرڻ لاءِ آن جون انڪلون هيون.

اڙي، اِهو روح تہ پاڻ آن وقت ڏٻرو، بدصورت ۽ بکايل هو، ۽ ڇڪين ڪاٽڻَ ۽ ايذارسائي آن جي مسرت هئي!

پر، منهنجا پاڙرو! اوهين به تہ انصاف سان ڇئو— پاڻ اوهان جو جسم اوهان جي روح لاءِ ڇا ٿو ڇڪي؟ ڇا، اوهان جو روحَ افلاس، حرص ۽ گند جو خودپسند پيڪر نہ آهي؟

واقعي انسان گند پريل هڪ ندي آهي. ماڻهوءَ کي هڪ سمنڊ هجڻ گهرجي جنهن ۾ گند پريل ندي پوي تہ به هو اجرو ۽ نرمل رهي.

ياد رکو آءٌ اوهان کي فوق‌الانسان جي تعليم ڏيان ٿو.

آهو سمند فوق‌الانسان آهي، جنهن ۾ اوهان جي زبردست نفرت ۽ حقارت ۽ سڄي ناپاڪي ۽ آلودگي غرق ٿي سگهي ٿي.

چگو پلا، ٻڌايو ته آها سڀ ڪان وڌي گهالهه ڪهڙي آهي، جنهن جو اوهان کي تجربو ٿي سگهي ٿو؟ آهائي جيڪا اوهان جي وڏي ترسڪار ۽ آسنتوش جي گهڙي به هجي ٿي! آها گهڙي جنهن ۾ اوهان جي خوشي به اوهان کي ناپسند ٿي لڳي، ۽ ساڳيءَ طرح اوهان جي سمجهه ۽ اوهان جي نيڪي به.

آها گهڙي جڏهن اوهين چئو ٿا: "منهنجي خوشي گهڙي ڪم جي؟ اهائي منهنجي کوڪلائپ آهي، غلاظت آهي، ۽ خسيس خود پسندي. منهنجي خوشي ته خود منهنجي وجود جو جواز هجڻ کپي!"

آها گهڙي جڏهن اوهين چئو ٿا: "منهنجي سمجهه گهڙي ڪم جي؟ اُن ته اڃا مون کي آتساه ۽ آپار ٿي نه ڏنو آهي. کيڏو نه آءٌ ڪاڪ ٿي پيو آهيان چگي ۽ سڀي سڀ مان! اهائي غلاظت آهي، کوڪلائپ آهي ۽ منهنجي خود پسندي آهي."

آها گهڙي جڏهن اوهين چئو ٿا: "منهنجو انصاف جو شعور گهڙي ڪم جو؟ آءٌ پاڻ ۾ ڪا جوت، ڪا جيي ڏسان ٿي نڏو. انصاف جا جاڻو ته سڄو حلال ۽ سڄي آگ هجن ٿا!"

آها گهڙي جڏهن اسين چئون ٿا: "منهنجو ترس ۽ منهنجي کهل گهڙي ڪم جي؟ چا، کهل هڪ صليب ناهي، جنهن تي هر آهو ٽنگجي ٿو، جيڪو انسان سان پيار ڪري ٿو؟ ۽ منهنجي کهل ته سوليءَ تي چاڙهڻ ناهي".

چا، واقعي اوهان به ڪڏهن پاڻ کان اهي سڀ سوال ڪيا آهن؟ چا، سچ پچ اوهان پنهنجي نفس سان ڪڏهن اهڙيءَ ديانتداريءَ سان گالهايو آهي؟ ڪاش مان ڪڏهن اوهان کي پاڻ کان اهڙو عملو حساب ونڊندو ڏٺان!

پر اهو اوهان جو ڏوهه ناهي، بلڪ اوهان جي شرمندگي ۽ اوهان جو ريا وارو زد- ٿي، جو اوهين آسمان ڏانهن ڏسو

ڏاڍ خود اوهان جو گناهه ۽ اوهان جو بخل، آسمان طرف هٿ کڻي پڪاري ٿو.

آهه! عشق جي آها بجلي ڪٽي آهي، جا پنهنجي جيئ سان اوهان جي وسائل دلين کي جاگائي ۽ آنهن ۾ آگ ڏرڪائي؟ آهو جنون ڪٽي آهي، جيڪو بيءَ هر گاله کان اوهان کي آجو ڪري چڏي؟

ڏسو، مان اوهان کي فوق‌الانسان جي تعليم ڏيان ٿو: هو ئي آها بجلي آهي، هو ئي آهو جنون آهي.

زرتشت ايترو مس چيو هو ته مجمعي مان هڪ شخص بلند آواز سان چيو: "اسان بازيگر جون گالهيون ڪافي ٻڌيون، هاڻي هو رسيءَ تي اسان کي چڙهي ۽ ته ڏيکاري!" اهو ٻڌي سڀني ماڻهو زرتشت تي ڪٽڻ لڳا. ۽ بازيگر اها گاله پاڻ ڏانهن سمجهي، ۽ هن پنهنجا ڪرتب ڏيکارڻ شروع ڪيا.

(۴)

زرتشت ماڻهن ڏانهن ڏٺو ۽ عجب کائڻين، پوءِ هن طرح هُن گالهايو:

انسان هڪ رسي آهي جيوان ۽ فوق‌الانسان جي وچ ۾ ٽنگيل ــ هڪ وڏي اوڙاهه مٿان. آن جي بن پاسن تي سوکي ٻڌل، هڪ خطرناڪ اوکر، جنهن تان اُکرڻ خطرناڪ، پوئتي نهارڻ خطرناڪ، آن جو ڏڪڻ خطرناڪ ۽ بيهڻ خطرناڪ.

انسان جي عظمت هيءَ آهي ته پاڻ هڪ پُل آهي، منزل نانهي: ڪارزار هستيءَ ۾ هن کي آرام ۽ آسائش سان نه، پر جدوجهد ۽ پرواز ۾ وقت بسر ڪرڻو آهي، ۽ فنا ٿيڻو آهي: پيار لائق گالهه هُن جي اها آهي، جو هو مٿي اُپري سگهي ٿو ۽ هٽ ۾ ڪري سگهي ٿو.

انسان جي اعليٰ صفت هيءَ آهي ته هو هڪ مستقل انقلاب آهي ــ پست خيالن کي خس و خاشاڪ جيئن اڏائي وهي

وارو هڪ طوفان، هر ڪنهي ۽ ڪائل نظام لاءِ هڪ ناس ڪندڙ زلزلو.

مون کي اُنهن ٻي شخصن سان محبت آهي، جن جي زندگيءَ جو مقصد انقلاب جي ڪنهن زد ۾ تباهه ٿي وڃڻ هجي، چو ته اُهي ٻي وهم ۽ گمان جون حدون ٽوڙي ۽ اُنهن تان ٽپي، فوق‌الانسان جي مقام تي پهچن ٿا.

مون کي اُنهن ٻي شخصن سان محبت آهي، جي عمل ۽ اخلاق جي هلندڙ معيار جا باغي آهن ۽ اُن کان بيزار آهن، چو ته اُهي ٻي اجتهاد ۽ اُدم سان دنيا کي نئين رونق ۽ نئون رخ ڏين ٿا. اُهي ٻي مرد ميدان آهن، جي مست موجن سان سينو ٽڪرائي، ٻئي ساحل تي پهچن ٿا.

مون کي اُنهن ٻي شخصن سان محبت آهي، جي چمڪندڙ تارن جي ٻئي طرف واريءَ دنيا خاطر پنهنجي پاڻ کي نٿا وڃائين، بلڪ هيٺي جي هن ٻي هيلينءَ دنيا سان باوفا رهي، اُن جي تربيت ۽ ارتقا لاءِ ڪوشش ڪن ٿا، تاڪ هيءَ ڌرتي هڪ نه هڪ ڏينهن فوق‌الانسان جي شايان شان بڻجي سگهي.

مون کي اُن ٻي شخص سان محبت آهي، جو چاهي ٿو ۽ ان لاءِ چاهي ٿو ته هڪ ڏينهن دنيا ۾ فوق‌الانسان جيي سگهي، ۽ اُن لاءِ هو پنهنجي موت جو خواهان آهي.

مون کي اُن ٻي شخص سان محبت آهي، جو پنهنجي ڪمال سان محبت ڪري ٿو ــــ اُهو ڪمال جنهن جي تحصيل تباهه ڪن خطرات کي سڏي ٿي، ۽ اُهائي هن جي آرزوءَ جي واحد راهه آهي.

مون کي اُن ٻي شخص سان محبت آهي، جو پنهنجي جوهر جي خفيف‌ترين ٽوانائي ۾ ذاتي غرض لاءِ ڪم نٿو آڻي، بلڪ اُن کي سراسر اُن ڪمال لاءِ وقف ڪري ٿو، جنهن سان فوق‌الانسان جي تشڪيل ٿئي، ۽ اهڙيءَ طرح هو سراپا جوهر بنجي، اوڙاهه جي پُل تان اُڪري ٿو.

مون کي اُن ئي شخص سان محبت آهي ، جو انساني
ڪمال کي پنهنجو ارادو ۽ پنهنجي تقدير بنائي ٿو : ۽ ائين پنهنجي
ڪمال واسطي، جيئڻ لاءِ به ۽ نہ جيئڻ لاءِ به تيار آهي.

مون کي اُن ئي شخص سان محبت آهي، جو ڪمالن جي
ڪثرت نٿو چاهي : هڪ ڪمال ۾ ئي ڪان وڌ ڪمال آهي، جو
تہ تقدير کي ڏانو ۾ لاءِ اُها هڪ ڳنڍ ئي ڪافي آهي.

مون کي اُن ئي شخص سان محبت آهي ، جنهن جو روح
سخي ۽ ڪشادو آهي ، جنهن کي نہ شڪريي وٺڻ جي ضرورت
آهي ، نہ ڏيڻ جي: جو تہ هو سدائين ڏئي ٿو ، ۽ پنهنجي لاءِ
ڪجهہ به رکڻ نہ ٿو چاهي.

مون کي اُن ئي شخص سان محبت آهي، جو ساري کي
پنهنجي حق ۾ پوندي ڏسي ، قہ ڪو قہ ڏيندي ، پڇي ٿو :
"مون کا بي ايماني تہ نہ ڪئي؟" — جو تہ هو هار سهڻ لاءِ
تيار رهي ٿو.

مون کي اُن ئي شخص سان محبت آهي ، جو پنهنجي
عملن کان اڳ پيار ۽ خلوص جا لفظ ورهائي ٿو ، ۽ هميشه
ڪيل واعدي کان وڌيڪ ڪجهہ ڪري ٿو: جو تہ هو سدائين
پنهنجي نقصان جي ڳولا ۾ هوندو آهي.

مون کي اُن ئي شخص سان محبت آهي ، جو مستقبل
جا امڪان ميڙي ٿو ، ۽ ماضيءَ جون نيڪيون ڄاڻي ٿو : جو
تہ هو حال جي ڳالهين جي ٽورتڪ لاءِ سدا تيار رهي ٿو.

مون کي اُن ئي شخص سان محبت آهي ، جو پنهنجي
خدا سان مقابل رهي ٿو، ان لاءِ تہ هو اُن سان پيار ڪري ٿو:
جو تہ هو اُن جي غصي جي باهہ ۾ پسر ڏيڻ لاءِ تيار آهي.

مون کي اُن ئي شخص سان محبت آهي، جنهن جو روح
گهرو زخميل آهي ، ۽ ٿوريءَ ڳالهہ تي به اُهو ايذائجي ٿو ۽
دانهن ٿو ڪري : ۽ ائين ئي ايذائجي ايذائجي هو اوڙاهہ جي
پُل اُڪري ٿو.

مون کي اُن ئي شخص سان محبت آهي، جنهن جو روح ايترو پريل آهي، جو هو پاڻ وساري ڇڏي ٿو، ۽ سڀ شيون مڃهس اندر آهن: ۽ اِن طرح سڀ شيون هن کي هيٺ ۽ تيئي سگهن ٿيون.

مون کي اُن ئي شخص سان محبت آهي، جيڪو هڪ آزاد روح ۽ آزاد دل جو مالڪ آهي: ائين نه جو دماغ هن جي دل جو اوزار آهي: هن جي دل، بهرحال، هن کي هيٺ ۽ تيئي سگهي ٿي.

مون کي اُنهن سڀني شخصن سان محبت آهي، جيڪي وڏ-ڦڙي مينهن جيان هڪ هڪ ڦڙو ٿي گهاڻن سياهه بادلن مان دنيا تي وسن ٿا— اُنهن بادلن مان جيڪي دنيا تي ڪڏهن ڪڏهن گهيري اچن ٿا: اُهي دنيا تي بجليءَ جي ڪڙڪ جي خبر ڏيڻ ٿا ۽ خبر ڏيئي، ڏرتيءَ ۾ جذب ٿي وڃن ٿا.

ڏسو، اُڃ اُن بجليءَ جو هڪ خابرو آهيان— گهاڻي سياهه بادل جي وڏ ڦڙي مينهن جو هڪ ڦڙو: بجلي، بهرحال، جيڪا دنيا تي ڪڙڪ واري آهي، اُها **فوق الانسان** آهي.

(۵)

جڏهن زرتشت هي لفظ گالهائي، پورا ڪيا، تڏهن هن وري ماڻهن جي مجمعي ڏانهن نهاريو، ۽ چپ ٿي ويو، ۽ پنهنجيءَ دل ۾ چوڻ لڳو: "هو بيحس بنيا بينا آهن، هو بي پرواهيءَ سان ڪلي رهيا آهن، هو منهنجو مطلب ڪٿا سمجهن، هي ڪن منهنجن لفظن لاءِ موزون نه آهن.

چا، هي ماڻهو رڳو واڻڻ جيان ڪنهن کي گهورڻ ٿي چاهن ٿا؟ چا هن جي ڪن کي پاڻ ڪان اڪوڙي ڏئو ڪرڻ کپي، ته جيئن هي اکين سان پڌ سگهن؟ چا، ڪو اِنهن جي اکيان رڳو مداريءَ جي بينسريءَ جيان وڄندو رهي؟ چا، هي رڳو بڪ بڪ ڪرڻ وارن بي معنيٰ ۽ غير ضروري واعظن جي گالهين تي يقين ڪن ٿا؟

پر ٿم ٻ، ڪجهه ٿ آهي، جنهن ٿي هي فخر ڪن ٿا، ناز ڪن ٿا. ڪهڙي آها شيز آهي؟ تهذيب، اُن کي هو تهذيب چون ٿا— جيڪا ڪين 'ڀڪارن' کان الڳ ٿي ڪري.

ڏڏهن ٿ هي پنهنجي 'حقير پٽي' بابت کا گهاٽهه پڏڻ پسند نٿا ڪن. بهرحال، آڳ هنن جي غرور جي شيشي کي پاڻ پاڻ ڪري ڇڏيندس.

هائو، آڳ هنن جي اکيان سڀ کان وڌيڪ ڏکار لائق انسان، يعني 'آخري انسان' جو بيان ڪندس. جيڪڏهن هنن احمقن کي نه پڏڻ تي ضد آهي، ٿ مون کي وري پڏائڻ تي اصرار آهي".

اِئين سوچيندي، زرٿشت ماڻهن سان وري هيئن مخاطب ٿيو:

هيءُ وقت آهي، جو انسانُ پنهنجو مقصد مقرر ڪري. هيءُ وقت آهي، جو انسان پنهنجي اعليٰ آرزوءَ جو بج ڇڻي.

اڄا هن جي زمين اُن لاءِ زرخيز آهي. پر هڪ ڏينهن اِها زمين ويران ٻڄي ويندي ۽ ڦٽي ويندي، ۽ ڪوبه اوچو ۽ تناور وڻ اُن ۾ اُڀري نه سگهندو.

افسوس! جيڪڏهن جمود ۽ بي حسيءَ جي اِها حالت رهي، ٿ آهو وقت پري نه آهي، جڏهن انسان کي عبور ڪندڙ آرزوئن جو تير پنهنجو پرواز ختم ڪري ڇڏيندو— ۽ هن جي ڪمان جمو زهر ڀرو ٿي ويندو ۽ ڪوبه تير اُن مان ڇٽي نه سگهندو.

اچو ٿ آڳ اوهان کي ٻڌايان ٿ عروج ۽ سرفرازيءَ جو راز ڇا ۾ آهي. آهو راز آهي انسان جي اندر جي بيتابي، جيڪا ٿي ڪنهن نئين، چمڪندڙ ۽ رقص ڪندڙ تاري کي جنم ڏيئي سگهي ٿي. اوهان کي يقين هجئ گهرجي ٿ اوهان جي اندر ۾ آها بيتابي اڄا باقي آهي.

مگر، افسوس، آهو وقت ٻ ويجهو آهي، جڏهن انسانُ

ڪنهن به روشن تاري ڪي جنمائي نه سگهندو. افسوس! اُن ڏڪار لائق انسان جو زمانو اڇي پهتو آهي، ۽ اُن ڪان پوءِ هو پنهنجو پاڻ ڪي نفرت به نه ڪري سگهندو!

ڏسو، آءٌ اوهان ڪي 'آخري انسان' جو نظارو ڪرايان ٿو.

"ڇا جي محبت؟ ڪهڙي تخليق؟ آرزو ڇا ٿيندي آهي؟ تارو ڪهڙي شيءِ آهي؟"— آخري انسان اهي سوال ڪري ٿو، ۽ اکيون ٽيپي ٿو.

اُن گهڙيءِ هيءَ هيڏي ساري ڌرتي هن لاءِ سميتجي، ننڍڙي ٿي وڃي ٿي، ۽ اُن تي هو ٽپڪيون ڏئي ٿو، ۽ هر شيءِ کي هڪ خسيس جاڻي ٿو ۽ خسيس بنائي ڇڏي ٿو. ٽوٽي جو هن جو نسل اٽڪل آهي، زمين تي رهندڙ ڇڇڙن جيان؛ ۽ هُن جي حياتي طويل آهي.

"اسان خوشيءَ کي دريافت ڪيو آهي"— آخري انسان چون ٿا، ۽ اکيون ٽمڪين ٿا.

هو آهي لرزائيندڙ سرد علائقا ڇڏي چڪا آهن، جتي زنده رهڻ پُرخطر آهي؛ ڇو ته هنن کي ڪوساڙ گهرجي ٿي. ۽ ماڻهو اڇا به پنهنجي پاڙيسريءَ سان پيار ڪري ٿو ۽ هن سان رلبي ملبي ٿو؛ ڇو ته ماڻهوءَ کي ڪوساڙ جي ضرورت آهي.

ناراض ٽيڙ ۽ بي اعتباري ڊيڪارڻ کي هو خوش-خلقيءَ جي ابتڙ سمجهن ٿا؛ ۽ هو سنيالي سنيالي پير کڻن ٿا. ۽ پوءِ به ڪو پٽرن يا ماڻهن سان ڪٽي ٽڪرجي پوي ته اُهو وڻن احمق ٿو ليکجي.

هو ڪڏهن ڪڏهن ٿورو 'زهر' کائين ٿا؛ مزيدار خوابن لهڻ لاءِ. ۽ مزيدار موت لاءِ آخر ۾ گهٽو زهر کائي ڇڏين ٿا.

ماڻهو اڇا به ڪم ڪري ٿو، ڇو ته اُهو وقت-گذارو آهي. پر ماڻهوءَ کي خيال رکڻو پوي ٿو ته 'وقت-گذاري' مان ماڻهو ايذائجي نه پوي!

ماڻهوءَ کي غريب يا شاهوڪار ٿيڻو نه آهي؛ پيٽي گهاڻيون

گريون آهن. ڪير ٿو حاڪم بنجي؟ ڪير ٿو محڪوم بنجي؟ بيئي گالهيون تمام گريون آهن.

ڪوبہ ڏنار ڪونهي، ۽ مڙيوئي هڪ ڏڻ آهي! هر ڪنهن ڪمي ساڳي شيء ٿي گهرجي، هرڪو پئي جي برابر آهي: جيڪڏهن ڪنهن جا جذبا يا شوق ٻيا آهن، تہ خود بخود وڃيو پاڳل گهر ۾ ويهو رهي ٿو.

"اڳي سڄي دنيا بيهوش هئي"، منجهانئن تيز ڪان تيز فهم ماڻهو چوي ٿو، پوء اڪيون ڏيڻي ٿو.

هو وڏا هوشيار آهن، ۽ جو ڪجهہ ٿي گذريو آهي سو سڀ ڄاڻن ٿا: اِنهيء ڪري سندن بدخوئيء جي حد ڪانهي. هو پاڻ ۾ تڪرار بہ ڪن ٿا، پر جهٽ ۾ سرچيو وڃن ــ نہ تہ هنن کي بدهضمي ٿيو پوي ٿي.

هنن وٽ ڏينهن جا بہ ننڍا ننڍا ذوق آهن، ۽ هنن وٽ رات جا بہ ننڍا ننڍا ذوق آهن: پر هنن کي صحت جو هرحال ۾ خيال رهي ٿو.

"انسان خوشيء کي دريافت ڪيو آهي"ــــآخري انسان اِها دعوا ڪن ٿا، ۽ پوء اڪين ٽِپين ٿا،ــــ

اِتي زرتشت جـو پهريون خطبو پورو ٿيو، جنهن کي "تمهيد" بہ چئجي ٿو: ڇو تہ اِن جاه تي ماڻهن گوڙ مچائي ڏنو ۽ واڪا ڪندي چوڻ لڳا: "او زرتشت اِهوئي آخري انسان اسان کي ڪپي. اسان کي اِهو جلدي آڻي ڏي، اسان کي ٿي آهو آخري انسان ڪٿي بناء! پوء اسين تو کي تـو وارو فوق‌الانسان پيش ڪنداسون"! پوء سڀ ماڻهو بود ۾ اچي ويا ۽ چپ چٽ لڳا. زرتشت، بهرحال ڏاڍو ملول ٿيو، ۽ دل ۾ چوڻ لڳو:

"هي ماڻهو منهنجي گالهہ نٿا سمجهن: منهنجي زبان هِنن ڪنن لاء ،وزون نہ آهي.

آڇ جبلن ۾ شايد گهڻو عرصو رهيو آهيان؛ تملر گهڻي عـرصي تائين آڇ رگهو آبشارن ۽ وٽن جا آواز ٿي ٻڌندو رهيو

آهيان؛ منهنجي زبان شايد اِنهيءَ ڪري هِنن کان ٻيگاني ٻنجي ويئي آهي.

منهنجو روح صبح جي سونهري ڪرڻن سان چمڪندڙ جبلن جي چوٽين جيان آجرو ۽ شانت آهي. پر هي ماڻهو مون کي بيحس ۽ بيروح ڏا سمجهن ۽ سخت ڏڪايون ڪري رهيا آهن.

اِجهو، هو مون ڏانهن نهاري، ٿهڪ ٻيڻا ڏين. هو ڪلن ٿا، ته مون کان نفرت به ڪن ٿا. ڪيڏي نه ڏکوئيندڙ آهي هِنن جي اِها ڪل!"

(٦)

ايتري ۾ يڪايڪ ڪا اهڙي ڳالهه ٿي، جنهن ڪان سڀني جا وات بند ٿي ويا ۽ هنن جون اکيون هڪ هنڌ ڪپي ويون. بازيگر رسيءَ تي چڙهي، پنهنجو ڪرتب شروع ڪري ڏنو. هو هڪ ننڍي دروازي مان نڪري، اُن رسيءَ تي چڙهي ويو، جا تمام وڏيءَ بلنديءَ تي بازار واري چوڪ ۽ آڏي ٻيئل تماشبينن جي مٿان ٻن منارن جي وچ ۾ ٽنگيل هئي. جڏهن هو رسيءَ تان ڊوڙندو اُن جي وچ تي پهتو، ننڍو دروازو ورتي ڪليو، جنهن مان مسخرن جهڙا رنگارنگي ڪپڙا پهريل هڪڙو شخص نڪتو، ۽ رسيءَ تي چڙهي، پهرئين بازيگر پٺيان تيزيءَ سان هلڻ لڳو، ۽ هڪ ڪرخت آواز ۾ رڙ ڪري هن کي چيائين: "او منڌا، اڳتي وڌا او ڪم چور، دغاباز، بدشڪلا، اِئين نه ٽمي، جو مان توکي پيرن ۾ لتاڙي ۽ چيپاڙي ڇڏيان! هتي منارن جي وچ ۾ متي ٽون ڇا ٿو ڪرين؟ توکي ته مناري جي اندر بند ڪرڻ گهرجي. تون پاڻ کان بهتر ڪرتب ڪندڙ جو رستو ٿو روڪين!" هو، اِئين چوندو، ويو ٽي هن کي ويجهو چوندو. جڏهن ٻنهي جي وچ ۾ رڳو هڪڙيءَ وڪ جو فاصلو وڃي رهيو، ته آها ڳالهه پيش آئي، جنهن کان سڀ زبانون بند ٿي ويون ۽ سڀني جون نگاهون جمي ويون. هُن شيطان وانگر رڙ ڪئي، ۽ اُن شخص جي مٿان ٽپو ڏنو، جو ڪانئس اڳيان، سندس رستي ۾ رڪاوٽ

هوء پهرئين شخص جڏهن ڏٺو ته سندس حريف ڪائنس بازي ڪٽي ويو، تڏهن هو هوش ڪان ڏکري ويو، ۽ سندس پيرن هيٺان رسي به نڪري ويئي ۽ بانس جي لٽ ته سندس هٿن مان اڇي ٽي چڏائجي ويئي هئي، ۽ هو پاڻ ان ڪان به وڌيڪ تيزيءَ سان هيٺ اڇي ڪريو، جڏ ته هن جي هٿن ۽ پيرن ۾ ذرو به ساهه ڪونه هو. سڄيءَ بازار ۽ سيني تماشبينن جي آها حالت ٿي، جا طوفان جي وقت سمنڊ جي ٿيندي آهي. ماڻهن ۾ ٽاڪوڙو پئجي ويو، ۽ هڪٻئي تي ڪرندا، آٽڻندا، ٻري پڃڻ لڳا— خاص طرح آن هنڌ ڪان جتي ٿوري ويرم اڳ پهرئين بازيگر اڇي ڦهڪو ڪيو هو.

زرتشت پوء به پنهنجيءَ جاء تي ٻيٺو رهيو، ۽ ڪرندڙ بازيگر" ٻنهه سندس آڏو اڇي ڪريو. آن جون هڏيون پاسريون پڃي پيون، ۽ اڇا مٽو ڪونه هو. ٿوريءَ دير ڪان پوء آن زخمي ٽيل شخص ۾ هوش آيو ۽ هن ڏٺو ته زرتشت سندس پاسي ۾ گوڏا کوڙيو ويٺو آهي. نيٺ هن زبان کولي ۽ چوڻ لڳو: "تون هت ڇا ڪرين؟ مون کي گهٽو اڳي معلوم هو ته شيطان مون کي ڌڪي هڻي ڪيرائيندو. هاڻي هو مون کي دوزخ ڏانهن گهلي رهيو آهي: ڇا، تون هن کي روڪي سگهين ٿو؟"

زرتشت جواب ڏنو: "اي دوست، مان پنهنجيءَ عزت آبروءَ جو قسم کڻي ٿو چوان ته جن شين جو تو ذڪر ڪيو آهي، تن مان ڪنهن جو به ڪو وجود ڪونهي: شيطان توڙي دوزخ ٻيئي رڳو نالي جون شيون آهن. تنهنجو روح تنهنجي جسم کان اول ئي فوت ٿي ويندو: تنهنڪري وڌيڪ خوف ڪرڻ جو ڪوبه ضرور ڪونه آهي."

بازيگر زرتشت ڏانهن شڪي نظرن سان ڏٺو، ۽ پوء چوڻ لڳو: "جي تنهنجيون اهي گالهيون سچيون آهن ته پوء ڇڏيو ته زندگيءَ جي خاتمي سان آءٌ ڪجهه ڪونه ٿو وڃايان! آن حالت ۾ منهنجي حيثيت آن جانور کان زياده نه آهي، جنهن

کي ماري ڪڍي ۽ بگون آڇون ڏيئي نچڻ سيکاريو وڃي ٿو".

زرتشت جواب ڏنو: "نہ، ائين نہ آهي. خطري کي تہ تو پاڻ خوشيءَ سان پنهنجو ڏنڊو بنايو آهي؛ اِن ۾ ڪا حقارت جهڙي ڳالهہ ڪانهي. هاڻي، تون پنهنجي ڏنڊي ڪندي ئي مري رهيون آهين: تنهنڪري آءٌ پنهنجن هٿن سان تو کي فقط دفن ئي ڪري سگهان ٿو".

زرتشت جي ائين چوڻ بعد مرندڙ بازيگر وڌيڪ ڪوبہ جواب نہ ڏنو؛ هن فقط پنهنجو هٿ لوڏيو، جڏ تہ زرتشت جو شڪريو ادا ڪري رهيو هو.

(٧)

هاڻي سانجهي ٿي ويئي ۽ بازار ۾ اداسي ڦهلجي ويئي. ماڻهو ڏڙي پکڙي ويا، چاڪاڻ تہ شوق ۽ دهشت جي بہ ڪا حد ٽپندي آهي. ليڪن زرتشت اِن ئي حالت ۾، وقت ۽ ماحول کان بي نياز، لاش وٽ پنهنجن ئي خيالن ۾ گم ويٺو هو. نيٺ جڏهن رات ئي ويئي ۽ تيز ۽ تند سرد هوائون لڳيون، تڏهن زرتشت کي پنهنجي هيڪلائپ محسوس ٿي، سو آڻيو ۽ پنهنجيءَ دل ۾ چوڻ لڳو:

تحقيق، زرتشت اڄ هيءَ واهہ جي هڪ 'مڇي' جهلي آهي! هُن هڪ ماڻهو تہ جهليو پر مُردو.

ڪيڏي نہ دردانگيز آهي انساني زندگي، پر تڏهن بہ اِئين بي معنيٰ هڪڙو مسخرو بہ آن کي پامال ڪري سگهي ٿو!

آءٌ ماڻهن کي سندن وجود جو اصل مفهوم ۽ مقام سمجهائڻ چاهيان ٿو. "فوق الانسان" جو مفهوم ۽ مقام ــــ ها، آهائي ڪڙڪات ڪندڙ بجلي، جا ڪاري بادل مان چمڪي ٿي، ۽ اهو ڪارو بادل بہ انسان پاڻ آهي.

پر اڄا تہ ماڻهن کان آءٌ گهڻو پري ٻيٺو آهيان: اڄا تہ منهنجي ۽ هنن جي سمجهہ ۾ وڏو فرق ٻيٺو آهي. هو تہ مون کي

اڃا هڪ بيوقوف ۽ هڪ لاش جي وچ جھڙي ئي ڪا شيءَ ٿا سمجھن.

رات ڪيڏي نہ اداس آهي! اِهڙا ئي اداس آهن زرتشت جا رستا چگو، اي منهنجا جمي برف ٿي ويل سائي! هاڻي اڄ نہ مان توکي پٺيءَ تي کڻان ۽ هلي توکي ڪٽي پنهنجن هٿن سان دفن ڪريان.

(٨)

اِئين چئي، زرتشت لاش کنيو ۽ اڳتي هليو. اڃا هو سؤ ڪن قدم به نہ هليو هو نہ ڪنهن شخص هري هري پنيان اچي، سندس ڪن ۾ ڪجھ چيو. آهو شخص آهوئي مناري مان نڪرندڙ خبيث مسخرو هو. هن چيو: "اي زرتشت، هن شهر مان جلد نڪري وڃ. ياد رک، هتي تمام گھٹن ماڻهن کي توکان دلي نفرت آهي. سڀ معتبر ۽ ايماندار تـوکي ڏکارين ٿا، توکي پنهنجو دشمن ٿا ليکين؛ سڀ پنهنجين پـراڻين روايتن ۾ عقيدو رکڻ وارا توکان بيزار آهن، ۽ توکي پنهنجي برادريءَ لاءِ خطرو ٿا سمجھن. اِها نہ تنهنجي خوش قسمتي هئي، جو ماڻهن توسان مذاق ڪيو، ۽ تون به مسخرن وانگي تقرير ڪري رهيو هئين. اِها به تنهنجي خوش قسمتي هئي، جـو تو پاڻ کي هِن مردار ڪتي سان وابسته ڪيو: پاڻ کي اِن طرح حقير بنائي، اڄ تو پنهنجي حياتي بچائي آهي. هاڻي ڪنهن به طرح هِن شهر مان نڪري وڃ، نہ تہ سياڻي آءٌ تنهنجي مٿان به ٿپو ڏيندس ـــ چو تہ هڪڙو زنده ماڻهو ٻئي مئل ماڻهوءَ کي اِئين ئي لتاڙي، اڳتي هليو ويندو آهي". اِئين چئي، آهو مسخرو ٽکڙو ٽکڙو نظرن کان غائب ٿي ويو؛ ۽ زرتشت وري به اونداهين گھٹين وچان اڳتي هلڻ لڳو.

شهر جي دروازي وٽ زرتشت کي قبرن کوٽڻ وارا گڏيا. هو پنهنجن مشعلن جي روشنيءَ ۾ هن جي چهري کي ڏسي ۽ سڃاڻي، ٺٹوليءَ سان چوڻ لڳا: "زرتشت هڪڙي مردار ڪتي

کي ڪنيو ٻيو وڃي: سو زرٿشت به قبرن ڪوٽ جو پيشو اختيار ڪيو آهي! اسان کي هن ڪنهي ٽيل لقمي جي لالچ به ڪانهي، اسين پنهنجا هٿ هن ڏوندي ۾ گندا ڪونه ڪنداسين. پر شايد زرٿشت هيءَ لقمو شيطان کان به کسي ويندو! شل اِن گند جي قسمت اهڙي ڇڪي ٿئي! ۽ اُئين ٿيندو، پر جي زرٿشت شيطان کان به وڏو چور ثابت ٿئي! نه ته ته اِنهن ٻنهي کي ڪٽي ڇڏندو ۽ ٻنهي کي ٻوٽيون ڪري کائي ويندو!" ۽ اُئين چئي، قبرن کوٽڻ وارا، مٿو مٽي سان ملائي، ڪن ۾ سُرپُر ڪري ڪلڻ لڳا.

زرٿشت اِن بکواس جو ڪوبه جواب نه ڏنو، ۽ پنهنجو دڳ ونيو هليو ويو. جهنگ ۾ ٻن ڪلاڪن جي لڳاتار پنڌ ڪرڻ بعد هن کي بکايل بگهڙن جو آواز پڌڻ ۾ آيو، ۽ اِتي پاڻ به بک محسوس ڪيائين. تنهنڪري هو هڪ جهوپڙيءَ جي دروازي وٽ بيهي رهيو، جنهن جي اندر بتي ٻري رهي هئي.

"بک مون تي حملو ڪري آئي آهي،" زرٿشت چيو، "جيئن راهه ويندي ڏي ڪو ڦورو حملو ڪندو آهي: جهنگ جي هن وحشتانگيز اڪيلائيءَ ۾ بک مون تي حملو ڪري آئي آئي، سوبه جڏهن گهٽي رات گذري چڪي آهي.

"منهنجي بک جو به عجيب انداز آهي. اڪثر مانيءَ کي ڏسڻ کان پوءِ مون کي بک لڳندي آهي، ۽ اڄ ته سڄو ڏينهن مون کي کائڻ لڳي هئي: ڪيڏانهن الائي هلي ويئي هئي!"

پوءِ زرٿشت دروازي تي ڪڙڪو ڪيو. هڪڙو پوڙهو ٻاهر نڪري آيو، جنهن جي هٿ ۾ بتي هئي، ۽ پڇڻ لڳو: "ڪير آيو آهي هن وقت، منهنجي قتل ننڊ کي ڦٽائڻ؟"

"هڪ جيئرو ۽ هڪ مُرد انسان"، زرٿشت جواب ڏنو. "مون کي کائڻ ٻيڻ لاءِ ڪجهه ڏي. ڏينهن جو کائڻ جي مون کي ياد ئي ڪانه آئي. ڏهن چيو آهي ته جو بکئي کي کارائي ٿو، سو ڇڻ پنهنجي روح کي تازو ٿو ڪري".

اِهو ٻڌي، پوڙهو اندر ويو، ۽ هڪدم موٽي آيو ۽ زرٿشت

گي ساڻي ۽ شراب پيڻ کپائين. پوءِ هو چوڻ لڳو: "بکين لاءِ هيءُ ملڪ خراب آهي، ان ڪري ٽي مان هن خاموش جهنگ ۾ رهان ٿو. جانور ٽوڙي ماڻهو هتي مون گوشہ نشين وٽ اچي ڏکن ٿا. تون پنهنجي ساڻيءَ کي به پيڻ ۽ کائڻ لاءِ چئه، هو تو کان وڌيڪ نڍال ٿو لڳي." زرتشت جواب ڏنو: "منهنجو ساڻي مڻ آهي، آءٌ هن کي مشڪل کائڻ پيڻ لاءِ آماده ڪري سگهندس". "ان سان منهنجو واسطو ڪونهي"، پوڙهي ترشيءَ سان چيو؛ "جيڪو منهنجو دروازو ڪڙڪائي ٿو، ان کي جو ڪجهه آءٌ آڏو رکان سو کائڻو آهي. هائي، کائو ۽ پنهنجو رستو وٺو!"

ان کان پوءِ، زرتشت ٻيا به ڪيترا لاڳيتو پنڌ ڪيو. هو رات جو تارن جي روشنيءَ ۾ پنڌ ڪرڻ ٿي هريل هو، ۽ هر آن جاندار جي ڇهري کي هو غور سان ڏسندو ويندو هو، جو رستي ۾ سمهيو پيو هوندو هو. جڏهن پرهه ڦٽي، تہ زرتشت پاڻ کي هڪ گهاٽي جهنگل ۾ ڏٺو، جتان ڪنهن به پاسي هن کي رستو نڪرندي نظر نٿي آيو. هن لاڻ کي پنهنجي مٿي وٽان هڪڙي پوري وڻ جي اندر رکيو، ڇاڪاڻ تہ ان کي بگهڙن کان بچائڻ ٿي گهريائين، ۽ پاڻ گاهہ تي ليٽي سمهي پيو، ۽ ليٽندي ئي هن کي ننڊ کڻي ويئي. هن جو بدن ٿڪ کان چُور هو— پر هن جو روح بدستور تازو ۽ قوي هو.

(۹)

زرتشت گهڻيءَ دير تائين سمهيو پيو هو، تان جو صبح ٿيو، ۽ چڪو خاصو ڏينهن مٿي چڙهي آيو هو. نيٺ هن جي اک کلي— ۽ هن حيرت سان چئن ٽي طرف نهاريو؛ هن جهنگ جي خاموشيءَ کي حيرت سان ڏٺو، پنهنجو پاڻ کي حيرت سان ڏٺو، ۽ پوءِ ڏاڍيءَ ٽڪر مان پنهنجيءَ جاءِ تان اٿيو، جيئن ڪنهن ملاح کي اوچتو ڪنارو نظر اچي وڃي. هن خوشيءَ وچان ڏاٿهن ڪئي؛ ڇاڪاڻ تہ هن سچ پچ هڪ نئين صداقت

ڏني هئي. نند جي وقفي ۾ هن جي طبيعت اندر هڪ عجيب انقلاب پيدا ٿي چڪو هو. هو پنهنجيءَ دل سان پوءِ هيئن مخاطب ٿيو:

مون کي فهم ۽ بصيرت جي هڪ نئين روشني هٿ آئي آهي: مون کي ساڻين جي ضرورت آهي— پر جيئرن ساڻين جي، مُڙدن ۽ بي‌حس ساڻين ۽ لاشن جي نه، جن کي سان جيڏانهن ٽيڏانهن گهليندو وتان.

ها، مون کي زنده ۽ باشعور دوستن جي ضرورت آهي، جي منهنجي پيروي صرف اِن لاءِ ڪن ته هو پنهنجيءَ فطرت جي پيروي ڪرڻ گهرن ٿا— ۽ جتي مان هلي وڃڻ گهران ٿو، هو پاڻ به اوڏانهن هلڻ گهرن ۽ هلي پهچن.

ها، مون لاءِ هڪ نئين روشني ظاهر ٿي آهي. زرتشت کي عام ماڻهن سان، انبوهن سان، نه، پر پنهنجن خاص ساڻين سان گهالهائڻو آهي. زرتشت کي ڏڻ جو ڏنار ۽ رکوال ڪنهو ٽيڙو نه آهي.

آءٌ گچ جيترين ردين کي ڏڻ کان ڏار ڪرڻ لاءِ آيو آهيان. ماڻهو ۽ ڏڻ ته ضرور زرتشت جي اِن حرڪت تي گهٽو برهم ٿيندا: ڏنارَ ته زرتشت کي اِن تي ضرور چور چوندا.

آءٌ اُنهن کي ڏنار ٿو چوان، پر هو پاڻ کي نيڪ ۽ پاڪ ٿا سڏين. آءٌ انهن کي ڏنار ٿو چوان، پر هو پاڻ کي مؤمن ۽ راستباز ٿا سمجهن— ايمان ۽ عقيدي جا پُڪا.

هِنن مؤمنن ۽ پاڪ شخصن کي ڏسو! سڀ کان وڌ هي ڪنهن کان نفرت ٿا ڪن؟ اُن کان جيڪو سندن مثل قدرن ۽ قانونن جو انحراف ٿو ڪري ۽ فڪر ۽ عمل جي هڪ جيئري دنيا تخليق ڪري ٿو: هي اُن قانون شڪن کي مجرم ٿا سمجهن، حالانڪ اُهوئي زنجير شڪن آهي ۽ انسانيت جو خالق ۽ معمار.

تخليق ڪار کي تلاش آهي ساڻين جي، نه لاشن جي— ۽ نه ئي ڏڻن جي يا مجيندڙن ۽ معتقدن جي. تخليق ڪار کي

سائي خلاقن جي تلاش آهي—جيڪي رڪ جي نٽيءَن سليتن تي نوان قدر آڪيرين.

تخليق‌ڪار کي تلاش آهي سائين جي، جيڪي فصل لٽڻ ۾ سندس همراهي ڪن: چو ته پوک سڄي لاباري لاءِ تيار بيٺي آهي، پر اُن جي لاباري لاءِ سَونَ جي تعداد ۾ ڏانڊا گهربل آهن. وڌس ته هڪڙو ڏانڊو به ڪونه آهي: سو هڪڙي هڪڙي سنگ کي هٿ سان پٽيندي، هو بيزار ۽ ششدر ٿي پيو آهي.

تخليق‌ڪار کي تلاش آهي سائين جي، جيڪي پنهنجن ڏانڊن کي تيز رکڻ جاڻن ٿا ۽ سدائين تيز رکن ٿا. اُنهن کي زيان‌ڪار سڏيو ويندو، ۽ خير ۽ شر جي حساب کان اڻجاڻ سمجهيو ويندو. پر هو فصل لٽيندڙ، ۽ اُن مان فائدو ۽ خوشي حاصل ڪندڙ آهن.

زرتشت کي تلاش آهي سائي خلاقن جي؛ زرتشت کي ڳولا آهي گڏجي فصل لٽڻ وارن ۽ گڏجي خوشي ملهائڻ وارن جي. هن کي ڏٽن ۽ ريڍارن ۽ لاشن سان ڪهڙو واسطو!

تنهنڪري، اي منهنجا پهريان دوست، الوداع! مون تو کي تنهنجي ڪوکلي وڻ ۾ خوب دفن ڪيو آهي. هتي بگهڙ تو کي ڪا تڪليف ڏيئي نه سگهندا.

پر آءٌ تو کان الڳ ٿو ٿيان؛ الڳ ٿيڻ جو هي ۽ وقت آهي. هڪ صبح ۽ پٽي صبح جي وچ ۾ صداقت جو هڪ نئون سج مون تي ايريو آهي.

اڄ کان پوءِ مون کي نه ريڍار ٿيڻو آهي، نه گورکن. آءٌ هاڻي عام ماڻهن کي به مخاطب نه ٿيندس؛ مُردن سان هي پويون پيرو مون گهالهاڻي بس ڪئي.

اڄ کان پوءِ منهنجا دوست صرف آهي ماڻهو هوندا، جي مسرور هوندا—هِن ڪارگاهَ هستيءَ ۾ خلاق ۽ مختار. آءٌ اُنهن کي ڏُور اِنڊلڻ جا رنگ ڏيڪاريندس ۽ فوق‌الانسان تائين پهچڻ جون منزلون ٻڌائيندس.

آءٌ هاڻي ايڪانت ۾ رهندڙن ۽ به به ٿي رهندڙن، راهبن

۽ درويشن، کي پنهنجو نغمو ٻڌائيندس؛ ۽ اُهو جنهن وٽ اڻ ٻڌل گاڏ، جي ٻڌڻ لاءِ اڇا ڪن آهن، تنهن جي دل پنهنجي مسرت جي يار سان پُر ڪندس ته آها ڪوڙي ٿي.

آڳ هاڻي پنهنجي منزل ڏانهن وڌڻ گهران ٿو، ۽ پنهنجو مارگ وٺان ٿو، جيڪي ترسن ٿا ۽ ڪاهل آهن، تن ڏان ڏيپي اڳتي ٿيندس. پل ته اِن طرح منهنجو اڳتي-وڌڻ هُن جي پوئتي-رهڻ جي حقيقت ٻڌجي.

(۱۰)

پنڌرن جو وقت ٿي چڪو هو. زرتشت اِئين پنهنجيءَ دل سان گفتگو ۾ محو هو، ته فضائن مان ڪنهن پکيءَ جو تيز آواز ٻڌڻ ۾ آيو. هُن مٿي آسمان ڏانهن نهاريو ته هڪ عقاب هوا ۾ چڪر لڳائيندي ڏيکاري ڏني. عقاب جي ڇڇيءَ ۾ هڪ زبانگب اڪيل هو ــ شڪار جي طور نه، بلڪ هڪ دوست جي حيثيت ۾، چاڪاڻ ته آهو عقاب جي ڇڇيءَ ۾ ويڙهيو پيو هو.

"اِهي آهن منهنجا جانور! منهنجيءَ تعليم جي روح جا سچا ترجمان!" زرتشت انتهائي خوشيءَ مان بي اختيار رڙ ڪري چيو.

"سپ ڪان زياده دنيا جو مغرور جانور ۽ سپ ڪان زياده دنيا جو سياڻو جانور ــ پڙتال ڪرڻ ۽ حالتن کي چڪاسڻ لاءِ ٻاهر نڪري آيا آهن.

"هو اِهو معلوم ڪرڻ آيا آهن ته زرتشت اڃا جيئرو آهي يا مري ويو. سچ پچ، آڳ اڇا جيئرو آهيان؟

"جيئڻ" مون کي جانورن جي نسبت انسانن جي وچ ۾ زياده خطري ۾ نظر آيو. يقيناً، زرتشت پنهنجي لاءِ پُرخطر رستا ورتا آهن. پل ته هاڻي هي منهنجا جانور منهنجي رهنمائي ڪن!"

اِهو چوندي، زرتشت کي ٻيڙي درويش جا لفظ ياد آيا،

جنهن سان جهنگ ۾ هن جي ملاقات ٿي هئي، ۽ هڪ سرد آهه پري، پنهنجو پاڻ کي چوڻ لڳو:

ڪاش، آءٌ ڪجهه زيادہ سياڻو هجان ها! ڪاش، آءٌ چمندي، پنهنجي دلڙان، هن پنهنجي نانگ وانگر ڪجهه زياده سياڻو هجان ها!

"پر آءٌ هڪ ناممڪن ڳالهه ڳڻي رهيو آهيان. انهيءَ ڪري آءٌ پنهنجي سياڻپ سان پنهنجي غرور جي سدا گڏ هجڻ جي خواهش ڪري رهيو آهيان"!

"۽ جي منهنجي سياڻپ ڪنهن ڏينهن مون کي ڇڏي وڃي ــ ۽ افسوس! آها سڀائين آڏامي وڃڻ جي شوق ۾ رهي ٿي ــ تڏهن منهنجو غرور شل منهنجيءَ حماقت سان گڏجي آڏامي!"

انهيءَ پٺ، زرتشت جو هيٺ لهڻ شروع ٿيو.

بقول زرتشت پهریون پاگو

۱۰ تبديليون

اڄ تو کي روح جون ٽي تبديليون ٻڌايان ٿو: روح ڪهڙيءَ طرح اٽڪ ٻڌجي ٿو، اٽڪ ڪهڙيءَ طرح شينهن، ۽ آخر ڪهڙيءَ طرح شينهن ٻار ٻڌجي ٿو.

روح لاءِ گهڻائي وڏا بار آهن—اُن روح لاءِ، جو مضبوط ۽ باربردار آهي، جنهن ۾ ادب ۽ ميڙ موجود آهي: چاڪاڻ جو اُن جي قوّت ڳرو ۽ ڳري ڳرو ۾ بار کڻڻ جي تقاضا ڪندڙ آهي.

'ڳري ۾ ڳري شيءِ ڪهڙي آهي، اي سورمؤ؟' باربردار روح اهو پڇي ٿو، 'تان تہ اُٺا اڄ کڻان ۽ پنهنجيءَ قوّت تي ناز ڪريان؟'.

ڇا، اُٺا هيءَ شيءِ نہ آهي: پنهنجو پاڻ کي هيٺ ڪرڻ، تان تہ پنهنجي غرور کي تڪليف پهچي؟ پنهنجيءَ بيعقليءَ جو ڏيکاءُ ڪرڻ، تان تہ پنهنجي عقلمنديءَ جو مذاق اڏايو وڃي؟

يا، اُٺا هيءَ آهي: پنهنجي مقصد کي اُن وقت ترڪ ڪري ڇڏڻ، جڏهن اُهو پنهنجي ڪاميابيءَ جو جشن ملهائڻ وارو هجي؟ لالچائيندڙ کي لالچ خاطر، اوچي ۽ اُپي جبل تي چڙهڻ؟

يا اُٺا هيءَ آهي: ڇاڻ جا ڪڪ ۽ ڪانا ڪاڻي زندگي بسر ڪرڻ، ۽ سچائيءَ خاطر ساهه کي سُڪائڻ ۽ بکون مارڻ؟

يا اُٺا هيءَ آهي: بيمار پوڻ ۽ تيمادارن کي رخصت ڏيئي ڇڏڻ، ۽ پوڙهن سان دوستي ڳنڍڻ، جي تنهنجو ڇوڙ بلڪل ٿڌا ٻڌن؟

يا اُٺا هيءَ: گندي پاڻيءَ ۾ گهڙي پوڻ، جڏهن اُهو سچائيءَ جو پاڻي هجي، ۽ اُن جي ٿڌن ڏيڏرن ۽ گرم ڪُنڊن کان حجاب نہ ڪرڻ؟

يا اُٺا هيءَ آهي: جي اسان کي ڏڪارين ٿا، تن سان

پيار ڪرڻ، ۽ شر سان هٿ ملائڻ جڏهن آهو اسان کي ڏيڇارڻ گهري؟

اهي سڀ گهري ۽ گهريون شيون باري ۽ باربردار روح پنهنجي مٿان لڏي ٿو: ۽ جيئن ڪو اٺ بار سان لڏجي ڪان پوء آٿي فاصلن تي تيز تيز هلندو آهي، اهڙيءَ طرح روح به پوء پنهنجن ڏور بيابان طرف ڊوڙي ٿو.

پر بيان جي وڌ ڪان وڌ اڪيلائيءَ ۾، اُن ۽ پي تبديلي واقع ٿئي ٿي، آٿي روحُ شينهن بڻجي ٿو وڃي: پنهنجي اُن بيابان ۾ هو آزادي هٿ ڪندو ۽ شاهي حاصل ڪندو.

آٿي هو پنهنجي آخري آقا جي تلاش ڪري ٿو: اُن سان، ۽ پنهنجي اڳئين خدا سان، هو متصادم ٿيندو: ۽ سوپ خاطر هو وڏيءَ ارڙ بلا سان آٿي وڙهندو.

ڪهڙي آهي آها وڏي ارڙ بلا، جنهن کي روح پوء پنهنجو آقا ۽ خدا سڏڻ لاء تيار نه ٿو رهي؟ "منهنجو حڪم!" آهي اُن وڏيءَ ارڙ بلا جو نالو. پر شينهن جو روح چوي ٿو، "منهنجي مرضي"!

"منهنجو حڪم" — آهو هڪ سونهري چلرن وار جانور هن جو دڳ جهليو ٻيٺو آهي. ۽ هر هڪ اُن جي چلر تي سونهري اکرن ۾ لکيل آهي: "منهنجو حڪم"!

اُنهن چلرن تي هزارن سالن جا قدر چمڪي رهيا آهن، ۽ سيني بلائن کان وڌيڪ سگهاري ارڙ بلا هيئن چوي ٿي: "حقيقتن جا سمورا قدر مون تي چمڪي رهيا آهن.

"سمورا قدر اڳي ئي پيدا ٿي چڪا آهن، ۽ سمورن پيدا ٿيل قدرن جي نمائندگي آءٌ ڪريان ٿي. 'منهنجي مرضي' هٻتان کان اڳتي بلڪل ڪانه هلندي" — اِهو آهي قول اُن ارڙ بلا جو.

منهنجا پائرو، روح ۾ شينهن جي چا ڪان ضرورت آهي؟

بار بردار جانور ٿي ڇو ڪافي نه آهي، جيڪو تياڳي ٿو ۽ ادب ۽ مڃتا وارو آهي؟

نوان قدر پيدا ڪرڻ ــ اهو ته اڃا شينهن به نٿو ڪري سگهي: پر پيدا ڪرڻ ڪاڻ پاڻ لاءِ آزادي پيدا ڪرڻ ــ اهو شينهن جي طاقت ڪري سگهي ٿي.

پاڻ لاءِ آزادي پيدا ڪرڻ ، ۽ خود فرض لاءِ به هڪ مقدس 'نه' حاصل ڪري ڇڏڻ: اِن لاءِ، منهنجا پائرو، برابر شينهن جي ضرورت آهي.

نون قدرن ٿي حق جي دعوا ڪرڻ ــ اِها هڪ باربردار ۽ ادب ۽ مڃتا واري روح لاءِ تمام گهري دعوا آهي. آهڙي روح لاءِ تحقيق اِها لٽڻ مارڻ جي ڳالهه آهي، ۽ اِهو لٽ مار ڪندڙ جانور جو ڪم آهي.

ڪڏهن مقدس ترين فرض طور آن "منهنجو حڪم" سان پنهنجو پيوند ٿي پاڻيو: هاڻي اُهو اهڙين مقدس ڪان مقدس شين ۾ به لازمي طور وهم ۽ ارهزورائي ڏسي ٿو، اِن لاءِ ته اُهو پنهنجي آن پَيوند کان ڇڇي آزاد ٿئي: اهڙيءَ آزاديءَ جي حاصلات لاءِ شينهن جي ضرورت هجي ٿي.

پر، منهنجا پائرو، مون کي ٻڌايو ته اُها کهڙي ڳالهه آهي، جا بارُ ڪري سگهي ٿو، پر شينهن آن جي ڪرڻ کان عاجز آهي؟ قرات ڪندڙ شينهن کي نه ته بار بڇڻ جي کهڙي ضرورت پيئي آهي؟

بار مجسم معصوميت آهي ــ درگذر، هڪ نئون آغاز، هڪ کيل، هڪ خودبخود قرندڙ ڦيٿو، هڪ ابتدائي چرپر. هڪ مقدس اثبات.

هائو، منهنجا پائرو، 'پيدا ڪرڻ' جي کيل خاطر زندگيءَ جي لاءِ هڪ پاڪ 'ها' چوڻ جي ضرورت آهي. روحُ هاڻي دنيا حاصل پنهنجي مرضي طلبي ٿو: دنيا جو ڏکيل خود پنهنجي ڪرڻ گهري ٿو.

مون تو لاءِ روح جون ٿي تبديليون بيان ڪيون آهن: ڪهڙيءَ طرح روح آڻ ٿيو، آڻ هڪ شينهن ٿيو، ۽ شينهن نيٺ ٻارُ ٿيو.

هيءَ هئي تقرير زرتشت جي، ۽ اُن وقت هو اُن شهر جو مقيم هو جنهن جو نالو 'سُوئا ڪئون' هو.

٢- نيڪيءَ جون عالمانہ سڏڻون

ماڻهو زرتشت وٽ هڪ سياڻي شخص جي گهٽي تعريف ڪئي تہ هو 'نند' ۽ 'نيڪيءَ' متعلق عجيب غريب ڳالهيون ٻڌائي ٿو، ۽ اُن ڪري هن جي وڏي تعظيم ۽ تڪريم ٿئي ٿي، ۽ سڀ نوجوان ادب سان هن جي نشست جي ويجهو وڃي ويهن ٿا، ۽ هن جي اڳيان طرح طرح جا تحفا پيش ڪن ٿا. زرتشت کي اِهو ٻڌي اُن سياڻي شخص کي ڏسڻ جو شوق پيدا ٿيو. چنانچہ هو اُن جي رهائش جي جاءِ تي ويو، ۽ ٻين نوجوانن سان گڏ پاڻ بہ اُن جي ڪرسيءَ جي اڳيان وڃي ويٺو. اُن سياڻي شخص ڪجهہ هين طرح پنهنجو درس شروع ڪيو:

احترام ۽ حجابُ نند جي آڏو لازم آهي؟ اِها پهرين ڳالهہ آهي؟ ۽ جيڪي ملي گهري نند نٿا ڪن رات جاڳندي ڪاڻين ٿا، اُنهن جي پاڇي کان پري رهڻ چگو آهي!

خود چور بہ نند جي آڏو حجاب ڪري ٿو: هو همیشہ رات جو چوريءَ چوريءَ هلي ٿو. چوڪيدار البت گستاخ آهي: ڏاڍيءَ گستاخيءَ سان هو لٽ کڙڪائيندو ۽ هوڪار ڪندو رهندو آهي.

نند کو معمولي فن ڪونهي: اُن لاءِ سڄو ڏينهن جاڳڻ ضروري آهي.

ڏهہ ڀيرا ڏينهن ۾ توڪي پاڻ تي ضبط ڪرڻو آهي: اِها

مشق توکي پوريءَ طرح ٽڪائي ڇڏيندي، ۽ تنهنجي نفس لاءِ پست جي ڏوڏيءَ جو ڪم ڏيندي.

ڏهه پيرا توکي پاڻ سان وري پرچڻو آهي؛ ڇاڪاڻ ته ضبطُ ڪرڻ آهي، ۽ جيڪي پاڻ سان نٿا پرچن، اُهي ڏکيا ٿا سمهن.

ڏهه سچ توکي ڏينهن ۾ دريافت ڪرڻا آهن؛ نه ته رات جو توکي سچ جي تلاش ڪرڻي پوندي، ۽ سچو وقت تنهنجو نفس بڪ کان وٺ پيو کائيندو.

ڏهه پيرا ڏينهن ۾ توکي ڪلٽو آهي، ۽ خوش رهڻو آهي؛ نه ته تنهنجو پيٽ، جيڪو هر آزار جو آبو آهي، رات جو توکي پيو ڦٽڪائيندو.

ٽورن ماڻهن کي اِها خبر آهي، پر ماڻهوءَ جي اندر ۾ نيڪيون هونديون، ته ماڻهو سڀي نند ڪري سگهندو. پلا، آءٌ ڪوڙي شاهدي ڏيان؟ ٻين جا ننگ ڇپان؟ ڇا، پنهنجي پاڙيسريءَ جي نوڪرياڻيءَ ۾ ٻري اک وجهان؟—هي سڀ ڪالهيون سڀيءَ نند جون ويريائيون آهن.

۽ ماڻهوءَ ۾ جيڪڏهن سڀ نيڪيون هجن ٻه، ته ٻه هڪڙي شيءِ اڃا به گهربل رهندي: ۽ اُها هيءَ ته مناسب وقت تي خود نيڪين کي به سُڪونَ سان سمهاري ڇڏڻو آهي.

ته جيئن اُهي، نيڪ خصلت گهر وارين وانگر، پاڻ ۾ وڙهي نه پون! ۽ اُهو به، اي دکي اسان، تو تان!

خدا سان ۽ پنهنجي پاڙيسريءَ سان سرچاءُ: مني نند اِهو گهري ٿي. ۽ پنهنجي پاڙيسريءَ جي شيطان سان به پرچاءُ! نه ته اُهو رات جو تو تي پيو واسو ڪندو!

حڪومت جي تعظيم، ۽ مڃتا، ۽ ڪپتيءَ حڪومت جي به! سڀي نند اِئين به گهري ٿي. جيڪڏهن طاقت ڏنگين چنگهن تي هلڻ چاهي ٿي، ته آءٌ اُن لاءِ چا ٿو ڪري سگهان؟

البت مون وٽ سدائين اُهو جيڪو نهنجين رڍن ڪي

بهترين سبزه‌زار ڏانهن وڃي ٿو، سو بهترين ريڍار شمار ٿيندو: ۽ اِها گاله به سڀئي نند سان ٺهڪندڙ آهي.

آڏ گهٽا اعزاز ڪونه ٿو گهران، ۽ نه گهٽا خزانا: آهي جگر ڪي مشتعل ٿي ڪن ٿا. پر ڪجهه قدر نيڪنامي ۽ ٿوريء ڪجهه دولت کان سواءِ به برابر نند ڦٽي پوي ٿي.

خراب سنگت کان ٿوري سنگت مون لاءِ مبارڪ ۽ وٺندڙ آهي، بشرطيڪ آهي به وقت جي پابنديء سان اچڻ ۽ وڃڻ. آرام جي نند لاءِ اِهو به اصول ضروري آهي.

مون ڪي آهي. ماڻهو به وٺندا آهن جيڪي نماڻا ۽ سماجها هوندا آهن: آهي نند ڪي آتساهين ٿا. مبارڪ آهن آهي، خاص طرح ڏڏهن جڏهن آنهن جي يڪدم ۽ هميشه گاله مڃي وڃي.

اهڙيء طرح نيڪين جي صاحب جو ڏينهن گذري ٿو. جڏهن رات اچي ٿي، ته هوننڊ ڪي سعيو ڪري سڏڻ کان پرهيز ڪندو آهي. آهائين زوريء سڏجڻ نه چاهيندي آهي — ڇو ته نند سيني نيڪين ۾ مڪ نيڪي آهي.

پر جڏهن آڏ ليٽندو آهيان تڏهن آن ڏينهن مون ڇا سوچيو ۽ ڇا ڪيو، آن تي ويچاريندو آهيان. ائين، هڪ صابر ۽ خاموش گاڻء وانگر، پاڻ کان پڇندو آهيان: "ڪهڙين ڏڏهن گاله‌هين ۾ تو پاڻ تي ضبط ڪيو؟"

۽ ڪهڙين ڏڏهن گاله‌هين ۾ مون پاڻ سان پرچاءُ ڪيو، ۽ ڪهڙا ڏڏهن سچ هٿا جيڪي مون ماڻيا، ۽ ڪهڙا ڏڏهن ٺهڪ هٿا جن سان منهنجي دل پاڻ وندرايو؟

ائين ويچاريندي، ۽ چالين خيالن جي پينگهي ۾ لڏندي، هوءَ مون وٽ جهٽ ۾ پهچي ويندي آهي — نند، جيڪا بنان سڏڻي ايندي آهي، ۽ سيني نيڪين جي مڪ نيڪي آهي.

نند جڏهن منهنجي اکين کي ٺهريندي آهي ته آهي خودبخود پورجي ويندين آهن: نند جڏهن منهنجي چپن کي ڇهندي آهي

تہ اُهي ڪلڻي جا ڪليا رهجي ويندا آهن ۽ ڪڏهن اُهي بند ٽيل ۾ پيا مُرڪندا آهن.

بلاشڪ، نند هڪ چور وانگر، بنان آهٽ جي، مون وٽ اچي ٽي، ۽ منهنجا خيال مون کان چورائي وڃي ٽي: ۽ پوءِ آءٌ هن جي مسند جي ڪرسيءَ وانگر مڙهائيو پيو هوندو آهيان.

پر گهڻيءَ دير تائين موڪلائيل نہ ٿا: ٽوٽي ٽي پوءِ هوءَ مون کي ڪٽي ويندو آهي—

جڏهن زرتشت هڪ سياڻي شخص کي اِئين ڳالهائيندي ٻڌو، تڏهن هن پنهنجي دل ۾ ڪليو: چاڪاڻ تہ اِن مان هُن جي دل کي هڪ روشني ملي هئي، ۽ هو پنهنجو پاڻ کي مخاطب ٿي هيئن چوڻ لڳو:

هيءُ سياڻو ۾ پنهنجن خيالن سميت ايانو ٿو ڏسجي. پر ايترو سو آهي، جو هن کي نند جو لطف وٺڻ خوب اچي ٿو.

جيڪو هڪ سياڻي شخص جي قريب رهي ٿو، اُهو ۾ خوش ٿي گذاري ٿو! هيءَ نند وڇڙندڙ آهي — وچ ۾ مضبوط ڏُلهي پٽ هوندي، تہ اُن مان ڪِي به اِها وٽي ويندي.

هُن جي علمي ڪرسيءَ ۾ به هڪ جادو هجي ٿو. ۽ نوجوانَ نيڪيءَ جي هن واعظ جي آڏو اِئين ٿي ڪي بيسود ڪونہ ٿي ويندا.

هن جي سياڻپ يا دانائي اِها آهي تہ سڀيءَ نند جي ماڻڻ لاءِ جاگڻ ضروري هو. ۽ واقعي، جيڪڏهن زندگيءَ جي ڪا معنيٰ نہ هجي ها، ۽ مون لاءِ ڪنهن بي معنيٰ شيءِ جي چوندِ ڪرڻ ضروري ٿئي ها، تہ اِن بي معنيٰ گالهہ کي آءٌ ۾ پنهنجي دلپسند گالهہ سمجهان ها.

مون کي هاڻي چڱيءَ طرح معلوم ٿيو تہ ماڻهو هيستائين خوش ڪرداريءَ جي مبلغن کان، ۽ سڀني گالهين کان وڌيڪ، ڇا ٿي حاصل ڪندا رهيا. ڪين پنهنجي لاءِ بهترين نند ملي ٿي،

۽ وري آن کي زور ونائڻ ۽ گهري ڪرڻ لاءِ پُست جي ڏوڏين جي سَتَ جهڙيون نشيدار نيڪيون.

علم ۽ فضل جي مسند تي ويهڻ وارن آنهن سڀني ڏاهن جي سمجهه موجب، ڏاهپ ۽ چڱ خوابن کان خالي نٿا هئي، جنهن ۾ خيال جو پرواز هوئي ڪونہ: ڪين زندگيءَ جي آن کان وڌيڪ اهميت معلوم ڪانہ هئي.

اڄ ٻ، يقيناً کي هين واعظ جهڙا ماڻهو موجود آهن، جيتوڻيڪ سڀيئي ايڏيءَ عزت وارا ڪينهن: پر هاڻي آنهن جو زمانو گذري ويو. هو گهڻيءَ دير تائين ٻيهي نہ سگهندا: چاڻ تہ ليئيا، چاڻ ٿي ڪين نٿا وڃي!

مبارڪ آهن منجهائن آهي، جن جي اکين ۾ نٿا پرجي آئي آهي: ڇو تہ هاڻي آهي جلدئي ڪنڌ لاڙي سمهي رهندا.

زرتشت ائين چيو.

۳- اڳينءَ دنيا جا ماڻهو

هڪ پيرو، [مون] زرتشت ٻ، سڀني اڳينءَ-دنيا-جي-ماڻهن جيئن، پنهنجو خيال انسان کان پَري ڊوڙايو. دنيا مون کي هڪڙي دکي ۽ پيڙا ۾ ورتل خدا جو ڪم نظر آيو.

هڪڙي خدا جو خواب-۽ عبارت-هيءَ دنيا مون کي نظر آئي: هڪ اِلاهي ناراض هستيءَ جي اکين آڏو اٽندڙ رنگ-برنگي بخارن جيان.

نيڪي ۽ بدي، ۽ سڪ ۽ ڏک، ۽ آءُ ۽ تون-خلقيندڙ اکين آڏو رنگ برنگي بخار مون کي نظر آيا. خلقيندڙ پاڻ کان پري ڏسڻ چاهيو،-جنهن تي هيءَ دنيا خلقيائين.

ڏکويل لاءِ اِها نشہ آگين خوشي آهي، جنهن ۾ هو پنهنجي دک مان باهر نڪري پري ڏسي ٿو ۽ پاڻ وساري ٿو

چڏي. آهائي نشي ڏيندڙ ۽ پاڻ وساريندڙ چيز، هيءَ دنيا ڪنهن زماني ۾ مون کي نظر آئي هئي.

هيءَ دنيا، هميشه نامڪمل رهڻ واري دنيا، سدا رهندڙ تضاد جو عڪس ۽ نامڪمل عڪس—پنهنجي نامڪمل خلاق لاءِ نشي ڏيندڙ خوشي: هڪ زماني ۾ هيءَ دنيا مون کي ائين نظر آئي:

ائين، هڪ پيرو، مون به پنهنجو خيال، سڀني اکين۽-دنيا-جي-ماڻهن وانگر، انسان کان باهر، انسان کان پري، ڏوڙاپو هو. انسان کان پري، انسان کان باهر—ڇڙ ائين ئي به سگهيو ٿي!

آه، منهنجا پائرو، آهو خدا، جو مون ائين خلقيو، انساني ڪم هو، ۽ انساني ديوانگي هئي آها، مڙني اهڙن خدائن وانگر!

هڪ انسان هو آهو، ۽ انسان جو به هڪ ڪمتر جزو، اُن جي آنا. منهنجي پنهنجي رڪ ۽ شعلي مان آيو منهنجي تصور ۾ آيو هو، آهو خيال. ۽ سچ پچ، مون وٽ آهو ماورا کان ڪونه آيو هو.

ٿيو ڇا هو، منهنجا پائرو؟ آءٌ، جيڪو ڏکويل جيءَ هوس، پاڻ کان اڳ نڪري ويس، مان پنهنجي رڪ پهاڙ تي ڪٿي ويس، پنهنجي لاءِ اُنهن مان هڪڙو روشنتر شعلو رتي ورتم. ۽ پوءِ! ۽ پوءِ آهو خيال منهنجي وسان نڪري ويو.

آءٌ، جو هاڻي سڪرائيءَ ۾ آهيان، اُن خيال کي بچڻ منهنجي لاءِ سنور ۽ ايذاءُ ٻي ثابت ٿيندو، اُن مان مون کي ڊڄ ٿي پيئه پوندو ۽ منهنجي گهٽتائي ٿيندي. ائين آءٌ اڄ اکين۽-دنيا-جي-ماڻهن کي جوان ٿو.

آهو ڊڪ ۽ سور هو، ۽ پڻ ڪمزوري، نيستائي—جن سڀ اکين-دنيائون پيدا ڪيون؛ ۽ پڻ خوشي ۽ جي ٿور-وقتي ديوانگي، جيڪا بيحد ڊڪي انسان ٿي فقط ڏسي ۽ ماڻي سگهندو آهي.

ياندائي ۽ ٽڪاوٽ، جيڪا هڪ ٿي ٿي سان آخري

نشان تي پهچڻ گهري ٿي ــ هڪ ٿي موت-جي-ڏيڻي سان ؛ هڪ بيوس، جاهل ماندائي، جيڪا وڏيڪ ڪنهن ارادي جو ارادو ڪرڻ لاءِ به تيار نٿي ٿي سگهي: سموريون اڳيون-دنيائون اُن جون پيدا ڪيل آهن.

مون تي اعتبار ڪريو، منهنجا پائرو! اُهو جسم ٿي هو، جو جسم ڪان مايوس ٿيل هو ــ جنهن انتها جي ديوارين تي مدهوش روح جي آگرين سان هٿوراڙيون ٿي هنيون.

مون تي اعتبار ڪريو، منهنجا پائرو! اُهو جسم ٿي هو، جو ڏرتيءَ کان مايوس ٿيل هو ــ جنهن وجود جي اندر ڪي سائس گهالهائيندي پڏو هو.

۽ پوءِ، "بي دنيا" ۾ پهچڻ لاءِ، اُن پنهنجي مٽي سان ــ ۽ رڳو پنهنجي مٽي سان به نه ــ انتها جون ديواريون لنگهڻ ٿي گهريون!

پر اُها "بي دنيا" انسان کان خوب لکل آهي ــ اُها 'بي-انسانيل ۽ ڪنور دنيا، جيڪا هڪ سماوي 'ڪجهه نه' آهي؛ ۽ وجود جو اندر' انسان سان هرگز نه ٿو گهالهائي سواءِ انسان جي ٿي صورت ۾.

واقعي، 'ڪُل هستيءَ' جو ثابت ڪرڻ مشڪل آهي، ۽ اُن کان گهالهارائڻ به مشڪل آهي. پر اي منهنجا پائرو، اوهين مون کي ٻڌايو: ڇا، سڀ کان عجيب شيءِ پوريءَ طرح ثابت ٿيل نه آهي؟

هائو، هيءُ 'نفس'، هيءُ 'آهتم'، هيءُ 'پاڻ'، پنهنجي تضاد ۽ پنهنجي انتشار سميت، پنهنجي هستيءَ بابت پوريءَ سچائيءَ سان گهالهائي ٿو ــ هيءُ جوڙيندڙ، ارادو ڪندڙ، ڪٽ ڪندڙ 'پاڻ' جيڪو شين جو مائ آهي ۽ قدر آهي.

۽ هيءُ سڀ کان سچو وجود، هيءُ 'پاڻ' ــ جسم بابت گهالهائي ٿو، ۽ جڏهن خيال پچائي ٿو، رڙي ٿو، کلي ٿو ۽

وائلاجي ٿو ، ۽ پگل ڪنهن سان ڦڙڪي ٿو ، ته به اُن جي مراد جسم بابت ئي ڪجهه ٿيڻ ۽ ڪرڻ جي هجي ٿي.

سڏائين ، هيءَ 'پاڻ' وڌ کان وڌ سچائيءَ سان گالهائڻ سکي ٿو؛ ۽ جيئن جيئن اِئين سکي ٿو، تيئن تيئن جسم جي لاءِ ۽ پنهنجي ڏرتيءَ لاءِ اڪرام ۽ عزتون اُهو دريافت ڪري ٿو.

مون کي هڪ نئين فخر پنهنجي 'پاڻ' جي شناس ڏني، ۽ اُها آڳ ماڻهن کي سيکاريان ٿو: سماوي شين جي واريءَ ۾ وڌيڪ پنهنجو مٿو پورڻ لاءِ نه، پر اُن کي، هڪ ارضياتي مٽي کي، آزاديءَ سان ۽ فخر سان اوچو جهلي هلڻ لاءِ، جيڪو ڏرتيءَ کي معنيٰ بخشي ٿو!

آڳ ماڻهن کي هڪ نئون ارادو سيکاريان ٿو: اُن رستي جي انتخاب ڪرڻ جو ، جنهن تي ماڻهو انڊي جيان هلندو آيو آهي ، ۽ اُن کي پنهنجي آزاد مرضيءَ سان قبولڻ جو — ۽ نه اُن کان بيمار ۽ ڪريل ماڻهوءَ وانگر لڪي پاسو ڪري وڃڻ جو!

بيمار ۽ ڪريل — اِهي هٿا جن جسم کي ۽ ڏرتيءَ کي ڏکاريو ٿي، ۽ آسماني دنيا ايجاد ڪئي هئي ۽ نجات لاءِ رت جا قطرا دريافت ڪيا هٿا؛ پر خود اُهي هٿا ۽ غم آلود زهر به اُنهن جسم کان ۽ ڏرتيءَ کان ورتا هٿا.

پنهنجي درگتيءَ کان هٿن بچڻ ٿي گهريو، ۽ ستارا اُنهن جي پهچ کان پري هٿا. پوءِ هٿن ڏڏا ساهه ٿي پريا: "ڪاش، آسماني رستا هجن ، جن جي وسيلي ٻئي وجود ۽ خوش وقتيءَ طرف پڄي وڃون!" ۽ اِئين هٿن بچڻ جا رستا ۽ خوف جا ڏڪ ايجاد ڪيا.

هاڻي هِنن ناشڪرن پنهنجي وسوسي ۽ وهم ۾ اِئين سمجهيو ته هو پنهنجي جسم ۽ پنهنجيءَ ڏرتيءَ جي دائري کان نڪري، "بيءَ دنيا" تائين پهچي ويا آهن. پر اِها اعصابي پرواز واري ڪيفيت ۽ محويت کين ڪنهن جي طفيل ملي؟ پنهنجي جسم ۽ هِين ڏرتيءَ جي طفيل.

زرتشت هيءَ بيمارڻ روح سان نرمائيءَ ۽ تحمل سان پيش آچي ٿو. سچ پچ هو سندن تشفيءَ جي ظريقن ۽ سندن ناشڪريءَ کان متن کاوڙ کائڻ ٿو ڪري. شال هي سڪر ٿين ۽ پنهنجيءَ اڳهاڙيءَ تي قابو پائين. ۽ پنهنجي لاءِ برتر ۽ سڳهارا جسم ناهين ۽ قائم رکن.

نہ ڪي زرتشت بيماريءَ مان اڃل آهڙي ڪنهن مسڪين تي کاوڙ ڪري ٿو، جيڪو پنهنجن وهمن ۽ وسوسن ڏانهن ڏاڍيءَ محنت ۽ نازڪ دليءَ سان ڏسي ٿو، ۽ اڌ رات جو اٿي پنهنجي خدا جي فڪر ۾ وڃي ٿو ۽ آڏي ڦيرين ٿو پائي؛ پر افسوس، آن جي ڪوڙهن ۾ نہ آن جي بيماري ۽ آن جو بيمار جسم ته آهوئي عڪسيل هجي ٿو.

گهٽائي بيمار آنهن ماڻهن ۾ لين ٿا، جي خيال ڏوڙائين ٿا ۽ خدا جي وصال لاءِ تڙڦن ٿا؛ آهي اهل نظر کان سختيءَ سان نفرت ڪن ٿا ۽ نيڪين سان تازه ترين سچائيءَ جي نيڪيءَ کي شڪ جي نگاهہ سان ڏسن ٿا.

هو هر وقت پوئتي تاريڪ زماني ڏانهن نهارينداً رهن ٿا؛ تڏهن خام خيالي ۽ خوش اعتقادي واقعي ڪجهہ ٻيءَ طرح جون هيون. عقل جي وائلجڻ کي خدا سان مماثلت مڃيو ويندو هو، ۽ شڪ کي گناهہ ليکيو ويندو هو.

خدا مثل ۽ خدا رسيده آنهن ماڻهن کي آءٌ چڱيءَ طرح سڃاڻان ٿو. هو گهرن ٿا ته ماڻهن جو متن ايمان هجي، ۽ چون ٿا ته متن شڪ ڪرڻ گناهہ آهي. مان اِهو نہ خوب ڄاڻان ٿو ته هو پاڻ سڀ کان وڌيڪ ڪنهن کي ٿا مڃين ۽ ڪنهن جو خيال ٿا رکن.

تحقيق، هو گذريل پاڪ ڏنمائن ۽ نجات ڏيارينڊڙ خون جي وهيل ڦٽڻ کي نہ، پر سڀ کان وڌ هو پاڻ نہ جسم ڏي مڃين ٿا؛ ۽ سندن جسم پنهنجيءَ جاءِ تي هڪڙن لاءِ سيڪجهہ آهي.

پر اُهو اُنهن لاءِ هڪ بيمار شيءِ ۽ آهي، ۽ خوشيءَ سان هو اُن سوڌو پنهنجي چمڙيءَ مان ٻاهر ڪيڏانهن نڪري وڃڻ چاهين ٿا! انهيءَ ڪري ئي هو موت جي واعظن جا وعظ ڪن ڏيئي ٻڌن ٿا، پاڻ ۾ اڳين-دنيائن جا وعظ ڪن ٿا.

اوهين، منهنجا پائرو، بهتر آهي ته تندرست جسم جي آواز کي ڪن ڏيئي ٻڌو؛ اِهو وڌيڪ سچو ۽ اُجرو آواز آهي. صحتمند جسم وڌيڪ سچائيءَ سان ۽ وڌيڪ اُجري آواز سان گهالهائي ٿو ــ جسم جهڪو پورو ۽ سالم آهي؛ ۽ اُهو ڏرتيءَ جي مفهوم جو ذڪر ڪري ٿو.

زرتشت اِئين چيو.

۴. جسم جا ڏکاريندڙ

جي ماڻهو جسم کي ڏکارين ٿا، اُنهن کي آءٌ پنهنجو فيصلو ٻڌائڻ گهرانءِ ٿو. آءٌ چوان ٿو ته اُنهن کي نه ته ڪجهه نئينءَ شيءِ جي سکڻ جي ضرورت آهي، ۽ نه سيکارڻ جي، بلڪ اُنهن کي کپي ته هو پنهنجي جسم کي خدا حافظ چئي ڇڏين، ۽ گونگا بنجي وڃن.

بار چوي ٿو ته "آءٌ جسم آهيان، ۽ ساهه." ۽ ماڻهوءَ کي ڇو اِئين بارن وانگر نه گهالهائڻ کپي؟

جيڪو سڄاڻ آهي، ۽ ڄاڻي ٿو، اُهو چوي ٿو ته "آءٌ سڄو جسم آهيان، ۽ ٻيو ڪجهه نه؛ ۽ ساهه رکو جسم ۾ ڪنهن شيءِ جو نالو آهي."

جسم هوشٌ اعليٰ آهي، هڪ جوڙ يا ڪثرت ــ هڪ رٽ، هڪ حِس، رکندڙ ــ جنگ ۽ صلح، ڌڻ ۽ ريوڙ جو هڪ تعلق.

منهنجا پاءُ، تنهنجي جسم جو هڪڙو اوزار ۽ آهي ــ

تنهنجو 'هوش ادنيٰ'، جنهن کي تون "روح" سڏين ٿو ــ تنهنجي هوش اعليٰ جو هڪڙو ننڍڙو اوزار ۽ راندیڪو.

"آءُ"، تون چوين ٿو، ۽ اُن لفظ تي فخر ڪرين ٿو. پر اُن کان وڏي شيءِ ــ جنهن کي مڃڻ لاءِ تيار نہ آهين ــ تنهنجو جسم آهي پنهنجي هوش اعليٰ سان؛ آهو "آءُ" جُڏي نٿو، پر آئين ڪري ٿو.

جيڪي ڪجهہ حِسُ يا سُرت محسوس ڪري ٿي، جيڪي ڪجهہ روح پائڻين ٿو، اُن کي بذات خود کو مقصد ڪونهي. پر حِس ۽ روحُ تو کي مڃائڻ جي سعيي ۾ رهن ٿا تہ سڀني شين جو آهي مقصدُ آهن ــ ايترا تہ آهي هلڪا ۽ خوش-پڏڻا آهن.

اوزارَ ۽ راندیڪا آهن حسُ ۽ روحُ: اُنهن جي پويان وري به 'پاڻُ' آهي. 'پاڻُ' حواسن جي اکين سان ڳولا ڪري ٿو، آهو روح جي ڪنن سان ٻُوجهي به ٿو.

'پاڻُ' سدائين ٻُوجهي ٿو، ۽ ڳولا ڪري ٿو؛ آهو پيٽي ٿو، سيکي ٿو، جيتي ٿو، ۽ ڌاهي پٽ به ڪري ٿو. آهو راڄ ڪري ٿو، ۽ 'آءُ' جو به وڏو آهي.

تنهنجي جسم ۾ تنهنجي بهترين ڏاهپ کان وڌيڪ هوشُ آهي. ۽ پوءِ ڪير نٿو ڄاڻي تہ ڇو تنهنجي جسم کي رکبو تنهنجي بهترين ڏاهپ جي ڪپت آهي؟

تنهنجو 'پاڻ' تنهنجي 'آءُ' تي ۽ اُن جي هٿيلن ڪنڊن تي کيلي ٿو. هو پاڻ کي چوي ٿو: "اِهي خيال جا ڇال ۽ ڪنڊا ۽ پروازَ منهنجي ڪهڙي ڪم جا آهن؟ اِهي تہ منهنجي مقصد جا نندا ٻيڙا آهن. آءُ اِنهي 'آءُ' جي مهار آهيان، مان ئي اُن جي قياسن ۽ خيالن جو محرڪ آهيان.

'پاڻُ' 'آءُ' کي چوي ٿو: "ايذاءُ محسوس ڪر!" ۽ 'آءُ' ايذائجي ٿو، ۽ سوچي ٿو تہ آهو ايذاءُ ڪيئن ختم ٿئي ــ ۽ اُن ئي مقصد لاءِ سڄو اُن جو سوچڻ آهي.

'پاڻ' 'آءٌ' کي چوي ٿو: "آرام محسوس ڪر!" ۽ 'آءٌ' خوش ٿو ٿئي، ۽ سوچي ٿو ته ڪيئن هر هر ۽ گهٽو وقت هو خوش رهي—۽ اُن ئي مقصد لاءِ سچو اُن جو سوچ آهي.

جسم جي ڏکارينڊڙن کي مان هڪڙي گاله٪ ٻڌائڻ گهران ٿو. ڪنهن شيءِ کي جو ڏکارجي ٿو، ته اُن کي پهريائين اهميت ڏجي ٿي. اُهو ڇا آهي، جنهن اهميت پيدا ڪئي ۽ ڏکار، قدر پيدا ڪيو ۽ ارادو؟

پيدا ڪندڙ 'پاڻ' پنهنجي لاءِ اهميت به پيدا ڪئي ۽ ڏکار به، پنهنجي لاءِ خوشي به. پيدا ڪئي ۽ ڏک به پيدا ڪندڙ جسم پاڻ لاءِ— پنهنجي ارادي لاءِ هڪڙي هٿئي طور— روح پيدا ڪيو.

اوهين جيڪي جسم جا ڏکارينڊڙ آهيو، خود پنهنجي اُن حماقت ۽ ڏکار سان پنهنجي 'پاڻ' جو حڪم مڃو ٿا ۽ اُن جي خدمت ڪريو ٿا. مان اوهان کي ٻڌايان ٿو ته توهان جو خود 'پاڻ' مرڻ چاهي ٿو، ۽ زندگيءَ کان اُن منهن موڙي ڇڏيو آهي!

اوهان جو پاڻ وڏيڪ اُهو ڪجهه نٿو ڪري سگهي، جو هو سڀ کان گهٽو چاهي ٿو:— پنهنجي پاڻ کان پرانهون ڪجهه پيدا ڪرڻ. سڀ کان گهٽو اِهو ڪجهه هو ڪرڻ چاهي ٿو؛ سچي اُن جي سرگرمي، سچو اُن جو انساهه اِهو آهي.

پر اُن لاءِ هاڻي اُن کي گهڻي دير پڄجي ويئي آهي:— اِن ڪري، اي جسم جا ڏکارينڊڙ صاحبؤ، اوهان جو 'پاڻ' آڻ مڃڻ گهري ٿو.

آڻ مڃڻ— اوهان جو 'پاڻ' هاڻي اِهو ٿو گهري؛ ۽ انهيءَ ڪري اوهين جسم جا ڏکارينڊڙ ٿي پيا آهيو. چاکاڻ ته وڏيڪ اوهين پاڻ کان پرانهون ڪجهه پيدا نٿا ڪري سگهو. ۽ اِنهيءَ ڪري اوهين زندگيءَ تي ۽ ڏرتيءَ تي، ڪاوڙجي

پيا آهيو. ۽ اوهان جي ڏکار ۾ريل پاسيريءَ نگاهه ۾ لاشعوري حسد ۽ ريس ۾ريل آهي.

اوهين جيڪي جسم جا ڏکارينڊڙ آهيو، اوهان جي راهه سان هرگز ويندڙ مان ناهيان! اوهين فوق‌البشر تائين رسڻ لاءِ منهنجي پُل نه آهيو! —

زرتشت اِئين چيو.

۵- خوشيون ۽ جذبا

منهنجا ڀاءُ، جيڪڏهن تو ۾ ڪا نيڪي آهي، ۽ اُها تنهنجي پنهنجي نيڪي آهي، ته اُن ۾ ڪو ٻيو تنهنجو شريڪ نه آهي.

پڪ ٿي پڪ تون اُن کي نيڪ نالي سان سڏيندين ۽ اُن کي پيار ڪندين، تون اُن جا ڪن مهٽيندين ۽ اُن سان ڪل چرچو ڪندين.

۽ پوءِ! پوءِ تون ڏسندين ته اُن جو نالو تو ۾ ۽ سيني ماڻهن ۾ مشترڪ آهي، ۽ تون پنهنجي اُن نيڪيءَ سان سيني ماڻهن جو ۽ ڏڻ جو هڪ جز ٻڌجي ويو آهين.

بهتر ٿئي، جي تون چئي سگهين: "جا شيءَ خاص منهنجي ساهه کي تڪليف پهچائي ٿي ۽ راحت بخشي ٿي، ۽ منهنجي اندر جي وڏي ٻڪ آهي، اُها آمٽ آهي ۽ اُن جو ڪو نالو ڪونهي."

تنهنجي نمڪي نالن جي ڏيٺ ويٺ کان متي هٽڻ گهرجي، ۽ جيڪڏهن تو کي اُن بابت گهالهائڻو به پوي، ته بنهه ٻاتن جيان، رکجي رکجي، اُن بابت گهالهائڻ ۾ شرمائجڻ نه گهرجي.

۽ اِئين رکجي رکجي، ٻاتن جيان، چؤ "اِها منهنجي

پلائي آهي، اِن سان مون کي پيار آهي، اِها مون کي ڏاڍي خوشي ڏئي ٿي، فقط اِنهيءَ ئي طرح آءٌ پلائي چاهيان ٿو.

"ڪنهن خدا جي قانون طور آءٌ اِها نٿو چاهيان، ڪنهن انساني قانون يا ڪنهن اِنساني ضرورت طور آءٌ اِها نٿو چاهيان؛ اِها مون کي بهشتن ۽ ڏرتيءَ کان متي ڪن دنيائن ڏانهن وٺي وڃڻ ۾ رهنما نشانن جو ڪم ڪائنات ڏيندي.

"اِها هڪ ارضياتي، هيئن ڏرتيءَ جي هڪ، نيڪي آهي، جنهن سان مون کي پيار آهي؛ ڪا عاقبت‌انديشي اِن ۾ ڪانهي، ڪا روزمره جي قسم جي ڏاهپ اِن ۾ ڪانهي.

"پر اِنهي پڪيءَ، اڇي منهنجي پرسان آڪيرو ناهيو آهي؛ اِنهيءَ ڪري آءٌ اُن ڏي پيار ڪريان ٿو ۽ ساهم سان سانديان ٿوسـهاڻي آهو منهنجي پرسان پنهنجن سونن آنن تي ويٺو آهي."

اُئين تو کي ٻاڻن جيان گالهائڻ ڪپي، ۽ پنهنجي نيڪيءَ کي ساراهڻ ڪپي.

هڪ وقت تو وٽ جذبا هٿا، ۽ اُنهن کي تو ٻُرو چيو، ۽ هاڻي تو وٽ تنهنجون نيڪيون آهن؛ اِهي تنهنجن جذبن مان اُپريون آهن.

تو پنهنجو اعليٰ‌ترين مقصد اُنهن جذبن جي اندر پوکيو؛ پوءِ اُهي ڦري تنهنجون نيڪيون ۽ تنهنجون خوشيون بڻجي ويا.

۽ جيتوڻيڪ تون تيز مزاج ماڻهن جي جنس مان هئين، يا عيش پسند ماڻهن جي، يا متعصب ماڻهن جي، يا ڪينه پرور ماڻهن جي،

آخرڪار سڀ تنهنجا جذبا نيڪيون بڻجي ويا، ۽ سڀ تنهنجا شيطان فرشتا ٿي ويا.

هڪ وقت تنهنجي تهه خاني ۾ تو وٽ ڪتا هٿا، پر آخرڪار اُهي سڀ پکين ۾ ۽ راڪ آلا‌پيندڙن ۾ بدلجي ويا.

تو پنهنجن زهرن مان پنهجي لاءِ اڪسير جو عرق ڪڍيو

هو، تو پنهنجي رنج ۽ غم جي گاڻ جو ڪير ڏڏو هوـــهائي تون اُن جي اوهه جو منو ڪير ٻي رهيو آهين.

۽ ڪاوڙ برائي اڳتي تو ۾ ڪاڻ ٿي آيري، سواءِ اِن جي ته اُها ٽنهنجي نيڪين جي ڪشمڪش جو نتيجو هجي.

منهنجا ٻاڻ، جيڪڏهن تون خوش‌قسمت آهين، ته تو وٽ فقط هڪ ئي نيڪي هئڻ ڪپي، نه وڌيڪ؛ اُنهيءَ ئي طرح تون پُل تان سولائيءَ سان پار ٿيي سگهندين.

ماڻهوءَ لاءِ گهٽيون نيڪيون رکڻ برابر شهرت ۽ ناموري آهي، پر ڏاڍي ڏکي گاله آهي؛ ۽ ڪيترائي اِنهيءَ ڪري منجهي ويا ۽ پاڻ کي ماري ڇڏيائون، ڇاڪاڻ ته هو نيڪين جي جنگ ۽ جنگ جو ميدان بڻجي بڻجي ٽڪجي ٻيا هئا.

منهنجا ٻاڻ، ڇا، جنگ ۽ لڙائي ٻُرائي آهي؟ برائي، بهرحال، آوَس ۽ اڻڻر سا آهي؛ نيڪين جي وچ ۾.

منهنجا ٻاڻ، ڇا، جنگ ۽ لڙائي بري شيءِ آهي؟ خود برائي آوَس، بهرحال، آهي. حسد ۽ بي‌اعتباري ۽ غيبت نيڪين جي وچ ۾ اوس آهن، اڻڻر آهن.

ڏس ٽنهنجي هڪ نيڪي ڪهڙيءَ طرح بلندترين اوچائين جي آرزومند آهي! اُها گهري ٿي ته ٽنهنجو مڪمل روح **اُن جو** بيشرُو بڻجي! اُها غصي ۾، نفرت ۾ توڙي محبت ۾ ٽنهنجي پوري پوري قوّت گهري ٿي.

هر نيڪي ٻيءَ نيڪيءَ تي حسد ڪري ٿي، ۽ حسد هڪ وڏي هولناڪ شيءِ آهي. خود نيڪيون به حسد جي آڏو گوڏا ڪوڙي سگهن ٿيون.

جنهن کي حسد جا شعلا گهيرو ڪري وڃن ٿا، سو آخرڪار، وڃوڻ وانگر، پنهنجو زهري ڏنگ خود پاڻ کي هڻي ٿو.

منهنجا ٻاڻ، ڇا تو ڪڏهن ڪنهن نيڪيءَ کي غيبت ڪندي ۽ اِتين پنهنجي پاڻ کي ڇُرو هڻندي نه ڏٺو آهي؟

انسان اُها ڪجھ شيءَ آھي، جنھن کان گوءِ ڪٽي آھي:
۽ انھيءَ ڪري توکي پنھنجين نيڪين سان پيار ڪرڻو پوندو،
چاڪاڻ تہ اُنھن جي ڏي آڏو توکي جھڪڻو آھي.
زرتشت اِئين چيو.

۴ـ زردـرو ڏوھاري

اي عادلؤ ۽ پل چاڙھيندڙؤ، جيسين جانورُ پنھنجو ڪنڈ نہ جھڪايو آھي، تيسين اوھين اُن کي ڪُھڻ نٿا گھرو؟ ھو ڏُسو، زردـرُو ڏوھاريءَ پنھنجو ڪنڈ جھڪايو آھي: ھن جي اکين مان وڏو اپمانُ ڳالھائي رھيو آھي،
"منھنجو آپو اُھو ڪجھ آھي، جنھن کان اوھان کي اُتر ڪرڻو آھي: منھنجو آپو، جيڪو مون وٽ ماڻھوءَ کان وڏي ڏَڪار آھي": اِئين اُھا اڪ ڳالھائي ٿي.
جڏھن پاڻ اُن فيصلو ڏنو، اُھا اُن جي زندگيءَ جي سڀ کان اوچي گھڙي ھُئي؛ شل اُن اوچائيءَ تان وري پستيءَ طرف ھو موٽ نہ کائي،
اُنھيءَ لاءِ، جيڪو اِئين پاڻ کان دُکي آھي، ڪا نجات ڪانھي، سواءِ اِنَ جي جو تيز موت ان کي نجات ڏئي.
اي عادلؤ، اوھان جي ھٿ جو ھيءُ ڪوس ڪھل جي ڳالھ ٿيندي، ۽ نہ بدلي جي؛ ۽ اِئين ڪُھندي، اوھين زندگيءَ جو جواز ڳوليو ٿا!
پر اِئين ڪافي ناھي، جو جنھنَ کي اوھين ڪھو ٿا تنھن کي پريايو، شل اوھان جي غمگيني فوق‌البشر لاءِ اُڪير جو نتيجو ھجي: اِئين اوھين پنھنجي جياپي جو جواز لھندا!
اوھين "دشمن" چئو پر "رُڇ" نہ، "پنگلو" چئو پر "پليت" نہ، "اپوجھ" چئو پر "عاصي" نہ.

اي تون، اي سرخرُو عادلؑ، جيڪڏهن تون آهي سڀني ڳالهيون وڏي سڌ ٻڌائين جن کي تون خيال ۾ ڪندو رهيو آهين، تہ هرڪو هوند دانهن ڪري چئي ڏئي: "پري ڪرينو هين غليظ کي، هن زهريليءَ سرندڙ بلا کي."

پر خيال هڪ شيءَ آهي، ۽ فعل ٻي شيءَ آهي، ۽ تهان ڏي ٻي شيءَ فعل جو روپ آهي. اُنهن جي وچ ۾ سبب جو ڦيٽو بہ ڪونہ ڏو ڦري.

فعل جي روپ ڏي هين زردرو ماڻهوءَ کي زرد بنايو آهي. جڏهن هن کان اُهو سرزد ٿيو تڏهن اُن لاءِ هو ٻيڪ ناڪ هو: پر اُن جي ٽيڙ کان پوءِ اُن جو روپ هو برداشت نہ ڪري سگهيو.

اُن کان پوءِ سڌائين هُن پان کي اُن هڪ فعل جي ڪندڙ طور ڏٺو. ديوانگي، آڻ اِن کي ڏو سڏيان: جا شيءَ رڳي هڪ اِستثنا يا اتفاق هئي، سا ڦري هُن ۾ قاعدو بڻجي ٻيئي.

جيئن ڪڙِ اڇي ليکي ۾ اڇي بيسُرت ڏي وڃي، تيئن هين ڏڪ لڳڻ سان هن جو ڪمزور عقل ڦٻلجي ويو. ڪٻئي **کان پوءِ** ديوانگي آڻ اِن کي سڏيان ڏو.

ٻڌو، اي عادلؤ! هڪ ٻي ديوانگي بہ آهي، ۽ اُها ڪٻئي **کان اڳ** جي ديوانگي آهي. افسوس، اوهان هين جي اندر ۾ پوري جهاتي نہ پاتي آهي.

سرخرُو عادل، پوءِ، هيئن ڳالهايو: "هين ڏوهاريءَ خون ڇو ڪيو؟ اصل ۾ هُن ڦر ڪرڻ ڏي ڳهري." پر آڻ، بهرحال، اوهان کي ٻڌايان ڏو تہ هن جي هانءَ کي رت جي ڳهرج هئي، نہ ڦر جي مال جي: هن کي خنجر جي آسودگيءَ جي پياس هئي!

پر هُن پنهنجي نبل عقل کي ٻُڌو: اُن جا لفظ هن جي هانءَ تي شيهي جيان لڳا — جنهن تي هُن جڏهن ماريو تڏهن هُن ڦُريو. هُن پنهنجي ديوانگيءَ تي لڄي ٽيڙ نٿي چاهيو.

۽ هاڻي هڪ پيرو وري هن جي هانءَ تي شيهو رکيل آهي—هُن جي گناهه جو، ۽ اِئين هڪ پيرو ٻيهر هن جو نبل عقل ايترو سُن آهي، ايترو ساڏو آهي ۽ ايترو کُنڊ آهي.

جي هو رکو پنهنجو کنڊ چنڊي سگهي، تہ هن تي پيل بار هوند ليتجي ڪري پوي؛ پر افسوس، ڪنهن آهو کنڊ چنڊيو آهي؟

هيءَ ماڻهو چا آهي؟ بيمارين جو هڪ ڍير، جيڪي روح ذريعي دنيا ۾ پکڙن ٿيون؛ آتي آهي پنهنجو شڪار جهلڻ گهرن ٿيون.

هيءَ ماڻهو چا آهي؟ جهنگلي نانگن جو هڪ ويڙهو، جيڪي مشڪل پاڻ سان صلح ۾ هجن ٿا—سو آهي هڪ هڪ ٿي نڪرن ٿا ۽ دنيا ۾ پنهنجو شڪار گولين ٿا.

هو نيڙ جسم ڏسو! چا هُن سڻو ۽ گهُريو، ناڪام ساهه پاڻ سان آهو وهنجايو—آن کي هن خونريز خواهش سمجهيو، خنجر جي آسودگيءَ جي اجهل سِکه.

اِئين هاڻي جيڪو بيمار ٿئي ٿو، برائي آن کي وڏي اچي وکوڙي ٿي، جيڪا اج برائي آهي: هو آن کجهه سان ايذائڻ چاهي ٿو جيڪو کجهه هن کي ايذائي ٿو. پر هيءَ ٻيا زنانا ۽ گذريا آهن، جڏهن برائي ۽ پلائي پي کجهه هئي.

هڪ زماني ۾ شڪ ٻُرو هو، ۽ پنهنجي مرضي ٻُري هئي. ۽ پوءِ بيمار ڪافر ٿيندو هو يا جادوگر: ڪافر يا جادوگر طور هو آزار سهندو هو، ۽ ٻين لاءِ آزار ٻنبو هو.

پر هيءَ گهاڻهه اوهان جي ڪنن ۾ ڪانه وينديِ: اوهين چئو ٿا تہ اِها اوهان جي چگن ماڻهن کي ڏکوئي ٿي. پر اوهان جي چگن ماڻهن سان منهنجي چا سروکار!

اوهان جي چگن ماڻهن جي گهٽين گهاڻهين کان مون کي بچان آهي—آنهن جي برابن کان نہ. ڪاش هنن ۾ هڪ ديوانگي هجي، جنهن جي آڏو، هِن زردرو ڏوهاريءَ جيان، هو جهڪي پون!

ڪاش، هُنن جي ديوانگي اڙي هجي، جا سچ سڏجي صداقت سڏجي، يا انصاف سڏجي پر هُنن وٽ هُنن جي نيڪي آهي اِن لاءِ تہ هو گھٽو جيئن، ۽ شڪست ڪاڏل خودپسنديءَ ۾ جيئن.

آءٌ تيز وهندڙ ڏئين سان بيٺل ڪٺڙو آهيان؛ جيڪو به اُن جي طغياني ۾ آيل وڏي مون کي جھلي سگھي سو پل مون کي جھلي! اوهان جي ٽيڪ يا ڪاٺ جيي گھوڙي، بھرحال، آءٌ نہ آهيان. —

زرتشت اِئين چيو.

۷ـ پڙھڻ ۽ لکڻ

جو ڪجھ لکيو ويو آهي، اُن مان مون کي فقط اُهو پيارو آهي، جو ڪنهن شخص پنهنجي خون سان لکيو آهي. خون سان لکي ڏس، ۽ تو کي معلوم ٿي ويندو تہ خون روح آهي.

اُٽ واقف خون کي سمجھڻ آسان ڪم نہ آهي؛ پڙهندڙ نڪمڻن کان مون کي نفرت آهي.

پڙهندڙ کان جيڪو واقف آهي، پڙهندڙ لاءِ وڌيڪ اُهو ڪجھ نٿو ڪري سگھي. سؤ سال پيا اڳتا پڙهندڙ رهيا، تہ روح خود سڙهاڻ وڃائي، بُودار ٿي ويندو.

هرڪنهن کي، جو پڙهڻ جي سکڻ جيي موڪل آهي، اِن مان اڳتي هلي نہ رڳو لکڻ تباهہ ٿي ويندو پر سوچڻ جي طاقت بہ برباد ٿي ويندي.

ڪنهن زماني ۾ روح خدا هو، پوء اُهو انسان ٿيو، ۽ هاڻي اُهو اجتماع ۾ پيو تبديل ٿئي.

اُهو جيڪو پنهنجي خون سان مقولن ۽ امثلہ چوڻين جي صورت ۾ لکي ٿو، سو نٿو گھري تہ اُنهن کي رڳو پڙهيو وڃي پر هو چاهي ٿو تہ ماڻهو اُنهن کي ياد ڪن ۽ هينئين سان لاڳين.

جبلن ۾ ويجهي کان ويجهو رستو چونڊيءَ تائين هوندو آهي، پر اُن راهه لاءِ تو وٽ ڏگهيون ڏنگون هڻڻ ضروري آهن. مقولا ۽ چوٽيون اُهي چونڊيون آهن، ۽ جن کي اُهي ٻڌايون وڃن اُهڙائي وڏا ۽ قداور هجڻ کپن.

فضا هلکي ۽ صاف، خطرو ويجهو، ۽ روح مسرت‌انگيز شرارت سان ڀريل: اهڙيون شيون باهر موافق هجن ٿيون.

آءٌ پنهنجي آسپاس همزاد رکڻ گهران ٿو، ڇو ته آءٌ جرئتمند آهيان. جرئت جيڪا پوتن کي ڏيڃاري ڇڏائي ڪڍي ٿي، پنهنجي لاءِ همزاد پيدا ڪري ٿي—ڇو ته ڪجهه وندرڻ گهري ٿي ۽ خوشطبعي چاهي ٿي.

آءٌ اوهان سان وڌيڪ همدمي محسوس نٿو ڪريان: ڇو ته جيڪو بادل آءٌ پنهنجي ٻيرن ۾ ڏسان ٿو—خالي هڪ دونهون ۽ چمَرُ—جنهن تي آءٌ ڪلان ٿو، اُهوئي اوهان لاءِ گجندڙ ۽ برندڙ بادل آهي ۽ اُن جي آڏو اوهين ڪنبو ٿا.

جڏهن اوهان کي پنهنجي پاڻ کي اُپارڻ جي خواهش ٿئي ٿي تڏهن اوهين متي ڏسو ٿا؛ ۽ آءٌ پاڻ کان هيٺ نهاريان ٿو، ڇاڪاڻ ته آءٌ ٽوٽي ٿي متي ٻيئل آهيان.

اوهان ۾ ڪير آهي، جو ساڳئي وقت ڪلي ۽ سگهي ٿو ۽ متي اپرندو ٻه رهي ٿو؟

جيڪو بلندڪان بلند جبلن تي چڙهي ٿو، اُهوئي دڪدائڪ تماشن ۽ دڪدائڪ حقيقتن تي ڪلي ٿو.

جرئتمند، بي‌تعلق، لاپرواهه، زور آما—ڏاهپ اسان کي ائين ڏسڻ چاهي ٿي: اُها هڪ عورت آهي، ۽ سدائين ڪاهوڙين کي پائڻين ٿي.

اوهين مون کي ٻڌايو ٿا ته "زندگي مشڪل آهي". پر ٻي ڪهڙي مقصد لاءِ اوهان کي صبح جو اوج ۽ شام جو سڪون گهرجي؟

زندگي مشڪل آهي؛ پر ايتري نازڪ انداز بنجڻ جو ڏيکاءُ نہ ڪريو! پاڻ سيئي ، زالين مردين، پلوڙ باري گڏهه ئي تہ آهيون.

اسان ۾ ۽ گلاب جي مکڙيءَ ۾ ڪهڙي ساڳيائپ آهي، جيڪا هڪڙيءَ ٻوند جي بار سان لڙڻ لڳي ٿي؟

اهو صحيح آهي تہ اسين زندگيءَ سان پيار ڪريون ٿا؛ پر اِن ڪري نہ تہ اسين جيڻ جا عادي آهيون، پر اِن ڪري ٿہ اسين پيار ڪرڻ جا عادي آهيون.

پيار ۾ سدائين ڪا چريائپ هجي ٿي. پر چريائپ ۾ سدائين هڪ سليقو به هجي ٿو.

۽ منهنجي نظر ۾، جيڪي زندگيءَ جا قدرشناس آهن— اُن جي پوڄن جا، ۽ اُن جي صابڻ مان آنندڙ ڦوٽن جا، ۽ ٻيو به اِنهن جهڙو اسان وٽ جيڪي ڪجهه آهي، تنهن جا— آهي زندگيءَ جون خوشيون سڀ ڪان وڌيڪ ماڻين ٿا.

اِنهن هلڪڙين، معصوم، حسين ۽ ڦڙت نندڙين پَرين کي تيزيءَ سان هيڏانهن هوڏانهن حرڪت ڪندو ڏسي، زرتشت جي اکين مان ڳوڙها ۽ زبان مان نغما نڪريو اچن.

آڌ هوند رکو اُن خدا تي ايمان آڻيان، جيڪو نچي ڄاڻي.

۽ جڏهن مون پنهنجي شيطان کي ڏٺو، تہ اُهو مون کي ڳرو، آبِينٽ، ڏمڙار، ٿوٿ، گنبير نظر آيو: گهڻ جو هڪ ديو — اُن وٽان ٽيندي سڀ شيون زوالجيو وڃن.

غصي سان، غضب سان ، نہ پر ڪلهه سان اسين جيتيون ٿا. اڇو تہ گهڻ جي ديو کي جيتيون ۽ کيرائي پٽ ڪريون.

آڌ پنڌ ڪرڻ سکيس؛ اُن کان پوءِ مان پاڻمرادو ڊوڙڻ لڳو آهيان. آڌ اڏامڻ سکيس، اُن کان پوءِ مون کي کڻان چڙڻ لاءِ ڪنهن جي ڌڪي جي ضرورت ڪانهي.

آءُ هاڻي هلکو ٿي ويو آهيان، هاڻي آءُ اڏامان ٿو؛ هاڻي آءُ پاڻ کي پنهنجي هيڻان ڏسان ٿو. هاڻي مون ۾ هڪ خدا آهي، بيڪو رقص ڪري ٿو—
زرتشت ائين چيو.

۸- ٽڪريءَ ٿي وڃ

زرتشت جي اک ڏسي ورتو هو ته هڪ نوجوان هو، جو هن کان لڪوائيندو ۽ اک بچائيندو ٿي رهيو. هڪ ڏينهن شام جو جڏهن هو اڪيلو گهوٽ جي چوڌاري ٻيئل ٽڪرين تان وڃي رهيو هو، جنهن گهوٽ کي "سُوٽا گهٽون" سڏيائون ٿي، ته هن آهو نوجوان ڏسي ورتو، جيڪو اُن مهل هڪڙي وڻ کي ٽيڪ ڏيو ويٺو هو، ۽ سامهون وادي ۾ اداس ۽ ٽڪل نظرن سان پئي ڏٺائين.

زرتشت تنهن ڏي اُن جوان وٽ وڃي، اُن وڻ کي جهليندي، جنهن جي پرسان هو ويٺو هو، هيٺ چيو:
جيڪڏهن هين وڻ کي پنهنجن هٿن سان آءُ لوڏڻ چاهيان، ته لوڏي نه ٿو سگهانس.

پر هوا، جيڪا اسين ڏسي ۽ نٿا سگهون اُها جڏهن اچي ٿي ته ان کي ڏونڊاڙي ٿي ۽ موڙيو وجهي ٿي. ائين اسان کي ۽ آهي هٿ، جي ڏسڻ ۾ نٿا اچن، ڏاڍو ايذائين ٿا ۽ لوڏي ٿا وجهن.

اِهو ٻڌي، چوڪرو واڙڙو ٿي ويو، ۽ اُٿي چوڻ لڳو:
"هي ته زرتشت جو آواز آهي. ۽ هينئر آءُ اُن جو ئي خيال ڪري رهيو هوس!" زرتشت جواب ڏنو:
"ان ۾ گهٻرائڻ جي کهڙي گهالهه آهي؟ ليڪن انسان جو حال به وڻ جهڙو آهي.

"جيترو اوچائيءَ ۽ روشنيءَ طرف هو وڌڻ جو سعيو ڪري ٿو، ايترو ئي زور سان هُن جون پاڙون هيٺ، زمين ڏي، اونڌهه ۾ ۽ اونهيون گپنديون ٿيون وڃن ــ خرابيءَ ۾."

"هائو، خرابيءَ ۾!" نوجوان دانهن ڪئي، پر، اهو ڪيئن ٿي سگهيو، جو ٿون منهنجي ساهه جي حقيقت کي پهچي وئين؟"

زرتشت مرڪيو، ۽ چيو: "ڪيترائي ساهه آهن، جيڪي ڪڏهن به دريافت ٿي نٿا سگهن، سواءِ اِن صورت جي جيڪا هتراڙو آنهن جي ناهجي".

'هائو، خرابيءَ ۾!" نوجوان ٻيهر دانهن ڪئي.

"زرتشت، تو واقعي سچ چيو. جڏهن کان مون اوچائيءَ ڏانهن اپرڻ جو سعيو ڪيو آهي، منهنجو نه پاڻ ۾ اعتبار رهيو آهي ۽ نه ٻيا ئي مون ۾ اعتبار ٿا رکن؛ اِهو ڪيئن ٿو ائين ٿئي؟

مون ۾ تمام جلد تبديلي اچي وڃي ٿي. منهنجو اڄ منهنجي ڪالهه جي تردید ٿو ڪري. جڏهن آءٌ متي چڙهان ٿو ته اڪثر ڪن ڏاڪن تان يڪي اچانڪ ماريان ٿو. منهنجي اِن فعل کي ڪوبه ڏاڪو معاف نٿو ڪري.

جڏهن آءٌ متي پهچان ٿو ته هميشه آءٌ پاڻ کي اڪيلو ڏسان ٿو. مون سان گالهائڻ وارو ڪوئي ڪونهي. آءٌ اڪيلائيءَ جي سخت سرديءَ کان ڏڪي لڳان ٿو. اوچائيءَ ئي پهچي، آءٌ آخر چا ٿو لهڻ چاهيان؟

منهنجي بيزاري ۽ آرزو گڏوگڏ وڌن ٿيون؛ آءٌ جيترو متي چڙهان ٿو، اوترو وڌيڪ آن شخص کي ڏکاريان ٿو جيڪو متي چڙهندو ٿو رهي. اوچائيءَ تي آخر هو چا ٿو لهڻ چاهي؟

مون کي منهنجي متي چڙهڻ ۽ ٽاپڙجڻ ڏي ڪيترو نه شرم ٿو اچي! آءٌ سهڪي پوان ٿو، ۽ پنهنجي زوردار سهڪي ئي ڪيڏي نه مون کي کل ٿي اچي! جيڪو ماڻهو آڏامي ٿو آن کي ڪيڏو نه ڏکاريان ٿو! اوچائيءَ تي آءٌ ڪيڏو نه ٽڪجي ٿو پوان!".

نوجوان ايترو چئي، ماڻ ٿي ويو. ۽ زرتشت اُن وڻ کي غور سان ڏٺو، جنهن جي پرسان هو بيٺا هئا. ۽ هيٺ چوڻ لڳو:

"هيءُ وڻ هتي ڏکريءَ ڏي اڪيلو بيٺو آهي؛ هيءُ انسان کان ۽ حيوان کان گهٽو متي هليو ويو آهي.

۽ جيڪڏهن هيءُ ڳالهائڻ گهري، ته سندس ڳالهين کي سمجهڻ وارو کيس کو ڪونہ ملندو: ايترو هيءُ متي هليو ويو آهي.

هاڻي هو ترسيل آهي، هاڻو ترسيل آهي—پر ڇا لاءِ؟ هو بادلن جي بستيءَ جي بلڪل ويجهو رهي ٿو؛ ڇا، اِتي هيءُ پهريزءَ ڪنهن لاءِ ترسيل آهي؟"

جڏهن زرتشت اِهو چئي چڪو ته نوجوان پوري زور سان دانهن ڪندي چيو: "ها، زرتشت، تون بلڪل سچ ٿو چوين. جڏهن مون متي اوچائيءَ تي وڃڻ ٿي چاهيو، تڏهن آءٌ پاڻ کي ناس ڪرڻ جو آرزومند هوس، ۽ تون آها ڪنهن آهين، جنهن لاءِ آءٌ ترسيل هوس! ڏس، جڏهنڪر تون انسان وٽ پرگهٽ ٿيو آهين، تڏهنڪر مون سان ڇا نہ ٿي ويو آهي؟ سچ ته اِهو توسان منهنجو حسد آهي، جنهن مون کي برباد ڪيو آهي!"—ائين نوجوان چيو، ۽ زار زار روئڻ لڳو. ليڪن زرتشت هن کي پاڪر پر جهلي اڳتي وٺي ويو.

۽ جڏهن ڪجهہ دير هو هڪٻئي سان گڏ هليا، ته زرتشت هيٺين چوڻ شروع ڪيو:

منهنجي دل پر ڪار پون ٿا. تنهنجن لفظن کان وڌيڪ، تنهنجيون اکيون مون کي تنهنجا ڀپ ۽ گمان بڌائين ٿيون.

اجا تون آزاد نہ ٿيو آهين؛ تون اجا آزاديءَ جي تلاش پر آهين. تنهنجي تلاش تو کي بيحد گهٽا اوجاگا ڏنا آهن، ۽ تو کي گهٽو جاگرتُ بڻائي ڇڏيو آهي.

آزاد اوچائيءَ تي تون رسڻ چاهين ٿو؛ تارن جي پياس آهي تنهنجي ساهہ کي. پر تنهنجا گدلا اُڌما پر آزاديءَ لاءِ ٽانگهين ٿا.

ٿنهنجا وحشي ڪتا آزادگي گهرن ٿا؛ جڏهن ٿنهنجو روح قيدخاني جي سيني دروازن کي ٽوڙڻ جو قصد ڪري ٿو، تڏهن آهي ڪتا خوشيءَ وچان پنهنجن ٿهڪ خالن ۾ پوڏڪڻ لڳن ٿا.

تون اڃا هڪ قيدي آهين—ائين آڻ پاڻيان ٿو—جيڪو پنهنجي آزادگيءَ جي رٿابنديءَ ۾ مصروف آهي: هاڻو، اهڙن قيدين جو ساهه ڏاڍو تيز ۽ هوشمند ٿئي ٿو، پر ساڳئي وقت آهو ڏڪاءُ ۽ پاڻي به هجي ٿو.

روح جي نوآزاد ماڻهوءَ کي اڃا پاڻ کي آجهارڻ جي ضرورت رهي ٿي. هو اڃا قيدَ ۽ قالب جي ڪافي گرفت ۾ ورتل هجي ٿو: اڃا هن جي اک ڪي پاڪ ۽ صاف ٿيڻو آهي.

هاڻو، آڻ ٿنهنجي ڀپ کي ۽ گمان کي جاڻان ٿو. پر آڻ پنهنجي محبت ۽ اميد جو واسطو وچ ۾ رکي ڪو کي چوان ٿو ته تون پنهنجي محبت ۽ پنهنجي اميد ڪي هٿان وڃڻ نه ڏي.

تون اڃا پاڻ کي شريف (noble) ٿو محسوس ڪرين، ۽ ڀيا به، اڃا تو کي شريف ٿا محسوس ڪن. جيتوڻيڪ آهي ٿوسان ويڇو رکن ٿا ۽ ٿوڏانهن شڪ جي اک سان ڏسن ٿا. سمجهي ڇڏ ته هر هڪ جي راهه ۾ هڪ شريف آڏو بيٺل آهي.

۽ پڻ نيڪن (the good) جي آڏو هڪ شريف راهه ۾ بيٺل آهي: جنهن کي هو جڏهن نيڪ سڏين ٿا، پر آن طرح هو آن کان بچڻ ڪي چاهين ٿا.

شريف پاڻ لاءِ نئين گالهه، نڪون قدر چاهيندو آهي. نيڪ جهوني، اصلي گالهه چاهي ٿو، ۽ گهري ٿو ته آها محفوظ رهي.

پر شريف جي نيڪ ٿيڻ جو خطرو ڪونهي، ۽ هن جي گستاخ، چترباز ۽ زياني ٿيڻ جو خطرو آهي.

هاڻو، سون شريف ڏٺا آهن، جيڪي پنهنجي اعليٰ اميد کي وڃائي ويٺا، ۽ پوءِ سيني اعليٰ اميدن جا انڪاري ۽ قدر ناشناس بڻجي ويا.

پوءِ هُنن بيحياڻيءَ سان ، وقتي خوشين ۾ محو گذاريو، ۽ اڄ جي ڏينهن کان اڳيرو هنن جو کو مقصد نه رهيو.

"روح به عياش ۽ مسرت طلب آهي،" هُنن چيو. پوءِ هنن پنهنجي روح جا پَرَ پيڇي ڇڏيا؛ ۽ هاڻي سندن روح مٿيءَ ۾ هيڏانهن هوڏانهن سُرندو رهي ٿو ، ۽ جتي اُن جو چَڪَ کُٽي ٿو اُتي اُهو زهر ٿي پکيڙي ٿو.

هڪ وقت هُنن سورمن بڌجڻ جو سوچيو ٿي ؛ پر اڄ هو هَوَسِي ۽ عيش طلب آهن: سورمو هُنن لاءِ للڪار آهي ، چيلَنج آهي، ۽ وڏو خطرو آهي.

پر آڳ پنهنجي محبت ۽ پنهنجي اميد جو واسطو وچ ۾ رکي تو کي چوان ٿو: "پنهنجي ساهه مان سورمي کي لوڏي نه ڇڏ! پنهنجي اعليٰترين اميد جو تقدس ۽ احترام قائم رک!"۔ زرتشت ائين چيو.

۹۔ موت جا مبلغ

اسان ۾ ڪيئي موت جا مبلغ آهن: ۽ هيءَ ڌرتي اُنهن ماڻهن سان ڀريل آهي، جن ۾ زندگيءَ کان پاسو ڪرڻ جي تبليغ لازمي طور ڪرڻ ٻڌي.

هيءَ ڌرتي اجاين ماڻهن سان ڀريل آهي؛ ۽ زندگي ڪافي گهڻن زائد ماڻهن هٿان گهاڻجي ۽ خرابجي رهي آهي. ڪاش، "ابدي زندگي" هيءَ زندگيءَ تان مرڪو ٿي هٽ ڪٽائي ڇڏي!

موت جي مبلغن کي "زرد ماڻهو" ۽ "سياهه ماڻهو" سڏيو ٿو وڃي، پر آڳ اوهان کي اُهي بين رنگن ۾ ڏيکاريندس.

اُنهن ۾ اُهي وحشتناڪ ٻ موجود آهن، جي مرونءَ کي

پنهنجي اندر ۾ ڪنيو گهمن ٿا، ۽ اُنهن لاءِ واقعي نفس پرستيءَ يا نفس ڪشيءَ کان سواءِ ڏين کا راهہ ڪانهي ۽ اُنهن جي نفس پرستي ۾ دراصل نفس ڪشي ئي آهي.

اُهي وحشتناڪ اڃا ماڻهو ئي نہ ٻڌيا آهن: ڪاش، هو زندگيءَ کان قطع تعلق جي تبليغ ڪندي، پاڻ ئي اُن کي ڇڏي ڏين.

اُنهن مان ٻيا روحاني سلهہ ۾ ورتل آهن: اڃا جمن ئي مس ٿا ته مرڻ شروع ڪري ٿا ڏين، ۽ تَرَڪَ ۽ نڪمڻائيءَ جي عقيدن لاءِ ٻيا تانگهين.

هو مرڻ جي شوق ۾ رتل آهن: ۽ اسان کي اُنهن جي مرضي وڻڻ ئي کپي! اُنهن مثل وجودن کي جاگهائڻ کان ۽ اُنهن جيئرن تابوتن کي جهورڻ کان اسان کي حذر ڪرڻ گهرجي!

جڏهن اُنهن جي سامهون ڪو بيمار يا پوڙهو اچي ٿو يا هو ڪو لاش ڏسن ٿا، ته هڪدم چئي ٿا ڏين: "ڏسو، زندگيءَ جي ترديد ٿي ويئي!"

پر اِها ترديد آهي سندن ۽ سندن اڪين جي، جن کي وجود جو رڳو هڪڙو ئي رخ ڏسڻ ۾ ٿو اچي.

مايوسيءَ جي ڪُلهي چادر اوڙهي، ۽ خسيس اتفاقن جا ناڪو ٻڌجي، جيڪي موت جا سبب بڻجن ٿا، هو ويٺا انتظار ڪن ۽ ڏند ڪرٽين.

يا وري ميڙائين ڏانهن هٿ وڌائين ٿا، ۽ گڏوگڏ اِنهن پنهنجين ٻارائين حرڪتن تي کلندا رهن ٿا: هو پنهنجي زندگيءَ جي ڪڪٽ ۾ آڪيا ٻيا آهن، ۽ اِن ڪِسالهہ تي هڪٻئي جو مذاق ٻيا اُڏائين ته هو اڃا تائين اُن ۾ آڪيل آهن!

اُنهن جي ڏاهپ هيٺن چوي ٿي: "بيوقوف آهي آهو، جو جيئرو رهي ٿو، پر هيستائين اسين بيوقوف ئي پٽي رهيا آهيون! ۽ زندگيءَ ۾ اِهائي سڀ کان وڏي بيوقوفيءَ جي ڪِسالهہ آهي!"

ٻيا وري چون ٿا: "حياتي بس عذاب آهي"، ۽ اِن ۾

هُو ڪوڙ ڪونہ ٿا ڪن. پوءِ پلا اِئين ڪيو، جو اوهين جيڏ ڪڍي بند ڪريو! ۽ اهڙي ڪا ڪوشش ڪريو، جو حياتيءَ جو خاتمو ئي ٿي وڃي، جيڪا عذاب آهي!

۽ اوهان جي نيڪيءَ جي تعليم هيءَ هٿ گهرجي: "تون پاڻ کي فنا ڪري ڇڏ! تون پنهنجي پاڻ کي خيرباد چئي پنهنجي پاڻ کان گم ٿي وڃ!"—

"شهوت گناهہ آهي،" — کي اِئين چون ٿا، جيڪي موت جي تبليغ ٿا ڪن— "اچو تہ، زالون مرد، الڳ الڳ رهون ۽ ٻار پيدا نہ ڪريون".

"ڇڏ هڪ وڏو آزار آهي،" ٻيا اِئين ٿا چون— ۽ "پوءِ ٻہ ڇڏجي، اُن جي ڪهڙي ضرورت؟ ۽ جي چمن ٿا، سي بدقسمت ئي هجن ٿا!" ۽ اُهي ماڻهو ٻہ موت جا مبلغ آهن.

"ڪهل ضروري آهي،" — ٽيان اِئين ٿا چون. "ڪڍو، جيڪي مون وٽ آهي! وٺو هيءُ، جيڪي ڪجهہ آءٌ آهيان! زندگيءَ جا منهنجا ٻنڊڻَ اوتري قدر ئي هلڪا ٿيندا!"

هي ڪهل وارا جيڪڏهن سدائين اِئين چوندڙ ۽ ڪندڙ هجن، تہ هو پنهنجن پاڙيسرين کي حياتيءَ مان هوند بيزار ڪري ڇڏين! پاپي ۽ پٿردل هجڻ — ماڻهن تي سندن اصل احسان تہ اِهو ٿيندو.

پر هو تہ زندگيءَ مان جان جي خلاصي چاهين ٿا؛ اِن ڪاڇهہ سان پوءِ اُنهن جو ڪهڙو غرض تہ هو بين کي پنهنجن زنجيرن سان ۽ ٽحفن ۽ ٽحائفن سان جهلي، پاڻ وٽ وڌيڪ سوگهو ڪن ٿا.

۽ اوهين پاڻ ٻہ جن لاءِ زندگي سخت پريشانيءَ ۽ محنت جو نالو آهي، ڇا اوهين زندگيءَ کان تمام گهڻا تنگ ۽ بيزار نہ ٿيا آهيو؟ ڇا، اِن ڪيفيت ۾، اوهين موت جي اُنهن مبلغن جي وعظ ٻڌڻ لاءِ پوريءَ طرح تيار نہ آهيو؟

اوهين سڀ جن کي سخت پورهئي سان پيار آهي، ۽ جو

کجھ تيز آهي، نڻون ۽ اجنبي آهي اُن سان اوهان کي موهه آهي—اوهين دراصل پاڻ سان صلح ۾ ۽ موافقت نه آهيو؛ اوهان جي سڄي اِها مشقت ۽ اورچائي فرار ئي آهي، ۽ اِهو سڄو اوهان جو تحرڪ اوهان جي خود فراموشيءَ جي ارادي جو ئي اظهار آهي؟

جيڪڏهن اوهان جو زندگيءَ ۾ وڌيڪ اعتقاد هجي ها، ته اوهين ٿور-ويرمي ڳالهين سان پاڻ کي گهٽ وقف ڪيو ها. پر اوهان ۾ انتظار ڪرڻ جو گهٽو مادو نه آهي— ۽ نه ئي ماڻ ڪري ويهڻ ۽ ٽڪ ٻڌڻ جو!

هرهنڌ اُنهن ماڻهن جو آواز گونجي رهيو آهي، جي موت جي تبليغ ڪن ٿا؛ ۽ ڊرتي اُنهن ماڻهن سان پُر آهي، جن کي موت جي تلقين ڪرڻ ضروري آهي.

يا "ابدي زندگيءَ" جي؛ ٻيئي مون لاءِ ساڳي ڳالهه آهن—جيڪڏهن رڳو آهي ٻيئي، اُستاد ۽ شاگرد، ترت ڊرتيءَ تان کوڃ ڪري وڃن!—

زرتشت ائين چيو.

۱۰- جنگ ۽ جوڌا

اسين نٽا گهرون ته اسان جا بهترين دشمن اسان جي رعايت ڪن، ۽ نه آهي جن سان اسان جي دلي محبت آهي. تنهنڪري اچو ته آءٌ اوهان کي سچي ڳالهه ٻڌايان.

اي منهنجا جنگ جا ساٿيو! مون کي اوهان سان دلي محبت آهي. آءٌ پهريائين ٻه اوهان جهڙو هوس، ۽ هاڻي ٻه آهيان. ۽ آءٌ اوهان جو بهترين دشمن ٻه آهيان. تنهنڪري اچو ته آءٌ اوهان کي سچي ڳالهه ٻڌايان.

آڻ اوهان جي دل جي نفرت ۽ حسد جي ڪيفيت کان واقف آهيان. اوهين ايڏا عظيم نه آهيو، جو نفرت ۽ حسد کان واقف نه هجو. ته پوءِ ايڏا عظيم ٿيو، جو اوهان کي اِنهن کان شرم نه اچي!

۽ جيڪڏهن اوهين علم جا اولياءَ (صاحب) نٿا بڻجي سگهو ته گهٽ ۾ گهٽ اُن جا جوڏا ته بڻجو، چاڪاڻ ته آهي اُن ولايت جا ساڻي ۽ پيشرو ضرور هجن ٿا.

آڻ گهٽا سپاهي ڏسان ٿو ؛ ڪاش آڻ گهٽا جوڏا ڏسي سگهان! جيڪي ڪجهه هو پهرين ٿا آهو يونيفارم (= 'يڪ صورتيو') سڏجي ٿو ؛ ڪاش اُن سان جو ڪجهه هو لڪائين ٿا، آهو سندن اندر جو انسان يڪصورتيو نه هجي!

اوهين آهي ڪجهه ٿيو، جو اوهان جون اکيون سڏائين ڪنهن دشمن جي تلاش ۾ هجن-اوهان جي دشمن جي تلاش ۾. ۽ اوهان مان ڪن جي حالت اِها آهي، جو اُنهن جون اکيون پهرئين ڏينهن سان نفرت ۾ لال ٿي وڃن ٿيون.

اوهين پنهنجا دشمن تلاش ڪريو ؛ اوهين پنهنجي جنگ لڙو، ۽ اوهان جن پنهنجن خيالن خاطر! ۽ جيڪڏهن اوهان جا خيال مات کائين، ته اوهان جي سچائي ۽ استقامت آها هجي، جو اُن ۾ به اوهين پنهنجي سوچ پَسي سگهو.

اوهين صلح سان پيار ڪريو، نئين هڪ جنگ جي ذريعي طويل صلح کان وڌيڪ مختصر صلح سان.

آڻ اوهان کي گهٽ جي صلاح ڪونه ٿو ڏيان، پر وڌهڻ جي ٿو ڏيان. آڻ اوهان کي صلح جي نه پر سوچ جي صلاح ٿو ڏيان. شال اوهان جو ڪم ويڙهه هجي، ۽ اوهان جو صلح هڪ سوچ!

ماڻهو فقط تڏهن خاموش ۽ صلحمنديءَ سان ويهي سگهي ٿو، جڏهن هن وٽ 'تير ۽ ڪمان' موجود هجن ٿا، نه ته ماڻهو

رکھو پٹیٹائي ٿو ۽ جھگڑا کري ٿو. اوهين پنهنجي صلح کي پنهنجي سوچ بڻايو.

اوهين چئو ٿا ته نيڪ مقصد ڏي آهي جيڪو جنگ کي مبارڪ بڻائي ٿو. آءٌ ٿو اوهان کي چوان ته نيڪ جنگ آهي، جيڪا هر مقصد کي مبارڪ بڻائي ٿي.

جنگ ۽ دليريءَ، خيراندیشيءَ جي پيٽ ۾، زياده عظيم ڪارناما سرانجام ڏنا آهن. اوهان جي همدرديءَ نه ۾ اوهان جي دليريءَ هيستائين مظلومن ۽ مصيبت جي ماريلن کي بچايو آهي.

اوهين پڇو ٿا: ”چگي شيءَ ڪهڙي آهي؟“ دلير ٿيڻ چگي شيءَ آهي. پل ته نندڙيون چوڪريون چون: ”چگي شيءَ آها آهي، جا ڏسڻ ۾ ناهوڪي هجي ۽ دل کي چڪي وڃي.“

ماڻهو اوهان کي سخت دل چون ٿا: ۾ اوهان جي دل سچلي آهي، ۽ مون کي اوهان جي نيڪ ارادي جو حجاب وڻندو آهي. اوهين پنهنجي پيشقدميءَ تي نادم ٿيندا آهيو ۾ پيا پنهنجي پسپائيءَ تي.

اوهين ڪوجها آهيو؟ ته پوءِ، منهنجا پاڙو، اوهان جي سچيءَ اُتمتا ڪوجهائيءَ جو چوغو اوڙهيو آهي!

۽ جڏهن اوهان جي ساهه کي بلندي حاصل ٿئي ٿي، تڏهن اُهو مغرور بڻجيو وڃي، ۽ اوهان جي اُتمتا ۾ سختي ۽ زور پيدا ٿيو پوي. آءٌ اوهان کي خوب سچاڻان ٿو.

خباثت ۾ هٿيلو ۽ هيٺو ٻيٽي هڪسرا آهن. ۾ هڪٻئي کي اُهي سمجهڻ ۾ غلطي ڪن ٿا. آءٌ اوهان کي نيڪ سچاڻان ٿو.

اوهان جا دشمن فقط اُهي هڻ ڪڻ جن کي اوهين نفرت ڪريو ۽ نه اُهي جن کي اوهين نيچ سمجهو. اوهان کي پنهنجن دشمنن ٿي فخر هڻ ڪپي؛ پوءِ اوهان جي دشمنن جون ڪاميابيون به اوهان ڏي پنهنجيون ڪاميابيون لڳنديون.

رڍي ۽ نابُري—اِهي غلامن جون خصلتون آهن. مڃتا

۽ چئيوائي اوهان جون خصلتون هئڻ ڪڻ. اوهان جو پنهنجو حڪم ٻ اوهان جيي مڃتا ڏي هجڻ ڪپي.

جنگ جوڏي لاءِ "اُٺ، ڪرا!" جو حڪم "منهنجي مرضي!" ڪان وڌيڪ دلپسند هئڻ ڪپي. جيڪي ٻ اوهان جون دلپسند شيون آهن، سي پهرين اوهان کي اڻين ملیون آهن.

اوهان لاءِ زندگيءَ سان محبت جي معنيٰ اها هئڻ ڪپي ته اوهان کي پنهنجي اعليٰ ترين اميد سان محبت آهي؛ ۽ اوهان جي اعليٰ ترين اميد اِن ۾ آهي ته زندگانيءَ جو اعليٰ ترين خيال اوهان جي دل ۾ موجود هجي.

اوهان جو اعليٰ ترين خيال، بهرحال، اوهان کي آڏ ڏيندس—حڪم جي صورت ۾، ۽ اُهو هيءَ آهي: انسان اُها واحد شيءَ آهي، جنهن کان گوءَ ڪٽڻي آهي، جنهن کان اڳتي اُڪرڻو آهي.

اِنهيءَ ڪري حڪمبردار ٿيو ۽ جنگ ڪٽو! ڊگهي عمر ڪهڙي ڪم جي! ڪهڙو اُهو جوڏو آهي، جيڪو پاڻ بچائڻ چاهيندو؟

آڏ اوهان جي رعايت نه ڪندس. مون کي اوهان سان دلي محبت آهي—اي منهنجا جنگي ساٿيو!—

زرتشت اڻين چيو.

۱۱- نڻون بت

ڪٽي ڪنهن هنڌ اڃا قومون ۽ ساڻهو آهن، پر اسان وٽ نه آهن، منهنجا پائرو: هيٺي اسان وٽ رياستون آهن.

رياست؟ اِها ڇا آهي؟ چڱو، هاڻي پنهنجا ڪن کولي، منهنجي ڳالهه ٻڌو، ڇاڪاڻ ته آڏ اوهان کي هاڻي قومن جي موت متعلق پنهنجو فيصلو ٻڌايان ٿو.

رياست نالو آهي بي‌حس راکاسن مان هڪ سڀ کان زياده بي‌حس راکاس جو ۽ هو ڪوڙ ۽ بي‌حسيءَ سان ڳالهائي ٿو: ۽ آهو ڪوڙ سڙندو آن جي وات مان ٻاهر نڪري ٿو: "مان، رياست، قوم آهيان."

اِهو هڪ ڪوڙ آهي! تخليق ڪار هٿا آهي جن قومون تخليق ڪيون، ۽ آنهن کي ايمان ۽ محبت جي چادر ڏکايائون: ۽ اِئين آنهن زندگيءَ جي خدمت ڪئي.

تباهڪار آهن هيءَ، جيڪي گهٽ لاءِ چارَ پکيڙين ٿا، ۽ آن کي رياست سڏين ٿا: آنهن جي متان تلوار لٽڪائين ٿا ۽ آڏو سوين لالچون پکيڙين ٿا.

جتي اڃا ماڻهو آهن، قومون آهن، آتي رياست جي اِها معنيٰ ڪانهي، بلڪ نظريي وانگر آن کان نفرت ڪئي وڃي ٿي، ۽ آن کي پنهنجن قانونن ۽ رواجن خلاف گناهه سمجهيو وڃي ٿو.

آڏ اوهان کي هڪ نڪتو ٻڌايان ٿو: هر قوم پنهنجي ٻولي جي ۽ ٻُري جي ٻولي ڳالهائي ٿي: آها آن جيءَ پاڙيسري قوم نٿي سمجهي. آن پنهنجي ٻولي، پنهنجي لاءِ، پنهنجن قانونن ۽ رواجن ۾ رهي ايجاد ڪئي آهي.

پر رياست ٻولي ۽ ٻُري جي سڀني ٻولين ۾ ڪوڙ ڳالهائي ٿي: ۽ جيڪي ڪجهه آها ڳالهائي ٿي، آهو ڪوڙ ڳالهائي ٿي: ۽ جو ڪجهه به وٺس آهي سو چوريءَ جو مال آهي.

آن جي هر شيءِ کوٽي آهي، فريب آهي: چڪ هٽي ٿي، تہ چوريءَ جي ڏندن سان، ليڪي: خود سنڌس پيٽ جا اندا به دوکي جا آهن.

ٻولي ۽ ٻُري جي ٻوليءَ جو مونجهارو: اِهو نڪتو آڏ اوهان کي رياست جي سچائپ جي نشانيءَ طور ٻڌايان ٿو. سچ پچ، اِها نشاني، موت جي خواهش ۽ موت جي ارادي جو دليل آهي! سچ پچ اِها نشاني موت جي مبلغن کي اڳتي وڌي اچڻ لاءِ سڏي ٿي.

گھٹا، تمام گھٹا، ماڻھو جمن ٿا: ۽ بي‌ضرورت ۽ زائد ماڻھن لاءِ ئي رياست ايجاد ٿي.

ڏسو، هيءَ آنھن کي، گھٹن ـ تمام ـ گھٹن کي، کيئن ڏتاري ۽ لالچائي پنھنجي طرف سڏي ٿي! کيئن اِھا آنھن کي ڳرکائي ٿي، چپاڙي ٿي ۽ اوڳاري وري چپاڙي ٿي!

"ڏرتيءَ تي مون کان وڏو ٻيو کوبہ نہ آھي: مان ئي آھيان، جيکا خدا جي منتظم آگر آھيان" ـــ هيءَ راکاس ائين ٿو گجڪاري. ۽ آن گجڪار جي آڏو رگھو کي کوتاھہ نظر ۽ دراز گوش ماڻھو ئي سربسجود کونہ ٿا ٿين!

افسوس، اي عالي دماغؤ، خود اوھان جي کنن ۾ اِھا پنھنجا کارا کوڙ پري ٿي! اِھا آھي وزني دليون بہ‌گولي هٽ ڪري ٿي، جيکي آن جي چائنٽ تي پنھنجي رضا خوشيءَ سان سيڪجھ لٽائي چڏين ٿيون.

هائو، اِھا اوھان کي بہ گولي لھي ٿي، جن پراڻي خدا کي جيتيو! اوھين، آن معرکي ۾ وڙھندي، تڪجي پيا، ۽ هاڻي آھا اوھان جي نستائي هِن نئين بٽ کي ڪم اچي ٿي ۽ اوھين آن جي ٻانھپ ۾ لڳي ويا آھيو!

هيءَ نئون بت وڏن وڏن سورمن ۽ عزت‌مابن کي ميڙي پنھنجي چؤڌاري گڏ ڪرڻ جو ڏيک ڏئي ٿو! ۽ تمام گھٹي نيڪ ضميرن جي آس ۾ ويھي پاڻ سيکي ٿو ـــ هيءَ سرد اطمينان سان راکاس!

هر شيءِ، هيءَ نئون بت، **اوھان کي** ڏيندو، بشرطيڪ **اوھين** آن جي پوڄا ڪريو: ائين هيءَ اوھان جي نيڪيءَ جي رونق ۽ اوھان جي پروقار اڪين جي چمڪ اوھان کان خريدي ٿو.

اِھو اوھان جي وسيلي گھٹن ـ تمام ـ گھٹن کي پنيلائي پنھنجي پاسي ڪرڻ ۾ لڳو رھي ٿو. اِھو هڪ جھنمي سنجت اِنھيءَ

ريت اڏيو ويو آهي ــ ۽ موت جو گهوڙو، الاهي اعزازن جي جي وڇندڙ گهنگهروئن سان جهنجهيل!

هائو، عام خلق لاءِ، گهٽن تمام گهٽن لاءِ، ائين نسوور هي ۽ هڪ موت ايجاد ڪيو ويو آهي، پر پاڻ کي زندگي سڏي، اهو پاڻ واڪاڻي ٿو ۽ چوڻ جڳ وڻي ٿو: تحقيق وڏي هڪ دعوت آهي هي، موت جي مبلغن لاءِ!

آڻ ان کي استيٽ (State) [بمعني مسند] سڏيان ٿو،

جتي سيمي، پلا ۽ ٻرا، زهر جو پيالو پيئن ٿا: جتي سيمي، پلا ۽ ٻرا، پاڻ وڃائين ٿا: جتي سڀ کان ويرو خودڪشي ۽ جو عمل "زندگي" سڏجي ٿو.

ڏسو، هنن غير ضروري، زائد ماڻهن کي ڏسو! هي ڏاهن جا خزانا ۽ ايجاد ڪندڙن جون ايجادون چورائين ٿا. پنهنجي آن چوري ۽ کي ثقافت سڏين ٿا ــ ۽ هرشيءِ آنهن جي هٿ ۾ بدلجي محض بيماري ۽ بدبختي بڻجيو پوي!

ڏسو، هينن غير ضروري، زائد ماڻهن کي ڏسو! بيمار روح آهن اِهي سدائين، پنهنجو پيٽ قيء ڪري ڪڍن ٿا، ۽ آن کي هو 'اخبار' سڏين ٿا. هڪبين کي هو هڏپ ڪن ٿا، ۽ هڪبين کي هو هضم به نٿا ڪري سگهن!

ڏسو، هِنن غير ضروري، زائد ماڻهن کي ڏسو! دولت هو حاصل ڪن ٿا، ۽ آن سان هو وڌيڪ غريب ٿا بڻجن. هي بي ــ ستا طاقت هٿ ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا ــ آن کان به وڌ، هو طاقت جي ڪنجيءَ پڻيان ــ پٺسي پڻيان، وڌيڪ پٺسي پڻيان ــ ڊوڙون پائين ٿا.

اِنهن ٽيز ٻاندرن کي مٿي چڙهندي ڏسو! هڪبين کي لتاڙيندا، هڪبين تي ليٽڻندا، پاڻ ۾ وڙهندا، سڏا گپ ۽ ڪين جي ڪٽڻ ۾ ڪرندا ٿا رهن.

سيمي مسند ڏانهن وڌڻ جي جاکوڙ ۾ لڳل آهن: چا

نہ ڏيوانگي آهي اِنهن جي! جڏ خوشي ۽ سڪ مسند تي هُنن لاءِ آڻا ويٺا آهن!

پر مسند تي، گهڙو ڪري، تہ گند ئي ويٺل هجي تو—۽ گهڙو ڪري تہ مسند خود بہ گند تي ويٺل هوندي آهي!

مون کي اِهي سڀ پاڳل نظر ٿا اچن، بازوليون ڏيندڙ باندر ٿا ڏيکارجن— بيحد بي‌صبر ۽ بدحواس. مون کي اِن سندن بت مان، اِنهيءَ سرد راکاس مان بدبوءَ ٿي اچي: اهي سيئي اِن جا پرستار پاڻ بہ فقط بدبوءَ ئي ڦهلائين ٿا.

منهنجا پاڙرو، اوهين اِنهن جي ٻيٽن جي بدبودار بخارن ۽ بڪ جي ولوڙن ۾ گهُٽجي مري ويندا. چڱو آهي تہ بدبوءَ جي اِنهيءَ چوڌيداريءَ جون دريون ڀڃي، ٽپو ڏيئي، باهر ڪليءَ هوا ۾ نڪري اچو!

اِن بدبوءَ جي سڃيءَ پڇ کان باهر نڪري اچو! آڻ چوان ٿو تہ، اِنهن غيرضروري، زائد، ڪچري ۽ ڪين جي گُندن جي پوڄا ڇڏي ڏيو!

اِن بدبوءَ جي سڃيءَ پڇ کان باهر نڪري اچو! انساني ربانين جي اِنهيءَ زهريلي دونهانءَ کان بچو ۽ نڪري باهر ٽپو.

اعليٰ دلين لاءِ زمين جون وسعتون اڃا بہ ڪليل آهن. تنها دل توڙي ساڻي دلين جا ڪيترائي گوشا اڃا خالي پيا آهن، جتي سانتيڪن سوندن جون هيڪار پريل هيرون گهُلي رهيون آهن.

اعليٰ دلين لاءِ اڃا بہ آزاد زندگيءَ جا دڳ ڪليل آهن. سچ تہ جنهن وٽ جيترو گهٽ اوترو وڏو آهو آزاد، جيترو ڪو گهٽ قابض اوترو گهٽ آهو مقبوض: مبارڪ آهي وچٽري غربتي!

جتي رياست ختم ٿئي ٿي، فقط اُتان ئي اُن انسان جي وجود جي ابتدا ٿئي ٿي، جو زائد نہ آهي، غيرضروري نہ آهي. اُتان

ڪي ضروري انسانن جو، اصلي انسانن جو گيت شروع ٿئي ٿو ، واحد ۽ بي‌بدل نغمو!

منهنجا پائرو، آتي، آن هنڌ تي، نظر رکو، جتي رياست ختم ٿئي ٿي! اوهان کي انڊلٽ جا رنگ ۽ فوق‌البشر جون پٽليون ڏسن ۾ نٽيون اچن؟ـ

زرتشت ائين چيو.

۱۲- مارکيٽ جون مکيون

اي دوست، پنهنجي اڪيلائيءَ جي ڪنڌ ڏانهن ڀڄ! آءٌ ڏسان ويهو ٿو وڏن ماڻهن جي شور ۽ غل تنهنجن ڪنن کي ٻوڙو بنائي ڇڏيو آهي ، ۽ ننڍن ماڻهن تنهنجي جسم جي ذري ذري کي مکين وانگر ڏنگي ڇڏيو آهي.

جهنگ ۽ جبل ڏي ٽوڪي خاموشيءَ جو سچو لطف بخشي سگهن ٿا، تون ڀيهر آن وڻ سان پنهنجي پيٺ ڪر، جيڪو ٽوڪي پسند آهي ــ جيڪو پنهنجين ڊگهين ٽارين سان سمنڊ جي مٺاچري تي جهڪيو، ماڻ جي موسيقي ٻڌي رهيو آهي.

جتي سانت جي سرحد ختم ٿئي ٿي ، آڪان مارکيٽ جون حدون شروع ٿين ٿيون ؛ ۽ جتان مارکيٽ جون حدون شروع ٿين ٿيون، آڪاڻ وڏاڻ اداکارن جو شور ۽ غل ۽ زهريلين مکين جي ڀون ڀون شروع ٿئي ٿي.

دنيا ۾ بهترين شيون به آنهن شخص کان سواءِ بي‌ڪٽيون ۽ بيڪار آهن، جيڪي آنهن شين جي نمائندگي ڪن ٿا: آنهن نمائندن کي ماڻهو عظيم شخص سڏين ٿا.

عظيم شيءِ ڪهڙي آهي ، ٽنهن کي ماڻهو خير کو سمجهن ٿا ــ يعني آپاڻ جو عمل، تخليقي عمل. پر هٽن کي عظيم شين جي نمائندن ۽ اداکارن سان دلچسپي آهي.

نون قدرن جي اپائٹھارن جي چوڌاري دنياگردش ڪري ٿي—ڪنهن جي ڏڻي ۽ جاتي ڪان سواءِ گردش ڪري ٿي. پر اداڪارن جي چوڌاري گردش ڪن ٿا ماڻهو ۽ پڻ عزت ۽ شهرت آنهن جي چوڌاري گردش ڪري ٿي: اهوئي دستور آهي.

اداڪار وٽ جذبو ته آهي، پر جذبي جو شعور ڪونهي. هو هر اهڙيءَ ڳالهه ۾ اعتقاد رکي ٿو، جنهن ذريعي هو 'پاڻ' ۾، پنهنجي 'ذات' ۾، پين جي اعتقاد کي پختو بڻائي سگهي!

سياڻي هن جو عقيدو بدلجي ٻيو ٿي ويندو، ته پريئن هي اڃا به ڪو ٻيو نئون عقيدو اختيار ڪندو. رواجي ماڻهن جيان، هن جا رڳي حواس تيز آهن، ۽ سندس مزاج سدائين ٻيو بدلجي سدلجي ۽ ڦري گهري. 'الٽائڻ'—اِها آهي معنيٰ هُن وٽ ثابت ڪرڻ' جي. 'مَت مان ڪيڙ—اِها آهي معنيٰ هن وٽ 'سمجهائڻ' ۽ 'قائل ڪرڻ' جي. ۽ رتوچاڻ هن وٽ سڀ کان وڏو ثابت ٿيل ۽ تسليم ڪيل دليل آهي.

جيڪو سچ فقط باشعور ڪنن ۾ گونجي ٿو، تنهن کي هو ڪوڙ ۽ دوکو ٿو سڏي. دراصل هو فقط اهڙن خدائن ۾ اعتقاد ٿو رکي، جيڪي دنيا ۾ وڏوگوڙ ۽ غلغلو پيدا ڪن ٿا.

مارڪيٽ سچوئي ڏمڙ مچائيندڙ مسخرن سان ڀريل آهي،—۽ ماڻهو پنهنجن آنهن 'عظيم' شخصن تي فخر ڪن ٿا! آهي هُنن لاءِ وقت جا صاحب آهن.

پر وقت آنهن کي تنگ ڪري ٿو؛ هو اِنهيءَ ڪري اوهان کي تنگ ڪن ٿا. ۽ پڻ اوهان کان پنهنجي عظمت جي اقرار يا انڪار جي گهر ڪن ٿا—'هائو' يا 'نه جي'. افسوس! ڏاڍي ڏکي ڳالهه آهي اوهان لاءِ ائين مخالفت ۽ موافقت جي وچ ۾ ويهي پنهنجيءَ ڪنهن عافيت پائڻ جي.

اي سچ کي پيار ڪرڻ وارا! تون آنهن قاطعن ۽ بي‌صبرن تي رشڪ نه ڪر! سچ ڪڏهن به ڪنهن قاطع، ڪنهن مطلق، ڪنهن عقل ڪل، جي زور بازوءَ تي ڪونه پاڙيو آهي.

تون، اي دوست، اِنهن ڏنگيرن کان پڇي، پنهنجي سلامتيءَ
۽ اڇ: فقط مارڪيٽ-چوڪ ۾ ٽي ماڻهو 'هائو' يا 'نه؟' جي
تيرن جو نشانو ٿو بڻجي.

جيتريقدر ڪو چشمو اونهو هوندو آهي، اوتريقدر اُن
کي پنهنجي ٽري ۾ ڪرندڙ شيءَ جو پتو دير سان پوندو آهي.
عميق تجربن جي رفتار گهري ۽ گنهير آهي: اُنهن کي انتظار
ڪرڻو پوي ٿو، جيستائين کين خبر پوي ته سنڌن تهه ۾ ڇا
اچي ٻيو آهي.

هر شيءِ، جا عظيم آهي، مارڪيٽ-چوڪ کان ۽ ناماچار
کان ڏور آڇجي ٿي: نون قدرن جا اپاڻڌار سڌائين مارڪيٽ-
چوڪ ۽ ناماچار کان پري ٿا وسن.

پڇ، منهنجا دوست، پنهنجي اڪيلائيءَ جي ڪنڌ ڏانهن
پڇ! آڳ ڏسان ٿو ته زهريلين مکين توکي پيرن کان وٺي چوٽيءَ
تائين ڏنگ هنيا آهن. هاڻي ڪنهن اهڙيءَ جاءِ ڏانهن پرواز ڪر،
جتي تيز ۽ تند، آپل ۽ اوجل هوا لڳندي هجي.

تون پنهنجي اڪيلائيءَ جي ڪنڌ ڏانهن پڇ! تون نندن
۽ خسيسن جي نزديڪ گهڻو وقت رهيو آهين. اُنهن جي لڪل
انتقام کان بچ! تو لاءِ اُنهن وٽ سواءِ انتقام جي ٻيو ڪجهه
ڪونهي.

اُنهن جي خلاف وڙيڪ هٿ نه کڻ! گهٽا آهن اِهي، ۽
مکين-مار ڦڙڪو بنجڻ تنهنجي تقدير ناهي.

تمام گهٽا آهن اِهي نندڙا خسيس ماڻهو؛ مينهن جا ڦڙا
۽ خودرو ڪڪ ڪاندبڙا به اڪثر اوچين عمارتن کي ڍاهي ٿا
وڃن.

تون برابر پٿر نه آهين؛ پر هينئر مينهن جي لڳاتار ڦڙڦڙ
ٽوڪي ڪوڪلو ڪري ڇڏيو آهي. اِها لڳاتار ڦڙڦڙ توکي ڇڄي
پوري، ذرا ذرا ڪري ڇڏيندي!

آڳ ڏسان ٿو، زهريلين مکين جي ڏنگن کان تون بيحال

ٿي پيو آهين؛ آڻ ڏسان ٿو، تومان رت پيو ڳڙي، ۽ سوين هنڌن تان تون وڍجي پيو آهين؛ ۽ تون هانءَ جي پڪائيءَ کان دانهن نٿو ڪرين.

اِهي مارڪيٽ جون مڪيون، معصوم ٻڌجي، تو کان تنهنجو رت کسين ٿيون؛ آنهن جو رت کان خالي ساهه رت گهري ٿو— ۽ اِهي ڏنگ هڻن ٿيون، اِئين جڏ اِهي سراپا معصوميت آهن!

مگر اي گنهيير هستي! تون اِنهن ننڍن ننڍن زخمن کان به ڏاڍو گهٽو زخمجي پيو آهين؛ ۽ اِهي تنهنجا زخم چٽن ٿي چٽن، آن ڪان اڳ اِهو ساڳيو زهريلو ڪينئون سُري هاڻي تنهنجي هٽ تي اچي ويٺو آهي!

تون پنهنجي مان ۽ مرياداءَ ۾ اِنهن مٺي مٺهن وارن ڇوڪيندڙن کي مارڻ پنهنجي گهٽتائي ٿو سمجهين. پر خبردار، متان اِنهن جيي سڄي اِها زهرآلود بيانصافي تنهنجو مقدر نه ٻڌجي وڃي!

اِهي مڪيون تنهنجي چوڌاري پون پون ڪري تنهنجي واکاڻ به ڪن ٿيون: اِنهن جي اِها واکاڻ ڇا آهي؟— دراصل اِهي تنهنجي چمڙيءَ لڳ ۽ تنهنجي رت جي قريب رهڻ گهرن ٿيون.

اِهي تنهنجي چوڌاري پون پون جي سُر سان تنهنجي واکاڻ به ڪن ٿيون،— پر ري-ڪوڻي ۽ اڳ-پوڻي آهي اِنهن جي اِها واکاڻ: اِهي تنهنجي چمڙيءَ لڳ ۽ تنهنجي رت جي قريب رهڻ گهرن ٿيون.

اِهي تنهنجي چاپلوسي ڪن ٿيون، جيئن ڪنهن خدا جي يا شيطان جي ڪو ڪندو آهي؛ اِهي تنهنجي آڏو ڪينجهه ڪن ٿيون، جڏ تون ڪو خدا آهين يا شيطان. اِن جو مطلب ڇا؟ چاپلوس آهن اِهي، ۽ ميڙ ميڙ ڪندڙ ۽ ڪنجهه ڪنجهه ڪندڙ— بس، اِن کان وڌيڪ ڪجهه به نه.

مارڪيٽ جون اِهي مڪيون ڪڏهن ڪڏهن توسان خوش-مزاجيءَ سان به پيش اچن ٿيون. دراصل بزدل سدائين اهڙيون

احتياطي تدبيرون اختيار ڪندا آهن. هاڻو، بزدل ڏاڍا سياڻا ٿيندا آهن!

اِهي، پنهنجي ڏنگ ۽ محدود ساهه سان، تنهنجي باري ۾ گهڻو ويچاريندڙ ٿيون ۽ رهن ٿيون ۽ سدائين توتي شڪ ۽ ڪندڙ رهن ٿيون! جنهن شيءِ تي تمام گهڻو ويچاريو وڃي، سا ماڻهوءَ لاءِ نيٺ مشڪوڪ ئي ٿي پوندي آهي.

اِهي دراصل تنهنجين خوبين جي توڪي سزا ڏين ٿيون. ۽ پنهنجي ٿهڙليءَ سان اِهي توڪي فقط تنهنجيون خاميون معاف ڪن ٿيون.

چاڪاڻ ته ٿون نرم مزاج ۽ انصاف پسند آهين، تنهنڪري تون چوين ٿو: "هي ته معمولي مخلوق آهن، هِنن ويچارين جو ڪو قصور ڪونهي." پر هي پنهنجي سوڙهي، محدود من لاءِ سوچين ٿيون: "سچو ڏوهه تنهنجو آهي — سچو عظيم وجود ڏوهاري آهي هِنن لاءِ، جو ته آن ۾ رت آهي!"

جڏهن تون هنن سان حليمائيءَ سان پيش اچين ٿو، تڏهن به هو اڻين محسوس ڪن ٿيون ته تون هنن کي حقير ٿو سمجهين؛ ۽ تنهنجن احسانن جي بدلي ۾ هو توڪي ڪجهيءَ ريت هيٺ ڪرڻ گهرن ٿيون — جو ته هو توڪان ڏڃن به ٿيون.

تنهنجو ماڻيٽو شان هميشه هنن جي مزاج ۽ مذاق جي خلاف رهيو آهي: جڏهن به تون هلڪڙائپ جي حد تائين سندن اڳيان نمين ٿو، تڏهن هو دل جو دل ۾ پنهنجي هستيءَ ٿي خوش ٿين ٿيون.

ڪنهن ماڻهوءَ ۾ جيڪا خوبي اسان کي تسليم ڪرڻي پوندي آهي، سا اسان کي هُن تي خار ۽ ڏيارينديِ رهندي آهي. تنهنڪري اِنهن رت ڳولائو جيتامڻن کي هيڇ نه سمجهه، بلڪ اِنهن کان خبردار رهه!

اِهي توڪي موجود ڏسي، ڪڏهن ڪڏهن، ڇاڻي واڻي، پاڻ کي ڪمتر ۽ هيڇ ظاهر ڪن ٿيون، ۽ هِنن جي اِها پستي

تنهنجي خلاف سندن ڪجهي انتظام جي صورت وٺندي رهي ٿي.
ڇا، تو محسوس نه ڪيو آهي ته جڏهن ڏون هنن جي سامهون اچين ٿو ته هو ڪيئن نه اڪثر چپ ٿي وڃن ٿيون، ۽ هنن جي طاقت هنن کان ائين کسجي ويندي آهي جيئن وساڻل باهم مان دونهون؟

ها، اي منهنجا دوست، تون انهن پنهنجن هم-يوگين ۽ همنيشنن جي نظر ۾ بدضمير آهين؛ چاڪاڻ ته هو تنهنجي لائق نه آهن. انهيءَ ڪري هو توکان نفرت ڪن ٿا، ۽ تنهنجي رت جا پياسا رهن ٿا!

ڏهنجا اِهي هم-مقام غرض شناس، تنهنجي اڳيان پويان هلندڙ، هميشه تو لاءِ زهريلين مڪين وانگر رهندا؛ تو ۾ جيڪا ڪجهه عظمت آهي، اُها بذات خود اهڙي شيءِ آهي، جيڪا هنن جي زهر ۾ اضافو ڪندي رهندي، ۽ منجهن مڪين واري هير وڌيڪ زور وٺندي ويندي.

تنهنڪري، اي منهنجا دوست، ڇڄ! اِنهن مڪين کان پاڻ بچاءِ! پنهنجي اڪيلائيءَ جي ڪُنڊ ڏانهن ڇڄ—اُتي جتي تيز ۽ تند، آپل ۽ آوجل هوا لڳندي هجي. اِهو تنهنجو مقدر نه آهي، جو توکي مڪين-سار ڪُڙڪو ٽيٽو پوي.—
زرتشت ائين چيو.

۱۳- پاڪدامني

مون کي جهنگن سان محبت آهي. شهرن ۾ رهائش بُري آهي: اُتي تمام گهڻا ڪامي ۽ حريص رهن ٿا.
ڇا، ڪنهن ڪامي عورت جي چنبي ۾ اچڻ کان اِهو بهتر نه آهي ته ڪنهن خونيءَ جي هٿ چڙهي وڃجي؟

۽ ڪجھ ھِنن مَردن ڏانھن نھاريو؛ ھِنن جون اکيون ڳالھائين ٿيون ــ دنيا ۾ ڪنھن عورت جي آغوش ۾ ليٽڻ کان بھتر ھِنن لاءِ ڪا بي شيءِ ڪانھي.

ھِنن جي ساھ جي تري ۾ ڪنڊ پريل آھي؛ ۽ افسوس! ھِنن جي ڪنڊ ۾ ڪو روح نہ باقي ڪونھي!

ڪاش، اوھين ڪامل ھجو ــ ڳھٽ ۾ ڳھٽ جانورن جھڙا! پر جانورن وٽ وري نہ معصوميت آھي.

ڇا، آءٌ اوھان کي پنھنجي جبلتن جي ڪُھ جي ڪا صلاح ٿو ڏيان؟ آءٌ تہ اوھان کي اوھان جي جبلتن جي معصوميت جي صلاح ٿو ڏيان.

ڇا، آءٌ اوھان کي پاڪدامنيءَ جي صلاح ٿو ڏيان؟ پاڪدامني ڪن ماڻھن لاءِ ھڪ نيڪي آھي، پر اڪثر ماڻھن لاءِ اُھا قريب قريب ھڪ بدي آھي.

آھي سِيلوان برابر آھن، پر اُھو ڪتو جنھن جو نالو ھَوَس آھي، سو سندن ھر فعل مان سَڏايل اکين سان جھاتيون پائيندي پيو ڏسبو آھي.

ھنن جي نيڪيءَ جي بلندين کان وڌي ھنن جي سرد وساڻ ساھ تائين اِھو حيوان پنھنجيءَ سڄيءَ بي‌سَرائيءَ ۽ روسامي سان ھنن جي ڪيڙ لڳوئي رھندو آھي.

۽ ھيءَ ڪتو، جنھن جو نالو ھَوَس آھي، جڏھن گوشت جي ٽڪري کان اُن کي محروم ٿو رکجي، ڪھڙيءَ نہ خوبيءَ سان روح جو ٽڪرو ڀُوھي ٿو وڃي!

اوھان کي المناکيون ۽ اُنھن سان لاڳاپيل گھاليھيون وٽن ٿيون، جيڪي دل کي چُور چُور ڪن ٿيون؟ پر اوھان جي ھَوَسناڪ ڪُتي تي پوءِ نہ منھنجو اعتبار ڪونھي.

اوھان جون اکيون ــ اُف، ڪيتريون نہ ڪنور اکيون! ۽ اوھين دک سھندڙن ڏانھن ڪيئن نہ ڪِڄجي نھاريو ٿا! ڇا، اوھان جي ھَوَس پاڻ لڪائڻ لاءِ 'ھمدرديءَ' جو نالو نہ ورتو آھي؟

۽ هيءَ نقل ۾ اوهان کي ٻڌايان ٿو: ”ڪيئي آنهن مان جن سوڙن مان شيطان ٻچائڻ ٿي گهريو، اِئين ڪندي پاڻ سوڙن سان ملي ويا!“

جن لاءِ پاڪدامني ڏکي آهي، آهي آن کان جهلجن ته چڱو: متان آها هُنن لاءِ جهنم جي راهه ٻُڌجي پوي—روح جي گندگيءَ ۽ هوسناڪيءَ ڏانهن ويندڙ راهه.

چا، آءٌ گندين شين جي گهالهه ٿو ڪريان؟ ته منهنجي آڏو اِهو ڪو بدترين ڪم ٿي ڪونهي.

ساڃهه جي اک سچائيءَ جي پاڻيءَ ۾ لهڻ آن وقت ناپسند نٿي ڪري، جڏهن آهو گندو آهي، بلڪ تڏهن جڏهن آهو تانگهو آهي.

بيشڪ اهڙا ڪيئي ماڻهو آهن جيڪي فطرتاً پاڪدامن آهن؛ آهي دل جا وڏيڪ سڀاجها ۽ اوجل آهن، ۽ اوهان کان وڏيڪ آزاد ۽ گهٽا ٻيرا ڪلن ٿا ۽ ٿهڪ ڏين ٿا.

آهي پاڪدامنيءَ تي ٻه ڪلن ٿا، ۽ پڇندا آهن: ”پاڪدامني ڪهڙي شيءِ آهي؟

”چا، پاڪدامني چريائي ڪانهي؟ ۽ هيءَ چريائي پاڻ اسان وٽ آئي آهي، اسين آن وٽ ڪونه ويا آهيون.

اسان اِن مهمان کي پاڻ وٽ رهائش آڇي ۽ رهڻ لاءِ دل ڏني: هاڻي آها اسان وٽ رهي ٿي—پل ته اسان وٽ جيستائين چاهي اوستائين رهي!“—

زرتشت ائين فرمايو.

۱۴- دوست

گوشه نشين خيال ڪري ٿو: ”مون سان هميشه هڪ شخص مون کان وڏيڪ رهي ٿو. هميشه پهرين هڪڙوئي، واحد شخص، جنهن مان اڳئي هلي ٻه ٽيو پون“!

'آءٌ' ۽ 'منهنجي ذات' هميشه هڪڙي سان گفتگو ۾ محو رهن ٿا: جيڪڏهن کو دوست نه هجي تہ اِها گاله هوند ناقابل برداشت ٿي پوي.

گوشہنشين جو دوست هميشه هڪ ٻيون شخص ٻہ هوندو آهي. اِهو ٻيون شخص ٽُرهي مثل آهي، جو ٻنهي جي گفتگوءَ کي تار ۾ ٻڌي وڃڻ کان روکي ٿو.

آهہ! سيني گوشہ نشينن کي بيشمار پستين سان واسطو پوندو آهي، تنهنکري هنن کي تمنا هوندي آهي دوست جي، ۽ اُن کي بلند کرڻ جي.

ٻين ۾ اسان جو ايمان ثابتي آهي تہ اُن گاله لاءِ اسان کي پاڻ ۾ ايمان کونهي. اسان جي دل ۾ کنهن دوست جي تمنا ــــ اِها اسان جي پنهنجي پاڻ تي اِن حقيقت جي چغلي آهي.

۽ اکثر کري اسين پنهنجي محبت سان رکو پنهنجي حسدَ کي عبور کرڻ چاهيندا آهيون. ۽ اکثر کري اسين اگرائي کري پنهنجا دشمن پاڻ پيدا کندا آهيون تہ جيئن کنهن کي معلوم نہ ٿئي تہ اسين آڏ-مضبوط آهيون.

"گهٽ ۾ گهٽ منهنجو دشمن ٿي!" ــــ اِها اسان جي آج آهي ۽ نشاني آهي اسان جي سچي احترام جي، اُن لاءِ جنهن کي دوست بنائڻ جي اسان کي همت نٿي ٿئي.

جيڪڏهن کنهن کي کو دوست رکڻو آهي، تہ اُن لاءِ هُن کي وڙهڻو ٻہ پوندو: ۽ وڙهڻ لاءِ هُن کي دشمن ٻنجڻ جي صلاحيت ٻہ هڻڻ گهرجي.

ماڻهوءَ کي پوءِ ٻہ دوست ۾ جو دشمن آهي اُن جو قدر کرڻ گهرجي. چا، تون پنهنجي دوست جي ويجهو وڃي سگهين ٿو، ۽ هن کي پڇي نٿو سگهين؟

ماڻهوءَ لاءِ پنهنجي دوست ۾ پنهنجو بهترين دشمن موجود هجي ٿو. تون دل سان هن جي قريب‌ترين تڏهن ٿي سگهندين، جڏهن تون هن جي آڏو محڪم بيهي سگهندين.

ڇا، ٿون پنهنجي دوست آڏو ڪوبه پوش پهرڻ ڏيندو گهرين؟ ٿون ان ۾ دوست لاءِ عزت جو اظهار سمجهين ٿو ته جيئن به تون آهين تيئن هن جي آڏو پاڻ کي پيش ڪرين؟ ۽ ان طرح ته هو تنهنجو مٿهن ٿي ته ڏسڻ چاهيندو!

جيڪو پنهنجي ڪاميابيءَ ته لکائيندو آهي ته هرڪنهن کي ٻرٽلي ۽ وجهندو، پنهنجي اوگهڙ ڪاڻ نٿو لاءِ اوهان وٽ ايڏو هڪ وڏو سبب آهي! هائو، ۽ اوهين جيڪڏهن خداٿون هجو ها، ته ته اوهان کي بيشڪ پوشاڪ پهرڻ ڪاڻ شرم اچي ها!

تون پاڻ کي پنهنجي دوست لاءِ جيترو به ناهين جوڙين، سينگارين ۽ سڻو بنائين، آهو ناڪافي آهي؛ چاڪاڻ ته تو کي هن لاءِ هن جي تمنا جو هڪ تير ۽ فوق‌البشر جو هڪ مثال ٿيڻو آهي.

تو پنهنجي دوست کي ڪڏهن ننڊ ۾ ستل ڏٺو آهي— اڻهي؟ چاڻ لاءِ ته سڻي هو ڪيئن ٿو لڳي؟ رواجي حالت ۾ تنهنجي دوست جو چهرو ڪهڙو هوندو آهي؟ جهڙو تنهنجو پنهنجو چهرو، ڪنهن ناهموار ۽ اڻپوري آئيني ۾ ڏسجي.

تو پنهنجي دوست کي ڪڏهن ننڊ ۾ ستل ڏٺو آهي؟ پنهنجي دوست کي ائين ڏسندي، تون هراسجي نه وئين؟ اي منهنجا دوست، ماڻهو آها هڪ شيءَ آهي جنهن کي پاڻ کان وڌيڪ آهي، بهتر ٿيڻو آهي.

گهاليهين کي تصور ۾ آڻ ۽ خاموش رهڻ ۽ تنهنجو دوست ماهر هنجڻ ڏي؛ ۽ هر گهاليهه جي چاڻ جي سڌ تو لاءِ ضروري نه آهي. تنهنجو جواب تو کي پڌائيندو ته تنهنجو دوست سمجاڳيءَ ۾ ڇا ڪندو رهي ٿو.

تنهنجي ڪهل به تنهنجي تصور مان ايڏو گهرجي؛ پهرين اهو چاڻ لاءِ تنهنجي دوست کي ڪهل جي گهرج به آهي؟ شايد هن کي تنهنجي اڏول ۽ خشڪ اک سان ۽ ابدي نگاهه سان ئي پيار هجي.

پنهنجي دوست لاءِ تنهنجي ڪهل مشڪل سخت ڪوبي
۽ ڪل هجڻ ڪهي ؛ جيئن تو ڪي آهو ڏند سان ڇيڏو پوي.
ائين آن جو ڪپ نرم ۽ منو لڳندو.

چا، تون پنهنجي دوست لاءِ اوجل هوا ۽ تنهائيءَ جو
ڪوشو ۽ مانيءَ ڏکر ۽ درد جو دارون ٿي سگهين ٿو؟ ڪيترائي
آهن جيڪي پنهنجا زنجير ٽوڙي نٿا سگهن، پر تہ بہ پنهنجي
دوست جي چوڪاري جا سب ڇڄي سگهندا آهن.

چا، تون غلام آهين؟ تہ پوءِ تون دوست نٿو ڇڄي
سگهين. چا، تون ظالم آهين؟ تہ پوءِ تنهنجا بہ ڪي دوست
نٿا ڇڄي سگهن.

عورت ۽ گهڻي زماني کان غلام ۽ ظالم پيئي پوشيده
موجود رهيا آهن. اِن ڪري عورت ۽ دوستيءَ جو مادو اڃا
پيدا ٿي نہ سگهيو آهي؛ هوءَ فقط محبت ڪري ڄاڻي ٿي.

عورت جي محبت ۽، اُنهن سيني لاءِ جن سان هوءَ
محبت نٿي ڪري، ناانصافي ۽ نابينائي هجي ٿي. ۽ هن جي
باشعور محبت ۽ بہ هميشہ حيراني ۽ بجليءَ جي شعلي ۽ رات
جي تاريڪيءَ جا آثار هجن ٿا.

اڃا عورت ۽ دوستيءَ جو مادو پيدا نہ ٿيو آهي؛ عورتون
اڃا بليون آهن، يا ٻڪي. يا وڏ ۽ وڏ، گابون.

اڃا عورت ۽ دوستيءَ جو مادو پيدا نہ ٿيو آهي. پر اي
مرد مالهوڻ، اوهين مون کي ٻڌايو، اوهان مان ڪيترا دوستيءَ
جو مادو رکن ٿا؟

اي مردؤ، حيف هجي اوهان جي ناداريءَ تي، ۽ روح
جي بخيليءَ تي! جيترو اوهين پنهنجي دوست کي ڏيو ٿا اوترو
تہ آءٌ پنهنجي دشمن کي ڏيڻ لاءِ تيار آهيان. ۽ اُن ۽ آءٌ وڌيڪ
غريب بہ ڪونہ ٿيندس.

رفاقت اوهان ۽ آهي، شال اوهان ۽ دوستي هجي!—
زرتشت اِئين فرمايو.

۱۵- هڪ هزار ۽ هڪ مقصد

زرتشت گهڻن ملڪن جو سير ڪيو ۽ گهڻين قومن ڪي ڏٺو: اهڙي طرح هو گهڻين قومن جي خوبين ۽ خرابين کان واقف ٿيو. زرتشت کي نيڪي ۽ بدي، ڪمال ۽ ڏيڪ ظاهر ڪابه شيءِ دنيا ۾ نظر نه آئي.

ڪابه قوم پهرين قدرن کي مقرر ڪرڻ (Valuing) کان سواءِ زنده رهي نٿي سگهي، جيڪڏهن ڪنهن قوم پاڻ کي قائم رکڻ گهريو ٿي، ته آن لاءِ، بهرحال، ضروري ٿي ٿيو ته قدرَ اهڙي طرح مقرر ته ڪري جيئن آن جي پاڙيسري قوم مقرر ڪيا ٿي.

ڪيترين گالهيون جيڪي هڪڙي قوم وٽ پسنديده هيون، سي ٻي وٽ رد ٿي ٿيون ۽ ڏکاريون ٿي ويون: انهن مون ڏٺو. مون ڏٺو ته ڪيترين گالهيون هڪ هنڌ بچڑيون ۽ مردود شمار ٿي ٿيون، ته ٻئي هنڌ انهن کي وڏي عزت ڏني ٿي ويئي.

پاڙيسري پاڙيسريءَ کي سمجهڻ کان قاصر ٿي ڏٺو: هڪڙي جو ساهه ٻئي جي خام‌خياليءَ ۽ بداعماليءَ تي محو حيرت هو!

هر قوم جي هٿ ۾ اعليٰ خوبين جو هڪ دستاويز هو. آهو آن جي ڪاميابين جو دستاويز هو، هائو — آهو آن لاءِ طاقت جي دستيابيءَ جي سنئين ارادي جي سند هو.

جا شيءِ آن کي مشڪل معلوم ٿهي ٿي، آها آن لاءِ قابل تعريف هٿي: جيڪا مشڪل به هٿي ۽ ضروري به، آها آن لاءِ سڀ هٿي ۽ ۽ جنهن سخت مصيبت ۾ آن کي راحت ٿي ڏني، ۽ ڪائي هٿي ۽ مشڪل‌ترين به، آها آن لاءِ مقدس هٿي.

جنهن به شيءِ آن کي حڪراني ٿي ڏني، فتحمند ٿي ڪيو ۽ ناموس ٿي بخشيو، ۽ جنهن کان آن جا پاڙيسري آن کان مرعوب ٿي ٿيا ۽ آن ٿي رشڪ ڪرڻ لڳا ٿي، آن کي آن خاص

طرح اوهي ۽ اول دوڄي جي شيءَ ٿي سمجهيو، پاڻ ٻيءَ هر شيءَ جو جوهر ۽ ڪسوٽي ٿي شمار ڪيو.

تحقيق، منهنجا پاڻ، جيڪڏهن توون ڪنهن قوم جي گهرج، اُن جي ڌرتيءَ، اُن جي آسمان، ۽ اُن جي باڙيسري قومن کي سمجهي سگهين، تہ توکي اُن جي ڪشمڪشا جو قانون معلوم ٿي وڃي ۽ توون اهو چاڻي وجين تہ ڇو اُها پنهنجي اُميد جي اُنهيءَ ڏاڪي تي ڇڙهندي رهي ٿي.

"تنهنجو قدم همٻيشہ هون ڪان اوڇو ۽ اڳي آهي: دوست جي محبت ڪان سواءِ ٻئي جي محبت تنهنجو جاسد روح ڪائم چاڻي"—انهيءَ ڪ گالهہ هر يونانيءَ جي ساهہ کي جولان ڏنو: ۽ انهيءَ جولان سان عظمت جي راهہ تي هن پنهنجو قدم وڌايو.

"حق جي گالهہ ڪر، ۽ تير ڪمان سنبال!"—اهو سخت ڪوشش ۽ اسلهہ امر اُن قوم پنهنجي آڏو رکيو، جنهن قوم ڪان پوون کي پنهنجو نالو مليو جيڪو پوون لاءِ دلڪشيءَ ۽ سخت ڪوشيءَ جو باعث آهي.

"پيءُ ۽ ماءُ جي عزت ڪر، ۽ تبديل سان سندن مرضي رکڻ"—پيءَ ڪ قوم سرخروئيءَ جو اهو اصول پنهنجي آڏو رکيو، ۽ اُها اُن جي برڪت سان عالم ۾ بحال ٿي ۽ طاقتور ٿي.

"صداقت، ۽ وفاشعاري، ۽ اُن لاءِ پنهنجي جان ۽ پنهنجو نابوس داءُ تي لڳائڻ—ويندي خراب ۽ خطرناڪ راهن ۾ ٻ"—اُن تعليم سان ٻيءَ ڪ قوم پنهنجي پاڻ تي فيضو ڪيو ۽ ائين پاڻ تي فابض ٿي، گهرين ذميدارين جا بار کنيائين ۽ وڏين امڪان سان بارآور ٿي.

تحقيق ماڻهن پنهنجون سڀ پلاڻون ۽ ٻيرايون پاڻ کي پنهنجن هٿن سان پاڻ ڏيون آهن. تحقيق هٿن اُهي نہ ڪنهن ڪان ورتيون، ۽ نہ ڪنهن لڏيون، ۽ نہ ورسي اُنهن لاءِ هٿن کي آسمان سان وڇي نازل ٿيو.

مالهوءَ فقط شين جا قدر مقرر ڪيا، پاڻ کي قائم رکڻ
لاءِ هنن شين جون فقط اهميتون وجود ۾ آندون، پنهنجي
لاءِ اُنهن جون اهميتون! اِن ڪري هن پاڻ کي "مالهو" سڏيو،
يعني قدر مقرر ڪندڙ، "پاڻ" ڏيندڙ.

پاڻ ڏيڻ، قدر مقرر ڪرڻ، ئي تخليق ڪرڻ آهي؛
اي تخليق ڪرڻ وارا، چڱيءَ طرح ٻڌو! قدر مقرر ڪرڻ ئي
اُنهن شين جو برتيو آهي، جوهر آهي، جن کي ڪيو وڃي ٿو.

قدر مقرر ڪرڻ سان ئي قدر (Value) پيدا ٿئي ٿو،
جنهن کان سواءِ سموريءَ موجودات جو اڪڙوٽ بي‌مغز ۽ خالي
آهي. ٻڌو، اي تخليق ڪرڻ وارا!

قدرن جي ردبدل ــ اها تخليق ڪرڻ وارن جي ردبدل
آهي، جيڪو به تخليق ڪرڻ وارو هوندو آهي، سو سڀائين
اڳين قدرن کي ڀاهيندو آهي.

تخليق ڪرڻ وارين سڀ کان پهرين قومون هيون، ۽
پوءِ، فقط هاڻوڪن وقتن ۾، افرادِ ٿيا. سچ ته فردُ خود اڃا قومن
جي سڀ کان تازي تخليق آهي.

قومن هڪ وقت پنهنجي پاڻيءَ جا دستاويز پنهنجي آڏو
رکيا هيا. محبت جيڪا فرمان‌روا هئي ۽ محبت جيڪا فرمان-
بردار هئي، تن گڏجي پنهنجي لاءِ اُهي دستاويز تخليق ڪيا هيا.

ڏڻ جي خوشي، "آءٌ" جي خوشيءَ کان آڪاڻي آهي؛ ۽
جيستائين نيڪ ضمير ڏڻ لاءِ آهي، فقط بدضمير چوي ٿو ــ "آءٌ".
تحقيق، جالاڪ "آءٌ" بي‌محبتيون، جيڪو گهڻن جي سهولت
بان رڳو پنهنجي سهولت کي گولي ٿو. اهو ڏڻ جو بنياد نه
آهي، بلڪ اُن جي تباهي آهي.

هميشه محبت وارا ماڻهو هيا ۽ تخليق ڪندڙ هيا. جن
ڇڪائيءَ ۽ لڳائيءَ کي تخليق ڪيو. سڀني نيڪين جي ناليءَ ۾
محبت جي باهه جرڪندڙ ڏسجي ٿي، ۽ پڻ غصي جي ساڙيندڙ باهه،

زرتشت گهٹن ملکن جو سير ڪيو ۽ گهٹين قومن ڪي ڏٺو. زرتشت ڏرتيءَ تي محبت وارن ماڻهن جي تخليقن کان وڌ کا طاقت ڪانه ڏٺي ــ "نيڪي" ۽ "بدي"، "چڱائي" ۽ "لڳائي"، "پلائي" ۽ "برائي" آهي سڏجن ٿيون.

تحقيق وڏو اسرار آهي هي، طاقت ساراهن ۽ نندڻ جي، تعريف ۽ تردید جي - پاڙرو، ٻڌايو! ٻيو ڪير منهنجي پاران آن تي قابض پونندو؟ ان حيوان جي هزار گردنن ۾ ٻيو ڪير زنجير وجهندو؟

هيستائين هڪ هزار مقصد رهيا آهن، هڪ هزار قومن لاءِ. هزار گردنن لاءِ فقط زنجير اڃا درڪار آهي: هڪ مقصد ناپيد آهي. اڃا انسان ذات جو هڪ مقصد ڪونهي.

پر سون کي ٻڌايو، منهنجا مهربان پاڙرو، جيڪڏهن اڃا انسان ذات جو مقصد ناپيد آهي، ته پوءِ ان جو اهو مطلب نه ٿيو ته اڃا تائين خود انسان ذات ئي ناپيد آهي؟ــ

زرتشت ائين فرمايو.

۲۶- پاڙيسريءَ جي محبت

اوهين پاڙيسريءَ وٽ وڃي گڏ ٿيو ٿا، ۽ ان گالهه کي ڏاڍو ساراهيو ٿا. پر آءٌ اوهان کي چوان ٿو: پاڙيسريءَ سان اوهان جي محبت جي معنيٰ آهي ته. اوهان کي پاڻ سان آڳٽي محبت آهي.

اوهين پنهنجي پاڻ کان ڀڄي، پاڙيسريءَ وٽ پناهه وٺو ٿا: ۽ گهرو ٿا ته اوهان جي اڻا نيڪي شمار ٿئي: پر اوهان جي ان "آڻ-خودغرضيءَ" جي حقيقت کي آءٌ چاڻان ٿو.

"ءِ" کان "ڏون" وٺيڪ آڳاڻو آهي: "ڏون" احترامجي

چکو آهي ، "آءٌ" اچا نہ : اِتهيءَ ڪري ساڻهو نت پنهنجي پاڙيسريءَ جي ويجهو ٽيڻ گهري ٿو.

چا، آءٌ اوهان کي پاڙيسريءَ سان محبت جي صلاح ٿو ڏيان ؟ آءٌ نہ اوهان کي پاڙيسريءَ کان دوريءَ جي ۽ دوريءَ وارن سان محبت جي صلاح ٿو ڏيان!

اوهان جي پاڙيسريءَ سان محبت کان اعليٰ آهي سڀ کان ڏورانهن ۽ مستقبل وارن سان محبت؛ ۽ اچا نہ بهتر آهي ماڻهن سان محبت بدران شين ۽ تصورن سان محبت.

تصورٌ، خوابٌ، جيڪو توکان پيش پيش، تنهنجي اڳيان اڳيان، ڊوڙندو وڃي ٿو، توکان، منهنجا پاڻ، وڌيڪ حسين آهي؛ تون پنهنجو ماس ۽ پنهنجا هڏا اُن جي سپرد ڇو نٿو ڪرين؟ پر تون ڏڃين ٿو، ۽ پوءِ پنهنجي پاڙيسريءَ جي اوٽ وٺين ٿو.

اوهين پاڻ پنهنجي صحبت ۾ ٽڪي نٿا سگهو، اوهان کي پنهنجي پاڻ سان ايڏي پوري محبت ڪانهي: تنهنڪري اوهين پنهنجي پاڙيسريءَ کي ريبي محبت تي آماده ڪريو ٿا، ۽ هُن جي اُن غلطيءَ جو سونو پاڻي پاڻ تي چاڙهي هلو ٿا.

ڪاش اوهين پنهنجن قريبن ۽ اُنهن جي قريبن جي صحبت ۾ به ٽڪي نہ سگهو؛ پوءِ اوهان کي پنهنجي پاڻ مان پنهنجو دوست پيدا ڪرڻو پوندو ۽ محبت ۾ هن جي اُڇلڪندڙ دل، تخليق ڪرڻي پوندي.

اوهين هڪ شاهد وڻي اچو ٿا جڏهن اوهين پنهنجي پاڻ بابت چڱو ڳالهائڻ چاهيو ٿا؛ ۽ جڏهن هو اوهان جي برغلائڻ تي اوهان کي چڱو سمجهي ٿو ته پوءِ پاڻ کي اوهين به چڱو سمجهڻ لڳو ٿا.

رڳو اُهو ماڻهو کوڙ ڪونہ ٿو ڳالهائي، جيڪو پنهنجي ڄاڻ جي خلاف ڳالهائي ٿو، پر اُن کان وڌيڪ اهو کوڙ ٿو ڳالهائي جيڪو پنهنجي آڇاٽپ جي اُبتڙ ٿو ڳالهائي. ۽ اِنهيءَ

طرح اوهين پاڻ بابت پاڻ ۾ گالهايو ٿا، ۽ پنهنجي پاڙيسريءَ کي پاڻ سان گڏ ڪوڙو ڪريو ٿا.

هڪڙي بيعقل جو مقولو آهي ته "مائڻن سان صحبت اخلاق" بگاڙي ٿي، خاص طرح ڏڌهن جڏهن اخلاق هجي ئي نه".

پاڙيسريءَ وٽ ڪو وڏي ٿو چاڪاڻ ڏسڻ هو پنهنجي تلاش ۾ آهي، ۽ ڪو وري ان لاءِ جو هو پاڻ وٽائڻ گهري ٿو. اوهان جڏهن پاڻ سان آڻي صحبت اوهان جي اڪيلائيءَ کي اوهان لاءِ قيد ۾ تبديل ڪيو ٿي ڇڏي.

اوهان کان ڏور کان ڏور آهي آهن، جيڪي سڀ پوڳين تا اوهان جي صحبت جڏهن، جيڪا اوهان کي پنهنجن ويجهن سان آهي، ياد رکو، منهنجا پاڙو، ته اوهين جڏهن پاڻ ۾ فقط پنج گڏ هوندا آهيو، ته هڪڙو جيڪو ڇهون آهي آهو هميشه موت جي منهن ۾ هجي ٿو.

سون کي اوهان جي جشنن ۾ به کا ڏاڍسپي کائيندا، سون ٽمام گهٽا آتي اداکار ڏٺا آهن، ۽ خود ٽماشبين به اڪثر آتي اداکاريءَ ۾ ٿي پورا زهن تا.

آڻ اوهان سان پاڙيسريءَ جي گالهه ڪاڪ ٿو ڪريان، آڻ اوهان سان دوست جي گالهه ٿو ڪريان، پل ته دوست اوهان لاءِ هن ڏرتيءَ جي جشن سمان هجي، هن ڏرتيءَ جي عيد مثل، ۽ فوق البشر جو هڪ پيشگي مثال.

آڻ اوهان سان دوست جي گالهه ٿو ڪريان ۽ هن جي صحبت سان اچلڪندڙ دل جيئي، ۽ پر مائهوءَ کي اها خبر هجي گهرجي ته اسفنج (مثل ڪڪر) ڪيئن ٽيو آهي، ۽ پوءِ ٿي اچلڪندڙ دلين جي صحبت مائي ٿي سگهجي.

آڻ اوهان سان دوست جي گالهه ٿو ڪريان، جنهن ۾ سچي دنيا وسندڙ آهي، ۽ جو وڏن آهي نيڪيءَ جو، آن دوست جيئي، جو تخليقڪار آهي، ۽ جنهن وٽ پوري هڪ دنيا ڏيڻ لاءِ سدا موجود آهي.

هُن ڏي لاءِ جيئن دنيا پاڻ کي آکوليو ۽ پنهنجي وسعت کي پٽرو ڪيو، تيئن اُها هن لاءِ ويڙهجي ٽي، گڏ ٽي ٽئي، دائرن ۾ــــبديءَ منجهان نيڪيءَ جي چڙهندڙ سج وانگر، امڪان منجهان مقصد جي وجودجو طور.

اِنهيءَ ڪري تنهنجي اڄ جو اِرادو مستقبل لاءِ ۽ پري کان پري جو هئڻ گهرجي: پنهنجي دوست لاءِ محبت ۾ تو کي فوق‌البشر لاءِ محبت جي نيت رکڻ کپي.—

زرتشت ائين فرمايو.

۱۷- تخليق ڪرڻ واري جو رستو

منهنجا ياءُ، چا، تون هيڪلائيءَ ۾ وڃڻ چاهين ٿو؟ چا، تو کي خود پاڻ ڏانهن وڃڻ جي رستي جي ڪولا آهي؟ ته ٽورو ترس، پهريائين منهنجي ڳالهه ٻڌ.

"جيڪو ڪولي ٿو، سو ٽي سگهي ٿو ته سولائيءَ سان پاڻ وڃائجي وڃي. سڀ هيڪلائي غلط آهي": ڏڻ جي اِها چوٽي آهي. ۽ تون گهٽوئي وقت ڏڻ سان گڏ رهيو آهين.

ڏڻ جي آواز جو پڙاڏو پوءِ به تو ۾ رهندو. ۽ جڏهن تون چوين ٿو: "اڄ کان پوءِ منهنجو ضمير ساڳيو نه آهي جيڪو اوهان جو آهي"، ته اِها هڪ دانهن آهي ۽ هڪ پيڙا آهي.

ڏس، اِها پيڙا خود به اُن ساڳئي ضمير پيدا ڪئي، ۽ اُن ئي ضمير جي آخري چمڪ تنهنجي دڪ کي اڃا روشن ڪري رهي آهي.

پر تون پنهنجي دڪ جي رستي سان وڃڻ گهرين ٿو، جيڪو تو کي پاڻ ڏانهن وٺي وڃڻ وارو رستو آهي؟ ته پوءِ تون مون کي پنهنجو اختيار ڏيڪار ۽ ائين ڪرڻ جي پنهنجي طاقت ڏيڪار!

چا، تون کا نئين طاقت آهين ۽ کو نئون اختيار آهين؟ کو اوائلي تحرڪ؟ کو پائيپي قرنڊز ڦيٽو؟ چا، تون تارن کي مجبور ٻه ڪري سگهين ٿو ته آهي تنهنجي چؤڏاري ڦرن؟

افسوس، بلنديءَ ڏانهن وڃڻ جو هَوَسُ بيحد گهٽو آهي! ڪيترائي حرص جي تسڪين جا آڏما ۽ آنگ.آچلا ٻه ٽين ٽا! مون کي ثابت ڪري ڏيکار ته تون هَوَسي نه آهين ۽ نه حرص جو شڪار!

افسوس، ڪيترائي اعليٰ خيال آهن، جن جي حيثيت ڏنوٽيءَ کان وڌيڪ نه آهي. آهي ڦوڪجن ٽا، ۽ وريو آهڙائي خالي ٿيو وڃن.

تون پاڻ کي آزاد ٿو سڏين؟ آڏ تو کان تنهنجو خيال ٻڏڻ گهران ٿو جيڪو توتي هين گهڙيءَ سوار آهي، نه اِهو ته تو پانجاريءَ جي بار کان ڪُلها آجا ڪيا آهن.

چا، تون پانجاريءَ مان آجي ٿيڻ جو **حقدار** ٻه آهين؟ ڪيترا اهڙا ٽيا آهن، جيڪي پنهنجي غلاميءَ مان آجا ٻه ٽيا، پر ٻيءَ گهڙيءَ پنهنجو رهيل کهيل قدر ۽ ڪارپٽ ٻه وڃائي ويهي رهيا.

آزاد، چا مان؟ زرتشت جو اِن ۾ چا! تنهنجي نگهن مان مون کي صاف جواب ملڻ کپي: آزاد، **چا لاءِ؟**

چا، تون پنهنجي نيڪي ۽ پنهنجي بدي پنهنجي لاءِ پاڻ وضع ڪري سگهين ٿو، ۽ پنهنجو ارادو پنهنجي لاءِ قانون بنائي پاڻ سان لاڳو ڪري سگهين ٿو؟ چا، تون پنهنجو مصنف پاڻ ٿي ۽ پنهنجي قانون جو محافظ پاڻ ٻڌجي سگهين ٿو؟

جيڪو پنهنجو منصف ۽ پنهنجي قانون جو محافظ پاڻ آهي، آن جي اڪيلائپ بيحد پوائنٽي ٿئي ٿي: اِئين جيئن ڪنهن بيڪنار بياباني فضا ۽ آن جي آت برفاني هوائن جي تنهائين ۾ کو تارو ڪيڙي ٻيهي.

اڄ تون ھڪ فرد ھوندي ۽ اڃا انھن جي پيھ محسوس ڪرين ٿو؛ اڄ تو وٽ اڃا پنھنجون اميدون موجود آھن ، ۽ تنھنجي دل ۾ تنھنجي سڄي ھمت زنده آھي.

پر ھڪ ڏينھن اڪيلائي توکي ڪک ڪري وجھندي؛ ھڪ ڏينھن تنھنجي ھوڏ ٻُري پوندي ، ۽ تنھنجي ھمت پست ٿيڻ ويندي. تون ھڪ ڏينھن دانھينديں: "آھ اڪيلو آھيان!"

ھڪ ڏينھن ايندو جنھن کان پوءِ تون پنھنجي اوچائي نہ ڏسندين، ۽ پنھنجي ھيٺانھينءَ کي صاف پنھنجي اکين ڏسندين؛ تنھنجي بلندپروازي خود، ھڪ پوت جيئن، توکي خوفزده ڪندي. ھڪ ڏينھن تون دانھن ڪري اٿندين: "سڀ ڪوڙ آھي!"

ھڪڙا اھڙا احساس آھن ، جيڪي اڪيلي ماڻھوءَ کي ٻنھ ماري تا وڃن؛ ۽ اِن ۾ آھي جي ڪامياب نٿا ٿين ، تہ خود ئي مري تا وڃن! پر چا، تون اِن جي قابل آھين—ھڪ قاتل ٿيڻ جي؟

ياءُ منھنجا، چا، تون لفظ "ڏکار" کان واقف آھين؟ ۽ تنھنجي انصاف جي اُن ايذاءَ کان جيڪو آھو سھي ٿو اُنھن سان انصاف ڪرڻ ۾ جيڪي توکي اِئين ڏکارين تا؟

تون ڪيترن کي مجبور ڪرين ٿو تہ ھو تو بابت پنھنجا خيال بدلائين؛ آھي اُن جي توکان ڳري قيمت وصول ڪن تا. تون ھنن جي ويجھو آئين، ۽ وري ۽ اُنھن کان پري ٿي وئين؛ اُن لاءِ ھو توکي ڪڌھن ۽ معاف نٿا ڪن.

تون ھنن کان پري نڪري ٿو وڃين؛ پر جيترو متي تون آپرين ٿو، حسد جي اک اوتروئي ننڍو توکي ڏسي ٿي. پر سڀ کان وڌيڪ، بھرحال ، آھو ٿو ڏکار جو شڪار ٿئي، جيڪو اُڏامي ٿو.

توکي ھي چوڻ گھرجي: "اوھين مون سان انصاف ڪيئن ڪري سگھندا؟ مون اوھان جي ناانصافيءَ کي ٿي پاڻ لاءِ منتخب ڪيو آھي—اوھان کان منھنجي حصي ۾ آيل انصاف طور"!

هو ناانصافي ۽ گندگي هيڪل رهندڙ شخص ڏانهن اڇلائين ٿا: پر منهنجا پاڻ، جيڪڏهن توهان تارو ٿيڻ پسند ٿو ڪرين، تہ اُن طرح بہ تو کي اُنهن لاءِ روشني اوس ڪرڻي پوندي.

۽ تو کي نيڪن کان ۽ عادلن کان بہ خبردار رهڻ کپي! اُهي اُنهن کي صليب تي ٽنگڻ پسند ڪن ٿا جيڪي نيڪي تخليق ڪن ٿا—اُهي هيڪل رهندڙن سان نفرت ڪن ٿا.

۽ تون پاڪ پرهيزگاريءَ کان خبردار رهہ! جنهن لاءِ جو ڪجهہ اُن جي ليکي ڪان باهر آهي، سو پليت آهي؛ اُن کي پوءِ بہ باهہ جي ڪيڏ سان چاهہ آهي—سوريءَ سان ۽ برندڙ ڪائين جي مڇ سان.

۽ پنهنجي سڪ پريل پيار جي ڏَڪن کان پڻ خبردار رهہ! هرڪو ٿي جو هيڪل رهندڙ کي ملي ٿو، هُن جو هٿ اُن ڏانهن وڌڻ لاءِ اُتاولو ٿو رهي.

گهٽن ڪن کي تون پنهنجو هٿ ڏين ٿي نہ تہ چگو: اُنهن کي تون پنهنجو چنبو پل ڏي؛ آءٌ چاهيندس تہ اُهو چنبو نُهَن وارو هجي تہ سڀو.

پر سڀ کان ڪنو دشمن جيڪو تو کي گڏبو، سو هميشہ تون پنهنجو پاڻ هوندين؛ تون غارن ۾ ۽ جهنگلن ۾ راهہ جهليو پنهنجي تارَ ۾ بيٺوئي هوندين.

اي هيڪل رهڻ وارا، تون پاڻ تائين پهچڻ جي راهہ جو راهي آهين! ۽ تنهنجي پاڻ کان اڳتي ۽ تنهنجي ستن شيطانن کان اڳتي تو کي پنهنجو رستو وڻي وڃڻ وارو آهي!

تون پنهنجي پاڻ جو منڪر ٿيندين، ۽ پوپو ۽ ڦيٽائي، ۽ بيوقوف، ۽ شڪي، ۽ مردود، ۽ بدڪار ليکيبين.

تو کي پنهنجن ٿي شعلن ۾ پاڻ کي جلائڻ لاءِ تيار رهڻو پوندو؛ پهرين تون رک نہ بڻبين تہ نئين سر ڪيئن چمندين!

اي هيڪل رهڻ وارا، تو تخليق ڪرڻ واري جو رستو

ورڻو آهي: ٿون پنهنجن سنن شيطانن منجهان پنهنجي لاءِ هڪ خدا ٺخليق ڪندين!

اي هيڪل رهڻ وارا، تو محبت ڪرڻ واري جو رستو ورڻو آهي: تو ڪي پاڻ سان محبت آهي، ۽ اِنهيءَ ڪري ٿون پاڻ کي ڏکارين ٿو، جيئن فقط محبت ڪرڻ وارا ئي ڏکاريندا آهن.

محبت ڪرڻ وارو تخليق ڪرڻ چاهي ٿو، چاڪاڻ جو هو ڏکاري ٿو! آهو محبت مان چا چاڻي، جيڪو جنهن سان محبت ڪري ٿو اُن کي ڏکارڻ تي مجبور نه آهي!

منهنجا پاڻ، ٿون پنهنجي محبت سان، ۽ پنهنجي تخليق جي امنگ سان، پنهنجي هيڪلائيءَ ۾ وچ: انصاف تنهنجي پٽيان ڏاڍيءَ دير سان منبڪائيندو منبڪائيندو، ايندو.

منهنجا پاڻ، منهنجن گوڙهن سان ٿون پنهنجي هيڪلائيءَ ۾ وچ! مون کي اُنهيءَ سان محبت آهي، جيڪو پاڻ کان بالاتر تخليق ڪرڻ گهري ٿو، ۽ اِئين پاڻ کان شڪست کائي ٿو. — زرتشت اِئين فرمايو.

۱۸- پوڙهيون ۽ جوان عورتون

اي زرتشت، ٿون شفق جي اونداهيءَ ۾ متو هيٺ ڪيو، لڪندو لڪندو، چو پيو وڃين؟ ۽ پنهنجي چوغي ۾ ڪهڙي شيءِ اِئين لڪايو ڪنيو پيو وڃين؟

چا، اِهو ڪو خزانو آهي، جو ٿو کي ڪٽان ملیو آهي؟ يا ڪو تنهنجو ٿئون چاول پار آهي؟ يا ٿو هاڻي، چورن جو ڪو رستو ورڻو آهي— بچڙائيءَ جو ڪو رستو؟

زرتشت جواب ڏنو: پاڻ منهنجا سچ ٿو چوين، هميءَ

خزانو آهي، جو ڪٽان مونَ ۾ ملیو آهي: هيءَ هڪ ننڍو سچ آهي، جو آءٌ پاڻ سان کنيو ٿو وڃان!

پر هيءَ هڪ ننڍي هار وانگر شرير آهي، ۽ جي آءٌ اِن جو وات بند نہ ڪريان تہ گھڻو شور مچائيندو.

اڄ سج لٿي مهل جڏهن آءٌ پنهنجو دڳ وٺيو پٺي ويس، تہ مون ڪي هڪ پوڙهي عورت ڏٺي، ۽ اُن منهنجي مَنَ سان هيٺن ڳالهايو:

"اسان عورتن کي به زرتشت گھٽيون ئي ڳالهيون ٻڌايون آهن، پر عورت بابت اسان کي ڪڏهن ڪجھ نہ ٻڌايو اٿس".

۽ مون هن کي جواب ڏنو: "عورت بابت تہ فقط مَردن سان ڳالهيون ڪرڻ کپن."

هن چيو: "مون سان به عورت بابت ڪجھ ڳالهايو. آءٌ ايتري پوڙهي آهيان، جو ٻڌندي ئي وساري ڇڏيندیس."

۽ مون اُن پوڙهيءَ جي ڳالهہ مڃي، ۽ هن کي چيو: عورت جي هر ڳالهہ ڪجھارت آهي، ۽ عورت وٽ هر ڳالهہ جو جواب به هڪ آهي: اُن کي اميداواري ڇڪجي تہ ۽ پَرِاسراريت به.

عورت لاءِ مرد هڪ وسيلو آهي: مقصد هميشه هار آهي. پر مرد لاءِ عورت ڇا آهي؟

سڀ مرد ہن مختلف شين جي خواهش رکي ٿو: خطري جي ۽ وندر جي. اِنهيءَ ڪري هو عورت جي چاهنا رکي ٿو، هڪ سپ کان وڌ خطرناڪ راندیڪي طور.

مرد کي تربيت ملي گھر جي جنگ لاءِ، ۽ عورت کي جوانمرد جي وندرائڻ لاءِ: پي هر ڳالهہ چريائي آهي.

مردَ ميدانَ کي تمام مٺا ميوا پسند نہ پوندا آهن. اِنهيءَ ڪري هن کي عورت پسند پوندي آهي- مٺيءَ ۽ مٺي عورت به ڪڙي هوندي آهي.

عورت مرد کان وڌيڪ ٻارن کي سمجهي ٿي ، پر مرد جي طبيعت عورت کان وڌيڪ ٻاراڻي آهي .

هر سچي مرد ۾ هڪ ٻار لڪل هجي ٿو: اُهو راند رهڻ گهري ٿو. اوهين عورتون، باخبر ٿيو، ۽ مرد ۾ ٻار جي تلاش ڪريو !

عورت کي ڀل ته هڪ راندیڪو ٿيڻ گهرجي ، املهه ماڻڪ جيئن اوجل ۽ حسين ، جنهن ۾ اهڙي هڪ دنيا جون خوبيون چمڪندي ڏسي سگهجن ، جيڪا پڻ اڃا وجود ۾ ئي نه آئي هجي .

شال تنهنجي محبت ۾ جرڪندڙ تاري جو شعاع هجي!
شال تنهنجي اميد سدا توکي ائين چوي: "ڪاش ، مون مان فوق‌البشر پيدا ٿئي !"

شال تنهنجي محبت ۾ بهادري هجي! تون پنهنجي محبت جي هٿيار سان اُن شخص تي جوابي وار ڪري سگهندين جيڪو تنهنجي ساهه کي پنهنجي مردانگي جي رعب سان آڏمائي ٿو.

تنهنجي محبت ۾ تنهنجي عزت ۽ مان هجي. خود دار عورت پنهنجي مان ۽ عزت جي ٻي معني ڪانه ڄاڻي. شال تنهنجي سچي عزت ۽ سچو مان هي هجي: جيتري توکي محبت ملي، هميشه اُن کان وڌيڪ تون محبت ڏي، ۽ ان ۾ پاڻ کي ڪڏهن به ٻئي درجي تي پهچڻ نه ڏي!

مرد کي گهرجي ته جڏهن عورت محبت ڪري، تڏهن هو اُن کان ڊڄي: اُن ڪيفيت ۾ هوءَ هر قرباني ڪري ٿي ، ۽ هر ٻي شيءَ کي هوءَ تڃ سمجهي ٿي.

مرد کي گهرجي ته جڏهن عورت نفرت ڪري ، تڏهن هو اُن کان ڊڄي: ڇو ته مرد جي ساهه ۾ رڳي بچڙائپ هوندي آهي، پر عورت، بهرحال، نيچ به ٿئي ٿي.

عورت سڀ کان وڌيڪ نفرت ڪري ٿي؟ لوهه مقناطيس کي هيئن چيو: "اڙي توکي سڀ کان وڏ نفرت ڪريان ٿو ،

چو ته تون ڪشش ڪرين ٿو پر تون ايترو ضعيف آهين جو پاڻ وٽ جذب ڪري نٿو سگهين."

مرد جي خوشي آهي، "منهنجي مرضي!". عورت جي خوشي آهي، "هُن جي مرضي!".

جڏهن عورت پوريءَ محبت سان مطيع ٿئي ٿي، تڏهن هُن جي دل جو امنگ هيءَ هوندو آهي: "ڏسو هاڻي منهنجي دنيا! ڪيڏي نه مڪمل آهي هيءَ منهنجي دنيا!"

عورت لاءِ ضروري آهي ته هوءَ اطاعت ڪري ۽ فرمانبردار رهي، ۽ پنهنجي اُتاچرائيءَ لاءِ گهرائي تلاش ڪري. عورت جو ساهه اتاچرو آهي، جهڙيءَ طرح تانگهي پاڙيءَ تي گجي پيئي هيڏي هوڏي ڏُلڪندي آهي.

مرد جو ساهه، بهرحال، اونهو آهي، جنهن جو وهڪرو هيٺ ئي هيٺ اونهائين ۾ پيو وهندو آهي: عورت اُن جي تيزيءَ جو اندازو ته ڪري سگهندي آهي، پر اُن کي سمجهي ڪانه سگهندي آهي.

اُن تي پوڙهيءَ مون کي هيءَ جواب ڏنو: "زرتشت گهٽيون ڏُٺي معقول گالهيون ڪيون، خاص طرح اُنهن لاءِ، جيڪي اُنهن گالهين کي پڏڻ لاءِ جوان آهن.

"عجب جهڙي گالهه آهي! زرتشت عورت بابت گهٽ ٿو ڄاڻي، تنهن هوندي به هن جيڪي ڪجهه انهن لاءِ چيو سو ٺيڪ آهي ۽ برابر آهي. اِن جو سبب اِهو ته نه آهي ته عورت جي حالت ۾ ڪابه گالهه ناممڪن نه آهي؟

"۽ هاڻي شڪريي طور، هڪ ننڍڙو سچ مون وٽان به ڪٽندو وڃ! مون به اِن ۾ وڏي عمر آندي آهي!

"اُن کي تنجڻ ۾ ويڙهي پڏي ڇڏ، ۽ اُن جو وات بند رک! نه ته اِهو گهٽو شور مچائيندو."

مون چيو: "اي عورت، پنهنجو ننڍڙو سچ مون کي ڏيئي ڇڏ!" ۽ پوڙهيءَ عورت مون کي هيئن چيو:

”ڪُن عورتن ڏانهن وڃين ٿو؟ پنهنجو چاڪ ڪٽڻ نه وسارج!“—
زرٿشت اڻين فرمايو.

۱۹- سپ هو ڏنگ

ڪڙي ڏينهن جڏهن سخت گرمي هئي، زرٿشت انجير جي وڻ هيٺان پنهنجون ٻانهون منهن تي رکي سمهي پيو. اُن وقت ڪڙيءَ لُنڊيءَ هُن جي ڪچيءَ ۾ اهڙي زور سان ڏنگ هنيو، جو زرٿشت سور کان دانهن ڪري اُٿيو. هن پنهنجو هٿ مُنهن تان هٽائي، سپ کي غور سان ڏٺو. ۽ اُن زرٿشت جون اکيون سڃاتيون، ۽ ککو وکو ٿي، ور وڪڙ ڪندو، پٺتي وڃڻ لڳو. تہ زرٿشت اُن کي چيو: ”اڙي نانگ جا بچا، متان اڻين ڪرين، اڇا تہ تو منهنجو شڪر ٻو قبول نہ ڪيو آهي! پوري وقت تي اڇي تو مون کي جاڳايو آهي، مون کي اڇا پري وڃڻو پيو هو.“ سپ افسوس ڪندي، چيو: ”تنهنجو رستو هاڻي ٿورو وڃي رهيو آهي؛ منهنجو زهر قاتل آهي.“ زرٿشت مُرڪي چيو: ”پلا ڪڏهن ڪو اجگر ۽ سپ جي زهر کان مُٽو آهي؟ پر تون پنهنجو زهر موٽائي وٺ! تون ايترو دولتمند نہ آهين، جو مون کي زهر جي سوغات ڏين!“ سپ ٻيو دفعو هن جي ڪچيءَ ۾ لپيٽجي ويو، ۽ هن جي زخم کي چٽڻ لڳو.

جڏهن زرٿشت هيءَ واقعو ڪ پيري پنهنجن پوئلڳن کي ٻڌايو، تہ هنن پڇيو: ”يا زرٿشت، هِن قصي مان ڪهڙو سبق ٿو سکي سگهجي؟“ تہ زرٿشت اُنهن کي هيٺن جواب ڏنو:

نيڪيءَ ۽ نياءَ جي مسند تي ويٺل مون کي ’اخلاق‘ ٻگاڙيندڙ‘ سڏيو آهي: منهنجي ڳالهہ ۾ سبق ڪونهي.

بهرحال، جيڪڏهن ڪو اوهان جو دشمن آهي، تہ هن

جي بدي۽ جو بدلو نيڪي۽ سان نہ ڏيو: چاڪاڻ تہ اُن سان هن کي شرمندگي ٿيندي. پر اوهين اُن تي ثابت ڪيو تہ هن اوهان سان ڪا نيڪي ڪئي آهي.

۽ کنهن کي شرمندو ڪرڻ کان تہ هي بهتر آهي تہ اوهين هن تي ڪاوڙ ڪريو! ۽ جڏهن اوهان تي ڪو لعنتون وجهي تہ اِها گالهہ تہ مون کي ڪاڻہ وٺندي تہ اوهين بيهي هن کي دعائون ڪريو! بهتر آهي تہ اوهين بہ ٺورو ڪجهہ پيٽيو ۽ ٺوري گهٽي لعنت ملامت ڪريو!

۽ جيڪڏهن اوهان سان ڪا وڏي ناانصافي ٿي آهي، تہ گڏوگڏ جلد ئي اوهين پنج ننڍيون ناانصافيون ڪري ڇڏيو. آهو ماڻهو تہ واقعي ڏسڻ لائق نہ رهندو، جيڪو اڪيلوڏي ناانصافي۽ جي بار هيٺ دبيو پيو هجي.

چا، اوهان کي معلوم آهي؟ گڏجي سڀني ناانصافي اڌ انصاف آهي. ۽ جيڪي ناانصافي گڏجي سهن ٿا، چا اُهي ناانصافي خاموشي۽ سان سهي ويندا؟

ٺورو بدلو وٺڻ بلڪل بدلي نہ وٺڻ کان وڌيڪ انسان-دوست عمل آهي. ۽ جيڪڏهن سزا سهڻ خود ڏوهي۽ لاءِ حق جو ۽ پڻ عزت جو معاملو نہ آهي، تہ مون کي اهڙي۽ تنهنجي سزا سان ڪو واسطو ڪونهي.

پنهنجو پاڻ کي غلطي۽ تي سمجهڻ ۾ زياده شرافت آهي بنسبت پنهنجو پاڻ کي حق تي سمجهڻ ۾ ــ خاص ڪري جڏهن انسان حق تي هجي. ائين ڪرڻ لاءِ البت ماڻهوءَ ۾ ڪافي حوصلو هجڻ کپي.

مون کي اوهان جو رڪو انصاف پسند نہ آهي؛ اوهان ۾ي منصفن جي اک ۾ آءٌ هميشہ جلاد جي نگاهہ ۽ اُن جي بيترس تلوار نچندي ڏسندو آهيان.

مون کي ٻڌايو: ڪٿي آهي انصاف، جيڪو محبت پريل نظرن جو نالو آهي؟

اِنهيءَ ڪري، اهڙي محبت مون لاءِ پيدا ڪيو، جيڪا نہ رڳو سڀ سزا سهي، پر سڀ ڏوهہ بہ مڃي!

اِنهيءَ ڪري، اهڙو انصاف مون لاءِ پيدا ڪيو، جيڪو ٻين سڀني کي آزاد ڪري، سواءِ منصف جي.

ءِ ڇا، اِئين اوهين هي بہ ٻڌڻ گهرندا؟ جيڪو دل سان انصاف‌پسند ٿيڻ چاهي ٿو، تنهن لاءِ ڪوڙ بہ انسان‌دوستيءَ ۾ بدلجيو وڃي.

۽ آڳ ڪهڙيءَ ريت دل سان انصاف پسند ٿي سگهندس! آڳ ڪهڙيءَ ريت هر ڪنهن کي اُهو ڪجهہ جو اُن جو آهي، ڏيئي سگهان ٿو! شل منهنجي لاءِ ايتروئي ممڪن ٿيئي، جو هر ڪنهن کي اُهو ڪجهہ جو منهنجو آهي، ڏيئي سگهان.

پڇاڙيءَ ۾ آڳ اوهان کي، منهنجا پائرو، هيترو چوان ٿو تہ ڪنهن بہ گوشہ‌نشين سان، ڪنهن بہ هيڪل رهڻ واري سان، ناانصافي ڪرڻ کان پرهيز ڪريو. هيڪل رهڻ وارو ڪا ناانصافي ڪيئن وساري سگهندو! اُن جو ڪو جواب هو ڪيئن ڏيئي سگهندو!

هڪ اونهي کوهہ مثل آهي، هيڪل رهڻ وارو. اُن ۾ پٿر اڇلائڻ سولو آهي: پر جڏهن تري ۾ اُهو پهچي ويو تہ اُن کي آڻان ڪير ڪيندو؟

هيڪل رهڻ واري کي ڏکوئڻ کان پرهيز ڪريو! جيڪڏهن اوهان اِئين ڪيو آهي، تہ پوءِ، بس، هن کي ماري بہ ڇڏيو!—زرتشت اِئين فرمايو.

۳۰— پيار ۽ شاديءَ

منهنجا پاڻ، آڳ خاص ٽوکان، تو اڪيلي کان، هڪڙو سوال پڇان ٿو. اِهو سوال سڀ لهندڙ ڏوريءَ جيان تنهنجي ساهہ

اندر اچلايان ٿو، ان لاءِ ته مون کي آن جي گهرائي معلوم ٿئي.

تون جوان آهين، ۽ توکي پارَ ۽ شاديءَ جي خواهش آهي. پر آءٌ توکان پڇان ٿو: ڇا، تون اهڙو آهين جو پارَ ۽ شاديءَ جي خواهش جو حق رکندو هجين؟

ڇا، تون پنهنجي پاڻ تي سوپارو، پنهنجي پاڻ کي قابو ۾ رکڻ وارو، پنهنجن حواسن جو حاڪم، ۽ پنهنجين خوبين جو مالڪ آهين؟ اهو سوال آءٌ توکان پڇان ٿو.

يا، تنهنجي خواهش ۾ حيوان ۽ انڊي گهُرج لڪل آهي؟ يا اڪيلائي؟ يا پنهنجو پاڻ سان ناسازي؟

آءٌ چاهيان ٿو ته تنهنجيءَ سوپ ۽ آزادگيءَ کي اولاد جي تمنا هجي. توکي گهرجي ته پنهنجيءَ سوپ ۽ آزادگيءَ جا زنده يادگار تعمير ڪرين.

توکي پنهنجي پاڻ کان اڳپرو ڪجهه تعمير ڪرڻ گهرجي. پر پهريائين توکي خود پنهنجي تعمير ڪرڻ گهرجي — اڏول جسم ۽ ساهه جي تعمير.

نه فقط اڳتي توکي پاڻ کي وسعت ڏيڻي آهي، پر مٿيرو بہ! آن مقصد لاءِ شاديءَ جو باغ شال توکي مدد ڪري!

توکي هڪ برتر جسم تخليق ڪرڻ گهرجي، هڪ اوائلي تحريڪ، هڪ پاڻ-مرادو ڦرندڙ ڦيٽو — هڪ تخليق ڪرڻ وارو تون تخليق ڪندين.

شادي: اها مون وٽ نالو آهي ان شخصن جي ان ارادي ۽ مرضيءَ جو، جنهن سان هو اهڙي هستي پيدا ڪن جيڪا ڪائنات گهٽو مٽي هجي. مون وٽ شادي نالو آهي هڪڙي جي اهڙي احترام جو، جهڙو آن مرضيءَ ۽ ارادي رکڻ وارن ۾ ٿيندو آهي.

اهوئي هڪ گهرجي تنهنجي شاديءَ جو مقصد ۽ آن جي حقيقت. پر جنهن شيءَ کي هي بي‌شمار، يعني ضرورت. کان-

وڏيڪ ماڻهو، شادي ٿا ڪرائين، اُن جو ڪوبہ نالو مون وٽ نہ آهي.

حيف آهي جوڙي ۾ ساهہ جي اِن ناداريءَ تي! حيف آهي جوڙي ۾ ساهہ جي اِن ڪثافت تي! افسوس آهي جوڙي جي قابل رحم نفسانيت تي!

هينن وٽ سڀني اِن جو نالو شادي آهي، ۽ چون ٿا تہ سندن شاديون آسمان تي ٿيون آهن.

خير، مون کي اِنهن ضرورت-کان- وڌ ماڻهن جو آسمان ئي پسند ڪونهي! افسوس آهي مون کي اِنهن آسماني جار ۾ قائل حيوانن تي!

مون کان اُهو خدا بہ پري رهي، جو اُن ٻڌڻ کي متبرڪ ڪرڻ لاءِ منڊ ڪائيندو اُتي پهچي ٿو، جنهن کي متوازن جوڙ ئي بڻائي هو نہ سگهيو آهي!

اهڙين شادين تي ڪلڻ جي ضرورت ڪانهي. ڪهڙو بار آهي، جنهن کي پنهنجي ماءُ پيءُ تي روئڻ جو سبب نہ ملیو هجي؟

هڪ شخص مون کي ڏسڻ ۾ ائين لڳو تہ هو قابل قدر آهي ۽ ڏرتيءَ جي منشا بڻجڻ لاءِ تيار ۽ پختو، پر جڏهن مون هن جي زال کي ڏٺو تہ مون کي ڏرتي پاڳل‌خانو معلوم ٿي.

هائو، منهنجي دل ٽي چوي تہ جڏهن ”هڪڙي سنت ۽ هڪڙيءَ بدڪ“* جو جوڙو ٿهي، تہ اُن وقت ڏرتي ڦاٽي پوي.

هيءُ هڪڙو، سورمي وانگر، سچ جي ڳولا ۾ نڪتو، ۽ آخرڪار هٿ ڪري آيو هڪڙو نديڙو سنواريل ۽ سينگاريل ڪوڙ: هو اُن کي پنهنجي شاديءَ جي نالي سان سڏڻ لڳو.

هو هڪڙو ٻيو، ملڻ جلڻ ۽ ميل ملاقات ۾ لچارو ۽

---

* جرمن ٻوليءَ ۾ ڪنهن عورت کي بيوقوف هجڻ جو طعنو ڏيندا آهن، تہ اُن کي ”بدڪ“ يا ”بيوقوف بدڪ“ سڏيندا آهن.

انتخاب ۾ احتياط گهرجي هوء. پر هڪ پيري، پنهنجي سنگت هميشه لاءِ هڻ ڪاموري چونڊي؛ ۽ هو آن کي پنهنجي شاديءَ جي نالي سان سڏڻ لڳو.

هڪ ڏينهن کي هڪ فرشتہ صفت نوڪرياڻيءَ جي تلاش هئي. پر پڳاڙيڪ هو خود هڪ عورت جي نوڪرياڻي بڻجي ويو، ۽ هاڻي رڳو اڌ ڪاڇا باقي رهي آهي ته هو ترقي ڪري آن مان هڪ فرشتو ٻ بڻجي وڃي!

مون سڀ خريدار محتاط ڏٺا آهن، ۽ سڀني جون اکيون تيز ۽ حرفتي لڳندڙيون آهن، پر حرفتيءَ کان حرفتي شخص ٻ پاڻ لاءِ زال ٽيلهي ۾ پٽڪ ٽبل خريد ڪري ٿو.

نديڙون نديڙون بيعقلايون ــ آن کي اوهين محبت سڏيو ٿا. ۽ اوهان جي شادي گهٽين نديڙين بيعقلاين کي ختم ڪري چڏي ٿي ــ هڪ ئي وڏيءَ بيوقوفيءَ سان.

اوهان جي محبت عورت سان، ۽ عورت جي محبت مرد سان ــ ڪاش، آها اڻين هجي ها جيئن دڪ ۾ ورتل غيبي ديوتائن جي هڪڙي لاءِ همدردي ۽ آڪير! پر عام طور آها اڻين آهي جڏ ٻ جانور، سونگهي، هڪڙي کي سڃاڻي وڃن ٿا.

اوهان جي عمدي ۾ عمدي محبت ٻ صرف دل پريائيندڙ تشبيهہ ۽ ڏکوئيندڙ هڪ اشتياق آهي ــ اهڙي هڪ مشعل، جيڪا اوهان کي بلنديءَ ڏانهن وڃڻ لاءِ روشنيءَ جو ڪم ڏئي ٿي.

پر هڪ ڏينهن اوهان کي، پنهنجي پاڻ کان اڳتي نڪري، محبت ڪرڻي پوندي! تنهنڪري، پهريائين محبت ڪرڻ سکو. ۽ آن لاءِ اوهان کي پنهنجي محبت جو تلخ جام سڄو پي چڏڻو هو.

بهترين محبت جي جام ۾ ٻ تلخي هجي ٿي؛ اڻين آهو فوق البشر لاءِ سڪ پيدا ڪري ٿو؛ اڻين تو ۾، تخليق ڪرڻ واري ۾، آهو پياس آثاري ٿو!

تخليق ڪرڻ واري ۽ پياس، فوق‌البشر لاءِ سڪ، تير جهڙي تيز ۽ تڙ آڪير: مون کي پڌاءِ، منهنجا پاڻ، چا، اهوئي عزم آهي تنهنجو شاديءَ لاءِ؟

اهڙي عزم کي، ۽ اهڙيءَ شاديءَ کي، آءٌ مقدس سڏيان ٿو—

زرتشت اِئين فرمايو.

۲۱. خوشيءَ جو موڙ

گهٽا ماڻهو گهٽو دير سان مرن ٿا، ۽ کي تمام جلد مرن ٿا. تہ بہ "پوري وقت تي مرو!" جي ڳالهہ وري بہ عجيب غريب معلوم ٿئي ٿي.

"پوري وقت تي مرو!" اِها زرتشت جي تعليم آهي.

پڙو آهي تہ جيڪو ڪڏهن پوري وقت تي، عين وقت تي، زنده نٿو رهي، تنهن لاءِ اِئين ڪيئن ٿي سگهي ٿو تہ هو پوري وقت تي مري! ڪاش، هو، جمي ئي نہ ها! اِهو منهنجو مشورو آهي، غيرضروري ماڻهن لاءِ.

پر غيرضروري ماڻهو بہ پنهنجي مرڻ کي وڏي اهميت ڏين ٿا، ۽ 'ڪوڪلو اڪڙوٽ' بہ اِئين ٿو چاهي تہ اُن کي پيڄجي.

هرڪو ماڻهو مرڻ کي وڏي ڳالهہ سمجهي ٿو: پر اڃا تائين موت کي جشن جو درجو نہ مليو آهي. اڃا تائين ماڻهو اِهو نہ سکيا آهن تہ سٺن کان سٺن جشنن جو آرنپ ڪيئن ڪجي.

آءٌ اوهان کي راس‌ڪنڊڙ موت جي ڳالهہ ٿو پڌايان، جو جيئرن لاءِ هڪ ترغيب ۽ هڪ واعدو هجي ٿو.

پڇي راس ٽينڊڙ ماڻهو فاتح جيئن موت مري ٿو، اُنهن ماڻهن جي وچ ۾ جيڪي اميد ۽ واعدي سان اُتساهيل هجن ٿا. ماڻهوءَ کي اِئين مرڻ سکڻ گهرجي؛ ۽ کوبہ هڪڙو

جشن اهڙو هڻ نه ڪجي، جنهن ۾ اهڙو مرڻ وارو جيئرن جي پاڪ ارادن ۾ برڪت نه آڻي ۽ تحرڪ نه پيدا ڪري.

ائين مرڻ بهترين گاله، آهي، آن کان ٻوءِ بهترين گاله اِها آهي ته وڙهه جي ميدان ۾ مرجي، ۽ هڪ عظيم جان اِئين قربان ڪجي.

پر وڙهوءِ توڙي فاتح ٿنهي لاءِ هڪجيترو قابل نفرت آهي اوهان جو ڪجهندڙ موت جيڪو چور وانگر لڪندو اچي ٿو ـــ پر ته به اچي ائين ٿو ڇڻ اوهان جي ساهه جو مالڪ آهو آهي.

منهنجو موت، جنهن جي اوهان وٽ ساراهه ڪريان ٿو، منهنجي خوشيءَ جو موت، آهو آهي، جيڪو مون وٽ اچي ٿو ڇاڪاڻ ته آءٌ آهو گهران ٿو.

۽ ڪڏهن آءٌ آهو گهرندس؟ ـــ آهو جنهن وٽ مقصد آهي ۽ آن جو وڌس هڪ وارث آهي، آن مقصد ۽ آن وارث لاءِ عين وقت تي، پوري وقت تي، هو پنهنجو موت گهري ٿو.

۽ پنهنجي مقصد ۽ آن جي وارث جي احترام جو خيال ڪندي، هو زندگيءَ جي درگاهه تي ڪومايل گلن جون مالهاڻون وڌيڪ چاڙهڻ ڪڏهن نه گهرندو.

سچ پچ آءٌ رسي وڃڻ وارن جهڙو ٿيڻ نه گهرندس، جيڪي نوڙي وڃائيندا رهندا آهن، ۽ پاڻ جيئن پوءِ ٿيڻ پوئتي پوندا ويندا آهن.

گهٽائي اهڙا هجن ٿا، جيڪي پڻ پنهنجين سڃاڻين ۽ پنهنجين سوين ڪي اڳيان چڏي پوئتي پٺجي وڃن ٿا ۽ آت پوڙها ٿي وڃن ٿا: ڏندن ڀڳل وات ۽ هو سڀ جي ڇڻ جو وڌيڪ حقدار نٿو رهي.

جو شخص شهرت جو خواهان آهي، آن کي گهرجي ته جلدئي عزت واري الوداع ڪري، ۽ پوري وقت تي ڪوچ ڪرڻ جي مشڪل فن جي مشق کي لڳي وڃي.

ماڻهوءَ کي گهرجي ته پنهنجي پاڻ کي وڏيڪ دعوت گاهه ٻڌڻ کان بچائي، جڏهن ماڻهن لاءِ هو بيحد سوادي لقمو ٻڌي ويل هجي: اِها صورت آنهن ماڻهن کان ڪجهي ڪانهي، جيڪي گهٽو وقت ماڻهن جا پيارا ٻڌي رهڻ گهرن ٿا.

ڪنا صوف به بيشڪ هوندا آهن، پر آنهن جي قسمت ۾ ائين هوندو آهي ته موسم خزان جي پڇاڙيءَ تائين انتظار ڪن؛ ۽ جڏهن آهي پڇن ٿا، ته ساڳئي وقت زرد-زرد ۽ ڪهنج ڪهنج به ٿي وڃن ٿا.

ڪي ماڻهو آهن جن جي دل ڦهرين ڦوڙهي ٿي وڃي ٿي، ٻين جا روح ڦهرين ڦوڙها ٿي وڃن ٿا. ۽ ڪي جوانيءَ ۾ جهور ٿي وڃن ٿا. پر جيڪي ديرسان جوان ٿين ٿا، آهي گهٽو وقت جوان رهن ٿا.

ڪهڙن جي زندگي ناڪامياب ٿئي ٿي؛ آنهن جي دلين ۾ هڪ زهريلو ڪيڙو لڪي وڃي ٿو. ته آنهن کي اِهو خيال ڪرڻ ڪيئن ته ڪم از ڪم سندن موت ئي ڪجهه ڪامياب شمار ٿي سگهي.

ڪهڙا ڪڏهن به رسجي مڙا نٿا ٿين؛ آهي اونهاري جي رسيندڙ موسم ۾ به ڪنا ٿي وڃن ٿا. آنهن جي هلڪڙائي ٿي هوندي آهي، جو آهي شاخن سان چپڙيا پيا هوندا آهن.

اجايا، تمام گهڻا، جيئن ٿا، ۽ اجايو، گهٽو وقت، آهي پنهنجين شاخن سان چنبڙيا رهن ٿا. ڪاش، ڪو طوفان اچي ۽ وڻ تان هيءَ سڄو ڪين ۽ هي سڄو ڪينئن جو ڪاڄ ڇاڻي پري ڪري ڇڏي!

ڪاش، ڪي **سبڪ رفتار** موت جا مالڪ اچن! آهي ٿي منداڻنا طوفان ۽ زندگيءَ جي وڻ جا موزون ڏوئيندڙ هوندا! پر آءٌ ته رکهو سست‌رفتار موت جا واعظ ۽ سيني **دنيوي** شين لاءِ صبر جا سبق پيو ٻڌان.

افسوس! اوهين دنيوي شين لاءِ صبر جا سبق ڪا پڙهايو؟

اي بي‌آدبڻ، خود اوهان سان، هي جو ڪجهه دنيوي آهي، وڏي هڪ صبر کان ڪم وٺي رهيو آهي.

تحقيق آهو عبراني*، وقت کان گهڻو سوير گذاري ويو. جنهن جو اڃي ساڳيا سست‌رفتار موت جا مبلغ، احترام ڪن ٿا: ۽ هن جو گهڻو سوير مرڻ پوءِ گهڻن لاءِ وبال‌جان ٿي پيو.

پر، هُن، عبراني يسوع، عبرانين جا ڏک ۽ ڪوڙها ٿي فقط ڏٺا هٿا نيڪيءَ ۽ نياءَ ۽ جي دعويدارن جي نفرت جا تير ٿي جهليا هٿا: ۽ توڙي ٿي موت جي آڪير هن تي غالب پٽجي ويئي هٿي!

ڪاش، هو ويرانن ۾ رهي ها ۽ آنهن نيڪن ۽ نياءَ وارن کان ڏور گذاري ها! پوءِ، شايد، هو وڏيڪ جيئڻ، ۽ ڏرتيءَ سان پيار ڪرڻ—۽ ڪلڻ ۽ ٿهڪ ڏيڻ به — سکي ها!

مون تي اعتبار ڪريو، منهنجا پائرو! هو وقت کان گهڻو سويرگذاري ويو: جيڪڏهن هو منهنجي عمر جيترو جيئرو هجي ها، ته هو پاڻ پنهنجي تعليم کان دستبردار ٿي وڃي ها! هن ۾ ايڏي شرافت هٿي، جو ضرور دستبردار ٿئي ها!

پر هو اڃا ناپختہ هو، ڪچو هو. جوانُ پيار ڪري ٿو ناپختہ طور: هو ماڻهوءَ ۽ ڏرتيءَ کي ڏڪاري ٿو، آهو به ناپختہ طور. هن جو ساهُ ۽ هن جي روح جا ڪنپُ اڃا بنديلُ ۽ رُکيل هجن ٿا.

پر جوانُ کان وڏيءَ عمر جي ماڻهوءَ جي اندر ۾ پارُ وڏيڪ رهي ٿو ۽ آپاڻائي گهٽ: زندگيءَ ۽ موت بابت هن جو فهم به بهتر هجي ٿو.

---

* "عبراني" سان مراد حضرت عيسيٰ (Jesus Christ) آهي، جو عيسائين جي مختلف قولن موجب ٽيهن سالن ٽائين، يا هڪ ٻه سال ٿئي، جيئرو رهيو.

موت لاءِ آزاد ، ۽ موت ۾ آزاد، هڪ آجرو نہ-چوندڙ ، جڏهن وڌيڪ هائو چوڻ-جي مهل نہ هجي : موت ۽ زندگيءَ بابت هو اِهو فهم رکي ٿو.

منهنجا دوستؤ! اوهان جو مرڻ ماڻهوءَ ۽ ڏرتيءَ جي ڪنهن گلا جو سبب نہ ٿئي—اوهان جي ساهم جي مَنڊَ کان آءٌ آهو ٿو گهُران.

اوهان جي مرڻ ۾ اوهان جو روح ۽ اوهان جي نيڪي پوءِ بہ اٿين چمڪندي رهي، جيئن سانجهيءَ ويلي ڏرتيءَ جي چؤڌاري شفق چمڪندي آهي: نہ تہ تہ اوهان جو مرڻ پسنديءَ جهڙو نہ ٿيو.

آءٌ بہ اهڙيءَ طرح مرڻ گهران ٿو، تہ جيئن اوهين دوست منهنجي خاطر ڏرتيءَ سان اڃا بہ وڌيڪ محبت ڪريو؛ ۽ آءٌ وري ڏرتيءَسان ملي ڏرتي ٿيندس، اِن لاءِ تہ اُن ۾ آءٌ آسائش پايان، جنهن مون کي چٽيو هو.

يقيناً زرتشت جي اڳيان پنهنجي مقصد جو ميدان هو ، جنهن ۾ هُن پنهنجو ڪينهون اڇلايو. هاڻي، اي دوستؤ، اوهين منهنجي مقصد جا وارث آهيو؛ آءٌ سونهري ڪينهوڙو اوهان ڏانهن اڇلايان ٿو.

دوستؤ ، سچ کان وڌيڪ دل گرمائيندڙ ڪاڏهن هيءَ آهي جو اوهان اِهو سونهري ڪينهوڙو وري مون ڏانهن اڇلايو آهي. ۽ اِنهيءَ ڪري آءٌ ڏرتيءَ تي ڪجهہ گهڙي اڃا ترسان ٿو—۽ اُن جي معافي ٿو وٺان!—

زرتشت اِئين فرمايو.

٢٢- بخشش کرڻ واري نيڪي

(١)

جڏهن زرتشت آن شهر کان موکلائي نڪتو ، جنهن سان هن جي دل هئي ، جنهن جو نالو "سونا گهٽون" هو، تہ ڪيترائي ماڻهو، جن پاڻ کي هن جا پوئلڳ ٿي سڏيو، هن جي پٺيان، هن سان گڏ هلڻ لڳا. اٿين جڏهن هو هڪ ڇوڙاهي تي پهتا ، تہ زرتشت هنن کي چيو تہ منهنجي مرضي آهي تہ هاڻي اڪيلو وڃان، ۽ چاڪاڻ تہ هن کي اڪيلو هلڻ پسند هو . موکلائڻ وقت هن جي پوئلڳن مڙ کي هڪ لٺ ڏني ، جنهن جي سونهري هٿئي تي سج جڙيل هو ۽ آن جي چوڌاري هڪڙو سپ ويڙهيل هو. آن لٺ تي زرتشت ڏاڍو خوش ٿيو، ۽ آن تي ٽيڪ ڏيئي بيهي رهيو . ۽ پنهنجن پوئلڳن سان هن طرح مخاطب ٿيو :

اهو تہ ٻڌايو : سونہ سپ کان اوچي قدر تي ڪيئن رسيو ؟ چاڪاڻ تہ اهو غيرواجبي آهي ، ۽ فائدو گهرندڙ نہ آهي ، ۽ چمڪي ٿو ، ۽ جوت ۽ نرم آهي ؛ ۽ سدائين پاڻ بخشي ٿو!

رڳو سپ کان اوچي ۽ نيڪي ۽ جي صورت طور سون سپ کان اوچي قدر تي رسيو . خدا مثل، بخشش ڪرڻ واري جي نگاهہ ۽ جمال هجي ٿو. سونهري جوت چنڊ ۽ سج جي وچ ۽ صلح پيدا ڪري ٿي.

غيرواجبي آهي سپ کان اوچي نيڪي ، ۽ فائدو نہ گهرندڙ ۽ چمڪندڙ آهي اها، ۽ جوت ۽ نرم؛ بخشش ڪندڙ نيڪي سپ کان اوچي نيڪي آهي.

سچ پچ ، آ اوهان کي سپ کان پلاري نيڪي ٻڌايان ٿو، منهنجا نيڪ ساٿيو؛ اوهين مون وانگر نيڪي ۽ جي بخشش ۽ اڳرا ٿيو . اوهان کي ٻلين ۽ بگهڙن سان مشابهہ ٿين ۽ چا ملندو؟

اوهان ۾ پياس آهي پاڻ بخشش بنجڻ ۽ قرباني ٿيڻ جي؛ ۽ انهيءَ ڪري اوهان ۾ پياس آهي پنهنجي ساهه ۾ سيني خزانن جي گڏ ڪرڻ جي.

اوهان جي ساهه کي خزانن ۽ جواهرن جي دريافت ڪرڻ جو اٿاهه چاهه آهي، چو ته اوهان جي نيڪي هميشه بخشش جي ذوق ۾ آرڇ آهي.

اوهين سيني شين کي پاڻ ڏانهن اڇڻ ۽ پاڻ وٽ ٽڪاءَ ڪرڻ لاءِ چڪيو ٿا، ته جيئن اُهي اوهان جي سرچشمي مان اوهان جي محبت جا تحفا بنجي پوئتي موڪلن ۽ نڪري باهر ٿين.

پل ته اهڙي بخشش ڪندڙ محبت سيني قدرن جي ملڪيت‌دار بڻجي؛ آءٌ ان خود غرضيءَ کي چڪيلائي سڏيان ٿو ۽ پاڪ چوان ٿو.—

پي به خود غرضي ٿئي ٿي، سڀ کان سڻجي ۽ بڪثي قسم جي، جيڪا سدائين چوري ڪرڻ گهري ٿي—بيمارن جي خود غرضي، بيمار خود غرضي.

چور جي اک سان سيني ڏياوان شين ڏانهن ڏسي ٿي اُها؛ سيڪڙيءَ بک سان اُها ماپي ۽ توري ٿي هر اُنهيءَ کي جنهن وٽ گهٽو آهي؛ ۽ بخشش ڪندڙ جي ميزن هينان سدائين اُها نوسيندي رهندي آهي.

اهڙيءَ سيڪڙيءَ اک مان بيماري ڳالهائيندي آهي، ۽ ڏسڻ ۾ نہ ايندڙ ابتري بکندي آهي اُن مان؛ بيمار جسم مان، چورُ سڏَ ۽ بک ان خود غرضيءَ جي.

مون کي ته پڌاءِ، منهنجا پاءُ، اسين بد چاکي ٿا سمجهون، ۽ سڀ کان بد چاکي؟ چا اُها اَبتري نہ آهي، جنهن کي اسين بگاڙ چئون ٿا، کرجڻ چئون ٿا؟ — ۽ جڏهن بخشش ڪندڙ روح موجود نہ هوندو آهي، تڏهن اسان کي اُن ابتريءَ جو، اُن بگاڙ جو، شڪ ٿيندو آهي.

اسان جي راهه اوچي کان اوچي وڃي ٿي، جيو ڪان اتم-جيو ڏانهن؛ پر اسان لاءِ هولناڪ آهي ـــ هيٺ کان هيٺ وڃڻ جي راهه ـــ ابتري، بگاڙ، کار، جيڪو چوي ٿو: "فقط ۰ون تائين"، "سپ منهنجي لاءِ".

اوچي کان اوچو اڏامي ٿو اسان جو حس ۽ شعور: ۽ اهو اسان جي جسم لاءِ هڪ تشبيهه آهي، اوچائجڻ جي هڪ تشبيهه. اوچاين جون، اوسر جون اهڙيون تشبيهون نيڪين جا نالا آهن.

اِئين جسم تاريخ مان گذري ٿو، ٽيندڙ جيان ۽ ڪندڙ جيان. ۽ روح ـ جسم سان اُن جي نسبت ڪهڙي؟ اُن جي ڪمن جو ۽ سوين جو اُهو نقيب آهي، اُن جو ساٿي ۽ پڙاڏو.

تشبيهون آهن، نيڪيءَ ۽ بديءَ جا سپ نالا؛ اُنهن ۾ ڳالهائڻ ڪونهي، اُنهن ۾ رڳي اشارا آهن، ميڇون آهن. بمعقل ٿي آهي، جو اُنهن کان علم جي چاهنا رکي ٿو!

منهنجا پائرو، اُن گهڙيءَ کي چڱيءَ طرح ڏيان ۾ رکو، جڏهن اوهان جو روح تشبيهن ۾ ڳالهائي: اوهان جي نيڪيءَ جو اصل اُتي آهي.

اوهان جو جسم تڏهن اوچائيءَ تي آهي، ۽ اوچائيءَ ڏانهن وڌي ٿو؛ ۽ روح اُن کي پنهنجي مسرت جي پاڪر ۾ وٺي ٿو؛ ته جيئن اُهو تخليق ڪار بڻجي، ۽ قدر پيدا ڪرڻ وارو، ۽ محبت ڪرڻ وارو، ۽ هر شيءَ کي خير ڏيڻ وارو ٿئي.

جڏهن اوهان جي دل درياءَ وانگر ڦهلجي ۽ پرجي، اُتلي پوي، جا ڪچي ۽ رهندڙن لاءِ برڪت جو باعث به بڻجي ۽ خطري جو به، ته بس اُهوئي آهي اصل اوهان جي نيڪيءَ جو.

جڏهن اوهين ساراهه ۽ گلا کان مٿي ٿي وڃو، ۽ اوهان جو ارادو سيني شين کان ڪم وٺي ـــ جهڙيءَ طرح محبت ڪندڙ جي دل وٺندي آهي: اوهان جي نيڪيءَ جو اصل اِهو آهي.

جڏهن اوهين مزيدار شين کي هيچ سمجهو، ۽ سک جي بستري کي به ائين سمجهو، ۽ سک کان پري کان پري ليڻي آرام ڪري سگهو؛ اوهان جي نيڪيءَ جو اصل اِهو آهي.

جڏهن اوهين ارادي کندڙ آهيو هڪ ارادي جا، ۽ جڏهن ضرورت جي تبديل اوهان جي ضرورت بڻجي؛ اوهان جي نيڪيءَ جو اصل اِهو آهي.

بيشڪ هڪ نئين نيڪي آهي ۽ نئين بدي آهي اِها! بيشڪ هڪ نئون ڪتهرو آلاپ آهي اِهو هڪ نئين چشمي جو آواز!

طاقت آهي اِها، اِها نئين نيڪي؛ هڪ حڪمران خيال آهي اِهو، ۽ اُن جي چوڌاري هڪڙو لطيف روح؛ هڪ سونهري سج جنهن جي چوڌاري دانائيءَ جو سپ ويڙهيل آهي.

۴

زرٿشت هتي پهچي، ٿوريءَ دير لاءِ دم ڪنيو ۽ پنهنجن مريدن ڏانهن محبت جي نظر سان نهاريو. پوءِ هُن وري پنهنجي تقرير جاري ڪئي، ۽ هن جو آواز بدلجي ويو:

منهنجا پائرو، پنهنجي نيڪيءَ جي پوريءَ طاقت سان ڏرتيءَ سان سچا رهو. شال اوهان جي بخشش ڪرڻ واري محبت ۽ اوهان جو علم اِئين آرپيل رهن ــ جو آهي هن ڏرتيءَ جو مفهوم بڻجن. اِهائي منهنجي دعا آهي ۽ اُن جو آڻ اوهان کي قسم ڏيان ٿو.

ائين نه ٿئي، جو اُها ڏرتيءَ کان ۽ ڏرتيءَ جي شين کان اڏامي ڇڄي وڃي ۽ اُن جا بازو ابد جي پتين سان وڄي ڏکر کائين! افسوس، تمام گهڻي نيڪي همیشه ائين هتان اُڏامي ڇڄي ويئي آهي!

اوهين اِنهيءَ ڇڄي ويل نيڪيءَ کي، مون وانگر، موٽائي ڏرتيءَ تي وٺي اچو ــ هاڻو، موٽائي ڏرتيءَ ۽ زندگيءَ تي: تہ اُها ڏرتيءَ کي مفهوم ڏئي، هڪ انساني مفهوم.

سوين پيرا هين کان اڳ روحَ ۽ نيڪيءَ بہ اِئين اڏامي وڃڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، ۽ غلطي ڪئي اٿن. هائو، انسان مجسم هڪ ڪوشش رهيو آهي. افسوس، ڪافي گهٽي اڻ ڄاڻائي ۽ غلطي مجسم اسان ۾ ويهي ويئي آهي.

نہ رڳو هزارها سالن جو عقل-آنهن جي چريائي بہ، اسان ۾ داخل ٿي، ويهي رهيل آهي. تحقيق، وارث بنجڻ وڏي خطرناڪ شيءَ آهي.

وري بہ وک وک اسين **امڪان** جي ديو سان وڙهون ٿا، ۽ هن کان اڳ سڄي بني نوع انسان تي بي سڄهيءَ جو راج رهيو آهي— سمجهہ جي اٿوند جو.

اوهان پنهنجو روح ۽ پنهنجي نيڪي، منهنجا پيارو، ڏرتيءَ جي سوچ کي آرپيو: ڪاش اوهين هر شيءِ جو قدر نئين سر مقرر ڪري سگهو! اُن لاءِ اوهان کي جاکوڙ ڪرڻي پوندي! اُن لاءِ اوهان کي تخليق‌ڪار ٿيڻو پوندو!

جسم پاڻ کي سوچ سان پاڪ بنائي ٿو؛ سوچ سان اِن ڪوشش ۾ آهو پاڻ کي بلند ڪري ٿو؛ جيڪي چاڻن ٿا، تن جا آڏما بہ اوچا ٿين ٿا؛ اوچائيءَ تي رسيل ماڻهوءَ جو ساهہ خوش رهي ٿو.

اي طبيب، اول تون پنهنجو علاج ڪر! اِهوئي طريقو آهي بيمار جي علاج ڪرڻ جو. بيمار جو علاج اِهو آهي تہ هو اُن شخص کي اکين سان ڏسي جنهن پاڻ کي تندرست ٻڌايو آهي.

هزارين رستا آهن، جتان ڪوبہ ڪڏهن ڪونہ لنگهيو آهي؛ هزارين تندرستيون آهن ۽ زندگيءَ جا ڪيئي نامعلوم، لکل پيٽ، انسان ۽ انسان جي دنيا اڃان اڻ ڏٺل، آچاتل آهن.

جاڳو ۽ ٻڌو، اي اڪيلائپ ۾ هجڻ وارؤ! مستقبل مان ڪيئي هوائون لڳي رهيون آهن، عجيب غريب جهنڊا ڦڙڪائيندڙ؛ ۽ سرلا ڪَن اُنهن جون خوش‌خبريون ٻڌي رهيا آهن.

اوهين اڄ جي اڪيلائپ ۾ رهڻ وارو، اوهين جيڪي وڃڻيل آهيو، اوهين هڪ ڏينهن وڃڻ وارا ٻڌا، قوم ٿيندا: اوهان، جن پاڻ کي ڏٺيو آهي ـــ هائو، اوهان منجهان هڪ ڏٺيل قوم آڻندي:ـ ۽ آن منجهان فوق‌البشر آڻندو.

بيشڪ، هيءَ ڏرتي صحت‌بخشيءَ جي هڪ جاءِ ٻڌي! ۽ ٽوٽي ٽي آن جي چوڏاري هڪ نئين سرهاڻ پکڙي رهي آهي، هڪ نجات آڻيندڙ سرهاڻ ـ ۽ هڪ نئين اميد!

-۳

زرتشت جڏهن اهي ڳالهيون ڪري چڪو، تہ هو خاموش ٿي ويو، آن شخص وانگر جنهن کي اڃا ڪجهہ چوڻو هجي. گهڻي وقت کان پوءِ هو پنهنجيءَ لٽ کي لوڏيندو رهيو، جڏ تہ ڪنهن آڻ تڻ ۾ هو. نيٺ هن وري ڳالهايو، ۽ هن جي آواز ۾ فرق هو:

اي منهنجا معتقدؤ! هاڻي آءٌ اڪيلو وڃان ٿو. اوهين بہ وڃو، ۽ اڪيلا وڃو! اها منهنجي مرضي آهي.

بلڪل، آءٌ اوهان کي صلاح ٿو ڏيان: مون وٽان هليا وڃو، ۽ پنهنجي پاڻ‌کي زرتشت کان بچايو! بهتر آهي تہ هُن کان شرمسار ٿيو! ٿي سگهي ٿو، هن اوهان‌کي نڳيو هجي.

جاڻ جي صاحب کي نہ رکو پنهنجي دشمنن سان محبت ڪرڻ جي لياقت هجڻ کپي، پر هن کي پنهنجن دوستن سان نفرت ڪرڻ جي اهليت بہ هڻڻ گهرجي.

جيڪو فقط طالب ٿي رهي ٿو، موٽ ۾ آن جو اهو استاد لاهِ پورو قدر ڪونهي. ڇو اوهين منهنجي دستار پاڻ نٽا پهرڻ چاهيو؟

اوهين منهنجو ادب ٽا ڪريو؛ پر ڪنهن ڏينهن اوهان جو ادب ڪُهجي پوي تہ؟ خبردار رهو، متان تراشيل بُٽ اوهان کي ڪچلي ڇڏي!

اوهين چئو ٿا ته اوهان جو زرتشت ۾ عقيدو آهي؟ ۽ زرتشت جي چا اهميت آهي! اوهين منهنجا معتقد آهيو: ۽ معتقدن سيني جي چا اهميت آهي!

اوهان پاڻ کي اڃان نه لهي سگهيا هئا: پوءِ اوهان مون کي لڌو. سڀ معتقد ائين ڪندا آهن: اِنهيءَ ڪري سڀ عقيدا ايتري گهٽ اهميت رکن ٿا.

هاڻي آءٌ اوهان کي چوان ٿو: مون کي وڃايو، پاڻ کي لٽهو: ۽ فقط جڏهن اوهين سڀ مون کان انڪار ڪندا، آءٌ اوهان ڏانهن موٽي ايندس.

تحقيق، پوءِ آءٌ ٻين اڪين سان، منهنجا پائرو، پنهنجن وڃائجي ويل کي گهوليندس: ٻيءَ محبت سان. پوءِ آءٌ اوهان سان محبت ڪندس.

۽ پوءِ هڪ پيرو وري اوهين منهنجا دوست بنبا ـ آهي ٻالڪ جن جي دلين ۾ هڪ اميد هوندي: پوءِ آءٌ اوهان سان ٿمون پيرو اڇي ڪڏبس ـــ ڏينهن جي ٻنپهرن جي جشن ملهائڻ لاءِ.

۽ وڏو ٻنپهرن جو آهو وقت آهي، جڏهن انسانُ حيوان ۽ فوق‌البشر جي درميان شاهراه جي وچ تي رسيل آهي، ۽ آڏان شام جي پنهنجي اعليٰ اميد ڏانهن ڪنيل پنهنجي اڳتي قدم جي خوشي ملهائي ٿو ـــ چاڪاڻ ته آهو هڻن جو اڳتي قدم پنهنجي هڪ نئين صبح جي منزل تي رسڻ جو قدم آهي.

۽ اهڙي وقت تي آهو، اِئين هيٺ-ويندڙ، پاڻ کي مارڪون ڏيندو، جو هو سدا اڳتي ويندڙ آهي: ۽ هن جي ڇاڻ جو سج آن مهل هن جي ڪاپار تي رسيل هوندو.

"سڀ خدائون مري چڪا آهن: هاڻي اسين فوق‌البشر جو جيئڻ چاهيون ٿا." ـــ اها هجي شال اسان جي آخري مرضي، اِهو هجي شال اسان جو آخري ارادو، وڏيءَ آن ٻپهرن جي ويرِ مهل!ـ

زرتشت ائين فرمايو.

بقول زرتشت، ديو پاڳو

"۔۔۔ فقط جڏهن اوهين سڀ مون کان انڪار ڪندا، آءٌ اوهان ڏانهن موٽي ايندس.

"تحقيق، پوءِ آءٌ ٻين اڪين سان، منهنجا پائرو، پنهنجي وڃائجي ويلن کي ڳولينديس؛ ۽ ٻيءَ محبت سان پوءِ آءٌ اوهان سان محبت ڪندس"۔۔۔ بقول زرتشت، پهريون پاڳو، "بخشش ڪرڻ واري نيڪي" (ص ۱۷۴).

۲۳- ٻار جي هٿ ۾ آرسي

اُن کان پوءِ زرتشت جبلن ڏانهن موڪي ويو، ۽ پنهنجي غار ۾ گوشه نشين ٿي، انسانن کان ڪناره ڪشي اختيار ڪيائين، ۽ اُن هاريءَ جيان انتظار ڪرڻ لڳو، جنهن پنهنجو بيج ڇٽي ڇڏيو هجي. پر هُن جو روح بيصبر رهيو، اُنهن لاءِ سڪايل جن سان هُن جي محبت هئي: ڇاڪاڻ ته هُن کي اڃا گهڻو کي اُنهن کي ڏيڻو هو. برابر، سڀ کان مشڪل گهاله هيءَ آهي ته محبت خاطر ڪليل هٿ جي مُٺ ٻيڙي ڇڏجي ۽ بخشش ڪندڙ پڪائيءَ کان ڪم وڃي.

اِئين هن گوشه نشين تي کي مهينا ۽ سال گذري ويا؛ تنهن وچ ۾ هن جي دانش ۾ واڌارو ٿيو، ۽ اُن جو اُهو واڌارو هُن تي بار بڻجڻ لڳو.

هڪ ڏينهن صبح جو هو پرهه ڦٽيءَ کان اڳ ۾ جاڳيو، ۽ پنهنجي هنڌ تي گهڙو وقت ٻيو رهيو ۽ سوچيندو رهيو، ۽ نيٺ پنهنجيءَ دل سان هُن هيٺين گهالهايو:

مان پنهنجي خواب ۾ ڇو ڇرڪي پيس ۽ جاڳي اُٿيس؟ خواب ۾ مون وٽ هڪ ٻار ته نه آيو هو، جنهن جي هٿ ۾ آرسي هئي!

"اي زرتشت"ـ! اُن ٻار مون کي چيو- "تون پنهنجو پاڻ هُن آرسيءَ ۾ ڏس"!

پر جڏهن مون آرسيءَ ۾ نهاريو، ته مون کان رڙ نڪري ويئي، ۽ منهنجي دل دهلجي ويئي: ڇو ته مون جنهن کي آرسيءَ ۾ ڏٺو، سو مان نه هوس، بلڪ شيطان هو، جو ڏند ڪيڙي، مون تي کلي رهيو هو!

پر مان جڳيءَ طرح سمجهان ٿو ته هِن خواب جو تعبير ڇا آهي ۽ اُن ۾ گهڙو چتائ آهي، ۽ اِهو گهڙيءَ گهالهه کان مون کي آگاهه ڪرڻ گهري ٿو: منهنجي سڪيل، منهنجي نهايت خطري ۾ آهي: تنهه پاڻ کي آن چوائڻ گهرن ٿا!

منهنجا دشمن زور پٹجي ويا آهن، ۽ اُنهن منهنجي ٽعليم، جو حُليو بگاڙي پنهنجو بڻايو آهي، ايتري قدر جو منهنجا عزيز ترين دوست اُنهن بخشش کي ڏسندي شرمائين ٿا جيڪي مون کين ڏنيون آهن.

منهنجا دوست پاڻجي پيا آهن، ۽ وڃائجي ويا آهن: هاڻي منهنجي لاء وقت اڇي ويو آهي ته پنهنجن پليلن ۽ وڃائجي ويلن جي ڪولا ڪريان ۽ اُنهن کي ڪولي هٽ ڪريان!-

اِئين چئي، زرٿشت آڏي کڙو ٿيو، پر اُن شخص جيان نه جيڪو ڏکڻ ۽ پيڙا کان بچڻ چاهيندو هجي، پر هڪ ڏور ڏسندڙ ۽ اهڙي هڪ راڳيءَ جيان. جنهن تي روحُ پنهنجي ورڪا ڪندو هجي. هُن جي عقاب ۽ هُن جي نانگ عجب ۾ پٹجي هُن ڏانهن نهاريو، چاڪاڻ ته خوش‌آئند اُکتُ آندُ هُن جي مُنهن تي صبح جي گلابي شفق جيان مهڪي رهيو هو.

اي منهنجا ساڻي جانورو، ڪجهه ٻڌايو ته سهي، مون کي چا ٿي ويو آهي؟- زرٿشت چيو. چا مون ۾ ڪايا‌پلٽ اچي نه ويئي آهي؟ چا، ڪا بي وڏي خوشي واڇوڙي وانگر مون کي وکوڙي نه ويئي آهي؟

پر منهنجي خوشي بي‌سمجهيءَ جي آهي، ۽ اِها بي‌سمجهيءَ جون گهالهيون ڪندي. آها تمام ٿورُ وقتي ۽ اڃان ناپختي آهي ــ تنهنڪري اِن کي ڪجهه صبر سان برداشت ڪريو!

منهنجي خوشيءَ مون کي گهاڻي وڌو آهي: سڀني گهاڻيل منهنجا طبيب ٻڌا!

وري آءٌ پنهنجن دوستن وٽ وڃڻ جي قابل ٿيو آهيان، ۽ دشمن وٽ بہ! زرٿشت وري گهالهائي سگهي ٿو ۽ بخشش ڏيئي سگهي ٿو ۽ پنهنجن پيارن سان پيار وندي سگهي ٿو.

منهنجي بيقرار محبت، آڏل کائي، درياهه جيان وهي هلي آهي ــ مشرق طرف ۽ مغرب طرف. منهنجو روح، خاموش پهاڙن

۽ درد جي طوفانن مان شور مچائيندو ، وادين طرف ڏوکيندو پيو وڃي.

گهٽي وقت کان مون ۾ اشتياق جي باهه ٻڙڪي رهي آهي ، ۽ آءٌ پنهنجي نظر ٻري پنڌ تي ڊوڙائي رهيو آهيان. گهٽي عرصي ڏائين آءٌ اڪيلائيءَ جو قيدي رهيو آهيان ، تنهنڪري ماڻ ڪري ويهڻ مون کان وسري ويو آهي.

آءٌ سرتاپا گويائي بڻجي ويو آهيان ، اوچن پهاڙن مان لنگهندڙ ندي‌ءَ جو شور بڻجي ويو آهيان: هيٺ، وادين جي طرف، آءٌ زور سان پنهنجيءَ ڳالهه جي وهڪري کي جاري ڪرڻ ٿو گهران.

پل ته منهنجي محبت جا وهڪرا سدا سڪل واهين ڏانهن وهي هلن! هر وهڪرو نيٺ ۾ پنهنجي رستي سان سمنڊ ۾ ٽي پهچي ٽو!

برابر، مون ۾ هڪ ڏينڊ به آهي، جا ڪنارن ۾ بند آهي ۽ پاڻ ٻَري آهي؛ پر منهنجي محبت جو درياءُ اُن کي پاڻ سان هيٺانهين‌ءَ ڏانهن گهليندو ۽ وهائيندو ٽو وڃي ــ سمنڊ ڏانهن.

آءٌ ڏون رستن تان هلي رهيو آهيان. هڪ نئين ڳالهه منهنجي خيال ۾ اچي رهي آهي. آءٌ پراڻين ڳالهين کان تنگ ٿي پيو آهيان ، جهڙي‌ءَ طرح هر تخليق ڪرڻ وارو بيزار ٿي پوندو آهي اُنهن مان. منهنجو روح هاڻي گسي ويل جٽي پائي هلڻ نٿو گهري.

هر قسم جي گويائي مون لاءِ بيحد سست رفتار آهي. اي طوفان، آءٌ تنهنجي گاڏي‌ءَ ۾ سوار ٿي رهيو آهيان، ۽ خود تو کي ۾ پنهنجي غصي جي چهڪ سان ماري ماري هلائيندس!

آءٌ وسيع سمنڊ تان مثل هڪ شور ۽ هڪ غوغا جي لنگهندس، جيستائين مون کي اُهي خوشي‌ءَ جا بيٺ ملي وڃن ، جتي منهنجا دوست ۽ احباب منزل انداز آهن؛ ــ

۽ اُنهن جي وچ ۾ منهنجا دشمن به! کهڙو نه پيارو آهي هاڻي مون کي هر آهو شخص، جنهن سان آءٌ رکو گهالهائي سگهان! منهنجي قلب جي خوشيءَ ۾ منهنجي دشمن جو به حصو آهي.

۽ جڏهن آءٌ پنهنجي سپ کان سرڪش گهوڙي تي سوار ٿيڻ گهرندس، تہ اُن ۾ منهنجو نيزو منهنجي بهترين مدد ڪندو: اِهو منهنجي پيرن جو ڪَٽل وقتي خادم آهي:-

اِهوئي نيزو، جيڪو آءٌ پنهنجن دشمنن جي طرف اڇلايان ٿو! آءٌ پنهنجن دشمنن جو ڪيڏو نہ شڪر گذار آهيان، جو هُنن مون کي ڏانهن اُن جي اڇلائڻ جو موقعو ڏنو آهي!

منهنجا بادل تمام ٽمٽار ٿي چڪا آهن: بجليءَ جي قهقهن سان، آءٌ اونهين تراڙن ۾ گڙڻ جو وسڪارو ڪندس.

اُن وقت شدت سان منهنجو سينو ڦُولجي ويندو: شدت سان آهو پهاڙن تي پنهنجو طوفان سٽيندو: اِئين ڏي پوءِ اُن ۾ سُڪونُ ايندو.

واقعي، منهنجي خوشي طوفان جيان اڇي رهي آهي، ۽ منهنجي آزادي به! پر منهنجا دشمن اِئين سمجهندا تہ ڪو ٻرو وجود اُنهن جي مٿان گجگوڙ ڪري آيو آهي.

ها، اي دوستو، توهين به منهنجهي اُن آجهل دانش کي ڏسي ششدر ٿي ويندا: ۽ گهٽو ممڪن آهي تہ توهين به منهنجن دشمنن سان گڏ اُن کان پري پڄي ويندا.

ڪاش، آءٌ ڏراڙن وانگر بانسريون وڄائي توهان کي ورائڻ جاڻان ها! ڪاش، منهنجي دانش جي شينهن نرميءَ سان گجگوڙ ڪرڻ جاڻي ها! هونئن به اسان هڪٻئي سان ملي، اڪٻئي هڪٻئي جون گهٽيون ئي ڳالهيون سکيون آهن.

منهنجي آجهل دانش کي هيڪلن پهاڙن تي 'اميدواري' ٿي، ۽ سخت پٿرن تي اُن پنهنجو سپ کان ننڍو ٻار ڇٽيو آهي.

هاڻي هوءَ دشوارگذار بيابانن ۾ دماغي خلل سان پڪي رهي آهي ، ۽ مڻي نرم مٽي ۽ نرم نرم ساوڪ ڪولي رهي آهي— منهنجي هيءَ آجهل دانش!

دوستو ، هوءَ گهري ٿي ته پنهنجي ان سپ کان وڌيڪ پياري پڄي کي توهان جي دل ۾، اُن جي نرم مٽيءَ ۽ ٺڏيءَ ساوڪ تي، اُن جي محبت جي بستري تي، ليٽائي، اوهان جي حوالي ڪري ڇڏي!—

زرتشت اِئين فرمايو.

۲۴- خوشيءَ جا ٻيٽ

آنجير وٽن مان ڪِرن ٿا. اُهي پڪل ۽ مٺا آهن؛ ۽ ڪِرندي اُنهن جي ڪَل ڦاٽيو ٿي پوي. پڪل انجيرن لاءِ آڌُ اُتر جي هوا آهيان.

اِئين منهنجا دوستو، انجيرن وانگر، هيءَ سکيا، هي گالهيون توهان لاءِ ڪِرن ٿيون: هاڻي اوهين اُنهن جي رس ۽ مڻي گِرُ نوش جان ڪريو! چوڌاري سرءُ جو سمو آهي، صاف آسمان ۽ ٽپهريءَ جي مهل آهي.

ڏسو، پنهنجي چوڌاري ڪيڏو نه جُڙُ آهي! ۽ ايڏي وڏيءَ تان نگاهه ڪٽي، پري سمنڊ جو ديدار ڪرڻ ڏاڍو دلاويز ٿو لڳي.

ڪنهن دَور ۾ جڏهن ماڻهو پري سمنڊ تي نگاهه وجهندا هٿا ته خدا جو نالو زبان تي اچي ويندو هون؛ ۽ هاڻي مون اوهان کي اِن تي فوق‌البشر چوڻ سيکاريو آهي.

خدا هڪ اُنومانُ آهي؛ مگر مان نٿو چاهيان ته توهان جا اُنومانُ توهان جي تخليقي ارادي کان تجاوز ڪن.

چا، ٿوهين کو خدا خلقي سگهو ٿا؟ ٿ بس، پوءِ سڀني خدائن بابت خاموشي اختيار ڪريو. مگر هما، توهين فوق‌البشر کي خلقي سگهو ٿا،

شايد توهين پاڻ نه، منهنجا پائرو! پر توهين پنهنجو پاڻ کي فوق‌البشر جي ابن ڏاڏن ۾ منتقل ڪري سگهو ٿا: ۽ پل ته اِها توهان جي بهترين تخليق هجي!-

خدا هڪ آنومانُ آهي: مگر مان چاهيندس ته توهان جو آنومانُ توهان جي تصور جي حدن اندر هجي.

چا، توهين ڪنهن خدا جو تصور ڪري سگهو ٿا؟ مگر اِن جي معني اوهان وٽ سچ لاءِ ارادتمندي ئي هئڻ گهرجي، تان ته اُن جو هر پهلو انساني تصور ۾ اچڻ جهڙيءَ صورت ۾ بدلجي سگهي. انسان لاءِ ڏسي سگهڻ جهڙو، انسان لاءِ سمجهي سگهڻ جهڙو! اِئين توهين پنهنجي ٻُڌيءَ، پنهنجي عقل، جي ئي، پيڙيءَ تائين، پيروي ڪندا.

جنهن کي توهان دنيا سڏيو آهي، تنهن جي اوهين پاڻ ئي تخليق ڪندا: توهان جي سمجهه، توهان جو ذوق، توهان جو تصور، توهان جا ارادا، توهان جي محبت، خود ئي دنيا بڻجي پوندا! ۽ اِهو سڀ، سچ پچ، اوهان جي راحت لاءِ، اوهان جي آنند لاءِ، اوهين جيڪي عقل وارا، ٻُڌيءَ وارا، آهيو!

اي عقل جا صاحبو، اِنهيءَ اميدکان‌سواءِ اوهين ڪهڙيءَ طرح زندگيءَ جو بار کڻي سگهو ٿا؟ چو ته توهين نه ڪنهن تصور ۾ نه اچي سگهندڙ ۽ نه ئي ڪنهن عقل‌کان ٻاهر امڪاني صورت ۾ ڪڏهن جمي ئي سگهيا ٿي.

سو اي دوستو، مان پنهنجي دل‌کولي توهان جي اڳيان رکان ٿو: جيڪڏهن خدائون هجن ها، ته آءٌ خدا نه هجڻ ڪيئن گوارا ڪريان ها! تنهنڪري، خدا آهن ئي ڪونه.

هاڻو، اِن نتيجي تي آءٌ پهچي چڪو آهيان: هاڻي، بهرحال، اِهو ڪيڏانهن به مون کي وڃي ٿو. —

خدا هڪ آنومانَ آهي؛ پر ڪير آهي، جو مرڻ کان سواءِ
اِنهيءَ انومانَ جي سچي پيڙا ۽ سچي ڪرڙاڻ ٻڌي وڃي؟ ڇا،
تخليق‌ڪار جو سچو اعتماد پنهنجو پاڻ تان کڄي وڃي، ۽ عقاب
کي پنهنجي عقابي بلنديءَ کان روڪ ڪئي وڃي؟

خدا هڪ خيال آهي ــ جو هر سنئينءَ شيءِ کي ڏنگو
ڪريو ڇڏي ۽ هر ثابت شيءِ کي چڪر ۾ وجهيو ڇڏي. اِهو
ڪهڙيءَ طرح؟ بس، وقت ناپيد ۽ سڀ فاني شيون سچو ڪوڙ!؟

اِنهيءَ خيال کان مٿو ڦيريءَ ۾ ۽ سڀ انساني عضوا شل
ٿي وڃن ٿا ۽ پيٽ ۾ آٻٿا اڇيو ٿا وڃن؛ سڀ پڇ آڳ اِن کي
مرگهيءَ جو مرض ٿي سڏيان ٿو ــ اهڙي انومانَ پڇائڻ کي.

سون اِن جو نالو بدي رکيو آهي، ۽ انسان سان عداوت ــ
سچي اِها سکيا، سچي اِها تعليم ــ ذات واحد، ۽ مڪمل، ۽
غير متحرڪ، ۽ مستغني، ۽ لافانيءَ جي متعلق!

هر لافاني شيءِ ــ اِها محض هڪ تشبيهه آهي، ۽ شاعرَ
تمام گهڻو ڪوڙ ڳالهائين ٿا.ــ

پر بهترين تشبيهون وقت جي ۽ واقعن جي تسلسل جي،
ٿين جي، ڳالهه کن ٿيون؛ آهي ساراهه بيان کن ٿيون، ۽ هر
فاني شيءِ جي، سچيءَ فنائيت جي، تصديق کن ٿيون!

تخليق ڪرڻ، پيدا ڪرڻ ــ اِها آهي عذاب کان نجات،
اِهو آهي زندگيءَ جو درمانَ. پر خالق بنجڻ لاءِ به تہ تڪليف
سهڻ ۽ ڪاني تبديل جو واقع ٿيڻ ضروري آهي.

ها، اي تخليق‌ڪارو، توهان جي زندگيءَ ۾ گهڻي ڪجهه
تلخ موت جي ضرورت آهي! اِنهيءَ طرح، توهين هر فنائيت جا
حامي ۽ تصديق ڪندڙ آهيو.

تخليق‌ڪار کي پاڻ ڏٺون ٻار بڻجڻ لاءِ 'اميدوارو' ٿيڻو
آهي، ۽ ٻار ڇڻڻ جا سُورَ به سهڻا آهن.

واقعي، منهنجو رستو سوين روحن سان، سوين پينگهن
سان، ۽ جنهن جي سوين سُورن سان، ٿيندو لنگهيو آهي. آڳ ڪيترا

پيرا مري چڪو آهيان، ۽ موت جون ڏاڍ پريون ۽ ساهڙ گهرندڙ پڇاڙيءَ جون گهڙيون مون کي معلوم آهن.

ليڪن منهنجي تخليقي ارادي، منهنجي قسمت، جي اهائي خواهش آهي. جيڪڏهن آءٌ ٿوهان سان اِن بابت ايمانداريءَ سان گالهايان، ته اِئين چئي سگهان ٿو: بس اهڙي ڏسي قسمت مون کان منهنجو ارادو طلبي ٿي.

منهنجي سڄي احساس کي تڪليف پهچي ٿي، گويا آهو بند ۾ آهي: ليڪن منهنجو ارادو هميشه مون کي رهائيي ڏيارڻ ۽ خوشخبري ڏيڻ لاءِ مون وٽ اچي ٿو.

ارادو رهائي ڏئي ٿو: اِها ارادي ۽ آزاديءَ جي سڄي تعليم آهي—اِئين ئي ٿوهان کي زرتشت سيکاري ٿو.

ارادو ختم، ته قدرَ ختم، ته تخليق ختم! ڪاش، هِن ڪوتاهيءَ کان مان سدا ڇُٽل رهان!

علم ۽ دانش ۾ به آءٌ ڪجهه نٿو محسوس ڪريان، سواءِ پنهنجي ارادي جي تخليقي آڏمي ۽ آن مان پيدا ٿيندڙ مسرت جي؛ ۽ جيڪڏهن منهنجي ڄاڻ ۾ معصوميت ڏسڻ ۾ اچي ٿي، ته آن جو سبب به هي آهي ته آن ۾ جنم ڏيڻ جو ارادو موجود آهي.

اِنهيءَ ارادي مون کي ڇڪي، هڪ خدا ٿوڙي گهڻن خدائن کان پري ڪري ڇڏيو آهي؛ جيڪڏهن خدا هجن ها، ته پوءِ ڪهڙيءَ شيءِ جهي تخليقن جي ضرورت هجي ها!

مگر منهنجو پُرجوش تخليقي ارادو مون کي وري وري انسان جي طرف وڌي ٿو وڃي؛ جئين اِهو مٽرکي کي پٿر جي طرف ڇڪي ٿو وڃي.

آهن، انسانو، پٿر اندر منهنجي لاءِ هڪ مورت خوابيده آهي، منهنجي خوابن جي مورت! افسوس، جو اِها مورت سڀ کان وڌيڪ بدنصيب ۽ سڀ کان وڌيڪ سخت پٿر اندر آرامي آهي!

هائي اِن مورت جي قيد خاني ٿي منهنجو مُٽرکو، بي-رحميءَ سان ، ڏڙا ڏڙ لڳي رهيو آهي . پٿر مان ٽڪرا ٽڪرا آڏامي رهيا آهن، مگر مون کي آن جي کهڙي پرواهه؟

آءٌ پنهنجي کرکي مڪمل ڪندس: چاڪاڻ ته ڪنهن وجود جو پرتوو منهنجي سامهون آيري آيو آهي— سڀ کان وڏيڪ سُڪون واريءَ ۽ سڀ کان گهٽ بارُ ٽينڊرُ مورت جو پرتوو مون ٿي ظاهر ٿي چڪو آهي!

مون فوق‌البشر جي حسن جي جهلڪ ڏسي ورتي آهي، منهنجا پاڙرو! هائي مون کي خدائن جي کهڙي حاجت!

زرتشت ائين فرمايو:

(۲۵)

وياسي ۽ قياس جوڳا

منهنجا دوستو ، تنوهان جي دوست تان چٽر ٿيڻ لڳي آهي: "زرتشت کي ڏسو! هو انسان جي وچ ۾ اهڙيءَ طرح رهي ٿو، جڏ جانورن جي وچ ۾ رهندو هجي!"

پر بهتر آهي ته هيئن چيو وڃي: "سڄاڻ وارو انسانن جي وچ ۾ اهڙيءَ طرح رهي ٿو، جڏ جانورن جي وچ ۾ آهي!"

سڄاڻ واري وٽ خود انسان جو نالو آهي: ڳاڙهن ڳلن وارو جانور.

هن جي ائين ٿيڻ جو سبب کهڙو آهي؟ چا، ان جو سبب هيءَ نه آهي ته هن کي بيشمار پيرا شرمندو ٿيڻو پيو آهي؟

اي دوستو، سڄاڻ واري جو چوڻ هي آهي: شرمندگي، شرمندگي، شرمندگي— اِها آهي انسان جي تاريخ!

تنهنکري شريف مائهوءَ ٻئي کي شرمسار نه ڪرڻ جو

قسم کنيو آهي: هو سيني تڪليف ۾ آيلن جي وچ ۾ پاڻ شرمسار ٿيڻ پنهنجو فرض چاڻي ٿو.

واقعي مون کي آهي قياسي ماڻهو پسند نه آهن، جي پنهنجي قياس ۾ مگن آهن: آهي شرمسار ٿيڻ چاڻندا ئي نه آهن.

جيڪڏهن مون کي قياس ڪرڻوئي پوي، تہ به پاڻ کي 'قياسي' چوائڻ پسند نہ ڪندس؛ ۽ جيڪڏهن آڳ ڪنهن تي سچ پچ قياس ڪريان ٻ، تہ به اڀين چاهيندس تہ پترپٽ قياس ڪريان.

اِن کان اڳ، جو ماڻهو مون کي سڃاڻن، مان اڀين پڻ پسند ڪندس تہ پنهنجو منهن ڏکي ڇڏيان، ۽ پڇي وڃان: اي دوستو، مان توهان کي به اِهائي صلاح ٿو ڏيان!

ڪاش، منهنجي قسمت ۾ اِئين هجي، جو هميشه توهان جهڙن سان، جي آپڏا ڪان آجا آهن، منهنجو ڪم پوي، ۽ پڻ اهڙن سان، جيڪي اميد ۾، دعوت ۾، ۽ سڪ ۾ مون سان مشترڪ هجن!

بيشڪ، تڪليف ۾ پيل ماڻهن سان مون ٽوروگهٽو چڱو سلوڪ ڪيو آهي: پر جڏهن ٻ مون کي ان ۾ زياده خوشي محسوس ٿيندي هئي، تڏهن آڳ سدائين اِئين ئي سمجهندو هوس تہ مون کو بهتر ڪم ڪيو آهي.

جڏهن کان انسان جو وجود ٿيو آهي، تڏهن کان وڏي ماڻهن خوشي تمام گهٽ ماڻي آهي: پاڻرو فقط اِهوئي اسان جو اصلي گناهہ آهي!

۽ جڏهن اسين بهتر نموني خوشي ماڻڻ سکون ٿا، تہ اوتروئي بهتر بين کي نہ ايذائڻ ۽ اُن کان پاسو ڪرڻ سکون ٿا.

اِن طرح آڳ جڏهن آهو هٽ ڏوڻان ٿو جنهن تڪليف ۾ آيل جي مدد ڪئي آهي، تڏهن آڳ پنهنجي روح کي به جڻ صاف ڪريان ٿو.

جڏهن اُڃ تڪليف ۾ پيل کي تڪليف ۾ ڏسان ٿو تہ هن جي شرمندگيءَ تي مان شرمائجي وڃان ٿو؛ ۽ هُن جي مدد ڪري هُن جي غيرت کي به آڃ ڏاڍو ڏکويان ٿو.

احسانن جا وڏا بار کنهن کي شڪرگذار نٿا بڻائين، پر بدلهي ڪرڻ لاءِ آماده تا ڪن؛ ۽ اهڙي ڪاڪيدي پلائي به جي دل تان وسري نٿي وڃي، تہ اُها اُڏوهيءَ جهڙو اندر ڪائيندڙ ڪيڙو بڻجيو وڃي.

"وڻڪ مهل حذر ڪر! قبول ڪرڻ ۾ امتياز کان ڪم وٺ!" اِها آهي منهنجي راءِ اُنهن ماڻهن لاءِ، جن وٽ ڪجهه به ڏيڻ لاءِ نہ آهي.

آڃ بهرحال بخشش ڪرڻ وارو شخص آهيان: خوشيءَ سان آڃ بخشش ڏيان ٿو، جهڙيءَ طرح هڪ دوست دوستن کي ڏئي ٿو. پر اجنبي ۽ ڪنگال يا مسڪين پاڻ ٿي منهنجي وڻ مان ميوو چنن تہ بهتر؛ اِن طرح هنن کي گهٽ شرمندگي ٿيندي.

پينو ۽ بيڪارين کي بلڪل ختم ڪرڻ گهرجي! واقعي، اُنهن کي ڏيڻ به ڏکيو ۽ نہ ڏيڻ به ڏکيو.

اِهوئي حال گنهگارن ۽ بُري ضمير وارن جو آهي! دوستو، اعتبار ڪريو: ضمير جو ڏنگ، ڏنگ هڻڻ ٿو سيکاري.

مگر سڀ کان بُري چيز پستخيال آهن. سچ پچ، خيال جي پستيءَ کان وري به عمل جي پستي بهتر آهي.

بيشڪ توهين به اِئين چوندا: "نڊين بچڙاين جو مزو ماڻهوءَ کي وڏين بچڙاين کان بچائي وڃهي ٿو. پر اِن گاله ۾ بچاءَ جي گنجائش به ڪاگهٽي ڪانهي.

بچڙو ڪم مثل ڦرڙيءَ جي آهي! اُها خارش ڪري ٿي، پوسري ٿي، ۽ ڦاٽي پوي ٿي — اِئين پڌري پٽ اِها شرافت سان ڪاڙهائي ٿي.

"ڏس، مان بيماري آهيان!" بچڙو ڪم اِئين ٻولائي ٿو: اِها سنڊس شرافت آهي.

پر پست خيال کنيءَ جھڙو آھي. اِھو اندر ئي اندر سڙندو ۽ سرايت ڪندو ويندو آھي، ۽ ڪولڻ سان بہ اُن جو پتو نہ پوندو آھي ــــ تان جو نديڻ نديڻ کنيين سان سڄو بدن چُور چُور ٿي ويندو آھي ۽ سڙي ڪري ويندو آھي.

بھرحال، جيڪو ڪنھن شيطان جي قبضي ۾ قائل آھي، اُن جي ڪَن ۾ آڱ ھيءَ ڳالھ چوان ٿو: "تنھنجي لاءِ بھتر آھي تہ پنھنجي شيطان جي پرورش ڪري اُن کي وڏو ڪر. تنھنجي لاءِ بہ وڏائيءَ جو ڪو رستو اڃا کليل آھي!"ــــ

آھ، منھنجا پائرو! انسان ھر ھڪ متعلق ڪجھ ضرورت کان زياده ئي ڄاڻي ٿو. ۽ کيترا اھڙا آھن، جو انسان جي نظر اُنھن جي بلڪل آرپار ٿيو وڃي. پر تڏھن بہ انسين کنھن جي اندر پيھي نٿا سگھون.

ماڻھن سان زندگي بسر ڪرڻ ڏکيو ڪم آھي؛ چاکاڻ تہ خاموش رھڻ ڏاڍي مشڪل ڳالھ آھي.

۽ انسين سڀ کان وڌ بي‌انصافيءَ جو سلوڪ اُن سان نٿا ڪريون، جنھن سان انسان کي ڪاوڙ آھي؛ بلڪ اُن سان ڏا ڪريون جنھن جو انسان سان ذرو بہ تعلق نہ ھوندو آھي.

بھرحال، جيڪڏھن تنھنجو ڪو تڪليف ۾ پيل دوست ھجي، تہ تون ھن جي تڪليف لاءِ آرامگاھ بڻجي وڃ، سخت بستري جيان، ڪم از ڪم ميدان جنگ جي بستري جيان: اِن طرح تون ھن جي گھٽي ۾ گھٽي خدمت ڪري سگھندين.

۽ جيڪڏھن ڪو دوست توسان بچڙائي ڪري تہ تو کي ھي چوڻ جڳائي: "جو ڪجھ تو مون سان ڪيو، اُن کي آڱ معاف ٿو ڪريان؛ پر اِن طرح تو پاڻ سان جيڪا بچڙائي ڪئي اُن کي آڱ ڪھڙيءَ طرح معاف ڪري سگھان ٿو؟"

ھر اعليٰ محبت جو اِھوئي چوڻ آھي: اِھو عمل، معافيءَ ۽ کھل کان بہ اڳتي وڌيو وڃي.

انسان کي گھرجي تہ پنھنجيءَ دل کي مضبوط پکڙي،

چاڪاڻ ٿ جيڪڏهن هن اُن کي وڃڻ ڏنو ، ته ظاهر آهي ته سندس مغز ۾ ڪائنس جلد ويندو نظر ايندو.

آهي، قياس جوڳئن کان وڌيڪ دنيا ۾ ٻيو ڪنهن کان حماقتون سرزد ٿيون آهن؟ ۽ قياسيءَ جي حماقتن کان وڌيڪ دنيا ۾ کڻڻ شيءِ، تڪليف پيدا ڪئي آهي.

حيف آهي سيني محبت ڪرڻ وارن تي، جيڪڏهن اُنهن وٽ پنهنجي قياس کان مٿي ٻي ڪا بلندي نه آهي!

شيطان هڪ پيري مون کي چيو: "خدا جي لاءِ ۾ هڪ دوزخ آهي: اُهو آهي، هن جي محبت بني نوع انسان سان."

۽ تازو مون هن کي چوندو ٻڌو: "خدا مري ويو: انسانن تي قياس جي ڪري، خدا مري ويو."

تنهنڪري، خبردار ٿيءِ قياس کان: اِنهيءَ طرف کان ٿي ماڻهن ڏانهن اڃان ۾ ڪارا ڪڪر وڌي رهيا آهن! واقعي، آءٌ موسم شناس آهيان!

ليڪن هن ڳالهه تي ۾ غور ڪريو: هر عظيم محبت جو درجو اُن جي هر قياس کان بالاتر آهي: چاڪاڻ ته اڃان اِها ڪاوش ۾ آهي— ان کي پنهنجو محبوب تخليق ڪرڻو آهي!

"مان پنهنجو پاڻ کي پنهنجيءَ محبت تي قربان ڪريان ٿو، ۽ ساڳيءَ طرح پنهنجي همسايي کي ۾"—اِهو سيني تخليق ڪارن جو آواز آهي.

سڀ تخليق ڪار، بهرحال، سخت ۽ ثابت قدم آهن— زرتشت اِئين فرمايو:

(۴۶)

پادري

هڪ ڏينهن، زرتشت پنهنجن معتقدن کي اشاري سان سڏيو ۽ اُنهن سان هيٺن مخاطب ٿيو:

"هو پادري آهن: پر جيتوڻيڪ هو منهنجا دشمن آهن، تنهن هوندي به هُنن وٽان مرڻ مات ۾ لنگهي وڃو، ۽ تلوارين کي ميان ۾ رهڻ ڏيو!

"آنهن ۾ به سورما آهن: منجهانئن ڪيترن بيحد تڪليفون سٹيون آهن—: تنهنڪري هوڪهرن ٽا تہ پيا ماڻهو به تڪليفون سهن.

"هو خراب دشمن آهن: هنن جي نيازمنديءَ کان وڌيڪ انتقامي ٻي ڪا شيءِ ڪانهي. ۽ جيڪو هنن سان واسطي ۾ اچي ٿو، اُهو جلدئي ليٽڻجي گدلو ٿي پوي ٿو.

"پر منهنجو خون هنن جي خون سان رشتي ۾ آهي: ۽ منهنجي بهرحال مرضي آهي تہ هنن جي خون جي آبروءَ سان منهنجي خون جي آبرو به ٿئي."

۽ جڏهن هو لنگهي ويا تہ زرتشت سُورڪان دانهن ڪئي: پر اُن ۾ ٿوريءَ دير تائين مبتلا رهي، هو اُٿي ڪڙو ٿيو ۽ هيئن چوڻ لڳو:

مون کي اِنهن پادرين تي افسوس ٿو اچي ۽ ڏک ٿو ٿئي. هو منهنجي ذوق جا پڻ نہ آهن: پر مون لاءِ اِها غيراهم ڳالهہ آهي، ڇو تہ اُهي انسانن جي وچ ۾ ٿي رهان ٿو.

پر اُهي سورَ سَهندڙ آهيان، ۽ هنن سان گڏ سورَ سڀا اڀرن. منهنجي خيال ۾ هو قيدي آهن، سَربمُهَر قيدي. جنهن کي هو نجات ڏيندڙ ڪوٺين ٿا، اُن هنن کي زنجيرن ۾ اڙائي ڇڏيو آهي:—

غلط قدرن ۽ خام لفظن جي زنجيرن ۾: ڪاش، ڪو هنن کي سندن نجات ڏيندڙ کان نجات ڏياري!

هڪ دفعو جڏهن هو سمنڊ ۾ چاڇولجي، اُجل سان وڃي ڪنهن هنڌ کيريا، تہ هنن دل ۾ پانيو تہ ڪنهن ٻيٹ تي پهچي ويا هئا: پر اُها تہ هڪڙي ستل آجگر بلا هئي!

غلط قدر ۽ خام لفظ: اِهي فاني انسانن لاءِ بدترين بلائون آهن—قضا اِنهن جي اندر مُدتن تائين، تاڪ ۾ سُٽل رهي ٿي.

پوءِ نيٺ اِها بيدار ٿئي ٿي، آڏان نڪري اچي ٿي، ۽ جنهن جنهن اُن جي مٿان پنهنجا جهوپڙا ٺاهيا هوندا آهن، تنهن کي چَڀي گهرڪائي وڃي ٿي.

اِجهو هُنن جهوپڙن کي ڏسو، جيڪي پادرين پنهنجي لاءِ پاڻ اڏيا آهن! پنهنجن آنهن خوشبودار چَرُن کي هو ديوليون سڏين ٿا!

واءِ افسوس، آنهن جي اِها کوڙي روشني، اِها بدبودار هوا! جتي روحَ— پنهنجي بلنديءَ تي ڪڏهن پرواز ڪري نه سگهي!

پر جتي هنن جي عقيدي جو هيءُ حڪم هلي ٿو: "اي گنهگارو، گوڏن پر ڪري پئو ۽ ڏاڪڻيون چڙهو!"

سچ پچ، آڳ هوند هينن جي حياءَ ۽ دينداريءَ واريءَ ٽيڏين اکين جي پيٽ ۾ ڪنهن بيحيا ۽ نرجي کي ڏسڻ پسند ڪريان!

آخر اهڙين چَرُن کي، ۽ پڇاءَ ۽ توبهه جي ڏاڪڻين کي، ڪنهن ايجاد ڪيو؟ چا، هي آهي ماٺهو نه هٻا، جن پوشيده رهڻ گهريو ٿي ۽ ڪُلئي نرمل آسمان هيٺان شرمسار ٿي ٿيا؟

۽ سچ پچ جڏهن هيءُ نرمل آسمان وري هينن ڀڳل چتين مان ليئو پائيندي، آنهي جي ويران پتين تي چاول‌گاهه ۽ پست جي ڪاڙهن‌گلن تي نظر وجهندو، تہ پوءِ اُن وقت آڳ هينن خدا اِنهن مينهرن تي وراڻي نظر وجهندس.

هينن اُن کي خدا سڏيو جيڪو هينن جي آڏو روڪ ٿيو ۽ جنهن هينن کي اذيت ڏني، ۽ واقعي هينن جي پرستاري وڏي جگر جو ڪم هو!

۽ اُن سان محبت ڪرڻ جو به رستو هينن وٽ ڪونہ هو، سواءِ اِن جي تہ ماٺهن کي هو صليب تي قلعا ٺوکي ٽنگين!

هِنن مرڻ وانگر زندگي بسر ڪرڻ جو خيال ڪيو؛ پنهنجن لاشن کي ڪارن ڪپڙن سان سينگاريائون؛ هِن جي ڳالهين مان آءٌ اڃا تائين مردهخانن جي بدبوءِ محسوس ڪريان ٿو.

جو شخص هِنن جي ويجهو رهي ٿو، اُهو گويا گدلن تلائن جي ويجهو رهي ٿو، جن مان ڏيڏر نڪري پنهنجو راڳ پرسوز نموني سان ڳائين ٿا.

جيڪڏهن هوگهرن ٿا ته مان هِنن جي نجات ڏيندڙ تي ايمان آڻيان ، ته هِنن کي گهرجي ته منهنجي اکيان بهتر گيت ڳائين: هُن جا هي معتقد ۽ پوئلڳ مون کي چوڪارو پاتل ڏيکاري ڏين!

آءٌ اِنهن کي اکاڙو ڏسڻ گهران ٿو : چاکاڻ ته فقط حسن کي ئي توبهه جي تلقين ڪرڻ جڳائي. مگر اِنهن جو هيءَ چمڙا پوشي عذاب ڪنهن کي مجائي سگهي ٿو!

واقعي هِنن جا نجات ڏيندڙ پاڻ ئي آزاديءَ ۽ آزاديءَ جي ستين آسمان وٽان آيل نه هٿا! واقعي، هُنن پاڻ ئي ڪڏهن جاڻ جي غاليچن تي قدم نه رکيو هو.

اُنهن نجات ڏيندڙن جي به روح ۾ خال هٿا، اڻپورايون هيون؛ پر هر خال ۽ هر اڻپورائي هُنن پنهنجي خواب خيالي ۽ ڀرم سان پري ڇڏي هٿي، ۽ اُن جو نالو هُنن خدا تي ٻڌايو.

هُنن جو روح ٻاجهه جي درياءَ ۾ ٻڏل هو؛ ۽ جڏهن هو ٻاجهه سان پرجي ٿي ويا ۽ آياميءَ ٿي پيا، تڏهن هنن جي سطح تي هميشه سندن اوگاڻ تري متي اچي ٿي بيٺي.

هُنن پنهنجي ڏڻ کي وڏي جوش ۽ وڏن واکن سان هڪلي پنهنجيءَ ڪائائين؛ پنڌ تي آڻي ٿي بيهاريو ؛ جڏ ته مستقبل ڏانهن وڃڻ لاءِ فقط هڪ ئي اُها پنڌ هٿي. سچ پچ هِنن ڏراڙن جو پنهجو شمار به رين ۾ ٿيو ٿي!

اِنهن ڏراڙن جون دليون تنگ ۽ روح موڪرا هٿا. پر

منهنجا پائرو، سندن آهي موڪرن کان موڪرا روح به هر وقت ڪيتري قدر نه تنگ ۽ محدود ايراضين جيان پئي رهيا آهن!

جن جن رستن تان هو هليا آهن، تن تي خون سان نقش ڪيا اٿن، ۽ هنن جي حماقت اِها تعليم ڏني ته سچائيءَ کي خون سان ثابت ڪبو آهي.

ليڪن خون سچائيءَ جو بدترين گواه آهي؛ پاڪترين تعليم به خون جي زهرآلود ٿي، خامخياليءَ ۽ پرم، گمراهيءَ ۽ دل جي نفرت ۾ تبديل ٿي وڃي ٿي.

۽ جيڪڏهن ڪو شخص پنهنجي تعليم جي سچائيءَ لاءِ باهه مان به لنگهي وڃي، ته آن مان ثابت ڏسي چا ٿو ٿئي؟ درحقيقت، وڏيڪ مناسب اٿين ٿئي، جو ڪو پنهنجي وجود جي باهه مان پنهنجي تعليم پيدا ڪري!

ڪوسيي پوسائيندڙ دل ۽ سرد جميل متو: جتي اِهي پئي شيون اچي ملن، آتي هڪ ڏونهائي خطيب پيدا ٿئي ٿو، جو "نجات ڏيندڙ" به سڏائجي ٿو.

جن اهڙن کي لوڪ "نجات ڏيندڙ" سڏي ٿو، يعني طوفاني ۽ دونهائي ڀالهائيندڙ خطيب، تن کان سچ پچ ڪيئي عظيمتر ۽ وڏيڪ عالي‌نسب ماڻهو ٿي گذريا آهن.

۽ توهين، منهنجا پائرو، جيڪڏهن آزاديءَ جي حال ۾ اچڻ چاهيو ٿا، ۽ بچڻ گهرو ٿا، ته توهان کي اول آنهن کان نجات پائڻ گهرجي، جي توهان جا نجات ڏيندڙ سڏجن ٿا. اڄ، بچڻ لاءِ تحقيق اوهان کي انهن کان گهٽو کي برتر ۽ اعليٰتر بچائيندڙ گهرجن.

اڄان تائين ڪوبه فوق‌البشر وجود نه آيو آهي. مون وڏي ۾ وڏي ۽ ننڍي ۾ ننڍي انسان، پنهي کي ننگو ڏٺو آهي:-

اڄان پنهي آنهن ۾ بيحد مشابهت ڏسجي ٿي. واقعي وڏي

۽ وڏي کي به مون، اعليٰ درجي ڏانئين ساڳيو ــ ڪجهڙو ــ ڪ انسان ــ ئي ڏئو! ــ

اِئين زرتشت فرمايو.

۲۷ــ نيڪ انسان

ڪاهل ۽ سُتل حواسن وارن سان، گجگوڙ ۽ آسماني آتشفشاني ۽ سان گالهائڻ گهرجي.

پر حسن جو آواز نرمائي ۽ سان گالهائي ٿو؛ چو ته اُهوئي سڀ کان زياده سجاڳ روحن کي متاثر ڪري ٿو.

اڄ منهنجي ڏال نرم نرم لڏڻ لڳي ۽ مون سان کِلي رهي آهي؛ اُهو حسن جو پاڪ کِلڻ ۽ لڏڻ هو ۽ دل افروز هو.

اي نيڪ انسانؤ، اڄ منهنجو حسن توهان تي کِلي رهيو هو! ۽ اُن جو آواز هيئن منهنجي ڪن تي پيو؛ "وڏيڪ هي اُجرت جا خواهان به آهن!"

اي نيڪ انسانؤ، اوهين هي اجرت به گهرو ٿا؟ اوهين نيڪيءَ جو انعام گهرو ٿا، ۽ زمين جي بدلي بهشت ۽ پنهنجي اڄ جي عيوض لافانيت گهرو ٿا؟

۽ هاڻي، اوهين مون سان ناراض ٿا ٿيو، جو مان اِها تعليم ڏيان ٿو ته ڪو اُجرت ڏيڻ وارو ۽ خزانچي آهي ئي ڪونه؟ ۽ سچ پچ ته مان اِها تعليم به نٿو ڏيان ته نيڪي کا پنهنجي پاڻ اُجرت آهي.

افسوس! منهنجي ته دانهن ئي اِها آهي ته ڪوڙبدوڙ ڪري هر شيءِ جي پيڙهه ۽ انعام ۽ سزا ملائي ڇڏي اٽن ــ ۽ هاڻي ته اوهان جي روحن جي اندر به اِئين ويهي ويو آهي، اي نيڪ انسانؤ!

پر منهنجي تعليم اوهان جي روحن جي زمين کي جهنگلي جانور جي سوند وانگر آکيڙيندي؛ اوهين چاهيو ته ان لاءِ پلي مون کي هڙ جي چونبي سڏيو!

اوهان جي دل جا سڀ راز اوهان ڏي روشن ڪيا ويندا، ۽ جڏهن اوهين ڏڙيا پکڙيا، واوکر ٿيا، آس ۽ پيا هوندا، تڏهن اوهان جي ڪوڙائي ۽ اوهان جي سچائيءَ کان الڳ ڪئي ويندي.

چاڪاڻ ته اوهان جي سچائي هيءَ آهي: اوهين لفظن جي گند کان تمام گهڻا صاف ۽ نبار آهيو ـ بدلي، سزا، عيوضي، سيکت جهڙن لفظن کان.

اوهين پنهنجي نيڪيءَ سان اهڙي محبت ڪريو ٿا، جهڙي ماءُ پنهنجي ٻار سان؛ پر اهو به ڪڏهن ٻڌو آئو ته ماءُ پنهنجي محبت لاءِ اُجرت جي خواهش ڏيکاري هجي؟

اوهان جي نيڪي ئي اوهان جي سڀ کان وڏ محبوب ذات آهي، جيئن اوهان جي نڙيءَ جي اُڃ اوهان ۾ آهي؛ اُن جو هر چٽلو پاڻيءَ جي بوند لاءِ آيري ٿو ۽ وري پاڻ ڏانهن موٽ کائي ٿو.

۽ اوهان جي نيڪيءَ جو هرهڪ عمل اُن کيڙندڙ تاري جيان آهي، جيڪو پنهنجي پسوان فضا ۾ روشنيءَ جي لاٽ چڏيندو ويندو آهي؛ اُن جي روشني هروقت سفر ۾ آهي ـــ ۽ خبر نه آهي ڪڏهن اُن جو اُهو سفر پورو ٿيندو!

اهڙي ئي آهي اوهان جي نيڪيءَ جي روشني، جيڪا عمل جي سرانجاميءَ کان پوءِ به اڃان ڪائين سفر ڪري رهي آهي. عمل پل ته وسري وڃي، بلڪل ختم ٿي وڃي، تڏهن به اُن جي روشنيءَ جا ڪرڻا موجود رهن ٿا ۽ پنهنجو سفر جاري رکن ٿا.

اوهان جي نيڪي خود اوهان جي 'ذات' آهي، ڪا ٻاهرين يا اجنبي شيءَ نه آهي ـــ جيئن اوهان جي چمڙي يا اوهان جو ڪپڙو خارجي شيون آهن. اُها وسري وڃي يا ڪم ٿي وڃي،

پر روشنيءَ جي ڪرڻي وانگر اُڀا جيئي ٿي ۽ سفر گهري ٿي.

پر اهڙا ماڻهو به آهن، جن وٽ نيڪيءَ جو مفهوم اهڙوئي آهي جهڙي چهبڪ جي مار: ۽ اوهان اُنهن جي رڙين ۽ دانهن کي ڪافي گهٽي وقت کان پڌو آهي.

۽ ٻيا اهڙا به ماڻهو آهن، جن پنهنجيءَ گنهگاريءَ جي ڪاهليءَ جو نالو نيڪي رکيو آهي؛ ۽ جڏهن هنن جي نفرت ۽ هنن جو حسد آکيڙجي ليٽي پون ٿا، رڳو تڏهن هُنن جو "انصاف" جاڳندو آهي ۽ پنهنجيون ننڍاکيل اکيون ملينڊو به آهي.

۽ اهڙا به ماڻهو آهن، جي پستيءَ جي طرف ڇڪجي رهيا آهن: هُنن جا شيطانَ هُنن کي پاڻ ڏانهن گهلي رهيا آهن. ۽ جيتريقدر زياده هو اونهائيءَ ۾ پهچندا وڃن ٿا، اوتريقدر گهٽو شوق هُنن جي اکين مان پڌرو ٿئي ٿو، ۽ اُنهن ۾ پنهنجي اُن خدا سان ملڻ جو هَوَسُ اوترو وڌي ٿو.

آهن، اي نيڪ انسانؤ، اُنهن جي دانهن ۽ پڪار پڻ اوهان جي ڪنن تائين پهچي ويل آهي: "جو مان پاڻ ئي آهيان، بس آهوئي مون لاءِ خدا آهي، نيڪي آهي!"

۽ ٻيا اهڙا ماڻهو آهن، جيڪي پٿرن سان لڏيل اُنهن گاڏين وانگر پاري قدم کڻن ٿا، جي ڪنهن پهاڙيءَ جي لاهيءَ تي چيڪاٽ ڪنديون هلنديون آهن: وقار ۽ نيڪيءَ بابت آهي ماڻهو تمام گهٽيون ڳالهيون ڪندا آهن ــ پنهنجن پيرن جي گيسائيي کي هو نيڪي ٿا سڏين!

۽ اهڙا به ماڻهو آهن، جي چاهيءَ تي هلندڙ گهڙيالن وانگر آهن: آهي ٽِڪ ٽِڪ ڪندا وتن ٿا، ۽ گهُرن ٿا ته ماڻهو هنن جي ٽِڪ ٽِڪ کي نيڪيءَ جي نالي سان تعبير ڪن.

واقعي، اهڙي قسم جي ماڻهن ٻان مون کي لطف ٿو اچي: جتي به مون کي اهڙا گهڙيال ملندا، آءٌ اُنهن کي پنهنجي

ٹئول سان ڪنجي ڏيئي ڇڏيندس ، پل ته ڪنجي ملڻ وقت آهي پوئيات به ڪن.

۽ اهڙا ماڻهو به آهن ، جي پنهنجي ٿوريءَ نيڪ عمليءَ تي ايماني آهن ، ۽ اُن خاطر هو سڀني شين تي ظلم ڪن ٿا: تان جو دنيا هنن جي بداعماليءَ ۾ ٻڏيو وڃي.

آهي هنن جي زبان مان لفظ 'نيڪي' کهڙو نه ٻُرو ٿو لڳي! ۽ جڏهن هو چون ٿا: "اڌ منصف مزاج آهيان" ته آهو ٻڌڻ ۾ اِئين ٿو معلوم ٿئي : "مون کي پوريءَ طرح پنهنجو عيوضو ڳهرجي!"

هو پنهنجين نيڪين جي ذريعي پنهنجن دشمنن جون اکيون ڪيڻ ٿا گهرن؛ ۽ هو پاڻ کي رڳو اِن ڪري ٿا اوچو بنائين ته جيئن پين کي نيچو نمائي سگهن.

۽ ٻيا وري اهڙا ماڻهو به آهن، جي پنهنجيءَ ڏهن ۾ ڦاٽا ٻيا آهن، ۽ ٻُوڙن جي وچ مان هين طرح جو آواز ٻيا ڪيڻ: "نيڪي ـــ ان جي معنيٰ آهي ڏهن ۾ چپ چاپ ڪري ويهي رهڻ.

"اسين ڪنهن کي چڪ ڪونه ٿا ڏيون، ۽ چڪ پاڻ وارن کان پاسو ٿا ڪريون؛ ۽ هرڪاڪو ۾ اسان جي آهائي راه آهي، جا اسان کي عطا ٿيل آهي".

۽ وري کي اهڙا ماڻهو به آهن، جي رَوَشن کي، صورتن کي، پسند ڪن ٿا ، ۽ نيڪيءَ کي هڪ قسم جي رَوَش ۽ صورت سمجهن ٿا.

هُنن جا گوڏا سدائين عبادت ۾ جهڪيا رهن ٿا ، ۽ هُنن جا هٿ سدا نيڪين ۾ رڌل رهن ٿا، مگر هنن جي دل کي اُن جي مطلق خبر نه آهي.

۽ وري کي اهڙا ماڻهو به آهن، جن وٽ هيئن چوڻ نيڪي آهي: "نيڪي ضروري شيءَ آهي"؛ پر دل سان هنن جو اعتقاد بهرحال هي آهي ته پوليس ضروري شيءَ آهي.

۽ ڪيترائي، جي انسانن جي بلنديءَ کي نٿا ڏسي سگھن، سي اِن ڳالھ کي نيڪيءَ سان تعبير ڪن ٿا تہ ھو انسان جي پستي تمام تفصيلي طور ڏسي سگھن ٿا؛ تنھنڪري ھو پنھنجي اُن بد نظر کي نيڪي ٿا سڏين.

۽ کي پنھنجي ذھني خوشي ۽ علمي لياقت کي وڏائڻ ۽ اُنھن ۾ برتري حاصل ڪرڻ چاھين ٿا، ۽ اُن کي نيڪي ٿا سڏين؛ ۽ ٻيا ورڻي پاڻ کي ابتريءَ ۽ انڪساريءَ ۾ رکڻ ٿا گھرن، ۽ ساڳيءَ طرح اُن کي نيڪي سڏين ٿا.

اھڙيءَ طرح، گھٽو ڪري سڀ اِئين ٿا سمجھن تہ نيڪيءَ ۾ سندن حصو آھي؛ ۽ ھر شخص کي گھٽ ۾ گھٽ اِھا دعوا آھي تہ ھو نيڪيءَ ۽ بديءَ کي خوب سمجھي ٿو.

ليڪن زرتشت جي اڳيان جو اِھو مقصد نہ آھي تہ ھو اُنھن سڀني ڪوڙن ۽ احمقن کي چوي: "اوھين ڇا ڄاڻو تہ نيڪي ڇا آھي! اوھان ۾ نيڪيءَ کي سڃاڻڻ جي لياقت ئي ڪٿي؟"

بلڪ ھُن جو مقصد ھي آھي تہ اوھين، اي منھنجا دوستؤ، اِنھن پراڻن لفظن کان ھٿي پري ٿيو، جي اوھان احمقن ۽ ڪوڙن کان ٻڌا آھن:

ھٿي پري ٿيو "انعام"، "سيکت"، "جزا" ۽ "سزا" "بدلي" ۽ "انصافي عيوض" جھڙن لفظن کان.—

ھٿي پري ٿيو ھِن چوڻيءَ کان تہ "نيڪ عمل" نڊھن نيڪ عمل آھي جڏھن اُھو بي غرض آھي".

ڪاش، منھنجا دوستؤ! اوھان جي ذات اوھان جي عمل ۾ اڻين سمايل ھجي، جيئن ماءُ پنھنجي ٻار ۾؛ نيڪيءَ بابت اوھان جو اصول اِھوئي ھجڻ ڪپي!

سچ آھي تہ اِھو چئي مون اوھان کان سڀ اصول کسيا آھن، ۽ پڻ اوھان کان اوھان جي نيڪيءَ جا دلپسند ڪول ڦريا

آهن؛ ۽ ڏسان، ٿو ته هاڻي ٻارن وانگر اوهين مون کان ناراض ٿي رهيا آهيو.

ٻار سمنڊ جي ڪناري تي راند ڪري رهيا هئا ـــ هڪڙي لهر آئي، ۽ هنن جا راندیڪا گهلي، سمنڊ ۾ پوڙي ڇڏيائين! هاڻي هو روئي رهيا آهن.

مگر اِها ساڳي لهر هُنن لاءِ نوان راندیڪا آڻيندي، ۽ رنگبرنگي سپون هنن جي اڳيان پکيڙي ڇڏيندي!

اهڙيءَ طرح هنن کي تسلي ٿيندي؛ ۽ اُنهن وانگر، توهان کي به، منهنجا دوستو، اطمينان حاصل ٿيندو، ۽ اوهين نيون رنگبرنگ سپون ماڻيندؤ!

زرتشت اِئين فرمايو.

۲۸- آنبوهہ

زندگي مسرّتن جو ڪوهہ آهي، پر جتي آنبوهہ ٻاڻي پيئن ٿا، اُتي سپيئي گوهہ زهرآلود ٿيو پون.

هر نرمل شيءِ ڏانهن منهنجي دلي رغبت آهي؛ مگر مان وات ڦاڙي تڪيندڙن کي ۽ گدليل روحن جي اڇ کي ڏسي نٿو سگهان.

هو پنهنجون نگاهون ڪوهہ جي جهرڻن تي ڪُٻائي بيهن ٿا؛ ۽ پوءِ پنهنجي للچايل مُرڪ سان مون ڏي ڏسن ٿا.

آجري ٻاڻيءَ کي هو پنهنجي هَوَس سان زهر آلود ڪن ٿا؛ ۽ جڏهن هُنن پنهنجن گندن خوابن جو نالو مسرّت رکيو، تہ لفظن کي به زهر آلود ڪري چڏ ٻاڻون.

هو پنهنجون مرطوب دليون جڏهن باهہ ۾ وجهن ٿا تہ شعلو به طيش ۾ اچي وڃي ٿو؛ ۽ جڏهن هو باهہ جي ويجهو به اچن ٿا تہ روح ئي ٿڪي اُٿي ٿو ۽ ٻاڦ ٿيڻ لڳي ٿو.

هنن جي هٿن ۾ ميوو ڏيڻو ۽ سڏيو ويڻي ! ۽ هنن جي نظر ٻوڙ سان ميوي جا وڻ ٽي ڪوماڻجيو ۽ سڪيو وڃن .

۽ ڪيترائي فرد، جي زندگيءَ کان ڪناره ڪش ٿيل هوندا آهن، اُهي رڳو انبوهه کان ڀڳل هجن ٿا ؛ هو زندگيءَ جي نباز چشمن، شعلن ۽ ميون ۾ اُنهن جا ناصاف هٿ ۽ پير پريل ڏسڻ ۽ سهڻ کان قاصر هوندا آهن .

۽ ڪيئي فرد، جي غير آباد جهنگلن ۽ بيابانن ڏانهن هليا وڃن ٿا ۽ حيوانن جيان اُتي بکيا پياسا مرن ٿا، اُنهن جو به ارادو اِهو هوندو آهي ته هو آزاد هجن ۽ کين اُٿن جهڙن اوڻين سان حوض ڦي گڏ ويهڻو نه پوي .

جڏهن مون کي اِها خبر ٿي هئي ته زندگيءَ کي به تصادم جي ، موت جِي ۽ اُڏيت جي صليبن جِي گهرج هئي ، تڏهن منهنجي نڙي برابر پرجي آئي هئي، پر هوسانجي کانه پيئي هئي.

پر هڪ پيري جڏهن ٻاڻ کان سون کي سوال پڇڻو ٻيو هو ته "چا، زندگيءَ لاءِ، اهڙا آنبوهه به ضروري آهن؟ تڏهن اُن تي منهنجو ساهه هوسانجي ۽ بنهه تي ويو هو.

چا ، زهراُلود کوهه ضروري آهن؟ بدبودار باميون ۽ گندا خواب، ۽ زندگيءَ جي رزق اندر ڪينڪاڻ ضروري آهن؟

منهنجي نفرت نه ، بلڪ اِها منهنجي ڪراهت منهنجي زندگيءَ کي ڪنهن بکايل بلا جيان پٽيندي ۽ ڪاڻيندي ٿي رهي.

افسوس، آڃ اڪثر پنهنجي روح کان ٿي بيزار ٿِي ٿي پيس ، جڏهن اِهو ٿي معلوم ٿيم ته انبوهن لاءِ به روحانيت جي دعوا ڪئي ٿي ويئي .

۽ حڪمرانن کان مون منهن ڦيري ڇڏيو جڏهنڪر مون کي معلوم ٿيو ته هنن وٽ حڪمرانيءَ جي معني هئي ؛ طاقت حاصل ڪرڻ لاءِ سوديبازي، انبوهن سان .

اجنبي ٻولي ڳالهائيندڙن سان مون زندگي بسر ڪئي آهي، ڪنن ۾ ڪپاهه وجهي: ان لاءِ تہ جيئن آءٌ اُنهن جي ڳالهه ۽ سوديبازيءَ کان بي تعلق رهي سگهان.

ماضيءَ ۽ حال جي سموري دور سان آءٌ پنهنجو نڪ بند ڪري، الماڪ حالت ۾، گذريو آهيان: واقعي ماضيءَ ۽ حال جي سڄي زماني ۾ پڙهيل لکيل جاهلن جي بتوءِ اچي ٿي!

هڪڙي معذور ۽ جـڏي جبان، جو ٻوڙو، گونگو ۽ انڌو ٿي ويو هجي، مون گهڻيءَ مدت تائين زندگي ڪاٽي آهي، تہ جيئن طاقت پرست لکيل پڙهيل ۽ سڪ. ڪولائو انبوهن سان زندگي گهارڻي نہ پويم.

منهنجو روح گهڻيءَ دقّت ۽ گهڻيءَ خبرداريءَ سان ڏاکڻ ٿي متي چڙهيو آهي؛ خوشيءَ جي خيراتَ اُن لاءِ تمازگيبخش هٿي؛ ان طرح مون انڌي سان زندگي لٽ ٿي پيرُ پيرَ ۾ وجهي هلندي رهي آهي!

ٻوءِ منهنجو ڪهڙو حشر ٿيو؟ ڪَرهيت کان مون کي ڪهڙيءَ طرح نجات ملي؟ ڪنهن منهنجي نظر کي نوبنو ڪيو؟ ڪهڙيءَ طرح مان اُن بلنديءَ تي پهتس جتي ڪوبہ 'ڏنُ' ڪوهن وٽ نٿو ويهي؟

ڇا منهنجي ڪرهت ٿي مون کي منهنجا ڪنپ ڏنا ۽ نرمل چشمن جي سچائپ جي ساڃهہ ڏني؟ واقعي موتي مسرت جي چشمي تائين پهچڻ لاءِ مون کي اوچين کان اوچين چوٽين تائين اُڏامڻو پيو.

اي منهنجا پائرو، آهو چشمو مون کي ملي ويو. اڄهو، هيتي اوچيءَ کان اوچيءَ چوٽيءَ تي منهنجو مسرت جو چشمو اُڀري رهيو آهي! ۽ هيءَ اُها زندگي آهي، جنهن جي چشمن تي ڪوبہ اوباش منهنجو هم‌مشرب نہ آهي!

اي مسرّت جا چشما، تون ڏاڍيءَ گهڻيءَ تيزيءَ سان وهندو رهيوءَ آهين ـــ ايتريءَ تيزيءَ سان، جو تنهنجي روانيءَ سان

مان پڇي نٿو سگهان! تون اڪثر ٻيهر پرڻ لاءِ پنهنجا پريمل ٻيمانا هاريو ڇڏين!

پر تڏهن به مون کي ڏاڍيءَ انڪساريءَ سان سڪٽو آهي ته توسان پنهنجي قرابت ڪيئن قائم رکان؟ ڇو ته منهنجي آڇهل دل ڏاڍيءَ گهٽيءَ شدت سان تو ڏانهن ڇڪبي رهي ٿي.

منهنجي دل، جيڪا منهنجي آرهڙ رُت جي تپش جو نشانو آهي—منهنجي زندگيءَ جي نديڙي، گرم، ملول ۽ بيحد مسرور آرهڙ جي گرم رُت؛ ڪيتري‌قدر منهنجي هين جلندڙ دل کي اُن جي ڌارَ ۽ سيتلتا جي اُڪير آهي!

منهنجي موسم بهار جو طويل درد ختم ٿي چڪو آهي! جونِ جي مهيني جي سنهيءَ برفباريءَ وارو عذاب به مون تان گذري چڪو آهي! آڻ هاڻي سراپا آرهڙ ٻڌجي چڪو آهيان— آرهڙ جي ٽاڪ منجهند!

تمام اوچين چوٽين تي آرهڙ، جن تي ٽڏيرا چشما آهن، ۽ فرحت ڏيندڙ چپ‌چپات آهي؛ اي منهنجا دوستو، اچو ته اِن چپ‌چپات کي وڌيڪ فرحت‌بخش بڻايون!

چاڪاڻ ته هيءَ **اسان جي** ٿي بلندي آهي ۽ اِهوئي اسان جو گهر آهي؛ اسان جي هيءَ منزل ايتري مٿي آهي ۽ آيي آهي، جو اُهي جيڪي ناپاڪ آهن، اُهي ۽ اُنهن جي اُڇ جو گذر هِتي ٿي نه سگهندو.

اي دوسنو، پنهنجي پاڪ نگاهه منهنجي مسرّت جي چشمي تي رکو! اوهان جي اِن نگاهه سان اِهو ڪو گدلو ٿي پوندو ڇا! نه، اِهو ته پنهنجي نرملتا ۽ پاڪائيءَ سان موٽي اوهان ڏانهن مُرڪندو.

اسين پنهنجو آشيانو مستقبل جي وڻ تي اڏينداسين؛ اسان هيڪلن لوڪن لاءِ، عقابَ پنهنجين چهنبن ۽ ڪاڏو ڪڻي ايندا! واقعي، اسين ٻاڻ وٽ هِتي ناپاڪ ماڻهو لاءِ ڪو مڪان

موجود نہ رکنداسین! اسان جي مسرت هُنن جي جسم ۽ جان لاءِ برفاني چپ برابر هوندي!

۽ اسين هُنن کان متي تيز واچوڙي وانگر زندگي بسر ڪنداسين۔ عقابن جا پاڙيسري، هيٺ وسندڙ برف جا پاڙيسري، سڄ جا پاڙيسري: اها آهي تيز ۽ جاندار هوائن جي دنيا ۽ اهو آهي اُن جو اعليٰ مقام.

۽ هڪ ڏينهن آڏ اُن هوا وانگر هُنن جي وچان لنگهندس، ۽ پنهنجي روح سان هُنن جي روح جو ناطو بند ڪندس: اها آهي تقاضا منهنجي مستقبل جي.

واقعي زرتشت سپني پستين ۽ ڪافرن جي لاءِ هڪ تيز واچوڙو آهي؛ ۽ هو پنهنجن مخالفن ۽ بين سڀني ٽُڪن اڀلندڙن ۽ ڦون ڦون ڪندڙن کي هي مشورو ٿو ڏئي: "هوا جي سامهون ٽُڪن اچلائڻ کان پاڻ سنڀاليو!"۔

زرتشت اڃين فرمايو.

۲۹- زهريلا ڪوريڙا!

ڏسو، هي زهريلي ڪوريڙي جي پاڻاري آهر! ڇا خود اُن کي به اوهين ڏسڻ گهرندا؟ هي آهي هُن جو تنگيل جار؛ ان کي هٿ لائي ڏسو، ڪيئن ڇُهڻ سان ئي پيو ڏهي نه!

اڃهو هو پاڻ اڇي رميو آهي! پلي ڪري آئيز، زهريلا ڪوريڙا! تنهنجو نشان، ڪارو ڏڪندو، تنهنجي پئي تي آهي؛ ۽ سون کي اها به خبر آهي ته تنهنجي روح اندر ڇا آهي.

تنهنجي روح اندر انتقام آهي؛ جتي تون ڏنگين ٿو، اُتي ڪارو داغ بيهي ٿو وڃي؛ انتم سان پريل تنهنجو زهر روح کي ڦيرائي ڇڏي ٿو!

اي روح چڪرائڻ وارا، اي برادريءَ جي تعليم ڏيڻ وارا، واعظو! اِن طرح تمثيل ۾ آءٌ اوهان سان گالهيان ٿو. مون لاءِ اوهين زهريلا ڪوريئڙا آهيو، لڪي لڪي انتقام رکندڙ!

پر آءٌ اوهان جون لکل جابون جلد پتزيون ڪري ڇڏيندس؛ تنهنڪري آءٌ اوهان جي حال تي زوردار لهڪ ڏيان ٿو.

تنهنڪري آءٌ اوهان جي چار ڪي ڪاڙي رهيو آهيان، تہ جيئن اوهين غصي ۾ اچي پنهنجي ڪوڙ جي پاتارين مان ڏکري پئو، ۽ اوهان جهي انتقام پسندي اوهان جي "انصاف" واريءَ دعوا منجهان ڦاٽ ڪائي ٻاهر اچي.

چاڪاڻ تہ انسان هو انتقام کان نجات پائڻ—

اِها لمون وٽ بلندترين اميد جي طرف وڌي وڃڻ جي پُل آهي، ۽ هڪ اِنبلت آهي، جا طويل ۽ گهرن مينهن بند ڏکري ٿي.

بهرحال، پڌرو آهي تہ "برابريءَ" مان، "انصاف" مان، زهريلن ڪوريئڙن جي ڪا بہ مرضي آهي. "بس، اهوئي انصاف آهي تہ دنيا اسان جي انتقام طوفانن جي ۾ وکوڙجي وڃي"— ائين هو پاڻ ۾ گفتگو ڪن ٿا.

"اسين پنهنجو انتقام- وندڙاسين آنهن سڀني کان ۽ بي‌عزتي ڪندڙاسين آنهن سڀني جي اسان جهڙا نہ آهن—" اِئين زهريلن ڪوريئڙن جون دليون ارادا پڌن ٿيون ۽ ٻاهر ٻاهين ٿيون.

"۽ 'برابريءَ جو عزم' ڏي نالو هوندو نيڪيءَ جو؛ ۽ هر آنهيءَ شيءِ جي خلاف اسين شور ۽ غوغا ڪنداسين جنهن کي طاقت آهي!"

اي برابريءَ جا واعظو، هيٺائيءَ جو ظالم جُنون "برابريءَ" جي لاءِ اوهان جي اندر اِئين پڪاري ٿو: اوهان جون لکل ۾ لکل ظالم سڌون نيڪيءَ جي لفظن جو ويس پائي ظاهر ٿين ٿيون!

مايوس آنا ۽ دهيل حسد ممڪن آهي تہ اوهان جي اڳين

جو آپو ۽ حسدُ هجڻ: اِهي هائي انتقام جي شعلي ۽ جنون جي صورت ۾ اوهان مان ڪٿي نڪرن ٿا.

جا گالهه پيءُ پڌري نه ڪئي، سا پٽ جي زبان تي اچي ٿي؛ ۽ اڪثر سون ڏئو آهي ته پٽُ پيءُ جو راز فاش ڪري ٿو ڇڏي.

۽ هو جوشيلان ماڻهن جهڙا ڏيکارجن ٿا: مگر هُنن ۾ سندن دل-جوش پيدا ڪائه ٿي ڪري— پر دل ۾ انتقام آهي، جو جوش پيدا ٿو ڪري. ۽ جڏهن هو چالاڪ ۽ بي‌ترس ٿيڻ ٿا، تہ اُن جو سبب سندن روح نہ آهي، بلڪ حسد ۽ بغض آهي، جو هنن کي اهڙو بڻائي ٿو.

هنن جو رشڪ ۽ حسد هنن کي غور ۽ فڪر ڪندڙن جي رستي ڏانهن نٿي ٽوڙي؛ ۽ اِهائي هنن جي رشڪ ۽ حسد جي علامت آهي، جو هو اُن ۾ گهٽو پري نڪري ٿا وڃن: ايترا جو ٽڪجي آخرڪار هو باهر، دور، تمام دور، برف جيان ٺڏا ٿي سمهي ٿا پون.

هنن جي هر دانهن ۽ شڪايت مان ڪينو ۽ ڪروڌ پولي ٿو، ۽ هنن جي هر سارهه ۽ واکاڻ مان بغض پڌرو ٿئي ٿو؛ ۽ سزا ڏيڻڙ منصف ٻڌڻ ۾ هنن لاءِ حد کان زياده خوشي آهي.

مگر اي دوستو، آءٌ اوهان کي مشورو ٿو ڏيان: اهڙن ٿي پروسو نہ ڪريو، جن ۾ سزا ڏيڻ جو جذبو ۽ جوش قوي آهي!

هو بد ذهن ۽ بدنصيب ماڻهو آهن؛ هنن جي شڪلين مان جلاد ۽ شڪاري ڪتي هٿ جو ٻتو پوي ٿو.

سيني اهڙن ماڻهن ٿي پروسو نہ ڪريو، جي پنهنجي انصاف جي ٻاڪ هٿن ٿا! واقعي هنن جي روحن ۾ ميناڇ کان سواءِ ٻين گهڻين شين جي بہ گهٽتائي آهي.

۽ جيڪڏهن هو خود پنهنجو پاڻ کي "نيڪ ۽ منصف" چون، تہ ياد رکو تہ هنن وٽ 'فريسي'* بڻجڻ لاءِ ٻيءَ ڪنهن به شيءِ جي کوٽ نہ آهي، سواءِ طاقت جي!

منهنجا دوستو، آءٌ نٽوگهران تہ اوهين مون کي ٻين جهڙو سمجهو ۽ آنهن سان ملائي چڏيو.

اهڙا ماڻهو به موجود آهن، جي منهنجي اصولن جو پرچار ڪن ٿا، پر "برابريءَ" جو پرچار به ڪن ٿا، ۽ زهريلا ڪوريئڙا آهن.

اهي زهريلا ڪوريئڙا زندگيءَ جي موافقت ۾ ڪاليهائين ٿا، جيتوئيڪ هو خود زندگيءَ سان قطع تعلق ڪري، پنهنجن آڏن ۽ پاڻارين ۾ لڪا ويٺا آهن. دراصل زندگيءَ جي ايذاءَ لاءِ هنن اهو طريقو اختيار ڪيو آهي.

ان سان هو آنهن ماڻهن کي ايذاءَ ڏين گهرن ٿا، جي هن وقت طاقت جا مالڪ آهن: چاڪاڻ تہ طاقت جا مالڪ پاڻ ئي موت جو پرچار به پسند ڪن ٿا.

---

* فريسي (Pharisees): يهودين جي هڪ فرقي جو نالو، جي پنهنجي دين جي ارڪانن جي نهايت سختيءَ سان ٻيروي ڪندا هٿا ۽ پنهنجي پاڻ کي ٻين يهودين کان نيارو ۽ علحدو رکندا هٿا، چاڪاڻ تہ آنهن کي هو پاڻ کان گهٽ ۽ حقير خيال ڪندا هٿا. آنهن جو مثال اوائلي عرب مسلمانن ۾ خارجين ۽ انگلستان ۾ پيوريٽنس (Puritans) جهڙو آهي، يعني مذهبي ڪاليهين ۾ سخت پائبند ۽ ڪٽنا ماڻهو. ان ڪري انهن جي ٻي معنيٰ ٿيندي "رياڪار يا ظاهر پرست". فريسي فرقي کي عربيءَ ۾ "فريزي"، انگريزيءَ ۾ "فئرسي" (Pharisee) ۽ جرمن زبان ۾ Pharisaer چوندا آهن. ان جو مادو (root) عبرانيءَ ۾ "پ-ر-ش" ۽ عربيءَ ۾ ف-ر-ز آهي، جنهن جي معنيٰ آهي "علحدو رهڻ" يا "ڌار رهڻ"، "الڳ رهڻ".

جي حالت اِن کان ٻي هجي ها تہ زهريلن ڪوريئڙن جي تعليم بہ ٻي هجي ها: ۽ اڳي ڪنهن دَور ۾ اِهي ئي مائٽو هئا جن دنيا جي بيحد نفي ٿي ڪئي ۽ اِهي ئي مرتدن کي جيئرو ساڙيندا هئا.

اِنهن برابريءَ جي واعظن سان آءٌ گڏجڻ ۽ اُنهن جهڙو ٿيڻ پسند نٿو ڪريان؛ چاڪاڻ تہ منهنجو انصاف **مون** کي چوي ٿو: "مائٽو برابر نہ آهن، مائٽو هڪجيترا نہ آهن".

۽ نہ ئي مائٽن کي ائين ٿيڻ گهرجي! جيڪڏهن مان ٻيءَ طرح جون گالهيون ڪريان، تہ ٻوءَ "فوق‌البشر" سان منهنجي محبت جي ڪهڙي معنيٰ ٿيندي؟

هزارن ڀُلين ۽ گذرگاهن مان لنگهي، هنن کي مستقبل ڏانهن وڌي وڃڻو آهي، ۽ سدائين هنن جي وچ ۾ نابرابري ۽ وڏي جنگ رهڻي آهي: اِئين ئي چوارائي ٿي مون کان منهنجي اعليٰ محبت!

هو پنهنجن مقابلن ۾ ۽ فيصلن ۾ بُت، ديوَ ۽ جن ايجاد ڪندا؛ ۽ پنهنجن اُنهن بتن، ديوَن ۽ جنن سان هو هڪين سان اعليٰ وڙهڻ وڙهندا!

نيڪ ۽ بد، امير ۽ غريب، بلند ۽ پست، ۽ قدرن جا ٻيا مڙيئي نالا: هي هٿيار هوندا، ۽ نمايان نشانَ، اِن ڳالهہ جا تہ زندگيءَ کي بار بار پنهنجو پاڻ کي عبور ڪرڻ ڪپي!

خود زندگي بلنديءَ ۽ مٺاڻهينءَ تي پنهنجو اهڙو گهر ٺاهڻ گهري ٿي، جنهن ۾ ٽنيا ۽ ڏاڪا هجن: هوءَ گهري ٿي تہ پري تائين پنهنجي نظر وجهي، ۽ اُن هنڌ تائين، جتي فرحت‌بخش ۽ حسين ٿيون هجن— **تنهنڪري** اُن کي بلندي ڪپي!

۽ چاڪاڻ تہ اُن کي بلندي ڪپي، تنهنڪري اُن کي ڏاڪا ڪپن، ۽ ڏاڪن توڙي ڏاڪن تي چڙهڻ وارن جي گوناگوني ڪپي! زندگيءَ جي هيءَ منشا آهي تہ مٿي چڙهي، ۽ چڙهڻ وقت پنهنجي پاڻ کان سبقت ڪٽي وڃي.

اي منهنجا دوست ، ڪجهه ڏسو ته سهي ! جتي زهريلي ڪوريئڙي جي پاڻاري آهي، اُتي هڪ پراڻي عبادتگاهه جا کنڊر آهن. ايڏانهن ٽورو روشن‌خياليءَ سان نظر ڊوڙايو!

واقعي ، جنهن شخص هتي پنهنجن خيالن کي پٽرن ۾ پلٽايو هو، اُهو عاقل‌ترين شخصن وانگر، زندگيءَ جي هر پهلوءَ جي پيد کان واقف هو!

هتي به هو صاف صاف تمثيل سان اسان کي هيءَ تعليم ڏئي ٿو: خوبصورتيءَ ۾ به ڪشمڪش ۽ غير برابري ۽ طاقت ۽ بالادستيءَ لاءِ جنگ موجود آهي.

ڪهڙي نه آسماني انداز سان هن هنڌ گنبذ ۽ ڪمانون اِنهيءَ ڪشمڪش ۾ هڪٻئي سان اختلاف رکن ٿيون: ڪيئن نه روشنيءَ ۽ سايي ۾ رهندي، اِهي هڪٻئي جي خلاف ڪارايون ڪن ٿا ــــ هي مقدس ڪشمڪشا ڪرڻ وارا ــ

اي منهنجا دوستو ، اڇو ته عزم ۽ خوبصورتيءَ سان ، هڪٻئي جا دشمن ٻڌجي وڃون! اسين آسماني انداز سان هڪٻئي جي خلاف ڪوشش ڪنداسين!ــ

اُف! اِجهو، خود منهنجي پراڻي دشمن، زهريلي ڪوريئڙي، مون کي ڏنگيو آهي! آسماني انداز سان، بيڏڪ ۽ خوبصورتيءَ سان هن منهنجي اُگر ۾ ڏنگ هنيو آهي.

ان جو هيءُ خيال آهي ته "سزا ۽ انصاف جو هجڻ ضروري آهي: ڪوبه هتي سزا کان سواءِ دشمنيءَ جا قصيدا گائي نه سگهندو!"

ها ، اِن پنهنجو انتقام وٺي ڇڏيو ! ۽ افسوس ، هاڻي هو منهنجي روح کي به انتقام جي چڪر ۾ آڻي ڇڏيندو!

منهنجا دوستو، مون کي هن ٽيهي سان مضبوط ٻڌي ڇڏيو ته جيئن مون کي ڪنهن طرح چڪر نه اچي! مون کي ٽيهي جي مورت ٻڌجڻ وڌيڪ پسند آهي ، پر آءٌ انتقام جو واچوڙو ٿيڻ هرگز نٿو گهران!

واقعي، زرتشت کو مٿيءَ جو طوفان يا واڇوڙو نہ آهي:
ءِ جيڪڏهن هو ناڇو آهي، تہ به زهريلي ڪوريڙي جو ناڇ
هن کي بلڪل نڏو اڇي!—
زرتشت ائين فرمايو.

۳۰- مشهور دانشمند

اي مشهور دانشمندؤ، اوهان سڀني ماڻهن جيءَ ماڻهن
جي آندَ وشواس جي خدمت ڪئي آهي — سچَ جي نہ! ءِ
رکيو اِنهيءَ سبب ماڻهن اوهان جو احترام پڻي ڪيو آهي.
ءِ پڻ اِن ڪري هُنن اوهان جي بي‌اعتقاديءَ کي به
برداشت ڪيو، ڇو تہ اُن ۾ به اُنهن کي پنهنجي لطف‌اندوزيءَ
ءِ فرار جو موقعو ٿي مليو. اهڙيءَ طرح ڏي مالڪَ پنهنجن
نوڪرن کي ڏيرَ ڏيندا آهن ءِ اُنهن جي من موجيُن سان دل
وندرائيندا آهن.
پر جنهن کي ماڻهو نفرت سان ڏسن ٿا، اِئين جيئن شڪاري
ڪتا بگهڙ کي، اُهو هڪُ آزاد جيءُ آهي، هاڻو ۾ هاڻو نہ
ملائيندؤ، زنجيرن جو دشمن، پوڄا نہ ڪندؤ، پهاڙن ۾ رهندؤ.
اُن کي اُن جي گوشي تنهائيءَ مان ڇڪي باهر ڏيڻُ،
اِهو هميشہ ئي ماڻهن لاءِ 'جائز ڪم' هو: اُن تي هو اڃان
تائين پنهنجن تکن ڏندن وارا ڪتا ڇڏيندا آهن.
"سچ سدائين اُتي آهي جتي ماڻهو آهن! سچ جا تلاش
ڪندڙ لعنتي آهن، لعنتي آهن"— پڙاڏو سدائين اِئين پُرندو پڻي
رهيو آهي.
اي مشهور دانشمندؤ، اوهين پنهنجن ماڻهن جو اِنهيءَ
سندن وشواس ۾ پاسو ڪڍو ٿا: ءِ اِنهيءَ ڪري هو اوهان کي
"سچ جا ضامن" سڏين ٿا.

۽ اوهان جي دل سدائين اوهان کي چيو آهي: "ماڻهن وٽان مان آئي آهيان: آڻان ٽي ڏٽيءَ جو آواز به مون وٽ آيو آهي".

ڪڏهن واندر اوهين سدائين نہ ر ۽ آڪلي رهيا آهيو — ماڻهن جي وڪيلن طور ۽ آنهن جي وڪالت ۾.

۽ ماڻهن منجهان ڏاڍين ۽ زوراورن، ماڻهن سان ڪڏ ڏوڙڻ پئي گهريو آهي، ۽ آنهن پنهنجن گهوڙن جي آڏو هڪ ڪڏهن — هڪڙو ڪو مشهور دانشمند — به، سدائين سڏجي ٿاهي، پئي ڏوڙايو آهي.

۽ هاڻي، اي مشهور دانشمندؤ، مان گهران ٿو ته اوهين آخري طور ۽ سڄي جي سڄي پنهنجي اها پاڻل شينهن جي ڪل ۾ لاهي ڇڏيو!

شڪاري جانور جي ڪل ۾، چٽڪمري ڪل ۽ هڪ جاسوس، نوسيندڙ ۽ درندي جا اهي ڪڙا ٽيل وار!

مون کي اوهان جي "ضميرپسنديءَ" ۾ اعتبار اچي، آن کان اڳ اوهان کي پنهنجي احترام‌پسنديءَ جي عزم کي ٽوڙڻو پوندو.

ضميرپسند — آءٌ آن کي چوان ٿو جيڪو خدا - محروم سڄ ڏانهن وڃي ٿو ۽ پنهنجي احترام - پسند دل کان آزاد هجي ٿو.

چمڪندڙ واريءَ ۾، آس کان جڏي ڪامي، بيشڪ آهو آڇ جو ماريل مرغزارن ڏانهن نهاري ٿو جتي چشما آهن، ۽ جتي زندگي وٽن جي ٽڏيءَ چانوَ ۾ آراسي آهي.

پر هن جي آڇ هن کي ان تي آماده نٿي ڪري ته هو به آنهن آرام‌طلبن وانگر ٽڪي، چاڪاڻ ته جتي خيابان هوندا آهن، آتي بت به هوندا آهن.

بکايل، خوفناڪ، تنها، خدا - محروم: شينهن جي دل ۽ شينهن جو عزم رکندڙ پنهنجي لاه اها پسند رکي ٿو

غلامیءَ جي آرام کان بالاتر، ديوتائن ۽ اُنهن جي پوڄائن کان ڇٽل، بيخوف ۽ خوفناڪ، مانائتو ۽ هيڪلو: ضميرپسندَ جو عزم اِهو هجي ٿو.

ضميرپسندَ سڀني سُڄَ جا رهواسي ٿين ٿا، آزاد روحَ جيڪي سڄ جا سرواڻ هجن ٿا؛ ۽ آبادين ۾ رهندڙَ سدا ڏاوَل ۽ پَريل آهُرَن ڏي ٻيٽل، مشهور دانشمندـــلاڏو جانور.

ڇو ته اُهي سڀني ڇڪيندا رهن ٿا، گڏهن وانگر، ماڻهن جا ڇَڪڙا!

اِئين ڪونهي ته مان اِن ڪري هُنن کي ڏوهه ٿو ڏيان: پر رهن هو نوڪرَ ئي ٿا، ۽ جُٽيل، جهنوٽيڪ سَنجَن سان هُنن جي چمڪ ڏسڻ وٽان هوندي آهي.

۽ اڪثر هو سڀا خادم هجن ٿا، ۽ پنهنجي اُجرت جي لائق. ڇاڪاڻ ته نيڪيءَ جو قول آهي: "نوڪي جي خادم، ئي رهڻو آهي، ته ڪولي اهڙي مالڪ وٽ وڃ جنهن کي تنهنجي خدمت وڌ ۽ وڌ ڪم اچي!

"تنهنجي مالڪ جو روح ۽ نيڪيون وڌس تنهنجي خادم هجڻ سان وڌنديون: ۽ اِئين ئي هن جي روح ۽ نيڪين جي وڌڻ سان تون پاڻ به وڌندين."

۽ واقعي اوهين اي مشهور دانشمندؤ، اوهين اي ماڻهن جا خادمؤ! ماڻهن جي روح ۽ نيڪيءَ سان گڏ اوهين وڌيا آهيوـــ ماڻهو به اوهان جي ڪري وڌيا آهن. اِئين آءٌ اوهان جي عزت طور چوان ٿو!

پر منهنجي لاءِ اوهين به ماڻهو ئي آهيو، ماڻهن جهڙا ماڻهو، پنهنجين نيڪين سان به اُهي ڏسي چونجيڻ اڪين وارا، آڏ آندا، عامن جا عامرَ ـــ اُهي جن کي چاڻ نه آهي ته روح ڇا آهي.

روح زندگي آهي جيڪو پاڻ کي آڏيءَ تي رکي ٿو ۽

زندگي ساڻي ٿو: پاڻ پنهنجيءَ پيڙا سان پنهنجو عرفان وڃائي ٿو۔۔۔ چا اڳ اوهان کي اِها ڄاڻ هئي؟

۽ روح جي خوشي هيءَ آهي: قرباني جي نشاني بڻجڻ لاءِ پنهنجن ڪپڙن سان پاڻ کي غسل ڏيئي اڇين تيار ڪري جيئن قرباني جي جانور جي مٿي تي تيل اوڀي قرباني لاءِ اُن کي پاڪ بڻائبو آهي۔۔۔چا اڳ اوهان کي اِها ڄاڻ هئي؟

انڊي جو اندرين، هن جون هٿوراڙيون هٽڻ ۽ منجهيلن وانگر ڪولڻ، وري به سڄ جي تيزيءَ ۽ طاقت جي گواهي ڏئي ٿو، جنهن ڏانهن هن ڪڏهن ڪهوري نهاريو هو۔۔۔ چا اڳ اوهان کي اِها ڄاڻ هئي؟

۽ بصيرت جي صاحب کي گهرجي تہ پهاڙن کي ڪٽي اُنهن سان عمارت کي اڏڻ سکي! رڳو پهاڙن کي پنهنجيءَ جاءِ تان هٽائڻ، سا ڪاهِ روح لاءِ رواجي آهي۔ چا اڳ اوهان کي اِها ڄاڻ هئي؟

اوهان کي رڳو روح جي چڱڻ جي خبر آهي: اوهين سندانِ نٽا ڏسو، جيڪا اُهو پاڻ آهي ۽ نہ وري اُن تي ڦهڪندڙ مُٺرڪي جي شدت کي ڏسو ٿا!

واقعي، اوهان کي روح جي فڪر جي ڄاڻ نہ آهي! پر اُن جو نياز اُن کان ڦٽ گهٽ اوهين گوارا ڪري سگهندا، جي هو رڳو اوهان سان ڪڏهن ڪاهِ ڪائڻ چاهي!

۽ اڃا اوهين پنهنجي روح کي هرگز برف جي خندق ۾ اڇلائي نہ سگهنداه اِئين ڪرڻ لاءِ اُڃان اوهان وٽ ڪافي گرمي نہ آهي! ساڳيءَ طرح، اوهين اُن جي ٺڏاڻ جي لطف کان به اُڃاڻ آهيو.

بهرحال اوهين هر معاملي ۾ روح سان ڊورانهون يارائو ڪنديو ٿا ۽ علم ۽ دانش کي اوهان اڪثر ڪمتر شاعرن جو لنگرخانو ۽ مريض‌خانو بڻائي ڇڏيو آهي.

اوهين کي عقاب نہ آهيو؛ اِن ڪري اوهان کي روح

حي پُرخطر بيداريءَ جي جوش ۽ مسرت جو تجربو نہ آهي.
۽ جو شخص پڪي نہ آهي، تنهن کي پهاڙن جي چوڻيءَ مٿان
پنهنجو بسيرو بنائڻ نہ کپي.

آءٌ اوهان کي نيم‌گرم ٿو ڏسان؛ پر معرفت جو هر اونهو
درياهہ ٽڏائيءَ سان وَهي ٿو. روح جي اندروني تنهن جا چشما
برف جيئن سرد آهن؛ پر آهي گرم هٿن لاءِ ۽ اُنهن سان ڪم
ڪندڙن لاءِ تازگي‌بخش آهن.

آءٌ ڏسان ٿو تہ اوهين پُروقار ٻيٰا آهيو، سِٽيا ۽ ڪڙا-
تڙا، اي مشهور دانشمندؤ! نڪا سخت هوا اوهان کي لوڏي ٿي،
۽ نہ ئي ڪو تازو ارادو اوهان کي ڏوڏي ٿو.

ڇا، اوهان ڪڏهن بہ سمنڊ تي ويندڙ ڪنهن غوراب جو
سڙهہ ڪونہ ڏٺو آهي، جو هوا ۽ پرجي ٿو، ۽ ڦوڪجي گول
ٿئي ٿو، ۽ طوفان جي زور کان جنبش ۽ ايندو آهي ۽ ڪنبڻ
لڳندو آهي؟

روح جي زور کان اُن جنبش ۽ ايندڙ ۽ ڪنبڙ سڙهہ
جيان، منهنجي دانش، منهنجي بي پناهہ دانش، سمنڊَ چيريندي
اڳتي وڌي ٿي ۽ اُنهن کي عبور ڪري ٿي.

پر، اي اوهين ماڻهن جا خادمؤ، عامَ جا حامي نوڪرؤ،
اي اوهين مشهور دانشمندؤ—اوهين اِن سفر تي مون سان گڏ
ڪيئن هلي سگهندا!—

ائين زرتشت فرمايو.

٣١- رات جو گيت

رات ٿي ويئي: هاڻي سڀني تيزيءَ سان اُپرندڙ چشمن جو

آواز ڏاڍي زور سان ٻڌڻ ۽ ٿو اچي. ۽ منهنجو ساهه ٻن هڪ تيز آپرندڙ چشمو آهي.

رات ڏي ويئي: هاڻي سڀني پريمين وارن جا گيت سڄاڻ ڏي رهيا آهن. ۽ منهنجو ساهه به هڪ پريمي جو گيت آهي.

منهنجي اندر ۾ ڪا بيتاب شيءَ آهي، جنهن جي بيتابي ڪڏهن به ختم ڪانه ٿيندي، اها پاڻ کي اظهارڻ جي آرزومند آهي. منهنجي اندر ۾ محبت جي تمنا آهي، جيڪا خود به محبت جي زبان ۾ ڪالهيون ڪرڻ گهري ٿي.

آءٌ نئور آهيان: ڪاش، آءٌ رات هجان ها! پر اهائي منهنجي تنهائي آهي، جو منهنجي چؤڌاري نئور جو گهيرو آهي!

ڪاش، آءٌ اونداهو هجان ها، رات جهڙو! ڪيئن نه آءٌ روشنيءَ جي چانيءَ سان ڪير چوسيان ها!

۽ خود اوهين به منهنجي دعا جا مستحق بڻجو ها، اي ننڍڙا، چمڪندڙ تارا، آسماني ڪڙ ڪهيتا! ۽ اوهان جي نعمت سان آءٌ لطف‌اندوز ٿيان ها.

ڀر آءٌ پنهنجي ئي نئور ۾ جيئان ٿو، ۽ جي شعلا ٿون سان ڦٽي نڪرن تا، سان آنهن کي ئي پيئان ٿو.

ڀلي ڪاڪ ڪجهه ملڻ ۾ جيڪا خوشي آهي، تنهن کان آءٌ اڃاڻ آهيان؛ ۽ پنهنجي خيال ۾ اچي ٿو ته اڻين ملڻ کان چوراڻي وڻ شايد بهتر محسوس ٿئي.

منهنجي محرومي اها آهي، جو منهنجو هٿ ڏيڻ کان ڪڏهن نٿو رکجي، اهوئي منهنجو رشڪ آهي ته آءٌ به انتظار پريل اکين ۽ تمنا سان روشن ٿيل راتين جو احساس ماڻيان.

هاه، سيني ڏيڻ وارن جو ڏک! هاه، منهنجي سڄ جو گرهن! هاه، تمنا ڪرڻ جي تمنا! هاه، پوري ڏيو ۾ شديد بنڪ جو احساس!

هو سون کان وٺن ٿا: پر ڇا، آءٌ پوءِ ب هنن جي روح کي ڇُهان ٿو؟ ڏيڻ ۽ وٺڻ جي وچ ۾ وڏي کاهي آهي؛ ۽ سڀ کان نديءَ کاهيءَ تي ب پُل ته آڏئي آهي.

منهنجي جمال منجهان هڪ قسم جي آوٺائي آپري ٿي: جن کي آءٌ روشن ڪيان ٿو، تن کي ڪجهه اونداهيان ب ٿو؛ جن کي آءٌ ڏيان ٿو تن کان ڪجهه لُڻان ب ٿو:- اهڙيءَ طرح آءٌ بديءَ لاءِ بکايل ٿو رهان:-

هٿ روڪڻ لاءِ ب، جڏهن ٻيو هٿ سون ڏانهن وڌي ٿو اچي؛ پس و پيش ڪندي، آبشار جيئن، جو ڪرڻ وقت ڪجهه هيڪندو ب آهي: اِئين آءٌ بديءَ لاءِ بکايل رهان ٿو!

منهنجي تونگري اِن قسم جو بدلو سوچي ٿي: اِن قسم جي حرڪت منهنجي هيڪلائيءَ مان اپري ٿي.

ڏيڻ ۾ منهنجي خوشي، ڏيندي مري ويئي؛ منهنجي نيڪي پنهنجيءَ گهٽائيءَ سبب پنهنجي پاڻ کان بيزار ٿي پيئي!

جو سدائين ڏيندو ٿو وهي، تنهن جي حيا جي زائل ٿي وڃڻ جو خطرو آهي؛ جو هميشه ورهائي ٿو اُن جو هٿ ۽ اُن جي دل سست ۽ بي حس ٿيو پون.

سائلن جي شرم تي منهنجي اکين ۾ هاڻي لڙڪ پرجي نڪتا اچن؛ منهنجو هٿ اهڙو سخت ٿي ويو آهي، جو وٺندڙ هٿن کي ڏکندي ڏسي، جنهن ۾ ڪونه ٿو اچي.

ڪيڏانهن ويا منهنجي اکين جا لڙڪ، ۽ ڪيڏانهن ويئي منهنجي دل جي نرمائي؟ هاءِ، سيني ڏيڻ وارن جي هيڪلائي! هاءِ، سيني روشني ڪندڙن جي ماڻ!

ويران فضا ۾ ڪيئي سڄ گردش ڪن ٿا: هر هنڌ جتي اونداهي آهي اُتي هو نُور جي زبان ۾ ڳالهائين ٿا- پر مون سان اُهي ماڻ آهن!

هاه هي ۽ بيگانگي آهي، جا روشني ۽ کي هر چمڪندڙ شيءِ سان ٽپندي آهي: پنهنجي وات وٽي، بيدرديءَ سان اها گڏيو ٿي وڃي.

هر چمڪندڙ شيءِ کان دلي طرح ناراض، بين سيني سڄڻ سان بي مروت:- اهو آهي سفر هر ڪنهن سڄ جو.

سڄ طوفان وانگر پنهنجو رستو طيءِ ڪن ٿا: اهو آهي هڏن جو سفر. هو پنهنجي اجهل ارادي جي پيروي ٿا ڪن: امڙي آهي هڏن جي بي مروٽي.

او، اوهين اونداهاه، رات جهڙا! هاڻو اوهين ڏي آهيو، جي روشن ۽ چمڪندڙ شين مان گرمائش ٿا وڃو! اوهين ڏي آهيو، جي نور جي چاڻيءَ مان ڪير ۽ ٽاڏيون ٻيٽو ٿا!

آهه، منهنجي چوڌاري برف ڏي برف آهي، منهنجو هٽ برف کي هٽ لائق سان سڙي ٿو! آهه، منهنجي اندر ۽ پياس آهي، جا بيڃين آهي اوهان جي پياس لاءِ!

رات ٽي وٽي: افسوس، جو مون کي نور ڏي رهڻو آهي! ۽ رات وارن جي لاءِ پياس! ۽ هيڪلائي!

رات ٽي وٽي: هاڻي منهنجي ٽمٽ ڦوهاري جيان مون ۽ ڦٽن لاءِ بيتاب آهي:- مون ۽ بيتابي آهي گالهه ڪرڻ جي.

رات ٽي وٽي: هاڻي سيني تيز آيرندڙ چشمن جو آواز ڏاڍي زور سان ٻڌان ۽ ٿو اچي. ۽ منهنجو ساهه بس هڪ تيز آيرندڙ چشمون آهي.

رات ٽي وٽي: هاڻي، سيني پريم وارن جا گيت سڄاڻ ٿي رهيا آهن - ۽ منهنجو ساهه به هڪ پريمي جو گيت آهي:- اهو هو گيت زرتشت جو.

۳۲- ناچ جو گيت

هڪ ڏينهن شاعر جو زرتشت پنهنجن معتقدن سان گڏ جهنگ مان لنگهيو؛ ۽ هو هڪ چشمي جي ڪولا ۾ هو ته هڪ سبزه زار تي پهتو، جنهن جي چوڌاري وڻ ۽ ٻوڙا چپ چاپ بيٺا هئا، ۽ اُن سڀ تي ڪنواريون چوڪريون نچي رهيون هيون. جيئن ئي چوڪرين زرتشت کي ڏٺو ۽ سڃاتو، هُنن ناچ بند ڪري ڇڏيو؛ پر زرتشتَ مُرڪندو هُنن وٽ ويو ۽ هيٺن چيائين:

ناچ بند نه ڪريو، اي پياريون نينگريون! آءٌ جو اوهان وٽ آيو آهيان، تہ کو بدنظريو يا کيلَ-بگاڙُ ٿي کونہ آيو آهيان، ۽ نہ اوهان جو کو ويري بڻجي آيو آهيان.

آءٌ خدا جو وڪيل آهيان، شيطان وٽ: جو، بهرحال، گهرو روح آهي. پلا، اِئين ڪيئن ٿي سگهي ٿو، اي سُٻڪ رفتارؤ، تہ آءٌ خدائي مسرّتن جو وروڌي هجان؟ يا گهيرو نينگرين جي نازڪ پيرن جي آوازن جو؟

سچ چوان تہ آءٌ هڪڙو جهنگ آهيان، ۽ گهُنگهہ وٽن جيي هڪ رات: پر جيڪو منهنجي اُوندهہ ڪان نٿو ڊجي، سو منهنجي سروَ جي وٽن هيٺان گلاب جا ٻوٽا لهندو.

۽ اُت ڪيس آهو نندڙو خدا ۽ ملي سگهندو، جنهن کي گهيرو نينگريون سڀ کان وڌ پيار ڪن ٿيون: هو چشمي جي پرسان چپ چاپ اکيون پوريو ليٽيو پيو آهي.

واقعي، آهو ٽوڙي ڏينهن ڏڻي جو سهڻي پيو آهي! پر، ڇا، آهو پوٽن جي ڪيَ تمام گهڻو تہ نہ ڏُکيو آهي؟

اي سهڻيون نچندڙ چوڪريون، مون کان اوهين ناراض نہ ٿجو، جيڪڏهن هِن نندي خدا جي آءٌ ڏوري گوشمالي ڪريان! هو ضرور رڙيون ڪندو، ۽ روئندو - پر هو روئندي ۾ تہ ڪلائن وارو آهي!

۽ هو ڪوڙهن پرين اکين سان پاڻ اوهان کي نچڻ لاءِ منٽ ڪندو: ۽ آڻ هُن جي ناچ سان خود بہ هڪ گيت گائيندس!

هڪڙو ناچ جو گيت، اُن گهري روح تي جٿر جو گيت: اُهو مون لاءِ وڏي ۽ وڏو ۽ ڏاڍو سڪهارو شيطان آهي، ۽ اُن لاءِ ماڻهو چون ٿا تہ "دنيا جو مالڪ آهي"!-

۽ هيءَ آهي اُهو گيت، جو زرتشت گهايو، جڏهن ڪيڏي پيار جي اُن نديڙي خدا، ۽ گهيرو نينگرين گڏجي ناچ ڪيو:

تازو ٿي، اي زندگي! مون تنهنجي اکين ۾ چمائي ڏٺو، ۽ مون کي ائين لڳو، جڏ آڻ اُتي اوڙاهہ ۾ ٻڏندو ٿو وڃان.

پر تو سونهري ڪنڌي وجهي، ڇڪي مون کي باهر ڪيدو؛ ۽ جڏهن مون چيو تہ تون اوڙاهہ آهين، تڏهن تو مون تي سخت ٽوڪ ڪئي.

تو چيو: "سڀني سچين جي اِها ئي ٻولي آهي. جنهن جي نَري تائين هو نٿيون پهچن، اُهو هُن لاءِ اوڙاهہ آهي!

پر آڻ تہ رڳي ڇنڇل آهيان، ۽ وحشي، ۽ سڄي ننهہ هڪ عورت، ۽ ڪا نيڪدامن بہ نہ!

جيتوئيڪ اوهين مرد مون کي 'اوڙاهہ' ٿا سڏيو، يا 'باوفا'، 'لافاني' ۽ ڪا 'پُر اسرار' شيءَ.

پر اي مردؤ، اي نيڪدامنؤ! اوهين پنهنجن ڏي ڪٽن سان اسان کي رڳيو ٿا!"

اهڙيءَ طرح هُن مذاق ڪئي، اُن آڏوهاهيءَ ۽ بي اعتبار! پر جڏهن اُها ائين پاڻ پنهنجي گيلا ڪري ٿي، تہ مون کي نہ مٿس اعتبار ٿو اچي، ۽ نہ سندس ڪيلّ ٿي.

۽ جڏهن مون دُوبدوُ پنهنجي خود-سست دانشمنديءَ سان گالهايو تہ اُن ڪاوڙ ۾ اچي چيو: "تو کي ارادو آهي،

ٿوکي ذوق آهي، تون پيار ڪرين ٿو، رڳو اِنهيءَ ڪارڻ تون زندگيءَ جي ساراهه ڪرين ٿو!"

پوءِ مون اُن کي ذري گهٽ اوتريءَ ئي ڪاوڙ ۾ جواب ڏنو، ۽ اُن ڪاوڙيلَ کي سچ چئي ڏنو: ــ ۽ جڏهن پنهنجي دانشمنديءَ کي ماڻهو "سچ چئي ٿو ڏئي"، تہ وڌيڪ ٻيءَ ڪنهن ڪاوڙ ۾ جواب ئي نہ ٿو سگهي.

اِهو ئي حال آهي هاڻي اسان ڏنهي جو، دل ۾ آءٌ فقط زندگيءَ کي ئي پيار ڪريان ٿو ــ ۽ سچ تہ سڀ ڪان گهٽو اُن وقت جڏهن آءٌ اُن کي ڏڪاريان ٿو!

۽ منهنجو دانشمنديءَ کي گهرنُ، ۽ اڪثر تمام گهٽو گهرنُ، اِن ڪري آهي، جو آءٌ مون کي زندگيءَ جي تمام گهٽي ياد ڏياري ٿي!

هِن جون اکيون اُن جهڙيون آهن، ڪِلڻ اُن جهڙو آهي، بلڪ ٻنهي جي سونهري ڪُنديءَ ۽ ڏور ۾ هڪجهڙي آهي؛ اِن ۾ منهنجو ڏوهه بہ ڪهڙو، جو ٻنهي ۾ ايتري هڪجهڙائي آهي!

۽ هڪ ڀيري جڏهن زندگيءَ مون کان پڇيو: "اِها آهي به ڪيرَ، جنهن کي تون دانشمندي ٿو چوين؟" ــ تہ مون اُتساهه وچان جواب ڏنو: "آها! دانشمندي!

ماڻهن کي اُن جي پياس رهي ٿي، ۽ آءٌ پوري نٿي ٿئي؛ هو ٻردي پٽيان جهاتيون پائي اُن کي ڏسن ٿا، ۽ چارين جي وسيلي، پوريءَ جانفشانيءَ سان اُن کي پکڙين ٿا.

چا، آءٌ خوبصورت آهي؟ آءٌ چا جاڻان! ٻر جهونيءَ ۾ جهونيون آزمودگار مڇيون بہ اُن جي چوڪي تي هر ڪجي وڃن ٿيون.

هوءَ چنچل آهي، ۽ پاڻ هُرتي؛ اڪثر مون هن کي

پنهنجي چپ کي چڪ پائيندي، ۽ پنهنجن وارن کي آٻتي ڦٽي ڏيندي ڏٺو آهي.

شايد هوءَ بدمزاج ۽ ڪاوڙيل آهي، ۽ هر حيثيت کان عورت، پر جڏهن هوءَ پنهنجي گهر ۾ پاڻ ڪري ٿي، اُن وقت ٿي هوءَ دلين کي سڀ کان گهڻو ڏتاري ٿي."

جڏهن سون زندگيءَ کي اڻين ڇهيو، تہ هوءَ ڦيڪي ٿيي ڪلهه لڳي، ۽ اکيون بند ڪري ڇڏيائين. پوءِ چوڻ لڳي: "تون ڪنهن جي ٿو گهالهه ڪرين؟ شايد منهنجي؟

۽ تنهنجو چوڻ برابر به هجي — تڏهن به ڪو اڻين منهنجي سُنهن تي چوڻ مناسب آهي! پر هاڻي پنهنجي دانشمنديءَ جو به ٿ ذڪر ڪر!"

آه، اي پياري زندگي، هاڻي تو وري پنهنجيون اکيون کوليو ڇڏيون! ۽ سون کي وري اڻين ٿو معلوم ٿئي، جڏ آءُ اوڙاهه ۾ ٻڏندو ٿو وڃان. —

اهو هو گيت زرتشت جو. پر جڏهن ناچ ختم ٿي ويو ۽ چوڪريون هليون ويون، تہ هو اداس ٿيڻ لڳو.

آخرڪار هو هيٺ چوڻ لڳو: سج لٿي کي گهڻي دير ٿي چڪي آهي، ونڊ ۽ ٻوڙن ٿي اونداهه چانڊجي ويئي آهي، ۽ جهنگ جي طرف کان ٺڏي هوا اچڻ لڳي آهي.

ڪو ناسعلوم وجود منهنجي آسپاس آهي، ۽ غور ۽ خوض سان تڪي رهيو آهي. هي ڇا؟ زرتشت، تون اڃا زنده آهين؟ ڇو؟ ڇاڪاڻ؟ ڇا ٿي؟ ڪيڏانهن؟ ڪٿي؟ ڪيئر؟ ڇا، اڃان تائين زنده رهڻ حماقت نہ آهي؟—

آه! منهنجا دوستو، اِها خود شام ٿي آهي، جا منهنجي اندر ۾ مان اِئين سوال ڪري ٿي. آءُ پنهنجي اداسائيءَ ۽ افسردگيءَ جي معافي ٿو وٺان.

شام ٿي وئي آهي: مون کي معاف ڪريو، جو شام ٿي وئي آهي!"

اهو هو گيت زرتشت جو.

۴۳- گهٽ تربتن جو

دُور، هوڏانهن، هُو تربتن جو ٻيٽ آهي، خاموش هڪ ٻيٽ؛ دُور، اُتي ٿي آهن منهنجي جوانيءَ جون تُربتون، اوڏانهن ٿي آهي زندگيءَ جو سدا سرسبز سَهرو ڪٿي ويندس.

اهو ارادو دل ۾ آڻي، مون سمنڊ تي هاڪاريو. —

آه، اوهين منهنجي جوانيءَ جا منظرَ ۽ مڪانَ! آه، اوهين سڀ منهنجي محبتن جا نوري نظارا، اڪ ڇنڀ ۾ گذري ويل ديوتا- سرُوپ چمتڪارَ! ايترو اوچتو منهنجي لاءِ اوهين ڪيئن ختم ٿي وڃا! اڄ اوهان لاءِ اُئين ٿو سڪان جيئن پنهنجن مري ويلن ٻارن لاءِ.

اوهان وٽان ٿي، منهنجا پيارا وڇڙيل ساٿيو، مون کي ميٺو سواد ملي ٿو — مَن جا تاڪ کولڻ وارو، اُن کي رجائڻ وارو. سچ ٻچ، آهو مون هيڪلي سامونڊيءَ جي دل کي اُٿلائي ٿو وجهي ۽ خالي ڪري ڇڏي ٿو.

پوءِ به آءٌ سڀ کان وڏ مالدارُ آهيان ۽ هرڪو مون تي رِيس ڪري سگهي ٿو — آءٌ جيڪو وڏ ۾ وڏ هيڪلو آهيان! چو نه اوهين مون سان رهيا آهيو، ۽ آءٌ اڃان به اوهان سان آهيان. اوهين ٿي مون کي ٻڌايو: ٻئي ڪنهن لاءِ وڻ مان اهڙا رسيل صوف ڇڻيا آهن، جيئن مون لاءِ آهي ڇڻيا ۽ مون آهي مالڻيا!

آءُ اڃان بہ اوهان جي پيار جو وارث آهيان، ۽ ورڻو بہ، اوهان جي اُن ياد سان موکيلُ ۽ ڏيلُ، مون کان وچڙي ويل محبوبؤ! ــ جيڪا رنگا رنگ ۽ پائان-آسرندڙ سَٽ-گهڻ جي ياد آهي؟

اسين هڪٻئي جي قريب رهن لاءِ ڏهيا هٿاسين، اي منهنجا حَسين، پُر اسرار مهرباڻؤ! ۽ اوهين مون وٽ ۽ منهنجي سڪ پريل دل وٽ آيا ــ ڏاڍين ۽ ڏنل پڪيڙن واڌگر نہ، پر جيڏن هڪڙا ويساهہ وارا ٻئي ويساهہ واري وٽ اينڊا آهن!

هائو، اوهين وفاداريءَ لاءِ ڏهيل هٿا، مون واڌگر، ۽ هميشه جي پُر شوق ايامن لاءِ، پر هائي اوهان کي اوهان جي بيوفائيءَ تي ڇا سڏيان ــ ديوتا-سَروپ گهڙيءَ پلڪ جا ڏهڪا! اڪ چنپ ۾ گذري ويندڙ چمتڪار! ۽ ٻيو ڪو نالو اوهان لاءِ اڃان مون سکيو بہ ڪونهي!

سچ تہ اوهين، اي آڏهاروڻ، مون وٽان ڏاڍا جلد آڏامي ويؤ! پر اوهين مون کان پڇي ڪونہ ويا، نہ آءُ اوهان کان پڇي ويس: پاڻ ٻئي هڪٻئي سان اِن وچڙڻ ۾ بہ ٻيڙوها آهيون.

مون کي سارڻ لاءِ، اي منهنجي اميدن جون لاتيون لَنوَندڙ پکيڙؤ! هُنن اوهان جا گَنڍ گهڻيا! هائو، اي منهنجا ساهہ-سيبائل دوستؤ، ساڙَ ۽ کيهني رکو **منهنجي** دل کي چٽڻ لاءِ، پنهنجا تير اوهان تي چوڙيا!

۽ هُنن اُن کي چٽيو! چاکاڻ تہ اوهين منهنجي دل جا ڏُکَ هٿا، هر دم منهنجا سڀ کان وڌ پيارا ــ اوهين مون لاءِ پنهنجا هٿا، بلڪ سڄي منهنجي پنهنجائپ اوهين هٿا: **اُنهيءَ هڪ گپالهہ سبب**، اوهان کي جوانيءَ ۾ مرڻو پيو، ڏاڍو گهڻو سوير!

سڀ کان وڌ نرم هنڌ ڏي هُنن مون کي تير هنيا ــ يعني، اوهان تي، جن جي ڪَلَ پشم جيڏن نرم، بُوند ڪارَ

جيئن سنهي آهي ـ يا آن کان ٿي وڏو آن سڙڪ جيئن نازڪ، جيڪا هڪ نظر سان ٿي گم ٿي وڃي.

پر آءٌ پنهنجن دشمنن کي هيءَ هڪ نندڙي گاله ٻوڌندس: سچي جو سچو قتلُ انساني ڇا آهي آن جي ٻيٽ ۾ هي جيڪي اوهان مون سان ڪيو آهي!

سچ تہ سچي قتلُ انسانيءَ کان وڏو هاڃو اوهان مون سان ڪيو آهي، مون کان اوهان آهو ڪي ڪسيو آهي، جو مون، لاه وري اڇو نہ آهي: ـ منهنجا دشمنؤ! آءٌ اوهان کي اڻين ٿو چوان.

ڇا، اوهان منهنجي جوانيءَ جا خواب ۽ دل جا آمنگ ڪونہ ماري ڇڏيا! منهنجا ساٿي، منهنجا ٻچڙا، اوهان مون کان ڪسي ورتا، منهنجي من جي دنيا جا پيارا پرانَ! آنهن جي ياد ۾ آءٌ پنهنجي جوانيءَ جو هيءُ سُهرو ٻيٽا ٿو رکان، ۽ ري هيءُ ٻيٽَ!

منهنجا دشمنؤ! هيءُ ٻيٽَ اوهان لاه آهي! جيئن سرد رات ۾ ڪو آواز مري ٿو وڃي، ڇا اهڙيءَ ريت اوهان منهنجي آفتَ کي ڪونہ گهٽايو آهي! آهو مون وٽ ديوتا-سروپ اکين جي ٽمڪي طور مس آيو هو ـ هڪَ ونڊرَ جهلڪي واڪر.

ڪڏهن، خوشيءَ جي گهڙيءَ ۾، منهنجي ڏيرمٽا مون کي هيئن چيو هو: "هر چيز سون لاه ديوتا-سروپ نعمت بخشي آهي."

ٻوه اوهان مون کي غليظ ڪرڻ ۽ وسوسن سان ڀيجاريو. آه، خوشيءَ جي آها گهڙي هاڻي ڪيڏانهن گم ٿي ويئي!

"سپ ڏينهن سون لاه سگورا ڏينهن هٿا"ـ منهنجي جوانيءَ مون کي اڻين چيو هو: تحقيق، اها خوشين ۾ربل ڏاڍي جي ٻولي هئي!

پر پوه اوهان دشمنن منهنجون راڻيون چوراوون، ۽ اوجاڳيل ٻيڙا جي حوالي ڪري ڇڏيون : هاڻ، آءٌ خوشين پريل ڏاهپ هاڻي ڪيڏانهن گم ٿي ويئي؟

ڪڏهن سون خوش‌آئند سهارن لاءِ تانگهيو هو : پوه اوهان منهنجي راهه ۾ خبيث چهرا ڇڏي ڏنا. هاڻ، منهنجي آءٌ نفيس تانگهه پوه ڪيڏانهن گم ٿي ويئي؟

ڪڏهن مون هر ڏڪار کي ڪيي ڇڏڻ جو قسم کنيو هو : پوه اوهان منهنجا پنهنجا ۽ منهنجا ويجهي ۾ ويجها مون کان ڦيري، منهنجا پوسرندڙ ڏٺ ٻاڻي ڇڏيا. هاڻ، پوءِ منهنجو آهو اوچي ۾ اوچو وچن ڪيڏانهن گم ٿي وهو؟

ڪڏهن آنڊي جيان اکيون بند ڪري، اڌ نيڪيءَ جي راهه تي ٿي هليس : پوه اوهان مون انڊي جي کس ڏي گند اڇليو؛ ۽ هاڻي هُو آن پرائيءَ پيرت مان بيزار آهي.

۽ جڏهن مون پنهنجو ڪنيل سخت ۾ سخت ڪم پورو ڪيو ۽ پنهنجي سوين جي خوشي ملهائي، تڏهن اوهان منهنجن سڀ کان پيارن جي واڌان مون کي چواراپو ته آن سان مون آنهن کي وڌ ۾ وڌ ڏکايو هو!

تحقيق، اِها سچي اوهان جي ڪارستاني هئي : اوهان منهنجي نيار ماکيءَ کي سون لاءِ کڙو ڪيو. ۽ اِئين منهنجين بهترين ماکيءَ جي مکين جو اورچ سمیو ناڪام بڻايو.

منهنجي سخاڪاريءَ لاءِ اوهان سڀ کان وڌ ڪروڌي پيڙو موڪليا آهن؛ منهنجيءَ همدرديءَ کي اوهان سڌائين سڀ کان وڌ نرلجن هٿان آزمايو آهي. اِئين نيڪيءَ ۾ منهنجي ايمان کي اوهان زخم رسايا آهن.

۽ پوه جڏهن مون پنهنجي سڀ کان وڌ مقدس شيءِ جي به قرباني پيش ڪئي، ته پيٺ ۾ هڪدم اوهان جي "تقوا" پنهنجون وڏيڪ سڀيون شيون آڻي آن جي پاسي کان رکيون؛

۽ اِن طرح منهنجي مقدس ترين قرباني اوهان جي سٽپ جي دونهات ۾ پوسائجي ويئي.

۽ هڪ پيري، ترنگ ۾ اچي، مون اِئين رقص ڪرڻ چاهيو جيئن اڳ ڪڏهن نه ڪيو هوم: سڀني آسمانن کان مٿانهون رقص ڪرڻ مون گهريو هو. پوءِ اوهان منهنجي پياري چارڻ ڪي بگاڙي چڏيو.

۽ هائي، هُن هڪ پوئٽي ۽ مايوس تند چيڙي آهي: افسوس، منهنجي ڪن تي هُن ٽوتاريو آهي هڪ آداس آلاپ!

او خوني چارڻ، بديءَ جا هٿيارَ، آت معصوم هٿيارَ! آءٌ ڏاڍي اعليٰ رقص لاءِ تيار ٻيٺو هوس: تو پوءِ پنهنجن اِنهن سُرن سان منهنجي امنگ کي کُهي چڏيو!

آءٌ فقط رقص ۾ ڏسي اعليٰ ترين شين جي تمثيل ٻڌائڻ چاڻان ٿو: ـ ۽ هائي هيءَ منهنجي عظيم ترين تمثيل منهنجن عضون ۾ آڻ-ٻڌايل رهجي ويئي!

آڻ-ٻڌايل ۽ آڻ-موڪيل منهنجي هيءَ اعليٰ ۾ اعليٰ اميد رهجي ويئي! ۽ اِن سان منهنجي جوانيءَ جا سڀ خواب ۽ آن جون سڀ دلداريون ۽ آٿت دفن ٿي ويا!

هي سڀ مون کيٽن سٽيو؟ کيٽن آءٌ باقي رهيس ۽ ڇڙا سڀ زخم کائي سگهيس؟ کيٽن منهنجو روح وري آنهن ربٽن مان نڪري باهر آيو!

هائو، مون وٽ مِڙيو ڏي کي ڪجهه آهي، جو نِڌَڪَ آهي، جيڪو دفن ٿيڻ کان مٿي آهي، آهو ڪجهه جيڪو جبلن کي ڏاري آڌ ڪري سگهي ٿو: آن کي سڏجي ٿو: منهنجو ارادو. سالن جا سال آهو آهڙي جو آهڙو رهي ٿو ۽ چپ چاپ ڪم سان لڳو رهي ٿو.

منهنجن پيرن تي آهو پنهنجو رستو طيءَ ڪري ٿو،

منهنجو آهو جهڙونو ارادو، دل جي مضبوطي، اُن جي نطرت آهي، ۽ آهو نبڏڪ آهي.

آڏ پاڻ نڏڪ آهيان رکو پنهنجي ڪڙيءَ* ۽. تون سدائين آتي رهين ٿو، ۽ پنهنجو سٽ پاڻ آهين ـ تون جيڪو وڏي صبر وارو آهين. شروع کان ۽ سدائين، تو تربت جا سپ ٻنڊڻ ٽوڙيا آهن.

تو ۽ ٽي منهنجي جوانيءَ جي سچي آڻ ـ مائيل چاهت اڃان موجود آهي، ۽ تون ٽي هين گهڙيءَ، زندگيءَ ۽ جواني جيان، هتي تربتن جي زرد ڪنڌرن ۽ ويڙو آهين ـ پُر يقين ۽ پُر اميد.

هائو، تون اڃان به منهنجي لاه پاهيندڙ آهين سيني تربتن جو؛ سلام آهي تو تي، اي منهنجا ارادا! ۽ فقط جتي تربتون آهن، قيامتون به آتي آهن. ـ

زرتشت اِئين فرمايو.

۳۰۔ پنهنجو پاڻ کان بازي کٽڻ

"سچ جو ارادو"ـ چا، اوهين چئو ٽا ته اوهان، بيحد ڏاهن، کي اِهو ارادو اڳتي ڪري ٿو؟ ۽ آڏساڪ ٻڌائي ٿو؟

سچيءَ هستيءَ کي پنهنجيءَ سوچ مطابق ڏسڻ جو ارادو: اوهان جو ارادو اِهو آهي، آڏ اِئين ٿو چوان.

---

* يونان جي ديومالائي قصي ڏانهن اشارو آهي، جنهن ۽ سورمو وڙهي وڙهي پنهنجي طاقت وڃائي ويهي ٿو، پر ڪرندي ڪرندي، هُن جي ڪڙي ڏرتيءَ سان لڳي ٽي، ته هن جي سچي طاقت هن وٽ موٽي اچي ٽي.

سڄيءَ هستيءَ کي اوهين پنهنجي سوچ مطابق بنائڻ چاهيو ٿا: ڇو ته اوهان کي شڪ آهي، ۽ صحيح شڪ آهي، ته آها واقعي اڄان اوهان جي سوچ مطابق نه آهي.

پر اِها ضرور اوهان کي وَڌيڪ ڏيندي، ۽ اوهان جي آڏو جهڪندي! اِئين اوهان جو ارادو سمجهي ٿو. ضرور اِها سڌي ٿيندي ۽ اوهان جي من جي تابع ـ اُن جي آرسيءَ ۾ عڪس جيئن.

اِهو آهي اوهان، بيحد ڏاهن، جو سڄو سارو ارادو، طاقت جو ارادو، ۽ پوءِ اُن حالت ۾ جڏهن اوهين نيڪيءَ ۽ بَديءَ جي گاله ٿا ڪريو، ۽ قدرَ ۽ معيارَ جي ڪٿ ٿا ڪريو.

پر پوه به دنيا آها ئي اوهين ٻيدا ڪندا جنهن جي اڳيان اوهين، بهرحال، وري به پنهنجو گردن جهڪائي سگهو: اهڙي ئي آهي اوهان جي آخري اُميد ۽ اوهان جو آخري تَرنگ.

برابر، آڄاڻ ماڻهو، 'لوڪ'ـ آهي درياءَ وانگر آهن جنهن تي هڪ ٻيڙي ترندي وڃي ٿي: ۽ اُن ٻيڙيءَ تي ويٺا آهن قدرَ جا ماڻ ۽ ڪاٺا ـ ڪنيئر، رعبدار، جمڙاهوش ٽيل.

پنهنجو اِرادو ۽ پنهنجا ماڻَ اوهان ٽين جي درياءَ تي ڪلي هاڪاريا آهن: اِهي مان مون کي آهو ئي هڪڙو ڪُهنو طاقت جو ارادو ٿو ڏسڻ ۾ اچي، جيڪو لوڪ وٽ نيڪيءَ ۽ بديءَ طور مڃيو وڃي ٿو.

اوهين، بيحد ڏاها ماڻهو، ئي هئا، جن اِن ٻيڙيءَ ۾ اِهي مهمانَ ويهاريا آهن، ۽ اِنهن کي وڏو مانَ ۽ وڏا شاندار نالا ڏنا آهن ـ اوهان ۽ اوهان جي حڪمران ارادي.

هاڻي، درياءَ آهي جيڪو اوهان جي ٻيڙيءَ کي اڳتي ۽ اڳتي کنيو وڃي ٿو: اُن کي اِها ضرور اڳتي نٿي آهي. اِها کا وڏي گاله، ڪانهي، جو کا آڏرچي لَهَر اُن جي

تَرَ سان لڳي. جهڳڙ يا گرجي ڪري، ۽ ڪاوڙ ۽ ٽڪرجي، آن کي روڪڻ جي ڪري!

اوهان، ٻيحد ڏاهن، لاه درياءَ خطرو ناهي ۽ نه اوهان جي نيڪيءَ ۽ بديءَ جو خانمو ڪا ڳٽتيءَ جي ڳالهه آهي: پر ڪو خطرو، ڪا ڳٽتيءَ جي ڳالهه اوهان لاه آهي ته اوهان جو خود ارادو، طاقت جو ارادو، آهي ـ آئٽڪ ۽ آپتائتو ارادو، زندگيءَ جو.

پر اِن لاه ته اوهين نيڪيءَ ۽ بديءَ جو منهنجو صحيفو سمجهي سگهو، آڳ اوهان کي زندگيءَ جو پنهنجو آهو صحيفو ٻڌائيندس، ۽ سڀني زنده شين جي فطرت ڏسيندس.

زنده شيءَ جو مرن ٻيرو ڪنهو آهي، وسيع کان وسيع ۽ تنگ کان تنگ رستا مون جهاڳيا آهن آن جي فطرت کي سمجهن لاه.

سؤ پاسائينءَ آرسيءَ سان مون زندگيءَ جو لقاءُ ڏٺو آهي جڏهن آن جو وات بند هو، اِن لاه ته آن جي اک مون سان ڳالهائي. ۽ آن جي اک مون سان واقعي ڳالهايو ٻه.

پر جتي جتي ٻه مون زنده شيون ڏٺيون، آتي مون ميڙتا جيءِ، تابعداريءَ جيءِ، ٻولي ٻه ٻڌي. سڀ زنده شيون سڃاڻو، تابعدار، شيون آهن.

۽ ٻيو مون هي ٻڌو: جيڪا ٻ پنهنجي تابع نه آهي، آها پڻي جي تابع آهي. زنده شين جي اِها فطرت آهي.

هيءَ ٽين ڳالهه ٻه آهي جيڪا، بهرحال، مون ٻڌي! حڪم ڏيڻ حڪم ميڙڻ کان وڌيڪ مشڪل آهي. ۽ نه رکجو اِن لاه ته حڪم ڏيڻ وارو سڀني ميڙڻ وارن جو بارُ کڻي ٿو، ۽ آهو بارُ هن کي هڪدم جهڪائي ڇڏي ٿو:-

سڀڪو حڪم ڏيڻُ، مون کي ڏکيو ۽ آيو ته هڪ

ڪوشش ۽ هڪ جوڪم آهي ؛ ۽ جڏهن بہ ڪا زنده شيء حڪم ڏئي ٿي، تہ اڻين ڪرڻ سان آها پاڻ کي جوڪم ۽ وڃي ٿي.

هاڻو، جڏهن آها پاڻ کي بہ حڪم ڏئي ٿي، تڏهن آن کي آن پنهنجي حڪم جو بہ ڪفارو ادا ڪرڻو پوي ٿو. آن کي خود پنهنجي قانون ۽ پاڻ منصف، سزا ڏيندڙ ۽ سزا سهندڙ ٿيڻو ٿي پوي ٿو.

اڻين ڪيئن ٿو ٿئي ! اهو پاڻ کان مون پڇيو. زنده شيء کي حڪم ڏيڻ لاء، حڪم ڏيڻ لاء ۽ حڪم ڏيندي خود حڪم ڏيڻ لاء ڪهڙي گهاڻهہ آهي جا آماده ڪري ٿي؟

هاڻي، سنهنجي گهاڻهہ ٻڌو، اوهين جيڪي بيحد ڏاها آهيو! ۽ آن کي پوريء طرح چڪاسيو، ۽ ڏسو تہ آهڙ زندگيء جي بنهہ دل تائين رسي سگهيو آهيان يا نہ ۽ آن جي دل جي بنهہ جڙن تي وڃي هٿ رکيو اٿم يا نہ !

جتي بہ مون کا زنده شيء ڏٺي، آتي مون طاقت جو ارادو موجود ڏٺو، بلڪ هر نوڪر جي ارادي ۽ مالڪ ٿيڻ جو ارادو ڏٺم !

ڏاڍي جي خدمت هيٺي کي ڪرڻي ٿي آهي - اِن طرح جو ارادو آن هيٺي جي من ۽ بہ پلجي ٿو جيڪو وڏيڪ هيٺي جو مالڪ ٿيڻ چاهي ٿو. اها ٿي هڪ خوشي آهي ، جيڪا هو ڇڏڻ نٿو چاهي

۽ جيئن 'نٽيزي' پنهنجو پاڻ 'وڏيري' جي آڏو جهڪائي ٿو، تہ جيئن سپ کان نٽيي تي پنهنجي طاقت جو سرور مائي سگهي، اهڙيء طرح سپ کان وڏو بہ پاڻ جهڪائي ٿو ۽ جوڪم ۽ وڃي ٿو، زندگيء کي - طاقت جي حصول لاء.

ڪو سپ کان وڏو جڏهن جوڪم ڪڍي ٿو ۽ پاڻ خطري

ء وڃي ٿو، ۽ موت لاءِ ڌارو آڇي ٿو، اهو ئي تہ هن جو جهڪ آهي.

۽ جتي ۽ جڏهن قرباني آهي ۽ خدمت آهي ۽ محبت جون نگاهون آهن، تتي ۽ تڏهن مالڪ بنجڻ جو ارادو بہ آهي. پاسائين رستن سان ضعيفتر قلعي ء گهڙي ٿو، ۽ مضبوطتر جي دل ء گهر ڪري ٿو ـ ۽ طاقت ڪسڪائي ٿو.

۽ اهو راز خود زندگيءَ مون کي ٻڌايو. "ڏس!" هن چيو، "آءٌ آهيان جنهن کي هردم پاڻ ڪان بازي کڻڻي آهي."

برابر تون آن کي آڇ جو ارادو ڪرين ٿو يا مقصد ڏانهن وڌڻ جي آڇ ـ وڌيڪ اوچي، وڌيڪ ڏور، وڌيڪ گهڻ - پاسائين مقصد ڏانهن: پر اهو سڀ ساڳيو ۽ هڪ ئي راز آهي.

آءٌ ڪٿي ٻولديس پر اها هڪ ڪالهہ ڪانہ ڇڏيندیس: ۽ سچ پچ بہ تہ جتي ڪٿي ٻوڙ ۽ ٻتي جيئن چڃي ٻوڙ آهي، واهہ! آتي ئي تہ زندگي پاڻ قربان ڪري ٿي ـ طاقت لاءِ!

مون کي جدوجهد ڪرڻو آهي، مون کي "ٿيڻو" آهي، ۽ مقصد، ۽ آن جو مقصد ـ آه! جيڪو بہ منهنجو ارادو اڻين جاڻي ٿو، آهو هي بہ جاڻي ڏو تہ ڪهڙن ڏنگن رستن سان آن کي وڏو ٿو ٿيو.

جيڪي بہ مان آڻيان ٿي، ۽ ڪيترو بہ آن سان پيار اٿر، ـ ترت ئي آن جي خلاف، هائو، پنهنجي پيار جي خلاف، وڇوٽو اٿر: اڻين آهي منهنجي ارادي جو ارادو.

۽ خود تون، جيڪو هرڪ رکين ٿو، رکو هڪ رستو آهين، هڪ پيچرو آهين، منهنجي ارادي جو: سچ پچ بہ تہ منهنجو طاقت جو ارادو تنهنجي سچ جي ارادي جي پيرن تي بہ هلي ٿو.

آهو واقعي سچ جي نشان کي چٽي نه سگهيو، جنهن آن ڏانهن پنهنجو نسخو آڇليو: 'وجود جو ارادو'. اهڙو ارادو ته موجود ئي کونهي.

چاکاڻ ته جو کونهي، سو ارادو ڪري ئي نٿو سگهي؛ ۽ جيڪو، بهرحال، وجود ۾ آهي ـ آهو پوءِ به وجود لاءِ ڪيئن سعيو ڪندو!

فقط جتي زندگي آهي، اُتي ئي ارادو آهي: پوءِ به، بهرحال، زندگيءَ جو ارادو نه، پر ـ تولاءِ منهنجو سبق اهو آهي ـ طاقت جو ارادو!

زنده شيءِ خود زندگيءَ کان گهٽو ٻيو ڪجهه مٿيرو شماري ٿي؛ پر آن سندس شمار مان ئي ڪالهائي ٿو ـ سندس طاقت جو ارادو!"ـ

اهڙيءَ طرح، زندگيءَ ڪڏهن مون کي اهو سبق سيکاريو: ۽ آن ذريعي، آءٌ اوهان، بيحد ڏاهن، کي اوهان جي دلين جي ڪجهارت اڄ سڃي ڪري ٻڌايان ٿو.

آءٌ اوهان کي سچ ٻڌين چوان ٿو: نيڪي ۽ بدي جيڪا دائم هجي ـ اِن جو کو وجود کونهي! آن کي خود بخود پنهنجي پاڻ کان نت نئين سر بازي کٽڻي آهي.

اوهين جيڪي قيمت کٽڻ وارا آهيو، نيڪيءَ ۽ بديءَ جي پنهنجن قدرن ۽ نسخن سان پنهنجي طاقت استعمال ڪريو ٿا: ۽ اهو ئي اوهان جو مخفي پيار آهي، ۽ اوهان جي روحن جو چمڪاٽ ڪندڙ، ٽرٽر ڪندڙ ۽ آنلندڙ آيارُ آهي.

پر اوهان جي قدرن مان هڪ مضبوط تر طاقت آيري ٿي، ۽ اُها بازي کٽندڙ هڪ نئين طاقت آهي: آن سان آنو ڦٽي ٿو ۽ آني جو کوپو ٻڌي ٿو.

۽ آهو جيڪو نيڪيءَ ۽ بديءَ ۾ تخليڪار بنجڻو

آهي - تحقيق آن کي پهرين تخريبڪار ٽيڪو آهي، ۽ قدرن کي پڄي ڏکرا ڏکرا ڪرڻو آهي.

انهيءَ طرح وڏي ۾ وڏي بدي وڏي ۾ وڏيءَ نيڪيءَ سان واسطي ۾ رهي ٿي: اها، بهرحال، نيڪيءَ جي تخليقڪاري آهي. —

بيحد ڏاها صاحبؤ، اڇو ته ان چمتڪار جي ڳالهه ڪريون، توڙي جو ڳالهه خراب ئي هجي. خاموش رهڻ خراب تر بلڪ خراب ترين آهي؛ سڀ هوسائيل سچ زهربلا بڻجي وڃن ٿا.

۽ پل ته هر شيءِ پڄي ڏکر ڏکر ٿئي - جيڪا به اسان جي سڃڻ سان پڄي سگهي! گهٽ ئي گهڙ اڃان ناهن لاءِ پيا آهن.

زرتشت اٿين فرمايو.

۳۵- "اوچا اڏامندڙ"

منهنجي سمنڊ جو ترو شانت آهي: ڪير چئي سگهندو ته آهو ڪِل جهڙا دٻيت اندر جهليو ويٺو آهي!

منهنجي اونهائي آچل آهي: پر آها ترندڙ عجوبن سان جهتلڪندي رهي ٿي، ۽ ٽهڪڙن سان پُر آهي!

اڄ سون هڪڙو 'اوچو اڏامندڙ' ڏٺو، هڪڙو گنهيرُ، آتمائي تپسي، روحاني تائب: آه، منهنجي ساهه کي آن جي اڪلاڻيءَ تي ڪيڏي نه ڪِل آئي!

تائيل سيني سان، ۽ آنهن وانگر جيڪي ڏکو ساهه اندر نيٺي ڏوکيا آهن: اٿين بيٺل هو آهو اوچو اڏامندڙ، ۽ بلڪل ماٺ ۾:

گدلن ڪُوڙن سان جهنجهيلُ- جيڪي هن جا ماريلُ شڪارُ ٿي لڳا، سڄي ڪائلُ لباسُ ۽ ديڪيل؛ ڪيئي ڪنڌا به متس چُهٽيل هئا- ۽ر مون آڏي گلاب جو گل ڪونہ ڏٺو.

هُن اڃان ڪِلڻُ ڪونہ سکيو هو، ۽ نہ خوبصورتيءَ جي ڪا اونُ. اداس ٿي اداس، علم جي جهنگل مان هيءُ شڪاري موٽيو هو.

وحشي حيوانن سان وڙهي هو گهر آيو هو: پر اڃان بہ هڪڙو وحشي حيوانُ هن جي گنيرتا مان چتائي ڏسي رهيو هو - آڻ جيتيلُ وحشي حيوانُ!

چيتي جيئن هو تاڪ ۽ بيٺو ٿي هو، چلانگ ڏيڻ لاءِ بنهہ تيارُ؛ پر مون کي هِنن جهڙا ڏهيل ۽ ڏات روح ڪِينُ ولندا آهن؛ منهنجو ذوق سيني هِنن خود-غلطان بہ زرگن لاءِ گهڻي رعايت ڪانہ چاڻي.

۽ اوهين، دوست، مون کي چئو ٿا تہ ذوق ۽ ذوق جي پرک بابت تڪرار هٿ نہ ڪپي؟ ۽ر سڄي زندگي آهي ٿي ذوق ۽ ذوق پرک بابت هڪ تڪرارُ!

ذوق: جيڪو تورُ بہ ساڳئي وقت آهي، ۽ تارازي ۽ تورپندڙُ بہ؛ ۽ هر آها زنده شيءِ جيڪا تور ۽ تارازيءَ ۽ تورپندڙُ بابت تڪرار ڪان سواءِ جيئي ٿي، افسوس لائق ٿي تہ آهي!

۽ پنهنجيءَ 'اوچيءِ اڏام' ڪان هيءُ اوچو اڏامندڙُ جڏهن بيزار ٿيندو، تڏهن ٿي فقط سندس خوبصورتيءَ جي ابتدا ٿيندي - ۽ فقط پوءِ ٿي آءٌ هِن جي پرک ڪندس ۽ هِن جي ساڻ سواد کي پرکي سگهندس.

۽ فقط جڏهن هو پاڻ ڪان موٽ ڪائيندو، تڏهن هو پنهنجي پاڇي ٽان ٽپي پار پوندو - ۽ تحقيق، پوءِ ٿي هو پنهنجي سڄ ڏانهن قدم ڪڍندو.

تمام گهڻي دير هو چانوَ ۾ ويٺو رهيو آهي ، جتي ويٺي ويٺي، روح جي هِن تائب جا گل زرد ٿي و با آهن؛ اُتي پنهنجن آسرن جي بڪ ۾ تقريباً هُن جون پاسريون لڪري آيون آهن.

اچان به هن جي اکين ۾ ايمان آهي، ۽ وات ۾ ڏڪار لڪل آهي. پڪ آهي ته هو هاڻي ساهه پٽي رهيو آهي ، پر اچان هو اُس جي پَسڪُرائي وٽي نه سگهيو آهي.

جيئن ڏاندُ ڪندو آهي تيئن هاڻي هن کي ڪرڻ ڪهي ، هن جي ساڃائيءَ مان ڏرتيءَ جي سڱنڌ اچڻ ڪهي، ۽ نه ڏرتيءَ لاءِ ڏڪار.

هڪڙي بگهي ڏاند جيئن هن کي ڏسڻُ آڻ چاهيندس، جيڪو زيلون ڪندو ۽ ڏيکندو، هر جي آڏو هلندو آهي : ۽ هن جون زيلون هر اُن شيءِ لاءِ پسندگي ۾ ڏيکارين جيڪا ڏرتيءَ واسي آهي !

هن جي خُوءِ اچان گهنڊائين آهي ؛ هُن جي هٿ جو پاڇو هُن جي نراڙ تي آيل آهي. اچان هن جي اکَ جو اوسانُ ميرو آهي.

ڪم هن جو اچان به هن تي پاڇولي جيان وريل آهي : ڪرڻُ هُن جو پنهنجي ڪندڙ کي اچان دونهاڻيو ٻيٺو آهي. اچان هو پنهنجي ڪم کي هيٺ نه ڪري سگهيو آهي.

مون کي ته سچ پچ هن جي اِها ئي وصف وٽي ٿي، جو هن وٽ ڏاند جا ڪُلها آهن ؛ پر هاڻي آڻ هن وٽ ملائڪ جي اکَ ۾ ڏسڻ چاهيان ٿو.

۽ اچان پنهنجو سُورمائي اِرادو به هن کي وسارڻو آهي : هو اوچي اڏامندڙ سان گڏ ُجناب عالي ٽي هلڻ ۾ گهري ٿو؛ ارادي کان محروم، هيءَ پائڻي ٿو ته هوا سندس قد وڏائي چڏي!

برابر هُن دئيت کيرائي قدمن هيٺان ڪيا آهن، ۽

گجهارتون پڳيون ۽ راز کولي چڏيا آهن ؛ هاڻي اُنهن کي تبديل ڪري ، اُنهن کي رکو آسماني پالڪ بنائڻو اٿس !

پر هُن جي علم هُن کي احسان ڪيو نه ته سيکاريو آهي ، ۽ حسد مان به پنهنجي جان کاڻ چڏائي اٿس ؛ احسان هن جو تيز خَفتَ خوبصورتيءَ جي ماڻار ۽ نه بدليو آهي .

سچ ته هن جي سَدَ ڏَوَ سان نه لهندي ۽ نه غائب ٿيندي، پر خوبصورتيءَ ۽ ٿي آها پوري ٿيندي. نهائي ۽ سوڀيا ته عالي همت جي دريادليءَ ۽ هوندي آهي .

ڪندَ هيڻان پاڻهن : اِئين سورمي کي سمهڻ نه گهرجي؛ پر اِئين هن کي پنهنجي سمهڻ تي غالب به پوڻ گهرجي.

پر سورمي لاءِ خاص طرح، خوبصورتي سڀ کان ڏکي شيءِ آهي . سيني جوشائتي ارادي وارن لاءِ خوبصورتي لاحاصل هجي ٿي .

ڪجهه وڌ ، ڪجهه گهٽ : پوري پوري گهاڙهه ڪبي نه هِتي هيءَ وڌ آهي، هُتي هوءَ سڀ کان وڌ آهي .

اوهان سيني اوچن اڏامندڙن لاءِ سڀ کان ڏکي گهاڙهه آهي پنهنجون مَشڪون ڏيڻون ڪري ۽ آڻ-جيتل ارادي سان، بيهڻ .

جڏهن طاقت سوڀياوان ٿئي ٿي ۽ هيڻار ٿي لهي ٿي— آڻ اهڙيءَ عنايت کي خوبصورتي ٿو سڏيان .

۽ آڻ ڪنهن به ٻئي ۽ ايتري خوبصورتي ڏسڻ نٿو گهران، جيتري، اي طاقت جا صاحب، تو ۽ ٿو ڏسڻ گهران : شال نيڪي تنهنجي آخرين خود-فتح هجي !

سڀ برائي تنهنجي ڪانسي ٿو لڪان : اِنهيءَ ڪري تو کان ٿي نيڪيءَ جي خواهش رکان ٿو.

سچ پچ، مون اڪثر ضعيفن تي ڪِليو آهي، جيڪي پاڻ

کي نيڪ سمجهن ٿا چاڪاڻ ته هن جا چنبا معذور هوندا آهن!

تون پيلپائي جـي نيڪ صفت حاصل ڪرڻ جو سهيو ڪر: جيترو آهو اوچو وڃي ٿو اوترو نيٽ وڌيڪ خوبصورت آهو ٿئي ٿو، ۽ وڌيڪ زيبائتو ۽ سوپياوان به ـ پر اندر ۾ سوئي وڌيڪ سخت ۽ وڌيڪ بار ڪئي بيهندڙ.

هائو، اي اوچا آڏامندڙ هڪ ڏينهن تون به خوبصورت ٿيندين، ۽ خود پنهنجي خوبصورتيءَ آڏو آڻينو جهليندين.

پوه تنهنجو ساهه آسماني خواهشن سان سرشار ٿيندو، ۽ پوه تنهنجي خود نمائيءَ ۾ به پرستاري هوندي، خود فنائي هوندي!

ڇو ته ساهه جو راز هيءَ آهي: جڏهن سورمي آهو تنهنجو آهي، فقط تڏهن آهو خوابن ۾ ويجهو وبو آهي ـ آدرشي سورمي جيئي، آت سورمي جيئي. ـــ

اِئين زرتشت فرمايو.

۳۶- مهذب زمين

آ تمام گهٽو پري مستقبل ۾ آڏامي ويس: وڏي هڪ هيبت مون تي چانڇجي ويئي.

۽ جڏهن مون چوڌاري نهاريو، ته ڏٺم ته وقتُ منهنجو واحد سهيوگي هو.

پوه آ پوئتي اڏامڻ لڳس، گهر ڏانهن ـــ۽ جيئن پوه تيئن تيز، ۽ تيز ڪان تيز. اِئين آ اوهان، هاڻوڪن-اڄ جـي ماڻهن، وت پهتس، ۽ هن اوهان جي مهذب سر زمين تي.

پهريون پيرو اوهان کي ڏسڻ جي اک ڪئي، آيس، ۽ نيڪ خواهش رکي: سڄ ۾ڄ اوهان لاءِ دل ۾ گهٽي سڪ ڪئي آيس.

پر هت اچي اوهان وت مون چا ڏنو؟ جيتوڻيڪ گهڻو هراسيل هوس - پر وري به ڪِل اچي ويم! منهنجي اک ڪڍهن به اهڙو گهڻ - رنگائڻون منظر نه ڏنو هو!

آڃ ڪلندو رهيس، ڪلندو رهيس، پر منهنجا پيرَ ٽڙڪي رهيا هٿا ۽ دل به ڏڪي رهي هئي. "هتي ته بنهه ڪا رنگن جي پڙي لڳل آهي،" - دل ۾ مون چيو.

چهرن تي ۽ عضون تي پنجاهه رنگ لڳل - اِئين اوهين، هاڙوڪا - اڄ جا ماڻهو، منهنجي آڏو ويٺا هٿا، ۽ آڃ حيرت ۾ هوس.

پنجاهه آرسيون اوهان جي چوڌاري هيون، جن اوهان جي رنگن کي ويتر رنگا رنگ ڪندي، اوهان کي خوش ڪيو!

واقعي اوهين، هاڙوڪا - اڄ جا ماڻهو، بنهنجن اِنهن چهرن کان وڌيڪ ڀيا کي بهتر رو - پوش پائي نٿي سگهيا. اِنهن سان اوهان کي ڪير هو، جو سڃاڻي ٿي سگهيو؟

سڄي جا سڄا ماضيءَ جي ڪردارن سان چيٽيلَ، ۽ هِنن ڪردارن تي وري ڀيا نوان ڪردار ليکيل — اِئين اوهان سيني پنهنجن سڃاڻن کان پاڻ کي خوب لڪايو آهي!

ڪيترو به ڪو پِتهي سڃاڻ وارو هجي، پر ڪيرُ چوندو ته اوهان کي ڪو پِتو آهي! رنگن ۾ نِهائيںَ مان پڇي نڪتل ٿا پائنجو، ۽ سڄي جا سڄا ٽنيٽيا ڀيا آهيو!

زمانن جا زمانا ۽ اُنهن جا ماڻهو اوهان جي رو - پوشن مان گهڻ - رنگايون جهاتيون ڀيا پائين؛ سڀ رسمون ۽ سڀ عقيدا اوهان جي گهڻ - رنگائن تالن پڪالن مان ڀيا ڳالهائين.

آهو جيڪو اوهان جا روپوش لاهيندو، ۽ اوهان جا رنگ ۽ تال پڪال هٽائيندو، باقي وڃ جو بچندو، تنهن سان هو ڪاڏوَ ٿي ته ڀيچاري سگهندو!

سچ پچ تہ آھ پاڻ ھڪڙو آھو ٻيڃاريل ڪاءَ آھيان، جنھن ھڪ پيري اوھان کي اِئين آکيڙو ۽ رنگن بغير ڏٺو آھي، ۽ جڏھن خالي ھڏائين پڃري مون ۾ جُوھ وجھي ڏٺو ھو تڏھن آھ آڏاپي پري پڃي ويو ھوس.

اِن کان تہ آھ ھوند پاتال جي واسين وٽ مڻي ڏوئڻ پسند ڪريان ۽ مٿلن سان گڏ وڃي ڏينھن گذاريان! ــ پاتال جا رھواسي سچ تہ اوھان کان وڌيڪ ماسَ ھڏَ وارا ۽ سنوان سڃا آھن.

ھاڻو، اِھا ئي تہ منھنجي اندرَ لاءِ ناڪوار ڳالھہ آھي تہ آھ اوھان، ھاڻوڪن - اڄ جي ماڻھن، کي نہ اکيڙو ڏسي ٿو سگھان ۽ نہ ڪيڙن ۽ ويڑھيل ڏکيل!

اِھو سڀ اڳتي جي لاءِ پنھنجي گھر جي سڪ ساءِ جو ڪم تہ نہ ٿيو، اوھان جي اھڙيءَ سڃيءَ پڃيءَ حالت کان بھتر تہ گھر جھڙو سڪ پنھنجن آکيرن کان نڪتل ۽ راھہ وڃايل ۽ مينھن واءَ ۽ ڏَکندڙ ٻکي ماڻين ٿا!

ڇاکاڻ تہ اوھين تہ ھيڻن ٿا دعوا ڪريو: "سڃا اسين سڃا آھيون، ۽ مڃتا ۽ ورسي کان چُٽلَ": اِئين ٿا اوھين پاڻَ ڪنيون ۽ وجھي ويھو جڏھن اوھان کي ڪنھن به ڪينھن!

اوھين اعتقادن جون ڇڪرايل تردينون تہ آھيو ــ ھر فڪر جا اڏوھي ڪاڌل ۽ آلڙيل پاوا! **اڻ-اعتبار جوگا**: اِئين تو آھ اوھان، سچ پچن، کي سڏيان.

اوھان جي روحن ۾ سڀ زمانا ھڪٻي سان پيا ٽڪر کائين ۽ پان پان ڪن؛ سڀني زمانن جا پنھنجا پنھنجا خواب ۽ اختلاف اوھان جي ھين سڃاڪيءَ ۽ باخبريءَ کان وري بہ اصلي تہ ھنا!

اوھين بي ثمر آھيو؛ **انھيءَ ڪري** اوھين اعتقاد کان خالي آھيو. پر آھي ھيڪي تخليقڪار ھنا، آھي ڏور ڏسندڙَ

خوابن ۽ اوچن مقصدن جا ۽ ٻڌ هميشه عقيدن ۽ اعتقاد جا صاحب هئا.

اوهين آڏ ڪليل دروازا آهيو، جن تي گورڪن ترسيا ويٺا هوندا آهن. ۽ اوهان جي حقيقت هيءَ آهي: "هر شيءِ فنا لائق آهي."

افسوس، اوهين، بي ثمر ساميءِ، ڪيئن ته منهنجي اڪيان ٻيٺا آهيو! پاسرين نڪتل! ۽ اوهان مان گهڻن کي ته پڪ اِها جاڻ به آهي.

اوهان مان گهڻن ئي اِئين چيو آهي: "خدا منهنجي سٽهي مون وٽان سچ پچ ڪا هڪ اڏ پاسري ڪسڪائي ڪڍي وڃو آهي!" هائو، ڪم از ڪم هڪڙي، جنهن سان هُن کي ڪا چوڪري ڏاهڻي هئي!

"منهنجون سُڪي ڪائيون ٽيل پاسريون به عجيب آهن!" هاڻوڪن - اڄ جي ماڻهن مان ڪيئي اِئين چوندي مون ٻڌا آهن.

هائو، اوهان، هاڻوڪن - اڄ جي ماڻهن، تي واقعي مون کي ته ڪلڻ ئي ٿو اچي. ۽ خاص طرح ڏڌهن جڏهن اوهين پاڻ تي عجب ٿا ڪائو!

۽ مون تي اِهو حرف ايندو، جيڪڏهن اوهان جي اِن پاڻ تي عجب ڪائڻ تي آڏ رکڻ کِلي بس نه سگهان، ۽ جو ڪجهه آت ڏيئي ڪيڏ جهڙو به اوهان جي پاڻوڙن ۽ ٻيو آهي آهو ڪهي وڃان!

در اصل، مون کي، بهرحال، اوهان جو بار هلڪو ڪرڻو آهي، ڇو ته هونئن ئي مون کي آهو ڪجهه ڪٽو آهي جو ڳرو آهي، سو اِها ڪا وڏي ڳالهه به ته ڪانهي ته منهنجي لڏَ تي ڏڏا ۽ ڏڏ لڏڻ آڏري اچي ويهن!

سچ پچ به ته، منهنجي لڏَ اِنهيءَ طرح وڏ ڪ ڳري

ڪاڻ ٿيندي ! ۽ نہ ڏي اوهان ، هاڏوڪن - اڄ جي ماڻهن ، ڪري مون کي وڏو ڪو ڏڪ به ٿيڻو آهي . —

هاڻ ، آءٌ پنهنجي سڪ ڪڍي ، هاڻي ٻيو ڪيڏانهن مٿي چڙهندس ! سيني ٻهاڑن ڏان آءٌ ته پدري وطنَ ۽ مادري وطنَ ڏي ٿو ڏسان .

پر گهر مون کي ڪونہ لڌو آهي : سيني شهرن ۾ آءٌ آڻ - آباد ، ۽ سيني شاهي دروازن وٽان آٽاريل آهيان .

اجنبي آهن مون لاءِ ، ۽ هڪ ٻلهو چرچو ، هي هاڏوڪا - اڄ جا ماڻهو ، جن ڏانهن تازو منهنجي دل مون کي ڇڪي وڌي آئي ؛ ۽ نيڪالي ورتل آهيان پدري وطنِ ۽ مادري وطنِ کان .

ان طرح آءٌ پيار ڪريان ٿو فقط پنهنجي **پارن جي وطن** کي ، جيڪو آڻ - لڌل آهي ۽ پرانهين کان پري سمنڊ تي آهي : آن لاءِ پنهنجي ٻيڙن جا سڙهه سنوان ٿو ڪريان ۽ حڪم ٿو ڏيان آنهن کي ته آهو ڪولين ، ڪولين ۽ ڪولين !

پنهنجن پارن لاءِ آءٌ پنهنجن ابن ڏاڏن جي پار هجڻ جو ڪفارو ادا ڪندس : ۽ ٻڌ سڄي مستقبل لاءِ — هن هاڏوڪي اڄ جو ! —

اڻين زرتشت فرمايو .

۳۷ـ ڪامل معرفت

ڪالهہ رات جڏهن چنڊ (*) ٽڪيو ، ته مون ڏانهن ته آن جي پيٽ مان اڇهو ٿو سج پيدا ٿئي : چاڪاڻ ته افق تي هو تمام پريل ۽ ڦوڪيل ٿي نظر آيو .

(*) جرمن ٻوليءَ ۾ ، جيڏن سنڌيءَ ۾ ، 'چنڊ' جنس مذڪر آهي .

پر هو پنهنجي انهيءَ حمل سان هجڻ واري ڏيکاءَ ۾ کوڙو هو : هاڻي منهنجو اعتقاد ان ڳالهه تي پختو آهي ته چند مرد آهي، ۽ نه زال.

بيشڪ، رات جي اونداهيءَ ۾ هن لکي لکي لطف وٺڻ واري ۾ مردانگيءَ جو جزو گهٽ آهي، سڄ پڄ نه هو شرير ورويڪ سان چيتين تي گهمي ٿو.

چاکاڻ ته هو حريص آهي ۽ حاسدُ، چند جي اندرُ وارو راهبُ — ڏرتيءَ جو ۽ محبت کرڻ وارن جي سيني خوشين جو.

نه، اهو چيتين تي گهمندڙ ٻلو سون کي هرگز پسند نه آهي. قابل نفرت آهن سون وٽ آهي سپ، جي اڌ کليل درين جي آسپاس ڊهيل پيرن سان گهمن ٿا.

هو پارسائيءَ ۽ خاموشيءَ سان ستارن جي غاليچن تي هلي رهيو آهي : — پر آهڙن چپ چاپ هلندڙ انساني قدمن کي پسند ڪيو نٿو ڪريان، جن ۾ ڪنهن به قسم جي کا آهٽ نه هجي!

هر ايماندار جو قدم آواز ڏئي ٿو؛ ٻلو ڪنهن نه ڪنهن طرح فرش مٿان ٻنان آواز گذريو وڃي. ڏس، چند هڪ ٻلي وانگر هاڻي رهيو آهي، رياڪاريءَ سان!

آهه هي مثال اوهان جي باري ۾ ڏيان ڏو، اي جذباتي منافقؤ، ۽ پڻ اوهان جهي، اي "خالص دانشمندؤ"! آهه اوهان کي حريص ڏو ڪوڙيان!

اوهين پڻ زمين ۽ زميني شين سان محبت ڪريو ٿا؛ مون اوهان کي چڱيءَ طرح سڃاڻي ورتو آهي! — پر اوهان جي محبت ۾ شرمساري شامل آهي، ۽ بد ايماني — اوهين به چند وانگر آهيو!

اوهان جي روح کي زميني شين جي حقارت تي آماده

ڪيو وہو آهي، پر اوهان جي اوجهرين ڪي نہ : آهي، بهرحال، ارهان جي اندر وڏن زورن ۽ آهن !

۽ هاڻي اوهان جي روح ڪي اِن ڳالهہ ڪان شرم ٿو اچي تہ هو اوهان جـي اوجهرين جي چوڻ ۽ آهِـي ، ۽ پنهنجي اِن شرم ڪي لڪائڻ لاءِ، ويران ۽ اونداهين گهٽين مان هلي ٿو.

اوهان جـودروغ گو روح پنهنجي پاڻ ڪي چوي ٿـو : "منهنجي لاءِ سڀ ڪان اعليٰ ڳالهہ ٿيندي زندگيءَ ڪي بي‌طمعيءَ سان ڏسندو رهڻ ، ۽ نہ هڪ ڪتي واڱر ، جنهن جي زبان لڙ ڪيل ٿي رهندي هجي :

رڳو نهاري خوش ٿيڻ : بيجان ارادي سان، جنهن ۽ لالچ ۽ خود غرضيءَ جي بـوءَ نہ هجي ـــ سڄو جسم سرد ۽ رک جهڙو، مگر اکيون چنڊ واڱر خمار سان پريل !

اِها منهنجي لاءِ عزيز ترين شيءِ ٿيندي" ـــ اِهو فريب ۽ قائل ، پاڻ ڪي اهڙيءَ طرح فريب ٿو ڏئي، ـــ "تہ آءٌ ڏرتيءَ سان محبت ڪريان، جهڙيءَ طرح چنڊ ڪري ٿـو، ۽ رڳو نگاهن سان اُن جـي خوبصورتيءَ مان حظ وٺان .

۽ آءٌ اِن ڪي مڙني شين جي ڪامل معرفت ٿو ڪوٺيان : آنهن ۽ ڪابہ لالچ نہ رکڻ ، پر سوين روپن ۽ آنهن جي اڳيان آئيني جيان پيو رهڻ ."ـــ

اي جذباتي منافقؤ، اي حريصؤ ! اوهان جي خواهشن ۽ معصوميت ڪانهي، ۽ تنهنڪري اوهين خواهشن جـي مذمت ڪري رهيا آهيو.

در اصل، اوهين زمين سان اهڙيءَ طرح محبت نٿا ڪريو جهڙيءَ طرح تخليق ڪرڻ وارا، ۽ تخليق کي وڌائڻ وارا، ۽ تخليق تي خوش ٿيڻ وارا ڪندا آهن .

پر معصوميت ڪٿي آهي؟ آتي جتي تخليق وڌائڻ جو

ارادو هجي. ۽ جيڪو پاڻ کان مٿي تخليق ڪرڻ گهري ٿو، مون وٽ اُن جو ارادو معصوم ترين ارادو آهي.

خوبصورتي ڪٿي آهي؟ اُنهي، جتي مون لاءِ پنهنجي **پوري يقين سان ارادو ڪرڻ** ضروري آهي: جتي آءٌ محبت ڪري فنا ٿي وڃان، تہ جيئن صورت محض صورت نہ رهي.

محبت ڪرڻ ۽ فنا ٿي وڃڻ: اِهي بيٽي ازل کان هڪٻئي جا سائيارا آهن. محبت جو ارادو: اُن جي معنيٰ آهي موت لاءِ تيار رهڻ. اِهو آءٌ اوهان بزدلن کي ٻڌائي رهيو آهيان!

مگر هاڻي اوهين پنهنجين نامرد ٽيڏين اکين سان نهارڻ جو نالو "مراقبو" رکو ٿا. ۽ جنهن شيءِ کي اوهين بزدليءَ وارين اکين سان ڇهي سگهو، تنهن لاءِ لفظ "خوبصورت" مشهور ڪرڻ گهرو ٿا. آه، شريف لفظن کي گندي ڪرڻ وارؤ!

۽ اِها پِتَ ڏي اوهان لاءِ ڪافي آهي، اي بي عيب، اي پاڪ علم ۽ عرفان وارؤ، تہ اوهين ڪنهن بہ شيءِ کي جنم نہ ڏيئي سگهندا، پوءِ ڀلي تہ اُفق تي ڪيترو بہ ڦوڪجو ۽ چانڊجي وڃو!

واقعي، شريف لفظن سان اوهان جا وات پريا پيا آهن، ۽ اوهين اسان کي يقين ڏيارن گهرو ٿا تہ اوهان جون دليون لبريز آهن ۽ اُتل ڪائي رهيون آهن، اي ڪوڙا ڪُساڪي!

پر **منهنجا** لفظ مسڪين، حقير ۽ هڪ ڏاڙيل لفظ آهن: خوشيءَ سان آءٌ ڪٽي وڌان ٿو، اوهان جي ڪاڏي جي ميزن تان هيٺ ڪريل اِهي لفظ.

پر تڏهن بہ آءٌ منافقن کي سچ چئي سگهان ٿو: هاڏو، منهنجا اِهي مڇيءَ جا ڪنڊا، هڏيون، ۽ چِيندڙ تاندورا منافقن جي نڪن ۾ ڪتڪتائي ڪن ٿا.

اوهان جـي ۽ اوهان جـي ڪاڏن جي آسپاس جـي هوا

گندي آهي ؛ اوهان جا حريص خيال، اوهان جون دروغ گوئيون ۽ سرگوشيون يقيناً هوا ۾ موجود آهن !

اول پنهنجي پاڻ تي اعتبار ڪرڻ جي همت ته ڏيکاريو- پنهنجي پاڻ تي ، ۽ پنهنجين اوجهرين تي ! جنهن کي پاڻ تي اعتبار نه آهي، آهو سدائين ڪوڙو آهي .

اوهان، اي "پاکبازؤ" پنهنجي آڏو خدا جو پردو ٽنگي ڇڏيو آهي : آن خدا جي پردي ۾ اوهان جو منحوس، گهنجڪي ويٺل سڀ رڙهي وڃي ويٺو آهي .

واقعي اوهين ڏوکو ڏيو ٿا، اي "مراقبي وارؤ" ! ڪنهن زماني ۾ زرنشت به اوهان جي خدا نما ظاهر تي ٽڪجي ويو هو . هُن کي گهنجيل سڀ جو گمان ڪونه هو ، جيڪو اوهان جي اندر ۾ ويٺل هو.

هيڪر مون پائيو ته اوهان جي بازيگريء ۾ خدائي روح کيڏي رهيو آهي، اي پاڪ عارئو ! ڪنهن وقت منهنجي وهم ۾، اوهان جي هنرن کان وڌيڪ ڪي ٻيا هنر هٿائي ڪونه !

سڀ جي گندگي ۽ بدبو مون کي مفاصلي جي سبب معلوم نه ٿي هئي : ۽ نه آتي دغابازيء سان، دهيل پيرن سان، هيڏانهن هوڏانهن چرندڙ چڇي مون کي نظر آئي هئي .

پر نيٺ آءٌ اوهان جي ويڇهو آيس : آن وقت ٿي مون لاء ڏينهن ٿي ويو، — ۽ هائي آهو اوهان لاء به، اچي ٿو ، ۽ چند جي محبت واري رياڪاري ختم ٿيڻ واري آهي !

ڪجهه اوڏانهن نهاريو ! پرهه جي گلابي بباڪ اڳيان هو ڪيئن نه زرد ۽ ڪوماييل ڏسجي رهيو آهي !

چاڪاڻ ته هائي هوءَ اچڻ واري ٿي آهي، آها بهڪڻ — سچ جي ڏرتيء سان محبت اچي رهي آهي ! سچي معصوميت ۽ تخليقي تمنا اِها آهي — سچي ساري سچ جي محبت !

هوڏانهن ڏسو! کهڙيءَ نسي بي تابيءَ سان، سمنڊ جي مٿان هوءَ اچي رهي آهي، پرهه جي گلابي باک! چا، اوهان کي آن جي ٻيچينيءَ ۽ محبت جا گرم گرم ساهه ڪٿ جا آواز محسوس نٿا ٿين؟

هوءَ سمنڊ جي شيرخواري ڪرڻ گهرندي، ۽ آن جي اونهاين کي نوش ڪري، پاڻ وٽ، بلنديءَ جي طرف وڌي وڃڻ گهري ٿي: هاڻي سمنڊ جو چاهه پنهنجن هزارين سينن جي سڪ کڻي آئي رهيو آهي!

هوءَ چاهي ٿي ته سچ منجهانئس پنهنجي پياس آجهائي ۽ کيس چمي. هوءَ چاهي ٿي ته پاڻ بنجي وڃي، ۽ بلندي، ۽ روشنيءَ جو رستو، بلڪ خود روشني بنجي وڃي!

تحقيق، سچ واندگر آهٔ زندگيءَ سان محبت ڪريان ٿو، ۽ مڙني آونهن سمنڊن سان.

۽ هون وٽ اِن جو نالو علم آهي، جاڻ آهي: هر اونهائي آپري، منهنجي بلنديءَ تي ايندي! ــــ

زرتشت اِئين فرمايو.

۳۳- عالم

جڏهن آهٔ سمهيو پيو هوس، ته هڪ رڍ اچي عشق-پيچ (*) جي هار کي هوريان هوريان کائڻ لڳي، جو منهنجي ڪچيءَ ۽ پيو هو ــ هوءَ کائيندي پئي ويئي، ۽ گڏو گڏ هيئن چوندي پئي ويئي: "زرتشت هاڻي عالم ڪونهي!"

(*) ٻُوٽهي جو نالو، عشق-پيچ وَل.

اِئين چئي ، اِدنگيءَ ريت نماز نخرو ڪندي، آڻان هلي ويئي . اِها خبر هڪ ٻار مون کي آڻي ٻڌائي .

پڳل ٽڪل پٽين جـي پرسان ، ۽ ڪانڊيرن ۽ پست جي ڪاڙهن گلن جي وچ ۾، جتي ٻار کيڏندا آهن، آڻي ليتي پوڻ مون کي ڏاڍو وڻندو آهي .

ٻارن وٽ آڻ اڃان هڪ عالم جي حيثيت رکان ٿو ۽ ڪانڊيرن ۽ پست جي ڪاڙهن گلن وٽ بـ . اهي معصوم آهن، پنهنجين شرارتن ۾ بـ .

پَـر رڍن وٽ آڻ هاڻي عالم نـ آهيان : اِها منهنجي قسمت آهي ـ مبارڪون هجنس !

چو ته اِها حقيقت بـ آهي : آڻ عالمن جي حُجري مان نڪري آيـو آهيان، ۽ پنهنجي پٺيان دروازو بـ زور سان بند ڪري ڇڏيو اٿم.

منهنجو ساهـ هنن حي ميز تي گچ وقت تائين بکيو ويٺو رهيو : آڻ هنن وانگر چوڪ چڪاس جو ڍنگ ڪونـ سکيو آهيان ، مثلاً سوپارين پڇن جو.

آڻ آزاديءَ کي پسند ٿـو ڪريـان، ۽ تازه زمين جي متانهيـن هوائن کي ، هُـنن جيئن مرتبن ۽ اعزازن سان ويـڙهجي سمهڻ بدران آڻ ڏڳي جي ڪل ئي اوڙهي سمهڻ چاهيندس .

آڻ بيحد گرم مزاج آهيان، ۽ خود منهنجن خيالن مون کي لـوسائي ڇڏيو آهي : اڪثر آهـي منهنجو دم گهـٽڻ لاءِ تيار رهن ٿا، ۽ پوءِ مون کي کليءَ هوا ۾ وڃڻو پوي ٿو، ڏڏڙ پريل ڪمرن کان پري .

مگر هو ڏڍيءَ چانوَ ۾ ڏڏا ٽپا ويٺا رهن ٿا . هو مڙني ڳالهين ۾ رڳـو تماشبينن جي حيثيت سان رهڻ گهرن ٿا، ۽ اهڙي هنڌ ويهڻ کان پاسو ڪن ٿا، جتي زمين نتل آهي.

انهن ماڻهن وانگر، جي دڳ تي ٻيهي لڳهندڙن کي تڪيندا رهن ٿا: هو به اڃين ٻيهي رهن ٿا، ۽ اکيون ڦاڙي انهن خيالن ڏانهن ڏسن ٿا، جي ٻين جي دماغ مان نڪتا آهن.

جيڪڏهن کو هُنن کي جهلي ٿو وجهي، ته اُنهن مان چند کاپل آڻي جي ڪوڙ جيان ازخود ڏوڙيو نڪري ٿو اچي: پر اِهو پتو ڪير ڪيڊي ۽ ڪير چوي ته اُنهن جي خيالن جي آها دز پراڻي آنّ مان نڪتي آهي، يا اونهاري جي فصل جي تازي آنّ مان!

جڏهن هو پنهنجيءَ ڏاهپ جو ڏؤنگ رچائين ٿا، ته هنن جا خسيس گفتا ۽ مقولا مون کي ٻرفايو ٿا ڇڏين: هنن جي دانشمنديءَ مان اڪثر هڪ قسم جي بوءِ اچي ٿي، جيڪا ڇٽ ته گپ ۽ ڪيچڙ سان نڪتي هجي؛ ۽ سچ ڇ مون کي ته اُن مان ڏيڏرن جي بي مطلب ٽان ٽان ٿي ٻڌڻ ۾ آئي آهي!

هو ڏاڍا چالاڪ آهن ـــ هنن جون اڳريون ڏڙتيليون آهن: منهنجي سادگيءَ جو هنن جي پيچيدگيءَ سان ڪهڙو مقابلو؟ هنن جون اڳريون سمٽ ۽ پرڻ، اُٺ ۽ مڙهن ۾ ماهر ۽ بي مثل آهن: اهڙيءَ طرح هو روح لاءِ چارا جوڙين ٿا!

هو سڀيون واڇون آهن: رکو اِن ڳالهه جي ضرورت آهي ته اُنهن کي ڪُنجي پوري ڏني وڃي! پـوءِ آهي پورو وقت ٻڌائيندیون، ۽ شور به گهٽ ڪندیون.

هو جنڊ جي پڙن ۽ آکريـن جـي مُهرين وانگر ڪم ڪن ٿا: اوهين رکو اُنهن ۾ اُنّ جا داڻا وجهي ڇڏيو! ـــ هو اُنّ کـي ڪُٽي، سنهون پيهن، اُن کي اڇي دز بنائي ڇڏيندا.

هو هڪٻئي تـي چگيءَ ريت چوڪسي ڪن ٿا، ۽ هڪٻئي تـي ويساهه بنهه نٿا رکن. هـو پست حيلن ۽ چالاڪ آهن، تنهنڪري پاڻ جهڙن اِهڙن جا منتظر رهن ٿا، جن جو

علم مندن پيرن تي هلي ٿو، — ۽ اُنهن لاءِ هو ڪوريئڙن وانگر تاڙ ۽ رهن ٿا.

مون ڏٺو آهي ته ڪيئن هو سدائين هوشياريءَ سان زهر تيار ڪن ٿا ۽ اُئين ڪرڻ وقت هو هميشه شيشي جا دستانا پنهنجين آڱرين تي چاڙهين ٿا.

تنهن کان سواءِ هو ڪوڙن ڏارن سان به ڪيڏي چاٽن ۽ مون ڏٺو آهي ته هو اُنهن سان ايڏي تيز چاهه سان ڪيڏن ٿا، جو اُن سرگرميءَ ۽ پگهر اچيو وڃين.

اسين ڪيئن لاءِ آجنبي آهيون، ۽ هُنن جون نيڪيون منهنجي ذوق لاءِ سندن ڪوڙ بدوڙ ۽ ڪوڙن ڏارن کان به وڌ ناموافق ۽ بچان جوگيون آهن.

۽ جڏهن آءٌ هُنن سان رهندو هوس، ته هُنن کان مٿانهين معيار تي رهندو هوس. تنهنڪري هنن کي مون سان ساڙ هوندو هو، ۽ هو مون تي ناراض هوندا هئا.

هنن کي اِها گهاڙهه پڌڻ پسند ڪانهي ته ڪو هنن جي مٿن کان وڌيڪ اوچائيءَ تي هلي ٿو؛ تنهنڪري هُنن منهنجي ۽ پنهنجن مٿن جي وچ ۾ لڪڻ، ميڻي ۽ ڪين ڪچرو رکي چڏيو هو.

اِئين هُنن منهنجن قدمن جا آواز ٻوڙا ڪرائي چڏيا: ۽ اِن ريت سڀ کان وڏن عالمن وٽ آءٌ تمام گهٽ پڌل سئل رهيو آهيان.

سڄيءَ انسان ذات جا عيب ۽ ڪمزوريون هُنن پنهنجي ۽ منهنجي درميان حائل ڪري چڏيون:- اِن بندوبست کي پنهنجن حلقن ۾ هُنن "غائب چيت" ٿي سڏيو.

پر، اُن هوندي به آءٌ پنهنجن خيالن سان هُنن جي مٿن کان مٿي هلان ٿو؛ ۽ آءٌ ڪٿي پنهنجين غلطين تي ٿي هلان، تڏهن به آءٌ هُنن کان ۽ هُنن جي مٿن کان مٿي ٿي هوندس.

چاکاڻ ته ماڻهو برابر ڏسڻ آهن : انصاف اِئين ٿو چوي.
۽ جيڪو ارادو آڻڻ کريان ٿو، آهو هو نه به ڪندا ! ــــ

اِئين زرتشت فرمايو.

۲۹- شاعر

زرتشت پنهنجي هڪ عقيدتمند کي چيو : "جڏهانڪر مون جسم کي بهتر ڄاتو آهي، مون وٽ روح رکڻ علامت طور روڄ رهيو آهي ؛ ۽ سڀ شيءَ 'فاني' ــــ اِها به رکڻي هڪ تشبيهه آهي."

عقيدتمند جواب ڏنو : "اِها گالهه مون توکان اڳي به ٻڌي آهي ، ۽ اُن وقت تو اِن ۾ هيءُ اضافو ڪيو هو ته 'شاعر بيحد ڪوڙ ڳالهائين ٿا' آخر تو اِئين ڇو چيو هو ته شاعر بيحد ڪوڙ ڳالهائين ٿا؟"

زرتشت چيو : "ڏون پڇين ٿو 'ڇو'؟ اڃ اُنهن ماڻهن مان نه آهيان ، جن کان 'ڇو' جو سبب پڇيو وڃي.

ڇا، منهنجو تجربو رکڻ ڪالهوڪو آهي؟ نه ، بلڪ اُن کي هڪ زمانو گذري ويو آهي ، جو مون کي پنهنجن راين جي سببن جو تجربو ٿي چڪو هو.

مون کي ته حافظي جو پيپ ٽيڙو پوندو، جيڪڏهن اڃ سيني سببن کي به گڏ ڪڍيو وتان !

پنهنجن راين کي ٿي ياد رکڻ منهنجي لاءِ وڏو مشڪل ڪم آهي ؛ ۽ ڪيئي پڪي اُڏامي پڇي تا وڃن.

۽ ڪڏهن ڪڏهن هي به ڏسان ٿو ته هڪ رولو پکي اُڏامي منهنجي ڪبوترن جي پڇري ۾ اڇي پيو آهي، جو مون

سان مانوس نہ آهي ، ۽ جڏهن آءٌ پنهنجو هٿ اُن تي رکان ٿو تہ هو ڦڙڪڻ لڳي ٿو.

بهرحال، زرتشت هڪ پيرو اڳ توکي چا چيو هو ؟ اِهو نہ ، تہ ' شاعر بيحد کوڙ ڳالهائين ٿا ؟ ' ــــ پر ، زرتشت به تہ شاعر آهي .

چا ، توکي اِن ڳالهہ تي اعتبار آهي تہ هُن سچ چيو هو ؟ چا جي ڪري تون هُن تي اعتبار ڪرين ٿو ؟"

عقيدتمند جواب ڏنو : "مون کي زرتشت ۾ اعتبار آهي."

اِن تي زرتشت ڪنڌ ڏوٽيو، ۽ مُشڪي ، چوڻ لڳو :

" اعتبار' مون کي تقدس نٿو ڏئي ،" هن چيو ، " ۽ سڀ کان گهٽ تہ خود مون ۾ اعتبار'.

پر جيڪڏهن ڪنهن پوريءَ سنجيدگيءَ سان چيو به تہ 'شاعر بيحد کوڙ ڳالهائين ٿا ' تہ هو حق بجانب هو ، اسين سڀ بيحد کوڙ' ڳالهايون ٿا .

اسان جي معلومات به بيحد ٿوري آهي، ۽ اسين علم پرائڻ ۾ ناقص به آهيون : تنهنڪري اسين کوڙ ڳالهائڻ تي مجبور آهيون .

۽ اسان شاعرن ۾ ڪير' آهي، جنهن پنهنجي شراب ۾ ملاوٽ نہ ڪئي آهي؟ گهٽيئي زهر آلود ملاوٽون اسان جي شراب جي بڻين ۾ ٿيون آهن : ڪيتريون ئي نہ ٻڌائڻ جهڙيون ڪارروايون به آٽي ڪيون ويون آهن .

۽ چاڪاڻ تہ اسان جو علم ٿورو آهي، تنهنڪري اسين آنهن کي دل سان پسند ڪريون ٿا، جي ويچارا يا دماغي طور گهٽ مايي وارا آهن ، ۽ خاص ڪري جيڪڏهن آهي نوجوان عورتون آهن !

۽ تنهن هوندي به اسين آنهن ڳالهين لاه سکون ٿا،

جي پوڙهيون زالون شام جي وقت پاڻ ۾ ڪن ٿيون ! ـــ اِن ڪي اسين پاڻ ۾ 'دائمي نسوانيت' ٿا چئون .

۽ گويا علم جو ڪو مخفي دروازو آهي، جو اُنهن ئي جي اندر وڃڻ سي بند ئي ٿو وڃي، جيڪي ڪو ئي ڪجهه به سکي وٺن ٿا ؛ ۽ اِن ڪري اسين هر اڌ سکيل ماڻهوءَ ۽ اُن جي 'ڏاهپ' ۾ اعتبار رکون ٿا !

هڪ گالهه ٻي، بهرحال، مڙني شاعرن جو اعتقاد آهي : جڏهن نرم گاهه ٻي ليٽي يا خاموش ماڻرين جي فضا ۾ بيهي ، ڪو ڪن ڏيئي ٻڌي ٿو، ته اُن کي اُنهن اسرارن بابت ڪجهه معلوم ٿئي ٿو، جيڪي زمين ۽ آسمان جي وچ ۾ آهن !

۽ جڏهن شاعرن ۾ لطيف جذبا آپرن ٿا، تڏهن هو سدائين اِئين پائڻين ٿا ته قدرت خود هُنن ٻي عاشق آهي !

۽ هوءَ چپ چاپ ڪسڪي، هُنن جي ڪنن ۾ وڃي ٽي ويهي ، ته جيئن هُنن سان راز ۽ نياز جون گالهيون ڪري : پوءِ اِن بابت هو پين فاني انسانن اڳيان پنهنجي تعريف ڪن ٿا، ۽ اُن تي فخر جو اظهار ڪن ٿا ! ـــ

'آه، آسمان ۽ زمين جي وچ ۾ گهٽيون ٽي اهڙيون شيون آهن، جن جو منجهس رکو شاعر ٽي چاڻن ٿا !'

۽ خاص ڪري آسمان جي مڃان : چاڪاڻ ته سمورا خدا شاعرن جون علامتون ۽ شاعرن جون فڪري تصويرون آهن !

واقعي ، اسان جو ڏيان سدائين اوچاين ڏانهي ڇڪيل رهي ٿو ـــ يعني بادلن جي دنيا ڏانهن : اُنهن ٻي اسين پنهنجون پيڪيدار ڪٽ - پتليون بيهاريون ٿا، ۽ اُنهن کي خدا ۽ فوق البشر جي نالن سان سڏيون ٿا :ـ

چا، اُهي اهڙين ڪُرسين جي لاءِ ڪافي هلڪا نه آهن ! ـ اِهي سڀ خدا ۽ فوق البشر ؟ـ

آه، آڏ سيني آڻپورين شين کان ڪيترينقدر نه بيزار آهيان، جن لاءِ اصرار ڪيو وڃي ٿو تہ آهي حقيقي آهن! آه، آڏ شاعرن کان ڪيترينقدر نه تنگ ٿي چڪو آهيان!"

زرتشت جي اِن تقرير تي سندس عقيدتمند کي رنج پهتو، پر هو خاموش رهيو، ۽ ڪجهہ بہ نہ چيائين. ۽ زرتشت بہ مٽ ۾ رهيو؛ ۽ هن جي نگاهہ پنهنجي اندر ڏانهن متوجهہ هئي، جتي تہ هو تمام ڏورانهين ماحول ۾ گهوري رهيو هو. آخر هن ڏڏو شوکارڻ پريون، ۽ لمبو ساهہ کنيائين.

پوءِ هيٺن چوڻ لڳو: منهنجو وجود اڄ جو ۽ اڄ کان اڳ جو آهي، پر مون ۾ کا اهڙي شيءَ آهي، جا سڀان جي، پرينهن جي ۽ پرانهين مستقبل جي آهي.

آڏ شاعرن کان تنگ ٿي پيس، نون توڙي پراڻن کان: منهنجي نظر ۾ آهي سڀ ظاهري ڏيکاءُ ڪندڙ آهن، ۽ تانسگها سمنڊ آهن.

هنن کي اونهو وجي نہ سوچيو؛ اِن ڪري هنن جا احساس تہہ تائين پهچي نہ سگهيا.

ڪجهہ نفس‌پسندي ۽ ڪجهہ طبيعت جي ٽڪاوٽ جو احساس: اهي ئي اڃان تائين هنن جي خيال جا مرغوب مرڪز رهيا آهن.

هنن جي چنگ جو بي سُرو آواز، مون کي پوتن جي ساهہ کڻڻ ۽ ڏمچر مڃائڻ جيان معلوم ٿي ٿو؛ اڃان هو موسيقيءَ جي ذوق ۽ اُن جي ماڻڻ جي لطف کان محروم آهن!—

منهنجي خيال ۾، هو کافي حد تائين نيمار ۽ نيڃ بہ نہ آهن: سڀني پنهنجي پاڻيءَ کي گدلو ڪري ڇڏين ٿا، تہ جيئن اُهو ڏسن ۾ اونهون اڇي.

۽ اُن سان گڏو گڏ پنهنجي پاڻ کي نبيرا ڪندڙ ثابت

ڪرڻ گھرندا آھن؛ پر منھنجي نظر ۾ ھو وچ-ڪٽيا، ڪڏوڇڙ ڪندڙ، آڏو آڏ ۽ غيرخالص آھن! ـ

آھ، مون سٽيون ڇيون ڇڪڙڻ جي غرض سان ھڻن جي سمنڊ ۾ ڇارُ وڌو، پر ھر ڦيري ھڪ نئين پرائي خدا جو مٿو آن ۾ ڦاسي نڪتو.

ائين بکايل کي سمنڊ وٽان پٿرُ مليو. ۽ شايد ھي پاڻ ۾ سمنڊ جي پيدائش آھن.

بيشڪ، ماڻھوءَ کي آنھن ۾ موتي ۽ ملن ٿا؛ آن سلسلي ۾، ھڪ طرح ھو سنگ-پُشتن جھڙا آھن، ۽ ھنن ۾ مون اڪثر روح جي بدران لوٽياڻو لعاب ڏٺو آھي.

ھُنن سمنڊ کان آن جيي خود نمائي ۽ خود پسندي ۾ سکي آھي: ڇا، سمنڊُ مورڻ جو مورُ ۾ نہ آھي؟

ھو ڳندي کان گندي پاڏي جي اکيان ۾ پنھنجا ڪنپ ڪولي ٿو؛ ھو پنھنجي ان چاندي۽ ۽ ريشم جي لھردار وڇڻي کان بيزار ڪي نٿو ٿئي.

پاڏو ھُن ڏانھن بيپرواھ، ڏکاري انداز سان ڏسي ٿو ۽ آن وقت پاڏي جو ساھ واري۽ جي قريب ھوندو آھي، آن کان وڌيڪ گاھ جي قريب، ۽ سپ کان وڌيڪ ڪپ ۽ ڪيچڙ جي قريب.

پاڏي کي خوبصورتي۽ ۽ سمنڊ، ۽ مورُ جي اعليٰ شانداري۽ سان ڪھڙو ڪم؟ ھي۽ استعارو آءٌ شاعرن جي وچار لاءِ استعمال ڪريان ٿو.

حقيقت ۾ ھُنن جو روح ۽ مورن کان وڌيڪ مورُ آھي، ۽ خود نمائي۽ جو سمنڊ!

شاعرن جي روح کي تماشبينن جي ضرورت آھي ـ ھوءَ آھي پاڏا ڪي ڇو نہ ھجن!ـ

پر اهڙي روح کان آڳ بيزار ٿيل آهيان ؛ ۽ اهڙي وقت کي اينڊو ڏسي رهيو آهيان ، جڏهن اُهو پنهنجي پاڻ کان بہ بيزار ٿي پوندو .

هائو ، آڳ ڏسي چڪو آهيان تہ شاعرَ بدلجي ويو آهي ، ۽ پنهنجيون نظرون پنهجي اندرَ ڏانهن موڙيون اٿن .

پر مون اوچا اڏامندڙ ۽ روح جا تائب بہ ظاهر ٿيندي ڏٺا آهن ؛ ۽ آهي بہ شاعرن منجهان آيريا آهن ! —

زرتشت اِئين فرمايو.

۴۰ـ عظيم واقعا

سمنڊ ۾ هڪ ٻيٽ آهي ، جو زرتشت جي 'خوشيءَ جي ٻيٽن' کان پري نہ آهي ، ۽ جنهن جي هرندڙ جبل مان همٻشه دونهون نڪرندو رهي ٿو ؛ ۽ عام ماڻهن ، خاص ڪري ٻڌين زالن ، جو هي اعتقاد آهي تہ اُهو ٻيٽ هڪ ڏڪر واڌر 'پاتال' جي دروازي مٿان رکيل آهي ، ۽ خود هرندڙ جبلَ مان هڪ سوڙهو رستو هيٺئين طرف 'پاتال' جي دروازي تائين وڃي ٿو.

اُن زماني ۾ ، جڏهن زرتشت خوشيءَ جي ٻيٽن ۾ رهندو هو ، هيءُ واقعو پيش آيو ، جو هڪ جهازَ اچي اُن ٻيٽ وٽ لنگر هنيو ، جنهن تي هرندڙ جبلَ هو ، ۽ اُن جا خلاصي سڀن جي شڪار لاه ڪناري تي لهي ويا . پنڌرهن جي وقت جڏهن ڪپتانُ ۽ هُن جا ساٿي هڪ هنڌ وري گڏ ٿيا ، تہ چا ٿا ڏسن تہ هڪ شخص هوا ۾ اُڏامندو هُنن ڏانهن اچي رهيو هو ، ۽ هُنن صاف صاف هي آواز ٻڌو : "رقتَ ويجهو اچي وڃو آهي!

وقت بلکل ويجهو اچي ويو آهي!" جڏهن آها صورت هُنن جي ويجهو آئي ۽ تيزيءَ سان پاڇي وانگر آن طرف هلي ويئي جيڏانهن هرندڙ جبل هو، تڏهن هنن بيحد تعجب سان ڏٺو ته آهو زرتشت هو، چاڪاڻ ته ڪپتان کان سواه بين سڀني هُن کي اڳي ڏٺو هو، ۽ کين پين ماڻهن جيان هُن سان محبت هئي: اهڙيءَ طرح، جو آن ۾ محبت ۽ هيبت جو عنصر هڪجيترو هو.

پوڙهي سکانيءَ چيو: "ڏسو، اڇهو زرتشت پاتال ڏانهن وڃي رهيو آهي!"

جنهن وقت هي خلاصي آن بساهه جي بيٺ تي لڌا هئا، آن وقت اِهو افواهه ڦهليل هو ته زرتشت غائب ٿي ويو آهي؛ ۽ جڏهن هُن جي دوستن کان دريافت ڪيو ويو، ته آنهن چيو ته هو آنهيءَ رات جهاز ۾ روانو ٿيو آهي، پر اِهو نه ٻڌايو انس ته پاڻ ڪيڏانهن وڃي رهيو آهي.

اهڙيءَ طرح ماڻهن ۾ بيچيني ڦهليل هئي؛ ۽ ڏينهن بعد خلاصين جي قصي آن بيچينيءَ ۾ اضافو ڪيو — ۽ پوءِ ته ماڻهن اِهو چوڻ شروع ڪيو ته شيطان زرتشت کي کڻي ويو. جيتوڻيڪ هن جي عقيدتمندن اِن ڳالهه تي ڪِليو ٿي، ۽ آنهن مان هڪ ته اِئين به چيو ته "اِن کان وڌيڪ ته منهنجو ويساهه مون کي هي ٿو چوي ته زرتشتُ شيطان کي کڻي ويو!" پر هو سڀ دل ئي دل ۾ پريشان ۽ سندس ديدار جا مشتاق هئا. تنهنڪري جڏهن زرتشت پنجين ڏينهن اچي وٽن سهڙيو، ته هو خوشيءَ ۾ نٽي ماپيا.

۽ هيءُ آهي باهه - جي - ڪُٽي سان زرتشت جي گفتگو جو بيان:

هُن چيو ته زمين جي مٿان هڪ کل آهي ۽ اِن کل ۾ ڪيترين بيمارين آهن — مثال طور هڪ بيماري آها آهي، جنهن جو نالو "ماڻهو" آهي.

۽ هڪ ٻيءَ بيماريءَ جو نالو آهي "باهہ - جو - ڪتو" :
اُن بابت مائڻن پنهنجي پاڻ کي وڏي ڏوکي ۾ وڌو آهي ، ۽
هنن کي وڏو ڏوکو ڏنو ويو آهي .

اِن راز کي معلوم ڪرڻ لاءِ آءٌ سمنڊ پار ويس : ۽
تحقيق مون سچائيءَ کي هوبهو ڏٺو ـــ پيرن کان وٺي ڪنن تائين .

باهہ - جي - ڪتي جو هاڻي مون کي پتو پڄي ويو آهي :
۽ اهڙيءَ ريت سڀني ڦٽائيندڙن ۽ آلا ڦوڪاريندڙن شيطانن
جو، جن کان رکو پوڙهيون زالون ٿي ڪينَ ٽيون ٻڌن .

مون واکو ڪري چيو : "اي باهہ - جا - ڪتا، ڏکري
اڄ پنهنجي ڪڏ مان ! ۽ ٻڌاءِ ته اِها آنوَدَ ڪيڏي اونهي آهي!
هي جيڪي تنهنجي وات مان ڦوڪارجي رهيو آهي ، ڪتان
ٿو اِهو اچي ؟

تون سمنڊ جو پاڻي تمام گهڻو ٿو پين : تنهنجي غضبناڪ
پؤنڪ مان اُن جو پتو پوي ٿو. پاتال جو ڪتو ٿي ڪري تون
پنهنجي ايڏي گهڻي خوراڪ ڏرتيءَ تان ٿو ڪٽين !

گهڻي ۾ گهڻو ته تو کي آءٌ ڏرتيءَ جو اُهو واسي سمجهان
ٿو، جو هِن کان اوڙيندو آهي ، ۽ جڏهن به هِيون ڦٽائيندڙ ۽
ڦوڪاريندڙ شيطانن کي ڪالهائيندي ٻڌو آهي ته آهي مون کي
تو جهڙا اڳا آهن ـــ ڪُوڙا، وهائيندڙ ۽ خسيس .

اوهين دانهوڙون ڪري ۽ رڪ جا ڏوڙڀا اُڀاري، اونداهين ۾
ڇاڏو ٿا، اوهين وڏا لهاڙي ۽ ڪوڙا آهيو ۽ اوهان آڇليل ڦوڪ
کي آهاڙڻ جو فن خوب سکيو آهي .

جتي به اوهين هوندا، اُتي ڪپ هوندي، ڇورڪٽ - آپاميل ،
چوڙري ، مٽان ليتل ـــ ڪوڙيءَ آزاديءَ جو ڏيک ڏيندڙ .

' آزادي ' اوهين سڀ زور سان پڪاريو ٿا : ۽ 'عظيم
واقعن' مان منهنجو اعتقاد نڪري ويو آهي . جڏهن اُنهن لاءِ
رکيو گهٽا واکا ٽين ٿا ۽ دونهين جا ڇڪر اُڏن ٿا .

۽ مون ڏي اعتبار ڪر، دوست بڻجوڙي! عظيم ترين واقعا وڏ ۾ وڏ غوغائي نہ پر وڏ ۾ وڏ خاموش واقعا هوندا آهن.

دنيا ڏاڍون غوغائن جي ايجاد ڪندڙن جي چوڏاري نہ بلڪ نون قدرن جي تخليقڪارن جي چوڏاري ڦري ٿي، ۽ بي آواز ڦري ٿي.

بس اها ڳالهہ تسليم ڪر! جڏهن تنهنجو غوغا ۽ دونهون بند ٿي وبندا آهن تہ پوئتان آنهن جي نتيجي طور ڪابہ وڏي ڳالهہ واقع ڪانہ ٿيندي آهي. سچ پچ اِن مان ورڻ بہ تہ چا ٿو ـــ هڪ شهرُ موميائجي ٿو، ۽ هڪ پتلو ڪيرائي، اڇي گپ ۾ پوي ٿو، بس!

۽ اها ڳالهہ آڻ پتلن ڪيرائيندڙن کي بہ چوان ٿو: لوڻُ سمنڊ ۾ يا پُتلا گپ ۾ اڇلائڻُ سڀ کان وڏي حماقت ٿي تہ آهي.

پتلو تنهنجي نفرت جي گپ ۾ پيو آهي: مگر اِهو تہ آن جي وجود جو قانون آهي تہ نفرت منجهان آن جي زندگي ۽ آن جو زنده حسن اُپرندا!

پنهنجيءَ پيڙا کان مليلُ وڏيڪ سونهن سان آهو اُپري ٿو؛ ۽ سچ پچ آهو تنهنجو احسانمند رهندو، جو تو، اي ڦِٽائيندڙ، آن کي ڪيرايو هو!

آڻ بادشاهن ۽ ديولين کي ۽ مڙني عمر جي سبب يا پنهنجيءَ ڏي نيڪيءَ سبب ضعيف ٿي ويلن کي هيءَ مشورو ڏيان ٿو: "پاڻ کي ڪِرڻ ڏيو! تہ جيئن اوهين وري زنده ٿيوـــ ۽ اوهان وٽ نيڪي موڪي اچي!"ـــ

اِئين مون باهہ جي ڪُٽي کي چيو: پوءِ هُن گِرڻ شروع ڪيو ۽ مون کي روڪيو، ۽ پڇڻ لڳو: "ديول؟ اِها چا آهي؟"

"ديول؟" مون جواب ڏنو، "اها هڪ قسم جي رياست

آهي ۽ واقعي سچ کان وڌيڪ دروغ گو. مگر خاموش، اي منافق ڪٽنا! تون پنهنجن همجنسن کي ضرور سچ کان وڌ چائندو هوندين!

تو وانگر رياست ۾ منافق ڪٽو آهي؛ تو وانگر آها ۾ دونهين ۽ ڪجگوڙ سان ڀالهائيندي آهي ـــ ته جيئن اهو مڃائي سگهي ته آها شين جي بنهه آندر مان ڀالهائي ٿي.

چاڪاڻ ته آها، هر طريقي سان، ڏرتيءَ تي اهم ترين مخلوق، يعني 'رياست'، بنجڻ چاهي ٿي؛ ۽ مائهو ۽ آن کي ائين سمجهن ٿا".

جڏهن مون ائين چئي بس ڪئي هئي، ته باهه-جي-ڪٽي جي چهري مان ائين معلوم ٿيو گويا حسد کان هو چتو ٿي ويو هو. "چا!" هن رڙ ڪئي، "ڏرتيءَ تي اهم ترين مخلوق ۽ مائهو آن کي ائين سمجهن ٿا؟" ۽ هن جي گلي مان ايتريقدر ٻاڦ آئي ۽ پيائڪ آواز نڪتا، جو مون کي اهو ڊپ ٿيو ته غصي ۽ حسد وچان هو مرڪو ڪهڻجي، مري نه وڃي!

نيٺ هو ڪجهه خاموش ٿيو ۽ هن جي هڏجڻ ۽ هلڪائي ٿي. جيئن هن ڪجهه ماڻ ڪئي، مون ڪلي، هن کي چيو: "اي باهه-جا-ڪٽا، تون ڪاوڙجي پئين: ان جي معني ته آ تو متعلق سچ تي آهيان!

۽ مون کي به پنهنجي سچ جي خاطري ٿئي، تنهن لاه هڪڙي ٻئي باهه-جي-ڪٽي جي به تون ڀالهه ٻڌ: آهو واقعي ڏرتيءَ جي دل جي اندران هولي ٿو.

هن جي ساهه مان سون ٿو چڙي ۽ سونَ جو مينهن ٿو وسي: ۽ ائين هن جي دل به چاهي ٿي. هن لاه رک ۽ ڏونهون ۽ گرم بلغم ڪهڙي ڀالهه آهن!

رنگا رنگ بادلن جيان هن مان ڪهڙو نڪري ٿو، هن کي تنهنجي گڙ گڙ ۽ گڻ وهن ۽ اوجهريءَ جو گوڙ پسند نه آهي.

پر سونُ ۽ ٿهڪڙا ــ اِهي ڏرتيءَ جي دل مان هو ٻاهر ٿو آڻي: اِنهيءَ لاءِ تہ توکي اِها خبر پوي تہ ڏرتيءَ جي دل سون جي آهي."

جڏهن باهہ - جي - ڪُتي هي ٻڌو، تـڏهن هو منهنجي وڏيڪ ڳالهہ ٻڌي نہ سگهيو. شرمائجي، هن پنهنجو دُم دٻايو ۽ گهٽنيل آواز ۾ "وئو! وئو!" ڪندو، پنهنجي غار اندر گهڙي ويو. ــ

اِهو قصو زرتشت ٻڌايو. هُن جي عقيدتمندن مس هُن جي ڳالهہ ٻڌي: هنن کي اِهو شوق هو تہ هو هُن کي خلاصين، سڏهن ۽ "اڏامندڙ شخص" جي ڳالهہ ٻڌائين!

"اِن مان ڀلا آءٌ ڇا سمجهان؟" زرتشت هنن جي ڳالهہ ٻڌي، چيو، "ڇا، آءٌ کو جِنّ" آهيان؟

پر اُهو منهنجو ٻاڇو ٽِي سگهيو ٿي! اوهان رُولاڪ ۽ هن جي ٻاڇي' جو قصو تہ ڪجهہ ٻڌو هوندو!

هڪ ڳالهہ جي تہ پڪ آهي: مون کي اُن تي وڏيڪ مضبوط ضابطو رکڻ کپي: نہ تہ هو منهنجو نالو خراب ڪري ڇڏيندو."

۽ زرتشت هڪ ڀيرو ٻيهر پنهنجو ڪنڌ ڏوڙهو، ۽ عجب ۾ پئجي ويو. "اِن مان آءٌ ڇا سمجهان!" هُن ٻيهر چيو.

"هُن ڇو وڏي واکي چيو: 'وقت ويجهو اچي ويو آهي! وقت بلڪل ويجهو اچي ويو آهي!'

"ڪهڙيءَ ڳالهہ جو ڀلا وقت بلڪل ويجهو اچي ويو آهي؟"

زرتشت اِئين چيو.

١٣- پيشينگو

"ـــ ۽ مون بني نوع انسان تي هڪ وڏي آپدا آيل ڏٺي. بهترين ماڻهو پنهنجن ڪمن مان بيزار ٿي پيا هئا.

هڪ ڪاليه آٿي هئي، هڪ ويساهه پکڙيو هو: 'سيڪجهه فضول آهي، سيڪجهه ساڪيو آهي، سيڪجهه ڏي چڪو!'

سيني پهاڙن مان پڙاڏو ٿي آيو: 'سيڪجهه فضول آهي، سيڪجهه ساڪيو آهي، سيڪجهه ڏي چڪو! باقي ڪجهه ڪونهي!'

برابر اسان فصل ڪنيا آهن، پر اسان جا ميوا ڇو سڙي ويا آهن ۽ سُڪي پيلا ٿي ويا آهن؟ گذريل رات بدصورت چنڊ مان ڪهڙي منحوس شيءَ هئي، جا ڪِري آهي؟

سڄي محنت اسان جي اجائي ويئي، اسان جو چِڪابل شراب زهر ٿي پيو آهي، ڪنهن بدنظر اسان جي ٻنين کي ۽ دلين کي سُڪائي پيلو ڪري ڇڏيو آهي.

اسين سڀ سُڪي ويا آهيون؛ اسان تي باهه ڪِري ته اسين رڪ جيئن مٽي ٿي ويندا سين:- هائو، پر خود باهه به اسان کان مُنهن مٽي ويئي آهي.

اسان جا سڀ چشما سڪي ويا آهن، سمنڊ به پنڌي هئي وهو آهي. سڄو پَٽ اوباسائ جي ڪوشش ۾ آهي، پر اوڙاهه به اُن کي ڳڙڪائڻ لاءِ تيار ناهي!

'اُف! ڪٿي ڪو سمنڊ باقي آهي جنهن ۾ ڪو غرق ٿي سگهي؟' ـــ اِها اسان جي آهه به تانگهيءَ ڪيرڻ مان ٽِرڪي، گذري ٿي وڃي!

سڀ ته ايڏا ٽڪجي پيا آهيون، جو مرڻ به نٽو پڄيسون؛ اکيون اسان جون ڦاٽل آهن، تربتن ۾ پيا آهيون ـــ ۽ جيئون پيا!"

اِئين زرتشت هڪ پيشينگو کي چوندي ٻڌو ؛ ۽ بدخبر هن جـي دل ۾ پيهي ويئي ، ۽ هـو سڄو ڏينهن کان چوٽيءَ تائين ڪاراڇجي ويو. هاريل دل ۽ ڏکو مانـدو ٻُڌ، هيڏانهن هوڏانهن هـو ڦِرڻ لڳو ، ۽ هن جـي حالت اهڙي ٻڌجي ويئي جهڙي آنهن ماڻهن جي جن بابت پيشينگوءَ پيشينگو ڏي ڪئي هـئـي .

هن پنهنجن معتقدن کي چيو، ڪجهہ گهڙيون آهن ، ۽ پوءِ اِها شام جـي طويل مُنهن - اونداهـي اچڻ واري آهي . هاڻ آءٌ پنهنجي روشنيءَ کي آن مان ڪيئن بچائي نڪرندس !

تہ جيئن هِـن اندوهناڪيءَ ۾ آها وسامي نہ وڃي . آها تہ پري پري جي دنيائن لاءِ پري پري جي راتين لاءِ روشني بنجڻي هئي !

اِن ريت دل ۾ اٽاهہ ڏک ڪئي، زرتشت هيڏانهن هوڏانهن ڦرڻ لڳو، ۽ ڏي ڏينهن ۽ ڏي راتيون هُـن نڪي ڪجهہ کاڌو نہ پيتو. هن جو آرام ۽ گويائي هن کان موڪلائي وياء آخر هڪ ڏينهُن اهڙو ٿيو، جو هن کي گهري ننڊ وڻي ويئي . پر هن جا معتقد راتين جون راتيون هن جي چوڪرد وهي گذارڻ لڳا، ۽ هنن کي اِهو فڪر لڳو رهيو تہ ڇا، هو وري جاڳندو ۽ موٽي ڪالهائيندو، ۽ پنهنجي آندوهہ کان نجات پائيندو يا نہ !

۽ هيءَ آهي آها تقرير، جـا زرتشت ڪئي جڏهن نيٺ هو جاڳيو؛ هن جو آواز هن جي معتقدن کي اِئين لڳو، جڻ آهو پري کان اچي رهيو هو :

منهنجا دوستو ، هيءَ منهنجو خواب ٻڌو، جو مون لڌو آهي، ۽ اِن جي تعبيرَ ڪرڻ ۾ منهنجي مدد ڪريو!

اِهو خواب اڃان مون لاءِ هڪ راز آهي، جنهن جي پيڇي پڇري ۾ بند آهي، ۽ آن جي مٿان اڃان آها پنهنجا پَرَ پکيڙي آزاد آڏامي نٿي سگهي .

مون خواب ۾ ڏٺو تہ آڻ زندگيءَ کان دستبردار ٿي ويو آهيان، ۽ اهو، جو سامهون پهاڙ تي هيڪلو قلعو موت جو آهي، آٿي رات جو چوکيدار ۽ تربتن جو پهريدار ٿي ويو آهيان.

آٿي مٿي آڻ لاشن جي رکوالي پيو کريان. چؤڌاري موت جي هين ڪٽيل فصل سان پريل نهخانن جا تهخانا آهن، ۽ لاشن سان ٽميل شيشي جا تابوت آهن، جن مان هارايل زندگي جُوهه وجهي مون ڏانهن ڏسي رهي آهي.

چؤ طرف مٿيءَ ۾ ڪٽيل قدامتن جي ڪنبي ۾ آڻ ڪهي رهيو آهيان: ۽ رُکهارُو، مٿيءَ گاڏڙ منهنجو روح آهي، جو آٿي هڪ هنڌ ڏٺو پيو آهي ۽ تڙڦي رهيو آهي. ڪير پلا اهڙي هنڌ پنهنجي روح کي ڪا تازي هوا پهچائي ٿو سگهي!

اڌ رات جي ڪاري اونداهي سدا مون کي وکوڙيو ٻيٺي آهي، آن سان گڏ تنهائي منهنجي پويان پلٽي ماريو ويٺي آهي: ۽ خاموشي، آنهن جي ڏين پائيوار، ٻنهي کي ٻوساڻيندڙ، ۽ موت جي ڀڪي سڪي، منهنجي بدترين دشمن، هردم آنهن سان آٿي گڏ هئي.

مون وٽ ڪنجيون هيون، سيني ڪنجين کان وڌ ڪٽيل ڪنجيون؛ ۽ آنهن سان آڻ سڀ کان پراڻو چيچاٽ ڪندڙ درُ کولي سگهيس ٿي.

۽ جڏهن درَ جا تاڪ ڪليا تہ هڪڙو سنهون ڪَرڪَرو آواز ڍڪهن بند دالان جي آخري ڀتين سان وڄي ڏکريو — ڏاڍيءَ ڪراهت سان ڀڪيءَ رڙ ڪئي هئي، جنهن کي ائين زوريءَ جاڳايو ويو هو!

پر وڌيڪ خوفناڪ ۽ دل ڏارينڌڙ سمو هو جڏهن آهو آواز هڪدم بند ٿيو ۽ چوڌاري وري ماڻ پٿجي ويٺي، ۽ آڻ آن منحوس ماڻ ۾ اڪيلو ويڙهجي ويس.

ائين وقت گذرندو ويو ۽ ماڻ ئي ماڻ هٿي: جيڪڏهن

کو وقت پوءِ ۾ باقي هو، آءٌ اُن لاءِ چئي ۽ چا ٿي سگهيس!
پر نيٺ اُهو ڪجهه واقعو ٿيو، جنهن مون کي جاڳايو.

ٿي ڏ ڪ ٻاهرئين ونڊي دروازي تي لڳل، جهڙا ڪجڪوڙ
جا ٽڪرات، ٿي پيرا گهمڻ ۾ ونڊي شور سان پڙاڏي هي گونج
ٿي، تنهن کان پوءِ آءٌ اُن ٻاهرئين ونڊي دروازي وٽ ويس.

مون رڙ ڪري پڇيو، اَلٽا! ڪير پنهنجي رک ٻهاڙ
ڏانهن ڪٽي وڃڻ لاءِ آيو آهي؟ اَلٽا! اَلٽا! ڪير پنهنجي رک
ٻهاڙ ڏانهن ڪٽي وڃڻ لاءِ آيو آهي؟

۽ سون ڪنجي ڦيرائي، ۽ دروازي کي چڪيو، زور
سان چڪيو. پر دروازو آگر جي چير جيترو به نه کليو:

تڏهن آندي سيتيون وڄائيندي، سون سون ڪندي،
چيڀندي، ڏاڍي زور سان ڏوڪيندي اندر آئي، ۽ اوچتو ونڊي
دروازي جا تاڪ کلي پيا، ۽ هڪ ڪارو تابوت اندر منهنجي
پيرن ۾ اچي ڪريو.

۽ ونڊي شور ۽ غوغا، ۽ دانهن ۽ ڪيهڻ ۾ تابوت ڦاٽي
پيو، ۽ ٽهڪڙي جا هزارين ڪڙڪا اُن مان ڦٽي نڪتا.

۽ هزارين ٻار، فرشتا، چهرا، احمق، ۽ مسخرا، ۽ ٻارن
جيترا بيشمار پوپٽ مڙي آيا، ۽ اُنهن مون تي ڪِليو، مون سان
چرچا ڪيا ۽ ۽ ونڊو گوڙ ۽ شور مچايو.

اِن تي آءٌ ڏاڍو ڊنس، ۽ ڪري پيس، ۽ خوف وڃان
مون دانهن ڪٽي ـــ اهڙي، جو مون اُن کان اڳ ڪڏهن
نه ڪٽي هٽي.

۽ پوءِ اُن منهنجي دانهن تي خود منهنجون اکيون ڪلي
ويون :- ۽ آءٌ هوش ۾ اچي ويس. -

اِن ريت زرتشت پنهنجو خواب ٻڌائي پوءِ مائٽ ٿي ويو،
چو ته اڃان هن کي پنهنجي خواب جو تعبير معلوم نه هو. پر

هن جو هڪ معتقد، جو هن کي سڀني کان پيارو هو، ڪدم اڳتي ڪڙو ٿيو، ۽ هن جي هٿ کي جهلي، چوڻ لڳو:

"اي زرتشت! خود تنهنجي زندگي اسان کي اِن خواب جو تعبير ٻڌائي ٿي.

ڇا، تون خود اِها سنهي ۽ تڪي سيٿين واري آنڊي نه آهين، جا موت جي قلعي جا دروازا زور سان کولي ڦٽا ٿي ڪري؟

ڇا، تون خود اُهو تابوت نه آهين جنهن ۾ زندگيءَ جون حماقتون ۽ رنگارنگ ڪُلفتون ۽ اُن جا ڪلهاب فرشتہ-نما خاڪا پريل آهن؟

سچ تہ، ٻاراڻي ٿهڪڙي جي هزارها ڪڙڪن جيئن زرتشت پاڻ ٿي تہ سڀني تربتن ۾ پوريلن وٽ وڃي ٿو ۽ اُنهن کي جاڳائي ٿو، ۽ چوڪيدارن ۽ تربتن تي نگهباني ڪرڻ وارن ۽ سڀني اُنهن تي ڪلي ٿو، جي دروازا بند ڪريو، اُنهن جون ڪانگ-ڦڻ جهڙيون ڪٽيل ڪنجيون پاڻ وٽ منڊيو ويٺا آهن ۽ اُنهن کي ڪڙڪائي رهيا آهن.

پنهنجي ٿهڪڙي سان تون ٿي هُنن کي ڊيڄاريندين ۽ چِتِ ڪندين: ۽ بيهوش ٿي ۽ هوش ۾ اچي، پنهنجي قوّت جو ثبوت اُنهن تي پڌرو ڪندين.

۽ جڏهن شام ٿيندي ۽ ڏُکهي اونداهي ايندي ۽ موت جي ماندائي ويڙهيندي، تڏهن به تون، زندگيءَ جو پاسدار، اسان جي آسمان تان غروب نہ ٿيندين.

تو اسان کي اُتي ڏور نوان ستارا ڏيکاريا آهن ۽ رات جي اونداهيءَ ۾ لکل نوان جلوا ۽ نيون رونقون ڏسيون آهن: تحقيق تو کِل خوشيءَ ۽ آس ۽ اميد کي رنگ برنگ تنبوءَ واڌگر اسان جي مٿان پکيڙيو آهي.

هاڻي سدائين تابوتن تان ٻارن جي کِل جا ٿهڪڙا ٻڌا

ڏيڻي آڻندا ؛ ۽ ساڻ ۽ تيز هوائون موت جي مڙين ماندائين جو خاتمو ڪندين : ان ڳالهه جو تون خود ضامن ۽ خوشخبري ڏيندڙ آهين .

تحقيق خود آنهن کي ٿو خواب ۾ ڏٺو ، پنهنجن دشمنن کي : اهو ئي تنهنجو ڏکوئيندڙ خواب هو .

پر جهڙيءَ طرح تون جاڳين ۽ هنن کان باخبر ٿئين ۽ پنهنجي پاڻ وٽ موڪي آڻين ، اهڙيءَ طرح هو به پنهنجي پاڻ کان باخبر ٿيندا — ۽ تو وٽ موڪي ايندا ."

اها هئي تقرير زرتشت جي معتقد جيي ؛ ۽ پوه سيڻي هُن جي چؤگرد گڏ ٿيا ۽ هُن جي هٿ کي جهلي ويٺا ، ۽ هن کي مجائڻ جي کوشش ڪرڻ لڳا ته هو پنهنجي بستري تان آڻي ، پنهنجي غمگينيءَ کان باهر اچي ۽ موڪي هُنن سان هُنن جو ٿئي . پر زرتشت پنهنجيءَ جاءِ تي سڏو ئي ويٺو رهيو ۽ غير حاضر نگاهن سان ڏسندو رهيو . مثل آن شخص جي ، جو پرديس مان گهڻن ڏينهن کان پوه موٽيو هجي ، هو پنهنجن معتقدن کي ڏسي ۽ هنن جي چهرن کي جاچڻ لڳو ؛ پر اڃان به هنن کي نٽي سڃاتائين . پوه جڏهن هنن ، بهرحال ، هن کي آٽاري پيرن تي بيهاريو ، تڏهن هن جي نظر ۽ يڪايڪ ڦيرو آيو ؛ جو ڪجهه ٿيو هو آهو سڀ هُن سمجهيو ، هن پنهنجي ڏاڙهيءَ تي هٿ ڦيريو ، ۽ زورائتي آواز سان چوڻ لڳو :

"آئو ! هيءُ آن جو وقت آهي ؛ پر اي منهنجا معتقدؤ ، اچو ته ماني کائون ، گڏجي سڀي ماني کائون ، بنان دير جي ان جو انتظام ڪريو ! ائين آءٌ بچڙن خوابن جو تدارڪ ڪريان ٿو !

پر پيشينگو منهنجي پاسي ۽ ويهي کائيندو ۽ پيئندو ؛ ۽ واقعي هن کي هڪ سمنڊ به ڏسيندس جنهن ۽ چاهي ته هو غرق ٿي سگهي ٿو !" —

ائين زرتشت فرمايو. ان کان پوءِ اُن معتقد جي سُنهڻ ۾ گهڻو وقت چتائي ڏسندو رهيو، جنهن هن جـي خواب جو تعبير ڪيو هو، ۽ پوءِ هُن پنهنجو ڪنڌ ڏوٽيو. —

۲۴- نجات

هڪ ڏينهن جڏهن زرتشتُ وڏيءَ پُل تان پئي وياو، تہ پنگلا ۽ پينو هن جي چوڪرد اچي گڏ ٿيا، ۽ اُنهن مان هڪڙي جنهن جي گُـڪ نڪتل هئي، هن کي هيٺن چيو:

"ڏس زرتشت! عام ماڻهو بہ توکان سکن ٿا ۽ تنهنجي سکيا تي ايمان آڻين ٿا: پر تو تي هنن جو پورو ايمان ويهي وڃي، اُن لاءِ اڃان هڪ ڳالهہ جي گهرج آهي — توکي ضرور اول اسان پنگلن کي مڃائڻ گهرجي. ان لاءِ تو وٽ هِـت اسين ڇوندڙ ماڻهو موجود آهيون ۽ هـي تـولاءِ ان موقعي جـا هڪ کان وڌيڪ نمونا آهن! تون انڌي کي سڄو ڪري سگهين ٿو ۽ منڊي کي هلڻ جـي سگهہ ڏيئي سگهين ٿو: ۽ جنهن جي ٻنيءَ تي وڏو ڳوڙهو آهي، اُن کي ان بـار کان ڪجهہ آجو ڪري سگهين ٿو: آءٌ سمجهان ٿو تہ اهو بهترين طريقو آهي پنگلن کي زرتشت تي ايمان آڻائڻ جو!"

پر زرتشت هن کي، بهرحال، هيٺن جواب ڏنو: "جڏهن گُـڪي جو گُـڪ کو ڪيڊي چڏي تہ هن کان ڪنهن جڻ روح کسي ورتو — اهـو آهي چوڻ عام ماڻهن جو. ۽ جڏهن کو انڌي کي اکيون ڏسي، تہ دنيا ۾ هو ڏاڍيون هوند بچڙيون شيون ڏسي، ايتريقدر جو هو اُن اکين ڏيڻ واري کي پٿون ڏيڻ شروع ڪري ڏئي! ۽ اهو جيڪو منڊي کي هلڻ جي سگهہ ڏيندو تنهن تہ هُن کي جڻ گهڻو ڪو نقصان پهچايو،

چاکاڻ ته هُن اڃان هلڻ سکيو ناهي، ۽ هن جون ٻڇڙايون به هُن سان گڏ هلڻ شروع ڪري ڏيندي‌ون ــ اِها آهي تعليم عام ماڻهن جِي پنگلن بابت. پوءِ زرتشت به عام ماڻهن کان ڇو نه سکي، جڏهن عام ماڻهو زرتشت کان سکن ٿا؟

جڏهنڪر آڳ ماڻهن جي وچ ۾ رهڻ لڳو آهيان، مون کي، بهرحال، هيءُ ڏسڻ ۾ آيو آهي ته هڪڙي جي اک نه آهي، ٻئي جو ڪَنُ، ۽ ٽئين جي هڪ ٽنگ، ۽ ٻيا اهڙا به آهن جن جي زبان غائب آهي يا نڪ، يا خود مٿو به.

مون ته ان کان به خراب حالتون ڏٺيون آهن، بلڪ ڏسان پيو ــ اهڙيون اٿوٽڙ، جو سيني اُنهن جو نه بيان ٿو ڪري سگهان، ۽ نه اُنهن مان ڪن بابت ماڻ ڪرڻ ٿي مون لاءِ ممڪن آهي: يعني اهڙا ماڻهو مون ڏٺا آهن، جن جي هر شيءِ ندارد، سواءِ ڪنهن هڪ جِي جنهن جي وٽن وري گهڻ آهي ــ ماڻهو جيڪي ڪجهه نه آهن سواءِ هڪ وڏيءِ اک جي، يا هڪ وڏي وات جي، يا وري بنهه هڪ وڏي پيٽ جي، ــ اُبتا پنگلا، آڳ اهڙن ماڻهن کي سڏيان ٿو.

۽ جڏهن آڳ پنهنجي تنهائيءَ مان نڪري پهريون پيرو هِن پُل تان ٿي وبس، ته مون کي پنهنجي اکين تي يقين نه ٿي آيو، ۽ وري وري اکيون ٻٽي ٿي ڏٺم، ۽ نيٺ مون کي چوڻو پيو هو: "هو ڪَنُ آهي، هڪڙو ڪَنُ، ماڻهوءَ جيڏو وڏو!" مون وري ڇڪيءَ طرح ڏٺو: ۽ سچ پچ ڪَنُ جي هيٺان کا شيءِ چمڪي رهي هئي، جيکا ايڏي نديڙي، مسڪين ۽ سنهڙي هئي، جو اُن ۾ کي کهل ٻٽي آئي. ۽ سچ پچ آهو تمام وڏو ڪن هڪ سنهيءَ ۽ نديءَ ڏاندي‌ءَ سان لڳل هو ــ ۽ اها ڏاندي ماڻهو هو! جيڪڏهن ڪو شخص اکين ڏسي شيشو رکي آهو ڏسي ته هن کي هڪ نديڙو ڪروڙي مُنهن به آٽي ڏسڻ ۾ اچي وڃي؛ ۽ اُن کان سواءِ ڏاندي‌ءَ ۾ ڪنهن

پاسي کان لڙکندڙ هڪ سُڄيل روحُ ڙو ٻ! ماڻهن مون کي، بهرحال ڏايو ته آهو وڏو ڪَنُ نه رکيو هڪ ساڻهو هو پر هڪ وڏو ماڻهو هو، بلڪ هڪ ڏاتارُ، جنهن کي ڏات ڏني ٻ ٽي سڏيائون. پر هُنن جڏهن ٻ وڏن ماڻهن جي ڳالهه ٽي ڪئي ته مون کي اُنهن ٽي ڪڏهن ٻ اعتبار نه ٽي آيو ـــ آءُ اڄ ٻ پنهنجي عقيدي ٽي قائم آهيان ته آهو هڪ آيتو پنگلو هو جنهن ۽ هر شيءَ نه جهڙي ۽ هڪ ڏُسي کا شيءَ هئي، ڏاڍي وڏي، بنهه ڪنهن آفت جيڏي.

جڏهن زرتشت ڪَڪ واري سان ۽ اُنهن ماڻهن سان، جن جو آهو وڪيل هو، اُئين ڳالهه ڪري بس ڪئي، تڏهن هِن ڏاڍيءَ اداسائيءَ سان پنهنجن معتقدن ڏانهن نهاريو ۽ هنن کي چيو:

سچ پچو، اي منهنجا دوستؤ، ته آءُ ماڻهن ۽ هلان ٿو ته اُئين لڳيم ٿو ته آءُ ماڻهن جي ڪُکرن ۽ الڳ الڳ عضون جي وچ ۽ هلي رهيو آهيان!

هيءُ منهنجي اکين لاءِ هولناڪ نظارو آهي، جو آءُ اُئين ماڻهوءَ کي ڳُل ڳُل، ۽ ڇِڙ وڇِڙ ڏسان ٿو، جهڙيءَ طرح ڪنهن ميدان جنگ يا ڪوس‌گهر ۽.

۽ جڏهن منهنجي اک حال کان هٿي، ماضيءَ طرف وڃي ٽي، ته ٻه آهو ٽي ساڳيو نظارو آهه ڏسي ٽي: رکيو ڪُکر ڪُکر، ڏار ڏار عضوا، ۽ پيمانڪ اتفاقَ ـــ پر ماڻهو نه!

ڏرتيءَ جي مٿان حالُ ۽ ماضي ـــ هاءِ! منهنجا دوستؤ، اِها هون لاءِ منهنجي سهڻ کان مٿي هڪ پڙا آهي: ۽ جيڪڏهن آءُ ڪجهه پري کان ڏسندڙ نه هجان ها اُن شيءِ جو جا ضرور اڇو واري آهي، ته مون کي هوند جيئن ٽي ڪونه اچي ها.

هڪ پري کان ڏسندڙ، مقصد رکندڙ، هڪ تخليقڪار، خود مستقبل ۽ مستقبل جي هڪ پُل ــ ۽ افسوس، هِن پُل تي پاڻ هڪ پنگلو: زرنشت جو ڪجهہ آهي، دوستؤ، بس اِهو آهي.

۽ اوهين به پاڻ ۾ اڪثر پڇندا آهيو: "اسان لاءِ زرنشت ڪير آهي؟ اسان وٽ هو ڇا سڏبو؟" ۽ مون وانگر ئي اوهان جوابن لاءِ پاڻ کان سوال پڇيا.

ڇا، هو واعدو ڪندڙ آهي؟ يا واعدو پاڙيندڙ؟ هڪ فاتح؟ يا هڪ وارث؟ ڪُٽيل هڪ فصل؟ يا ڪو هَرَ ڦار؟ هڪ طبيب؟ يا ڪو صحتياب؟

ڇا، هو شاعر آهي؟ يا هڪ خالص ماڻهو؟ ڪو بَندَ ڦوڙيندڙ؟ يا باندي بنائيندڙ؟ هڪ نيڪ ماڻهو؟ يا ڪو بچڙو ماڻهو؟

آءٌ ماڻهن جي وچ ۾ مستقبل جي ڪُڪرن طور هلان ٿو: آهو مستقبل جيڪو منهنجي تصور ۾ آهي.

۽ منهنجي جذبي جو سچو آڌارُ ۽ منهنجي فڪر جو سچو پرواز اِهو آهي تہ اُنهن سيني ڪُڪرن کي، رازن کي ۽ پيائڪ اتفاقن کي ميڙي گڏ ڪري ۽ جوڙي هڪ ايڪي ۾ ۽ اُٿي چڏيان!

۽ آءٌ ماڻهو هئڻ کيئن گوارا ڪري ٿي سگهيس، جيڪڏهن ماڻهو هڪ ڪُنڊ، جوڙڻ ۽ هڪ ڪرڻ وارو، ۽ رازن کي کوليندڙ ۽ چائندڙ ۽ حادثاتي حالتن ۽ اتفاقن کي سڌل بنائيندڙ نہ هجي ها!

جو ڪجهہ گذري ويو ان کي موڪل ۽ هَرَ 'جو هو' يا 'جو ٿيو' کي بدلائي، 'چاهيان ٿو هيئن هجي، يا هيئن ٿئي' ۾ آڻڻ ــ فقط اِنهيءَ کي آءٌ نجات سڏيان ٿو.

ارادو ـــ اِنهيءَ ئي طرح بندَ ٽوڙيندڙ، ۽ خوشي آڻيندڙ سڏجي ٿو: اِئين ئي مون اوهان کي سيکاريو آهي، اي دوستؤ! پر هاڻي هي به سکو: ارادو پاڻ به اڃان باندي آهي.

ارادو بندَ ٽوڙي ٿو: پر اُن جو نالو ڇا آهي، جو بندَ ٽوڙيندڙَ کي ئي اڃان زنجيرَ وجهي ٿو؟

"جو هو"، "جو ٿيو": اِهو نالو آهي ارادي جي ڏندن ڪُرڻَ ۽ حد کان گهٽي اپاڻڪي دک جو. جو ڪجهه ٿيو، اُن بابت بيوس ۽ بي عمل ـــ اِهو آهي هڪ ساڙ سڙيو، بد انديش تماشبينَ اُن سڀ جو جيڪو گذري ويو.

رجعتي ارادو، "جو هو" يا "جو ٿيو" جي موٽائل جو ارادو، ڪجهه چاهي ٿي نٿو سگهي؛ هو وقت کي ۽ وقت جي خواهش کي ٽوڙي نٿو سگهي ـــ ارادي جو سڀ کان اپاڻڪو ڏک اِهو آهي.

ارادو بند ٽوڙي ٿو، ارادو آزاد ڪري ٿو، هاڻو: پر ارادو خود پنهنجي اِن ڏک کان آزاد ٿيئ ۽ پنهنجي اِن بند ني چٽر ڪرڻ ۽ اُن کي نندڻ لاءِ ڪهڙي تدبير ٿو سوچي؟

افسوس، هر باندي بي عقل ٽي پوي ٿو! باندي ارادو به پنهنجي بند ٽوڙڻ ۾، پاڻ کي آزاد ڪرڻ ۾، بي عقلي ڪيو وجهي.

وقت پوٽني نٿو وڃي ـــ اِن سان آهي سندس دشمني: "جو هو"، "جو ٿيو" ـــ هيءَ نالو آهي اُن پٽر جو، جنهن کي هو ريڑهي نٿو سگهي.

اِئين هُو دشمني پوري ڪرڻ لاءِ ۽ ڪروڌ سان، آڇل پٽرن کي ڏکي ٿو، ۽ هر آنهيءَ شيءِ کان انتقام وٺي ٿو ۽ اُن مان ساڙ ڪڍي ٿو، جيڪا هُن جيئن آنهن پٽرن ني غصو نٿي ڏيڪاري ۽ ڪروڌ نٿي ڪري.

اِن طرح ارادو بندَ ٽوڙيندڙ، آزاد ڪندڙ، ڦري ايذائيندڙ،

چيڇلائيندڙ، ڏي پوي ڏو؛ ۽ اُنهن سيني شين کان، جيڪي ايذائجي سگهن ٿيون، انتقام وٺي ٿو ــ رکو اِن ڪري، جو هو پاڻ پوئتي نٽو وڃي سگهي!

هيءُ، هاڻو، اکيلو هيءُ پاڻ **انتقام** آهي: يعني ارادي جي وقت سان عداوت، ۽ وقت جهي "جو ٿيو"، "جو هو" سان.

تحقيق، اسان جي ارادي جي اندر هڪ وڏي حماقت موجود رهي ٿي؛ اِها انسانذات جي وڏي بدبختي آهي، جو اِها حماقت وڏي، جذبي جي مالڪ بڻجي پيئي!

انتقام جو جذبو: منهنجا دوستو، اِها هيستائين ماڻهوءَ جي محبوب ترين ڏُڻ رهي آهي؛ ۽ جتي ڏڪ هو اُتي دعوا ڪئي ويئي تہ هميشه سزا آهي.

"سزا" ــ انتقامَ اِهو پاڻ تي نالو رکيو. هڪڙي کوڙي لفظ سان اُن پنهنجي مٿان صالح ضمير جو ڍڪ وڌو.

۽ چاڪاڻ تہ خود ارادي ڪندڙ جي دل ۾ دڪ آهي، چو تہ هو پوئتي وڃڻ جو ارادو نٽو ڪري سگهي ــ اِن طرح دعوا ڪئي ويئي تہ خود ارادو ڪرڻ، ۽ سڄي زندگي ئي، سزا هئي!

۽ پوءِ جذبي تي ڪڪر مٿان ڪڪرَ ويڙهبا ويا، ڪارث مٿان ڪارثِ ٿڦي ويئي، تان جو جنونَ وعظ فرمايو: "هر شيءِ فنا ٿئي ٿي، تنهنڪري هر شيءِ فنا لائق آهي!"

"۽ اهو خود انصاف آهي، وقت جو قانون آهي ــ تہ وقت پنهنجي ٻارن کي ضرور کائي ڇڏي، ڪڙڪائي ڇڏي!" جنونَ اِئين ٻ وعظ فرمايو.

"اخلاقياتي طور شين کي 'انصاف ۽ سزا' جي اصول تي ترتيب ڏني ويئي آهي. هاءِ! شين جي تبديل کان ۽ سزا جي 'وجود' کان نجات ڪٿي آهي؟" اِئين ٻ جنونَ وعظ فرمايو.

"جڏهن ابدي انصاف آهي، تہ نجات عارضي ئي سگهي

ٿي ڇا؟ افسوس، جي 'جو هو'، 'جو ٿيو' جو پٽر آچل آهي، تہ سزائون بہ سپ ضرور اکٽ هجڻيون آهن!" اٿس بہ جنون وعظ فرمايو.

"ڪوبہ عمل ناس ٿي نٿو سگهي: سزا سان آهو ملجي 'آن-ٽيل' ڪيئن ٿو ٿي سگهي! هيءَ، ۽ هيءَ ٿي ڪاله آهي، جا سزا جي 'وجود' ۾ لافاني آهي، تہ پوءِ آهو وجود عمل ۽ گناهہ جو ٿي دائمي چڪر تہ ٿيو!

ايستائين جيستائين ارادو نيٺ تحليل ٿي وڃي، ۽ ارادو آن-ارادو ٿي پوي ــ:" پر اوهين تہ، منهنجا پائرو، چاٽو تا تہ اهو تہ جنون جو ٿي ناهيل نقلي راڳ آهي!

مون تہ اوهان کي اٿهن نقلي راڳن کان پري رکيو هو، جڏهن مون اوهان کي سيکاريو هو تہ "ارادو ٿي خالق آهي."

سپ "جو هو" هڪڙو حصو، هڪ راز، هڪ پياڪ اتفاق آهي ــ ايستائين جيستائين خلقيندڙ ارادو آن لاهہ چوي: "پر آءٌ چاهيان ٿو تہ هيئن ٿئي."ــ

ايستائين جيستائين خلقيندڙ ارادو آن لاهہ چوي: "پر آءٌ هيئن ٿو ارادو ڪريان! آءٌ ضرور هيئن ارادو ڪندس!"

پر ڪڏهن بہ آن اٿين ڇيو؟ ۽ ڪڏهن ٿو اٿين ٿئي؟ ڇا، ارادو خود پنهنجيءَ حماقت کان، پنهنجيءَ بي عقليءَ کان، آجو ٿيو آهي؟

ڇا، ارادو پاڻ پنهنجي بندَ جو ٽوڙيندڙ ۽ پاڻ پنهنجي لاهہ خوشي آڻيندڙ بڻيو آهي؟ ڇا آن انتقام جي جذبي کي وساريو آهي ۽ هر طرح جو ڏنڊ ڪرڻَ ڇڏيو آهي؟

۽ ڪنهن آن کي وقت سان صلح سيکاريو آهي؟ ۽ سڄي آن صلح کان مٿي جو ڪجهہ آهي، آهو بہ؟

سڄي صلح کان مٿي جو ڪجهہ آهي، ارادي لاهہ ضروري آهي تہ آن جو ارادو ڪري ــ ۽ سو آهي طاقت جو ارادو ــ

پر آهو کيئن ٿو ٿئي ؟ کنهن آن کي مڙئ جو، پوئتي ٿيئ جو، ارادو ۽ سيکاريو آهي ؟

— پر ٿيو هيئن ، جو پنهنجي تقرير ۾ ان نقطي تي اچي، زرتشت اچانک مات ٿي ويو، ۽ آن شخص وانگر ڏسڻ ۾ آيو جيڪو ڇڻ هراس ۾ ونجي ويو هجي. خوف پريل نگاهن سان پنهنجن معتقدن کي گهورڻ لڳو ؛ هن جون نگاهون هنن جي خيالن ۽ پنهنجي رهيل خيالن ۾ تيرن جيان ڇيي ويون. پر ٿوري دير کان پوء هن وري کليو ۽ اطمينان سان چيائين:

"ساڻهن جي وچ ۾ رهڻ ڏکيو آهي ، چاکاڻ ته ساٿ ڏاڍي مشڪل آهي — خاص طرح هڪ گهڻ-گهالهائوء لاء."—

ائين زرتشت فرمايو . پر ڪجهي ، بهرحال ، هن جي گفتگو پڌي هئي ۽ آهو وقت هو پنهنجو سر هيٺ ڪيو ويٺو هو؛ پر جڏهن زرتشت کي کلندو پڌائين ، ته هن حيرت سان مٿي نهاريو ۽ آهستي آهستي چوڻ لڳو :

" پر زرتشت جيئن پنهنجن معتقدن سان گهالهائي ٿو آن کان ٻيء طرح اسان سان چو ٿو گهالهائي ؟"

زرتشت جواب ڏنو : " ان ۾ عجب کائن جي ڪهڙي گهالهه آهي ؟ ڪنهن سان ضرور آنهن جي ڏانء ۾ گهالهائيوا"

"نمام سئو"، ڪجهي چيو ؛ "۽ شاگردن سان مڪتب جون ٻي گهالهيون ڪرڻ بهتر ٿيندو.

پر زرتشت جيئن پاڻ سان ٿو گهالهائي آن کان ٻيء طرح پنهنجن شاگردن سان چو ٿو گهالهائي ؟"—

۴۳- ماڻهوءَ جي عاقبت انديشي

اوچائي خوفناڪ نه آهي، بلڪ هيٺانهين!

ـــ اها هيٺانهين، جنهن ۾ نظر هيٺئين طرف وڃي ٿي، ۽ هٿ مٿئين طرف جهلو ڪولي ٿو، اهڙي هنڌ تي دل ۾ٿي ارادي جي ڪري مُنجهي پوي ٿي.

هاڻ، دوستؤ، چا، اوهان کي منهنجي دل جي ۾ٿي ارادي جو اندازو آهي؟

اها، اها آهي منهنجي هيٺانهين ۽ منهنجو خطرو، ته منهنجي نظر مٿئين طرف وڃي ٿي، ۽ منهنجو هٿ رُکجڻ ۽ کو جهلو وڻ گهري ٿو ـــ هيٺ اونهائيءَ ۾.

منهنجو ارادو ماڻهوءَ سان گهڻيجي ٿو، آڏ پاڻ کي زنجير سان ماڻهوءَ سان ٻڌڻ گهران ٿو، چاڪاڻ ته مون کي اوچائيءَ جي ڇڪ آهي ـ فرق البشر ڏانهن: ان ڪري، جو منهنجو ٻيو ارادو اوڏانهن وڃڻ گهري ٿو.

۽ اِنهيءَ ڪري آڏ ماڻهن ۾ انڊي وانگر رهان ٿو، جڏ ته آڏ هُنن کي سڃاڻان ٿي ڪونه ـــ ته جيئن منهنجي هٿ جو آسرو هيٺانهينءَ جي مضبوطيءَ تان بلڪل ڪجي نه وڃي.

آڏ اوهان ماڻهن کي نٿو سڃاڻان: ان قسم جي اونداهيءَ ۽ آٿت اڪثر منهنجي چوڌاري پکڙيو ٻيو آهي.

آڏ ٻاهرئين دروازي وٽ هر ايندڙ بدمعاش لاءِ ويٺو آهيان، ۽ پڃان ٿو: ڪير مون کي ڏسڻ چاهي ٿو؟

اها ماڻهوءَ طور منهنجي پهرين عاقبت انديشي آهي، جو آڏ ڏوکي کائڻ لاءِ تيار آهيان، ۽ اِئين مون کي دغا بازن کان پاڻ کي بچائڻ جي زياده ڪا اونَ رکڻي نٿي پوي.

هاڻو، جي مان پنهنجي پاڻ کي ماڻهوءَ کان بچائڻ لاءِ جتن ڪندو رهندس، ته پوءِ ماڻهو منهنجي آڏند ڪٽوليءَ جو

لنگرُ کيڻن ٿي سگهي ٿو ! پوه ته نهايت سولائيءَ سان آءٌ مٿئين طرف ۽ تمام پري ڇڪجي هليو ويندس !

منهنجي قسمت جي هيءَ خاصيت آهي ته مون کي ڪنهن احتياط جي ضرورت نه آهي .

۽ اُهو جيڪو چاهي ته ماڻهن جي وچ ۾ گهرندو ڦرندو ٿي نه رهي، اُن کي گهرجي ته سڀني پيالن مان پيئڻ سکي؛ ۽ جيڪو چاهي ته ماڻهن جي وچ ۾ صاف رهي ته اُن کي پنهنجو پاڻُ خود گدلي پاڻيءَ سان ڏوئڻُ نه ڇاڻڻ گهرجي .

مون اڪثر پاڻ کي آٿت ڏيڻ لاءِ پنهنجي دل کي هيئن چيو آهي : "اي منهنجي مٺڙهي دل، همت رک، سرهائي ڏيکار ! گهٽ ۾ گهٽ وڏيڪ هڪ ناخوشيءَ کان ته بچيل آهين ! اِن کي ٿي پنهنجي خوشي سمجهه، ۽ موج ڪر !

منهنجي ٻي حوصلہ مند عاقبت انديشي، بهرحال، هيءَ آهي : آءٌ خود پسند شخصن کان وڏيڪ خود نما شخصن لاءِ دل ۾ نرم گوشو رکان ٿو ۽ اُنهن کي برداشت ڪريان ٿو.

ڇا، اوهين نٿا چاڻو ته زخميل خود نمائي سڀني دکدائڪ حادثن جي ماءُ آهي ؟ خود پسندي ته، بهرحال، ڪٿي زخمجي ٿي ته اُتي اُن کان به وڏيڪ ڪجهه اُڀري اچي ٿي .

زندگي خوبتر ڏسڻ ۾ اچي، اِن لاءِ اُن جو ڪيل بهتر نموني کيڏڻ گهرجي؛ اُن مقصد لاءِ، بهرحال، اُن کي سڀني اداڪارن جي ضرورت آهي.

سڀئي خود نما ماڻهو مون سڀا اداڪار ڏٺا آهن : هو اداڪاري ڪن ٿا ۽ چاهين ٿا ته ماڻهو انهن کي ڏسي خوش ٿين — ۽ سچو هنن جو من اِن شيءِ ۾ لڳل آهي .

هو پاڻ کي ڏيکارين ٿا، پاڻ کي بنائين ٿا؛ هنن جي ويجهو وڃي آءٌ زندگيءَ کي ڏسڻ پسند ڪريان ٿو — اِن سان ماڻهوءَ جي غمگيني لهي ٿي وڃي .

تنهنڪري آڻ خود نما شخصن ڏانهن وڌيڪ نرم دل آهيان، ڇاڪاڻ ته هو منهنجي غمگينيءَ جا وڇ آهن، ۽ آهي مون کي ماڻهوءَ سان جڙڻ ۽ قابو ڪري رکن ٿا ــــ بلڪل اڻين جن کو ڪيل هجي!

تنهن کان سواءِ، ڪير آهي، جو خود نما شخص جي حجاب ۽ مرم جي سڃي گهرائي ماپي سگهي! آڻ هن جي اِن جي حجاب ۽ مرم ڪري بــ هن ڏانهن ماڏل آهيان، ۽ هُن جي فائدي ۾ آهيان.

هو پنهنجي پاڻ ۾ اعتبار تو کان سگهڻ گهري ٿو؛ تنهنجي نگاهن مان هن کي تقويت حاصل ٿئي ٿي، هو پنهنجي واکاڻ جا ڏُڪ تنهنجي هڏن سان پري ٿو!

اوهين هُن جي فائدي ۾ ڪوڙ ڳالهايو ٿا ته هو اوهان جي ڪوڙن کي به سچ ٿو سمجهي: ڇاڪاڻ ته هُن جي دل پنهنجي اندر ۾ ٽڏا ساهه پري ٿي ۽ چوي ٿي: "مان ڇا آهيان!"

۽ جي سڃي نيڪي اِهــا آهي ته آءٌ پــاڻ کان بيخبر آهي، تــ هوءَ خود نما شخص کي پنهنجي حجاب جــي حقيقت بــ ڄاڻ ڪانهي!

۽ هيءَ، بهرحال، ماڻهوءَ طور منهنجي ٽين عاقبت انديشي آهي: اوهان کان ڊڄي ڪري آڻ بچڙن کان ڪونه ٿو ڇڏان.

اِنهن عجائبات کي ڏسي خوش ٿيان ٿو جيڪي ڏرتيءَ تي سڄ جا پيدا ڪيل آهن: ڇيتا، ڪجين جا وڻ ۽ گهُوگهڙ نانگ.

ماڻهن ۾ بــ ڪرم سڄ جو خوبصورت نسل موجود آهي، ۽ ڪيئي تعجب انگيز ڳالهيون آهن جيڪي بچڙن ۾ ڏسجن ٿيون.

سڄ ڇڄ ته جهڙيءَ طرح اوهان جا وڏي ۾ وڏا ڏاها بــ مون کي ڪي اهڙا ڏاها ڏسن ۾ نــ آيا، اهڙيءَ طرح مون

ماڻهن جي بچڙائيءَ کي ٻـ آن جي شهرت کـان گهٽ ٿي بچڙو ڏئو.

۽ اکثر ڪنڌ کي لوڏو ڏيڻي، مون سوال ڪيو آهي: اڙي، اوهين گهوڙگهڙ نانـگ ڇو پيا اڇان گهڙ گهڙ ڪريو؟

سچ پچ تـ، بچڙائيءَ جـو ٻـ اڇان مستقبل آهـي! ۽ موافق ترين سر زمين ماڻهن کي اڇان دريافت ڪرڻي پيئي آهي.

گهٽيون شيون آهن، جي هاڻي، وڌ ۾ وڌ بچڙيون ٿيون سڏجن، جي رکو چار قدم ويڪريون ۽ ڏي مهينا وڌ مدت واريون مس آهن! هڪ ڏينهن، بهرحال، اِن کان وڏا آجگر به دنيا ۾ ايندا.

اِن خيال کان تـ فوق البشر به پنهنجي آجگر کان واندو تـ هوندو، اڄ جي آجگر کان وڏي ڪنهن اجگر کان، جيڪو مُن جي به شان وڏان هوندو. آن لاءِ گهميل ٻيلن ۾ اڇان گهٽا ڏينهن گرم سڄ جي چمڪ جي ضرورت آهي!

اوهان جـي ڏي جهنگلي ٻلين مـان چيتا ٻڌيا هوندا، ۽ زهريلن ڏيڏرن مان مانـگرسڄ: ڇـو تـ سڀي شڪاريءَ کـي سڀو شڪار ڏي تـ ڪرڻو آهي.

۽ واقعي، اي نيڪ شخصؤ ۽ منصف مزاجؤ! اوهان ۾ گهٽو ڏي ڪجهہ آهي، جو ڪِلڻ هاب آهي، خاص طرح اوهان جو خوف آن کان جيڪو هيلتائين "شيطان" سڏبو آيو آهي!

اوهين پنهنجي روح ۾ هر انهوءَ شيءَ کان جيڪا عظيم آهي، ايترا تـ بيگانا رهيا آهيو، جو فوق البشر پنهنجي نيڪيءَ ۾ اوهان لاءِ هڪ خوفناڪ هستي ڏي هوندو!

۽ اوهين، اي ڏاها شخصؤ ۽ علم جـا صاحبؤ! اوهين ڏاهپ جي شمشي شعاعن کان پري ڏي پچندؤ، جز ۾ فوق البشر ڏاڍي لطف سان اڪهاڙو وهنجي ٿو!

اوهين، اي اعليٰ ترين شخصؤ، جيڪي منهنجي دائري ۾

آيا آهيو ! اوهان ٽي مون کي هيءُ شڪ آهي ۽ دل ۾ هيءَ ڪِلَ ٻه اچي ٿي : منهنجو انومان آهي ته اوهين منهنجي فوق‌البشر کي "شيطان" سڏيندا .

هاڻ، آءٌ اُنهن اعليٰ‌ترين ۽ بهترين شخصن کان ڪڪ ٿي پيو آهيان : انهن جي مٿانهين کان مٿي، ٻاهر ۽ پري ڏانهن وڃي لاءِ ڏاڍو مون تانگهيو آهي !

جڏهن مون اُنهن بهترين لوڪن کي اُگهاڙو ڏٺو، پٽرو ڏٺو، ته مون ٽي وحشت طاري ٿي ويئي : ۽ پوءِ اُتان اڏامي ڏورانهن مستقبلن ڏانهن اڏامي وڃڻ لاءِ مون ۾ پرَ سيرجيا .

وڌيڪ ڏورانهن مستقبلن ڏانهن، وڌيڪ ڏاڪاڻين ڏکڻ جي سرزمين ڏانهن، جن جو ڪنهن مصور جي دل ۾ ڪڏهن خواب ۾ ڏ آيو هوندو : اُڏامي جتي ديوتائن کي هر قسم جي لباس ڏيڪ کان شرم ٿو اچي !

پر چمڙا پوش ٽي، آءٌ اوهان کي ڏسڻ گهران ٿو — اوهان پاڙيسرين ۽ پنهنجن انسان ڀائرن کي، سڀن لباسن ۾ ڏيکيل، خود نما ۽ معزز، "نيڪ ۽ منصف مزاج" شخصن طور !

۽ چمڙا پوش ٽي، آءٌ پاڻ ۾ اوهان جي وچ ۾ ويهڻ چاهيندس — ته جيئن اوهان کي ۽ پاڻ کي سڃاڻڻ ۽ منجهيل ٽي رهان : چاڪاڻ ته اِها آءٌ ماڻهوءَ طور، پنهنجي آخري عاقبت انديشي سمجهندس . —

اِئين زرتشت چيو.

۴۴- چپ چپات گهڙي

اي منهنجا دوستؤ، مون کي چا ٿيو آهي؟ اوهين مون کي ڏسو ٿا ته آءٌ ڏڪيارو، لوڏيل، ۽ هڪ بي ڏيو تابعدار، هليو وڃي لاءِ تيار آهيان — افسوس، اوهان وٽان، ڏور، هليو وڃي لاءِ !

هائو، زرنشت کي موڻي هڪ پيرو پنهنجي خلوت نشينيءَ
۾ وڃڻو آهي؛ پر هِن پيري ريڇ پنهنجي غار ۾ خوشيءَ سان
وڃڻ نه ٿو گهري!

مون کي چا ٿيو آهي؟ هي ڪنهن حڪم ڏنو؟ —
هاڻ، منهنجي ناراض سُريت جي اِها مرضي آهي؛ هوءَ مون کي
چئي چڪي آهي. چا، مون اڳي ڪڏهن اوهان وٽ هِن جو
نالو ڪنيو آهي؟

ڪالهه شام جي وقت منهنجي **چپ چپات گهڙيءَ**
مون سان گهالهايو؛ اِهو آهي نالو منهنجي خوفناڪ سُريت جو.

۽ اهڙيءَ طرح هي سڀ ٿيو — جو نه اوهان سان
هر گهالهه ڪرڻ ضروري آهي، تان نه اوهان جي دل اچانڪ
رخصت ٿيڻ واري جي خلاف سخت نه ٿي وڃي.

چا، اوهان کي اُن جي هراس جي خبر آهي جيڪو سمهي
ٿو پوي؟

هو چوڻيءَ کان وٺي پيرن تائين هراسيل آهي، چاڪاڻ
نه ڏرتي هُن جي پيرن هيٺان نڪري ٿي وڃي؛ ۽ هُن جو
خواب شروع ٿي ٿو وڃي.

هي آڳ اوهان کي تمثيل طور ٻڌايان ٿو. ڪالهه چپ
چپات گهڙيءَ مهل ڏرتي منهنجي پيرن هيٺان نڪري ويئي؛
۽ خواب شروع ٿيو.

ڪلاڪ ڪائنو اڳتي چريو، منهنجي زندگيءَ جي گهڙيءَ
ساهه ڪنيو — منهنجي چوڌاري ڪڏهن اِن کان اڳ اهڙي
چُپ ڪانه هئي، ايتريقدر جو منهنجي دل دهلجي ويل هئي.

تڏهن، بي آواز، مون کي چيو ويو: **"زرنشت، ڏوکي
اِها خبر آهي؟"** —

۽ آڳ اِن سُس پُس تي هراسجي رڙيون ڪرڻ لڳس،
۽ منهنجو چهرو پيلو ٿي ويو؛ پر آڳ چپ رهيس.

تڏهن هڪ ٻيرو ٻيهر، بي آواز، مون کي چيو ويو:
"زرتشت، تو کي اها خبر نه آهي، پر تون ٻڌائين نٿو!"

۴ نيٺ مون، هڪ بي فرمان جيئن، جواب ڏنو: "هائو، مون کي خبر آهي، پر زبان تي آڻ نه آئيندس!"

تڏهن وري، بي آواز ٿي، مون کي چيو ويو: "زرتشت، تون نٿو چوڻ گهرين؟ چا، هي سچ آهي؟ پنهنجي بي فرمانيءَ جي آڙ ۾ آهو نه وٺ!"

۴ مون، ٻار وانگر رڙ و ۴ مان ڪنبڻ لڳس، ۴ مون چيو: "هاءِ، آءٌ چوڻ نه گهران ٿو، پر چئي ڪيئن ٿو سگهان! رکو ان جي معافي ٿو وڃان! اهو منهنجي طاقت کان ٻاهر آهي!"

تڏهن، بي آواز، وري مون کي چيو ويو: "زرتشت، تون کهڙي چيز آهين؟ تون پنهنجي ڳالهه ڪر، ۴ پيش پئه!"

۴ مون جواب ڏنو: "آءٌ، چا، هي منهنجا لفظ آهن؟ آءٌ ٽيندو ڪير آهيان؟ آءٌ آن جو منتظر آهيان جيڪو محترم تر ۽ لائق تر آهي؛ آءٌ هن جي آڏو رکو پيش پوڻ جي قابل به نه آهيان."

تڏهن وري بس، بي آواز، مون کي چيو ويو: "تون کهڙي چيز آهين؟ منهنجي نگاهه ۾ تون اڃا پورو نهٽو به نه ٿي سگهيو آهين. نهٽائيءَ جي کل ڏاڍي سخت آهي."—

۴ مون جواب ڏنو: "منهنجي نهٽائيءَ جي کل چا ته برداشت نه ڪيو آهي! آءٌ ينهنجي بلنديءَ جي دامن ۾ مقيم آهيان: منهنجون چوٽيون ڪيترين ئي ستارهين آهن، ڪنهن به اڃان مون کي نه ٻڌايو آهي. پر آءٌ پنهنجي وادين کي خوب سڃاڻ ٿو."

تڏهن وري، بي آواز، مون کي چيو ويو، "اي زرتشت،

جنهن کي پهاڙ هٽائڻا آهن آهو واديون ۽ ميدان بہ هٽائي سگهي ٿو.“—

۽ مون جواب ڏنو: ”اڃان تائين منهنجي لفظ پهاڙن کي کوڙ هٽايو آهي، ۽ جو کجهہ مون چيو آهي آهو ماڻهن تائين پهتو ئي نہ آهي. آءٌ برابر ماڻهن وٽ وڃان، پر اڃان هنن جي دلين تائين رسي نہ سگهيو آهيان.“

تڏهن وري بي آواز، مون کي چيو ويو: ”اُن جي توکي کهڙي خبر! ساڪ اُن مهل گاهہ تي پوندي آهي جڏهن رات وڌ کان وڌ خاموش هوندي آهي.“—

۽ مون جواب ڏنو: ”جڏهن مون پنهنجو رستو کولي لڌو ۽ اُن تي هلڻ لڳس، تہ هو مون تان ٽلول ڪرڻ لڳا؛ ۽ سچ پچ اُن وقت منهنجا پير ٽڙکڻ لڳا.

۽ هو مون کي هيٺن چوڻ لڳا: تون اڳي رستو پلجي ويو هئين، هاڻي هلڻ بہ پُلائي ڇڏيئي!“

تڏهن وري، بي آواز، مون کي چيو ويو: ”هنن جي ٽلولَ ٿي کهڙي! تون اهڙو هڪَ آهين جنهن حڪم وٺڻ ڇڏيو آهي: هاڻي تون حڪم ڏيندين!

چا، توکي خبر نہ آهي تہ ڪيرَ سيني لاءِ سڀ کان زياده ضروري آهي؟ آهو جو وڏن کمن لاءِ حڪم ڏئي ٿو.

وڏا ڪم ڪرڻَ مشڪل آهن: پر اُن کان بہ مشڪل وڏن کمن جا حڪم ڏيڻَ آهي.

هيءَ تنهنجو وڏو ضد آهي. جو بلڪلَ ناقابل معافي آهي: تو وٽ طاقت آهي پر تون حڪم ڏيڻ ڇو ڪهرين.“—

۽ مون جواب ڏنو: ”رکو حڪم ڏيڻ لاءِ مون وٽ ڪينهن جو آواز ڪونهي.“

تڏهن وري مون کي کَنَ پُٽڪي جهان چيو ويو: وڌ ۽ وڌ آهستي چيل لفظ ٽي طوفانَ پيدا ڪن ٿا. خيالَ

جيڪي ڪبوتر جي پيرن جيئن اچن ٿا، اُهي دنيا جي رهنمائي ڪن ٿا.

اي زرتشت، اُهو جيڪو اچڻ وارو آهي، تو کي اُن جي پاڇي جيان هلڻ گهرجي: اِئين تون حڪم ڏينديں، ۽ حڪم ڏيندي سڀ جي اڳيان هلنديں."—

۽ مون جواب ڏنو: "مون کي اِئين ڪندي، لڄ ٿي اچي."

تڏهن وري، بي آواز، مون کي چيو ويو: "تو کي اڃان به پار بڌجڻو آهي، ۽ لڄ ڇڏڻي آهي.

جواني ۽ جي خود پسندي اڃان تو تي سوار آهي: تنهنجي جواني تو تي دير سان آئي آهي: هر جو شخص پار بڌجڻ گهري ٿو، اُن لاءِ پنهنجي جواني ۽ تان به پار ٿيڻ ضروري آهي."—

۽ گهڻي ۽ دير تائين آءٌ اِنهن ڳالهين تي غور ڪندو رهيس ۽ ڪنبندو رهيس. نيٺ مون، بهرحال، اِهو ئي چيو، جو پهريائين چيو هوم: "نه، منهنجو ارادو نٿو ٽٽي."

تنهن تي، منهنجي چٽن ٽي پاسن کان ٽهڪڑو مچي ويو. افسوس، اُن ٽهڪڑي کيتري قدر نه منهنجا آندا دُوهي وڌا ۽ منهنجي دل ڪپي به اڌ ڪري ڇڏي!

۽ ٻوءِ مون کي پويون پيرو چيو ويو: "اي زرتشت، تنهنجا ميوا پڪي ويا آهن، پر تون اڃان پنهنجن ميون لاءِ پڪل نه آهين!"

اِن ڪري تو کي وري پنهنجي خلوت نشينيءَ ۾ وڃڻ ڪپي: چاڪاڻ ته تو کي اڃان پڇڻو ۽ رڙڪ تي اڇلو آهي."—

۽ وري ٽهڪڑو ٽيو ۽ هوءَ پڳي: پوءِ منهنجي چوڌاري ماڻ ٿي ويئي، اهڙي جهڙي ماڻ مٽان ماڻ ٿيندي آهي. مگر آءٌ پٽ تي ٻيو هوس، ۽ منهنجي عضوي عضوي مان پگهر وهي رهيو هو.

ـــ هاڻي اوهان سڄو قصو ٻڌو ۽ اِهو ٻه ٻڌو ته چو مون کي پنهنجي خلوت نشينيءَ ۾ موڪي وڃڻو آهي. دوستؤ، کاٻه ڳالهه مون اوهان کان لڪائي نه آهي.

۽ اِهو ٻه اوهان مون کان ٻڌو ته ڪيرُ هيستائين وڌ ۾ وڌ ماڻ ۾ رهيو آهي ۽ رهڻ گهري ٿو.

هاڻ، منهنجا دوستؤ، مون کي ڪجهه وڌيڪ اوهان کي چوڻ ڪپي ها! مون کي اڃان ڪجهه وڌيڪ اوهان کي ڏيڻ ڪپندو هو! آهو اوهان کي آڳ چو نٿو ڏيان؟ چا، مان بخيل آهيان؟

جڏهن زرتشت هي سڀ چئي چڪو، تڏهن هُن کي وڏي دک جو جهٽڪو لڳو، چاڪاڻ ته هن لاءِ پنهنجن دوستن کان جدائيءَ جو وقت ويجهو اچي ويو هو، ايتريقدر جو هو زار زار روئڻ لڳو؛ ۽ سڀ هن کي تسلي ڏيڻ کان عاجز ٿي ويا. رات جي وقت، بهرحال، هو هيڪلو هيڪلو، پنهنجن دوستن کي ٻٽيان ڇڏي، پنهنجو مُنهن وڏي هليو ويو.

——

نٽشي هِن پنهنجي ڪتاب ۾، جيئن اُن جي نالي مان پڌرو آهي، اسان سان پنهنجي آدرشي انسان کي "زرتشت" جي نالي سان روشناس ڪيو آهي. ڪتاب جي چئن پاڳن مان هر پاڳي ۾ پنهنجن خطبن وسيلي "زرتشت" جا اوصاف اسان جي سمجهڻ ۽ سيکاڻڻ لاءِ بيان ڪيا اٿس. انساني اوصاف قول ۽ فعل، علم ۽ عمل جي ٻن حوالن سان ئي اجاگر ٿين ٿا. انساني لڳ لاڳاپن ۽ رهت سهت جي ميدان ۾ هي ٻه دائرا لازم ملزوم، يعني ناقابل تفريق آهن. ٻنهي جي تفريق ئي انساني معاشري ۾ منافقيءَ فساد ۽ فتني جو سبب بنجي ٿي- پلي بري ۽ سچ ڪوڙ، محبت نفرت، اميد خوف، نياءَ انياءَ جا مامرا به اِتان اٿن ٿا، ۽ وڏي ڏاڍ ۽ هيٺائيءَ جو لقاءُ فيصلي ڏٽي ٻڌجي بيهي ٿو رهي، ۽ سرسي ڏاڍ جي ئي پاسي واقع ٿئي ٿي.

زرتشت جي مذهب ۾ نيڪي ۽ بدي ٻه جدا جدا لقاءَ آهن- ٻنهي جو ڪٽي ٻه جوڙُ ڪونهي، وٽن نيڪي خير آهي، بدي شر آهي؛ نيڪي عدم تشدد آهي، بدي تشدد آهي؛ نيڪي سدا صحيح آهي، بدي سدا غلط آهي. ان جي معني ته طاقت شر آهي ۽ سدا غلط آهي. طاقت ۽ تشدد حيوانيت آهي. انسانيت کي طاقت جي بالاتريءَ کان، حيوانيت کان، پاڪ ڪرڻو آهي. اعلي انسانيت کي بديءَ جي، شر جي، طاقت جي ضرورت ڪانهي.

فريڊرڪ نِٽشي پنهنجي هِن ملکان ملڪ مشهور ڪتاب ۾ "زرتشت" جي واتان، هلندڙ ڏاڍ جي سوچ (might is right) واري معاشري ۾ زور جي توازن يا توڙ جي ڳالهه ڏاڍي پڌري ۽ پردرد انداز سان پيش ڪري ٿو، ته جيئن آدرشي معاشري جي اُپرڙ ۽ قائم ٿيڻ تائين، ڏاڍن ۽ زور وارن لاءِ ڏاڍ جي زور تي پاڙڻ ۽ حڪم هلاڻ ۽ پاڻ- هيٺن تي فقط رحم ۽ قياس جي ڏيڪاءَ ڏيڻ ۽ ڏيڪاءَ ڪرڻ جو وٽن ڪو ڇُٽو يا موقعو نه رهي.

محمد ابراهيم جويو